نُور

سنڌي گرامر

سنڌي نثر، نظم جي وصفن سميت

مصنف
بشير احمد جوکيو
ايم - اي سنڌي / ايم - اي اسلاميات / بي ايڊ
سابق ايڇ-ايس - ٽي اين جي ڊي هاءِ اسڪول ڪراچي
حال سينئر ٽيچر سنڌ ماڊل اسڪول ڪراچي

نيو ڪاٺياواڙ اسٽور
اردو بازار ڪراچي

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

پاڪستان جي علائقائي ٻولين ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا آهن .

جيئي سنڌ ـ ڊجيٽل ڪتاب گهر ، سورهه سنڌي ادب ويب سائيٽ تي سنڌي زبان جو پراڻو مواد ، اڻ لڀ ۽ اهم ڪتاب PDF ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو .

انهيءَ سلسلي جي ڪڙي ، ڪتاب نمبر (08) نور سنڌي گرامر (سنڌي نثر ۽ نظم جي وصفن سميت) مصنف : بشير احمد جوکيو پيش ڪجي ٿو ته جيئن سنڌي زبان جي ڊجيٽل مواد ۾ واڌارو ٿئي.

اميد ته ڪجي ته ڊجيٽل ڪتاب پڙهندڙن کان ڀرپور موٽ ملندي .

صاحب خان سورهه ميراڻي
0344 – 3919786

نور

سنڌي گرامر

سنڌي نثر ۽ نظم جي وصفن سميت

مصنف

بشير احمد جوکيو

ڪاٺياواڙ اسٽورز
اردو بازار ڪراچي
فون: 2638025

انتساب

آءٌ پنهنجي هيءَ پيشڪش، پنهنجي محسن، مخلص مربي استاد مرحوم حضرت مولانا حاجي علي محمد خاصخيلي رحه جي نالي منسوب ڪريان ٿو، جنهن جي توجه ۽ تربيت جي فيض ۽ برڪت جو هيءُ نتيجو آهي.

پڌ اکر

سڀ تعريفون انهي رب العالمين کي جڳائين، جنهن انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو ۽ پنهنجو نائب ڪري زمين تي موڪليو ۽ قوت گويائي جي نعمت سان نوازيو. صلوات ۽ سلام هجي محمد ﷺ تي جيڪو رحمة العالمين آهي، جنهن جي وسيلي جهان ۾ جهالت جي اونداهي ختم ٿي ۽ علم ۽ ايمان جي نور سان دنيا منور ٿي.

گرامر جهڙي مشڪل موضوع تي لکڻ مون جهڙي ڪم علم واري لاءِ ڏاڍو مشڪل ڪم هو. پر رب تي توڪل رکي لکڻ شروع ڪيم. ڪافي عرصي ريسرچ کان پوءِ پنهنجي جان آهر مڪمل سنڌي گرامر اصطلاحن، پهاڪن، اشتقاق، علم بيان ۽ علم عروض وغيره سميت لکيو آهي. اميد ته شاگردن، استادن ۽ ٻين اهل علم گرامر سان چاهه رکندڙن لاءِ انشاءَ الله فائدي وارو ٿيندو. گهڻن ئي سنڌي، اردو ۽ انگريزي گرامر جي ڪتابن مان مدد ورتي اٿم، آءٌ انهن ڪتابن جي مصنفن جو شڪرگذار آهيان.

مرحوم حاجي عبدالستار ميمڻ

مالڪ ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور ڪراچي

۽ لاڙڪاڻي وارو سنڌي زبان جي وڏي چاهه رکندڙ هو. پبلشر هئڻ ڪري وڏن سنڌي عالمن ۽ اديبن جي صحبتي هو. ۽ اُن جي مشاورت تي مون گرامر لکڻ جي شروعات ڪئي. انهي عرصي ۾ پاڻ حج جي دوران مڪي شريف ۾ وفات ڪري ويو.

جنهن ڪري مون گرامر لکڻ معطل ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته لکڻ ڪنهن رڪ چيائي جو مسئلو ڏکيو آهي. سندس نوجوان لائق فرزند عبدالغفار ميمڻ جي اصرار تي گرامر لکي تيار ڪيم. جو سندس ٿورن سان ڇپجي تيار ٿيو آهي.

آخر ۾ اهو عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته ڪا به انساني تاليف يا تصنيف غلطين کان پاڪ ٿي نه ٿي سگهي.

خاص ڪري مون کي پنهنجي ڪم علمي جو گهرو احساس آهي. ان هوندي به مون پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي آهي. پر به اساتذه ڪرام ۽ اهل علم حضرات جي خدمت ۾ عرض آهي ته ڪٿي ڪا به غلطي نظر اچي ته ان جي نشاندهي ڪري، ان سان گڏ پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازي شڪرگذاري جو موقعو ڏين.

آءٌ پنهنجي محسن دوست احسان علي احسن جوڪئي جو شڪر گذار آهيان جنهن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي منهنجي هن علمي ڪم ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ آءٌ پنهنجن رفيق ڪارن محترم مشتاق احمد مهر صاحب ۽ سائين فيض محمد شاه بخاري ۽ پنهنجي شاگرد ۽ نوجوان ليکڪ انور ڪاڪا جو نهايت ٿورائتو آهيان جن پنهنجن قيمتي مشورن سان نوازيو.

ناچيز:

بشير احمد جوکيو

30 - 04 - 2004 جمع جو ڏينهن

ڪراچي

فهرست

باب پهريون

وياڪرڻ (Grammer)

هڪ انسان ٻئي انسان سان پنهنجن خيالن جو اظهار زبان جي ذريعي ڪري ٿو. زبان مختلف لفظن ۽ جملن جي ذريعي خيالن جي ظاهر ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. زبان اڪيلي ڳالهائي وڃي ٿي پر ٻولي جي ماهرن وري انهن کي اکرن، لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ ڪري ترتيب ڏني آهي. انهي ترتيب جو نالو سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ وياڪرڻ ۽ انگريزي ۾ گرامر ۽ عربي ۽ ۾ صرف ونحو رکيو ويو آهي. وري انهي علم جا ٻه حصا ڪيا ويا آهن. هڪ "صرف" ٻيو "نحو"

علم صرف Etymology

صرف جي لفظي معنيٰ آهي گردان يا ڦيرو. پر اصطلاحي معنيٰ موجب صرف اهو علم آهي، جنهن مان لفظن جي قسمن ۽ انهن جي صورت ۾ جيڪا ڦيرڦار ٿئي ٿي، تنهن بابت خبر پوي ٿي.

علم نحو Syntax

نحو جي لفظي معنيٰ آهي "دستور" يا "ريت" پر اصطلاحي معنيٰ موجب نحو اهو علم آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته جملا ڪيئن ناهجن. هر هڪ جملي جي لفظن جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. جملن جي بناوت، تفريق يا ڇيد، ٻيهڪ جون نشانيون هن علم ۾ اچي وڃن ٿيون.

اکر يا حرف Letter

سنڌيءَ ۾ ڪل 52 اکر آهن. جيئن ته سنڌي زبان جي لپي يا رسم الخط Alpha-bet عربي ٻوليءَ تان ورتل آهي. جنهن ڪري عربي ٻوليءَ جا 28 اکر سنڌيءَ لپي ۾ آهن. سنڌي لپيءَ ۾ پ – ڇ – ڳ ۽ گ تيئن فارسيءَ جا اکر آهن. جيءَ ته سنڌي اکر آهن ٻ – ڄ – ۽ ڏ باقي سنسڪرت جي اکرن کي پنهنجيون شڪليون ڏيئي استعمال ڪيو ويو آهي. ا – و – ۽ ي ٽيئي اکر حرف علت Vowels به آهن. يعني اهي اکر ٿي به ڪم اچن ۽ پر آواز جوڙڻ جو به ڪم ڏين ٿا. جيئن ته يا – يو – يي وغيره باقي اکرن کي صحيح حرف Consonat چئبو آهي جيئن ته ب – ٿ – ج – خ وغيره

وصف: الف ب جي 52 نشانين مان هر هڪ نشاني کي اکر چئبو آهي.

لفظ Word

ٻن يا وڌيڪ اکرن جو ميڙ جنهن مان پورو مطلب ظاهر ٿئي. تنهن کي لفظ چئبو آهي.

جيئن ته: ڪ + ت + ا + ب = لفظ ٿيو = ڪتاب.

م + ي + ز = لفظ ٿيو = ميز.

اهڙي طرح: ڪاٺ، پنڊاسين، جو، ڌوڙ، مان ۽ ڪراچي وغيره

جملو Sentence

ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن جو ميڙ جنهن مان پورو مطلب ظاهر ٿئي، ان کي جملو چئبو آهي.

مثال: 1. حسن لکي ٿو.

2. مريم ماني کائي ٿي.

پر اهڙو جملو جنهن مان مطلب ظاهر نه ٿئي. اهڙي جملي کي اڻپورو جملو چئبو آهي.

مثال: 1. هاشم سلو صرف.

2. عمر قلم ۽ سليٽ سان.

ڳالهائڻ جا لفظ Parts of Speach

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ ڳالهايا وڃن ٿا، اهي مختلف قسمن جا هوندا آهن. ڪي لفظ شين جا نالا هوندا آهن. ڪي لفظ وري انهن نالن بابت وڌيڪ سمجهاڻي ڏين ٿا. اهڙي طرح ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ ڳالهايا وڃن ٿا اهي اٺن (8) قسمن ۾ ورهايل آهن. جن کي ڳالهائڻ جا لفظ چئبو آهي. اهي قسم هي آهن.

1.	اسم	Noun
2.	ضمير	Pronoun
3.	فعل	Verb
4.	صفت	Adjective
5.	ظرف	Adverb
6.	حرف جر	Preposition
7.	حرف جملو	Conjuction
8.	حرف ندا	Interjection

1. اسم Noun

مثال:

1. سانوڻ وٽ رڍون ۽ ٻڪريون آهن.
2. اسڪول، مسجد جي ڀرسان آهي.
3. ميز تي قلم، ڪاغذ ۽ مس رکيل آهن.
4. هفتي ۾ ست ڏينهن ٿيندا آهن.
5. احمد، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ هوشيار آهي.
6. تيڪي ٿيندين پاڻ ساڻ ٻيو سڀ رهندو هت.
7. سيهون ٻيو آهي جوڙاري سارڪ تي آهي.
8. اسيري، ٺوڙي غريبيءَ ۾ تندرستي ضروري آهي.

مٿين جملن ۾:

1. ساٿوري ۽ احمد ماڻهن جا نالا آهن.
2. ريڇ ۽ ٻڪريون ساهوارن جا نالا آهن.
3. اسڪول ۽ مسجد جاين جا نالا آهن.
4. هفتو ۽ ڏينهن وقت جا نالا آهن.
5. مين قلم، ڪاغذ ۽ ميز شين جا نالا آهن.
6. پڙهڻ ۽ لکڻ ڪم جا نالا آهن.
7. نيڪي ۽ سادگي خاصيتن جا نالا آهن.
8. اميري، غريبي، تندرستي حالتن جا نالا آهن.

مٿين سڀني نالن کي گرامر ۾ اسم چئبو آهي.

وصف: ماڻهو، ساهواري، جاءِ، شيءِ، وقت، ڪم، خاصيت ۽ حالت جي نالي کي اسم چئبو آهي. اسم جي معنيٰ آهي نالو.

اسم ۽ ان جا قسم Kinds of Noun

اسم جا ٻه قسم آهن:

1. اسم ذاتي: ذات
2. اسم صفاتي: اسم صفاتي جا وري ٻه قسم آهن.

1. اسم خاص 2. اسم عام



اسم ذات Abstract noun

مثال:

1. گهوڙي جي وفاداري مشهور آهي.
2. ساڙڪ اکين کي وڻندي آهي.
3. ڪوئلي جي ڪاراڻ ڪٿهن به نه وڃي.
4. علي منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي.
5. غريبي ۽ شاهوڪاري خدا جي وس آهي.
6. تندرستي هڪ وڏي نعمت آهي.
7. هرڻي ڊوڙ ۾ تکي آهي.
8. جهيڙو ڪرڻ چڱو ڪم نه آهي.

مٿين جملن ۾:

1. وفاداري، ساڙڪ ۽ ڪاراڻ خاصيتن جا نالا آهن.
2. ننڍپڻ، غريبي ۽ شاهوڪاري حالتن جا نالا آهن.
3. ڊوڙ ۽ جهيڙو ڪمن جا نالا آهن.

انهن سڀني نالن کي اسم ذات چئبو آهي.

وصف: اسم ذات انهيءَ اسم کي چئبو آهي جيڪو نالو هجي ڪنهن خاصيت، حالت ۽ ڪم جو.

وضاحت: اهي شيون جيڪي حواسن جي ذريعي معلوم ڪري نه سگهجن پر فقط محسوس ڪري سگهجن جيئن ته: تندرستي، بيماري، چالاڪي، موڳائي، جواني، پيري، ويهڪ، ناچ ۽ ويڙهه وغيره اسم ذات آهن.

نوٽ: "الله تعاليٰ" جو نالو اسم ذات آهي.

اسم ذات ٺهڻ جو چارٽ

صفت	اسم ذات	صفت	اسم ذات
وفادار	وفاداري	غريب	غريبي
ساٺو	ساوڪ	شاهوڪار	شاهوڪاري
ڪارو	ڪاراڻ	تندرست	تندرستي
ٿڌو	ٿڌيڻ	سهڻو	سونهن

2. فعل مان اسم ذات ٺاهڻ.

فعل	اسم ذات	فعل	اسم ذات
ڊوڙڻ	ڊوڙ	نچڻ	ناچ
کلڻ	کل	ڳائڻ	ڳاڏو ڳاچ
وڙهڻ	وڙهه		

اسم صفاتي Concerte

اهڙا اسم جيڪي ڪن مائهن، ساهوارن، جاين ۽ شين جا نالا هجن، جن کي صفت ڏيڻ ظاهر ڪجي ان کي اسم صفاتي چئبو آهي.

اسم صفاتي ٻن قسمن جا آهن.

1. اسم خاص   2. اسم عام

1. اسم خاص Proper noun

1. رستم جي ٿهرڙي جو نالو رخش هو.
2. تاج محل دنيا ۾ هڪ سهڻي عمارت آهي.
3. ڪراچي پاڪستان جو هڪ وڏو شهر آهي.
4. سنڌو ندي پاڪستان جي وڏي ندي آهي.

5. دنيا ۾ هماليه جبل اوچي ۾ اوچو جبل آهي.

مٿين جملن ۾:

1. "رستم" هڪ خاص ماڻهوءَ جو نالو آهي هر ڪنهن ماڻهوءَ کي "رستم" نه ڪوٺبو.
2. "رخش" هڪ خاص گهوڙي جو نالو آهي. هر ڪنهن گهوڙي کي رخش نه ڪوٺبو.
3. "تاج محل" هڪ خاص عمارت جو نالو آهي. نه سڀ ڪنهن عمارت جو.
4. سنڌو ندي هڪ خاص نديءَ جو نالو آهي. نه ڪي هر نديءَ جو.
5. "هماليه" هڪ خاص جبل جو نالو آهي. نه ڪي هر جبل جو.

تنهن ڪري چئبو ته ڪي اهڙا خاص نالا آهن، جيڪي خاص ماڻهن، خاص جاين ۽ شين تي رکيل آهن تن کي اسم خاص چئبو آهي.

وصف: اسم خاص اهو اسم آهي، جو خاص ماڻهوءَ خاص جاءِ، خاص شيءِ يا ڪنهن خاص ساهواري جو نالو هجي.

اسم عام Common noun

مثال: 1. هاري هر ڪاهي ٿو.
2. هيءَ ميز آهي.
3. گدڙ جهنگلي جانور آهي.
4. موسيٰ ڪتاب خريد ڪيو.

مٿين جملن ۾.....

1. "هاري" هڪ آبادگار کي چئي سگهجي ٿو پر سڀني آبادگارن کي به.
2. "هر" ڪنهن هڪ اوزار کي چئي سگهجي ٿو. پر اهڙي قسم جي هر اوزار کي به.
3. "ميز" ڪنهن هڪ ميز کي چئي سگهجي ٿو. پر انهي قسم جي هر ميز کي به.
4. "گدڙ" ڪنهن هڪ جانور کي چئي سگهجي ٿو. پر انهي قسم جي سڀني جانورن کي به.
5. "ڪتاب" ڪنهن هڪ ڪتاب کي چئي سگهجي ٿو. پر سڀني ڪتابن کي به.

وصف: اهڙي طرح هڪ قسم جي سڀني شين، جاين ۽ جانورن وغيره لاءِ، جيڪي نالا مقرر آهن تن کي اسم عام چئبو آهي.

نوٽ: ولر، جماعت، راڄ، ڌڻ، لشڪر ۽ رعيت وغيره اهڙا اسم جيڪي ڪنهن ميڙ جو نالو هجن تن کي به سنڌي ۾ اسم عام ۾ شمار ڪبو.

جنس Gender

1. جنس جا ٻه قسم آهن. اهي اسم يا ضمير جيڪي نر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي مذڪر Masculine جنس آهي.

2. اهي اسم يا ضمير جيڪي ماديءَ جي معنيٰ ڏيکارين تن کي مؤنث Feminine جنس آهي.

جاندارن جي جنس معلوم ڪرڻ آسان آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جي هر جنس جا نالا مقرر ٿيل آهن.

جيئن ته:

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
پيءُ	ماءُ	موچي	موچياڻي / موچڻ
ڀاءُ	ڀيڻ	مور	ڏيل
مڙس	زال	ڏاگهو	ڏاچي
پٽ	ڌيءُ	گهيٽو	رڍ
گهوٽ	ڪنوار	جهرڪ	جهرڪي
راجا	راڻي	ڏائي	ڏجاڻي / ڏياڻي
فقير	فقيرياڻي	حاجي	حاجياڻي
ڀنگي	ڀنگياڻي	سائي	سائياڻي
جوڳي	جوڳياڻي	شڪاري	شڪارڻ
ڌوٻي	ڌوٻياڻي	مالهي	مالهڻ
شينهن	شينهڻ	هاٿي	هاٿڻ

باقي بي جان شين جي جنس معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺيان قاعدا آهن.

1. جن واحد اسمن جي پڇاڙي ۾ "ا" ۽ "اي" جا آواز اچن ٿا سي گهڻو ڪري مؤنث هوندا آهن ۽ ڪي مذڪر به آهن.

مونث:— پٽ، رت، مک، ند، دل، پيتي، شيشي، تيلي، سيٽي، ديگڙي وغيره.

مذڪر:— پاڻي، موتي، پکي، پوڄاري، هاري وغيره.

2. جن واحد اسمن جي پڇاڙيءَ "اُ" جو آواز اچي ٿو، سي هميشه مذڪر آهن جيئن ته: دلو، ڪٽورو، مٽڪو، ڪتولو، اٽو، لٽو وغيره.

3. جن واحد اسمن جي پڇاڙيءَ "اَ" جو آواز اچي ٿو، انهن مان گهڻو ڪري مذڪر هوندا آهن ۽ ڪي مونث به هوندا آهن.

مذڪر:— ٻڪ، سٽ، گلَ، ڦلَ، انبَ، ٻنَ، سڄ، چندَ، جندَ، ٽڪ، هنسَ وغيره

مونث:— ٽندَ، کٽ، رتَ، ٽڄ، ٽڪ، ماءَ، ڪندَ، مسَ وغيره

4. جن واحد اسمن جي پڇاڙيءَ "اِ" جو آواز اچي ٿو، اهي گهڻو ڪري مونث هوندا آهن جيئن ته:— چپ، ڪٽ، مينِ، قبرِ وغيره

5. جن واحد اسمن جي پڇاڙيءَ "اُو" اون (نون غنه) جهڙو آواز ٿو اچي سي گهڻو ڪري مذڪر هوندا آهن، پر ڪي مونث به هوندا آهن.

مذڪر:— ڪدو، ماٿهون، ٽٻو، لاڪون، وڇون، چمون، لڏون مرون وغيره.

مونث:— گِٽون، خون، پون وغيره

6. ڪيئن اسم اتر سنڌ ۾ مونث ۽ لاڙ ۾ مذڪر ڪم ايندا آهن، جيئن ته:

اتر ۾ مونث	لاڙ ۾ مذڪر
اولاد	اولاد
رت	رتَ
موٽر	موٽر
لنگر	لنگر

نوٽ:— اهڙي طرح محلات ڪٿي مونث ڪم اچي ٿو ۽ ڪن هنڌن تي وري مذڪر. اهڙن اسمن جي جنس لاءِ ڪو مقرر قاعدو يا اصول ڪونهي. پر علائقي ۾ استعمال عام زبان جي ڄاڻ موجب جنس معلوم ٿيندي آهي.

2. نوٽ:— جنسون ٻه رکيو اسمن سان لڳن ٿيون ۽ انهن تي پنهنجو به اثر ڏيکارين ٿيون پر ضمير، صفت، فعل ۽ حرف به اسم جي جنس مطابق تبديل ٿين ٿا.

عدد Numbers

واحد جمع

مثال:—

1. مون هڪ مور ڏٺو.
2. مون پنج مور ڏٺا

پهرئين جملي ۾ "مور" لفظ عام آيل آهي. ٻئي جملي ۾ "مور" ٻئي جملي ۾ "مور" لفظ ڦري "مور" ائين ڪري ٺيو آهي جو پهرئين جملي ۾ مور هڪ آهي. ٻئي جملي ۾ "مور" لفظ هڪ کان وڌيڪ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. هڪ کي عدد واحد ۽ هڪ کان وڌيڪ يعني گهڻن کي عدد جمع چئبو آهي. ائين ڪري

سنڌيءَ ۾ عدد جا ٻه قسم آهن.

1. عدد واحد Singular
2. عدد جمع Plural

عدد واحد مان عدد جمع ٺاهڻ جون (عام حالت فاعلي ۾) واٽون.

1. واحد مؤنث اسمن مان جمع ٺاهڻ.

جن واحد مؤنث اسمن جي پڇاڙي "اَ" اينديون هي، انهن جو جمع ٺاهڻ لاءِ "اَ" ڪڍي "اون" پڇاڙي ملائڻ سان جمع ٺهندو آهي. جيئن ته:

(الف)

واحد	جمع	واحد	جمع
ڪٽ	ڪٽون	رڌ	رڌون
جنگ	جنگهون	زال	زالون
ڪارڪ	ڪارڪون	ليک	ليکون
جيپ	جيپون	ڪل	ڪلون

(ب) پر اهڙا سنڌ ۾ جمع ناهڻ لاءِ واحد مؤنث جي پڇاڙيءَ "ا" ڪڏهن "اون" پڄاڙي ملائڻ بدران "آن" پڄاڙي ملائيندا آهن.

جيئن ته:—

واحد	جمع	واحد	جمع
ڪٽ	ڪٽان	رڍ	رڍان
ڇنگهه	ڇنگهان	ڙال	ڙالان
ڪارڪ	ڪارڪان	ليڪ	ليڪان
ڇپ	ڇپان	ڪل	ڪلان

2. جن واحد مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "او" جو آواز اچي ٿو انهن جو جمع ناهڻ لاءِ "او" ڪڏهي "آ" پڄاڙي ۾ ملائبي آهي.

جيئن ته:—

واحد	جمع	واحد	جمع
گهوڙو	گهوڙا	پٽو	پٽا
ڪتو	ڪتا	ٻچو	ٻچا
ٻلو	ٻلا	قصو	قصا
واڍو	واڍا	دلو	دلا
ڏاڏو	ڏاڏا	وٽو	وٽا

3. (الف) جن واحد مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "ا" اچي ٿو انهن جو جمع ناهڻ لاءِ "ا" ڪڏهي "ا" ملائبي آهي.

جيئن ته:

واحد	جمع	واحد	جمع
اَٽ	اَٽ	ٿڃ	ٿڃ
پَٽ	پَٽ	گهر	گهر
مچر	مچر	وڻ	وڻ
ڪتاب	ڪتاب	ٽنگ	ٽنگ
اسپ	اسپ	ٻار	ٻار

3. (ب) جن واحد مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "اُ" اچي ٿو، انهن جو جمع ٺاهڻ لاءِ "اُ" ڪڍي "اون" پڇاڙي ملائبي آهي.

جيئن تہ—

واحد	جمع	واحد	جمع
مس	مسون	سس	سسون
ٽند	ٽندون	ماءُ	☆ مائون
وڄ	وڄون	ڌيءُ	☆ ڌيئون
وڄُ	وڄون	ڀيڻ	☆ ڀيڻون

☆ نوٽ:— ڪيترا اهڙا واحد مونث اسم آهن جن جي پڇاڙي ۾ "اُ" اچيئو، جي مائٽيءَ جا نالا آهن، تن جو جمع بي قاعدي بہ ٿيندو آهي، جيئن تہ ماءُ جو جمع مائر يا مائرون، ڌيءُ جو جمع ڌيئر يا ڌيئرون، ڀيڻ جو جمع ڀيڻر يا ڀيڻرون وغيره

4. جن واحد اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" اچي ٿو، تن جو جمع ٺاهڻ لاءِ "آ" ڪڍي "اون" ملائڻ سان جمع ٺهندو آهي.

جيئن تہ:—

واحد	جمع	واحد	جمع
راجا	راجائون	پرجا	پرجائون
بلا	بلائون	ادا	ادائون
ديوتا	ديوتائون	غذا	غذائون
ڪلا	ڪلائون	جفا	جفائون

5. جن واحد مؤنث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ "ا" يا "اي" اچي ٿو، تن جو جمع ناهڻ لاءِ "اُ" ۽ "اي" ڪڍي انهن جي جاءِ تي "يون" پڇاڙي ملائبي آهي.

جيئن ته:

واحد	جمع	واحد	جمع
پٽ	پٽيون	تيلي	تيليون
چٽ	چٽيون	پيتي	پيتيون
جوء	جويون	گهوڙي	گهوڙيون
رات	راتيون	راڻي	راڻيون
اک	اکيون	جلي	جليون

6. ڪيترين مذڪر توڙي مؤنث اسمن جو عدد واحد ۽ عدد جمع ساڳيو ٿيندو آهي. جيئن ته: وڇون، هاٿي، ٻڪي، ڪڪڙ، مرون، ڏيئيون، واڳون، ساٿي، ماڻهو وغيره.

7. ڪي اسم اهڙا آهن، جيڪي هميشه جنس مؤنث ۾ استعمال ٿيندا آهن.

جهڙوڪ: پير، سنڌ، سنا ۽ وڏور وغيره

ساڳي طرح ڪي اسم اهڙا آهن جيڪي هميشه مذڪر ۾ استعمال ٿيندا آهن. انهن جو جنس مؤنث ۾ استعمال نه ٿيندو آهي.

جهڙوڪ: خدا، نبي، رسول، فرشتو، شيطان، آدم، آدمي، ڪدڙو وغيره.

عدد شماري ۽ عدد قطاري

عدد شماري Cardinal number

مثال: 1. سليم وٽ ويهه ڪتاب آهن.
2. اسلم وٽ ٽيهه انب آهن.
3. باغ ۾ چاليهه وڻ آهن.

پهرئين جملي ۾ "ويهه" لفظ انداز ٿو ڏيکاري ڪتابن جو جيڪا صفت آهي ڪتابن جي.

ٻئي جملي ۾ "ٽيهه" لفظ انداز ٿو ڏيکاري انبن جو جيڪا انبن جي صفت آهي.

اهڙيءَ طرح ٽئين جملي ۾ چاليهن جو انگ وڻن جو انداز ٿو ڏيکاري، جيڪا وڻن جي صفت آهي.

وصف: ويهه، ٽيهه ۽ چاليهه وارا لفظ شين جو عدد ڏيکاريندڙ لفظن کي عدد شماري چئبو آهي.

2. عدد قطاري Ordinal number

مثال: 1. قطار ۾ ڇهون نمبر اسلم آهي.
2. تون ڏهين نمبر پهچ تي ويهه.
3. قطار ۾ ويٺلن مان ناٿون نمبر پوڙهو آهي.

مٿين جملن ۾ ڇهون، ڏهين ۽ ناٿون لفظ قطار ۾ اسم جو نمبر ڏيکارين ٿا.

وصف: اهڙا عدد جيڪي قطار ۾ اسم جو نمبر ڏيکارين ٿا انهن کي عدد قطاري چئبو آهي.

حالتون Cases

اسم يا ضمير جو جملي ۾ ٻين لفظن سان جيڪو لاڳاپو آهي، انهي لاڳاپي مطابق اسم يا ضمير ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون، انهن تبديلين کي اسم يا ضمير جون حالتون چئبو آهي.

سنڌي ۾ اسم يا ضمير جون هيٺيون پنج حالتون آهن.

1.	حالت فاعلي	Nominative case
2.	حالت مفعولي	Objective case
3.	حالت جري	Accusative case
4.	حالت اضافت	Possissive case
5.	حالت ندا	Vocative case

1. حالت فاعلي Nominative case

1. هاشم پڙهي ٿو.
2. هو کيڏي ٿو.

1. پهرئين جملي مان معلوم ٿيو ته هاشم (اسم) پڙهڻ جو ڪم ڪري ٿو.
2. ٻئي جملي ۾ "هو" (ضمير) کيڏڻ جو ڪم ڪري ٿو.

هاشم (اسم) ۽ هو (ضمير) ڪم جا ڪندڙ آهن. ڪم جي ڪندڙ کي "فاعل" چئبو آهي.

مٿين جملن ۾ هاشم ۽ "هو" فاعل آهن. جنهن ڪري انهن جي حالت فاعلي ٿيندي.

وصف: جيڪو اسم يا ضمير جملي ۾ ڪم ڪندڙ هجي يا جنهن بابت فعل ڪجهه ٻڌائي ته انهن کي "فاعل" ۽ ان جي حالت فاعلي چئبي.

2. حالت مفعولي Objective case

1. ڪاسائي، ٻڪري ڪُٺي.
2. هُن ڪتو ماريو.

مٿين جملن ۾ ڪاسائي ۽ "هُن" فاعل آهن.

ڪاسائي ٻڪري ڪُٺي آهي. ٻڪري تي ڪم جو اثر ٿيو آهي. اهڙي طرح "هُن" ڪتو ماريو. ڪتي تي ڪم جو اثر ٿيو آهي انهي ڪري ٻڪري ۽ ڪتو مفعول آهن. مفعول جي معنيٰ آهي جنهن تي ڪم ٿئي يا جيڪو ڪم سهي. انهن ڪري "ٻڪري" ۽ ڪتي جي حالت مفعولي ٿيندي.

وصف: جملي ۾ جنهن ڪنهن اسم يا ضمير مفعول تي ڪم اچي ته ان جي حالت مفعولي چئبي.

3. حالت جري Accusative case

1. ميز تي قلم رکيو آهي.
2. هن مون کي انب ڏنو.

مٿين جملن ۾ "تي" ۽ "کي" حرف جر آهن. جيڪي ميز اسم ۽ "مون" ضمير جي پٺيان آيل آهن. جيڪي پين لفظن "قلم" ۽ "انب" سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا. جنهن ڪري ميز (اسم) ۽ "مون" ضمير مان هر هڪ جي حالت جري ٿيندي.

وصف: اسم يا ضمير جي پويان جيڪڏهن ڪو حرف جر اچي انهن مان هر هڪ جو ٻئي اسم يا ضمير سان لاڳاپو ڏيکاري ته ان اسم يا ضمير جي حالت جري چئبي.

4. حالت اضافت Possissive case

1. احمد وارو اٺ پلو آهي.
2. هن جو قلم سٺو آهي.

مٿين جملن ۾ "وارو" ۽ "جو" ٻئي لفظ حرف جر آهن جيڪي احمد (اسم) ۽ هن (ضمير) جو پين اسمن سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا. انهي ڪري انهن جملن ۾ "احمد" ۽ "هن" جي حالت اضافت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته "وارو" ۽ "جو" حرف جر مالڪي جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا. اضافت جي معنيٰ آهي نسبت يا لاڳاپو.

وصف: اها حالت جيڪا هڪ اسم يا ضمير جو ٻئي اسم يا ضمير سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري تنهن کي حالت اضافت چئبو آهي.

5. حالت ندا Vocative case

1. اڙي حسن! هيءَ ڇا پيو ڪرين؟
2. اي عمر! مون کي پاڻي پيار.
3. علي! محنت ڪري پڙهه.

مٿين جملن ۾ "اڙي" ۽ "اي" لفظ حسن ۽ عمر اسمن جي اڳيان ڪم آيل آهن. جيڪي "سڏ" جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. ٽئين جملي ۾ اهڙو لفظ ڪونهي، پر سڏ جي معنيٰ ظاهر آهي. تنهن ڪري اهڙا اسم جن جي اڳيان حرف ندا جو لفظ آيل هجي ۽ ان مان پڪار يا سڏ (تمنا) جي معنيٰ ظاهر ٿئي ته جي حالت ندا چئبي.

وصف: جملي ۾ جنهن اسم يا ضمير کي حاضر سمجهي سڏيو يا پڪاريو وڃي، تنهن جي حالت ندا چئبي.

گردان (ڦيرو) Passing

ڪنهن به اسم يا ضمير کي عدد ۽ جنس ۾ پنجن ئي حالتن ۾ ڦيرڻ کي اسم يا ضمير جو گردان چئبو آهي. گردان جي معنيٰ آهي ڦيرو

اسمن جو گردان يا ڦيرو

حالت	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	ٻڪر ڊوڙي ٿو.	ٻڪر ڊوڙن ٿا.	ٻڪري ڊوڙي ٿي.	ٻڪريون ڊوڙن ٿيون.
مفعولي	ٻڪر ڪُهه.	ٻڪر ڪُهه.	ٻڪري ڪُهه.	ٻڪريون ڪُهو.
جري	ٻڪر کي ڪُهه	ٻڪرن کي ڪُهه.	ٻڪريءَ کي ڪُهه.	ٻڪرين کي ڪُهو.

☆ اسم کي سڀني حالتن ۾ واحد توڙي جمع ۽ مذڪر توڙي مونث جي صورتن ۾ ڦيرائڻ کي اسم جو ڦيرو يا گردان چئبو آهي.

☆ "ٻڪر" اسم جو ڦيرو جيڪو مٿي ڪيو ويو آهي. انهي ۾ پهريان اچي ٿو "ٻڪر" ۽ جمع ٻڪر، مونث جي حالت ۾ واحد "ٻڪري" جمع "ٻڪريون"

جڏهن ڪري حرف جر انهن اسمن جي پٺيان اچي ٿو. تڏهن "ٻڪر" جو اچار ڦري ٿئي ٿو ٻڪري ۽ جمع جي حالت ۾ ٿئي ٿو ٻڪرن. اهڙي طرح واحد مونث جي حالت ۾ ٿيندو ٻڪريءَ ۽ جمع مونث جي حالت ۾ ٿيندو "ٻڪرين"

ترڪيب

گرامر جي اصول ۽ قانون موجب جملي ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا انهن مان هر هڪ لفظ جو ڳالهائڻ جي اُن ٽي اُنھن سان جيڪو لاڳاپو آهي انهي لاڳاپي کي ترڪيب چئبو آهي.

مثال: اسم جي باري ۾ ٻڌائڻ قسم، جنس، عدد ۽ حالت ڏيکارڻ اهڙي طرح فعل جي باري ۾ ٻڌائڻ زمان ٻڌائڻ فاعل يا مفعول. ضمير جي حالت ۾، ضمير جو قسم، عدد، جنس ۽ حالت ڏيکارڻ ۽ حرف جر جي باري ۾ انهي جو قسم ۽ ڇا سان لاڳاپيل آهي يا ڇا ڏيکاري ٿو، سو ڏيکارڻ.

مثال هيٺ ڏجن ٿا

1. مون سليم جي دڪان تان ڪتاب ورتا.

مون: ضمير متڪلم، عدد واحد، جنس مذڪر يا مونث حالت فاعلي فاعل آهي "ورتا" فعل جو.

سليم: اسم خاص، عدد واحد، جنس مذڪر حالت اضافت ملڪيت ڏيکاري ٿو دڪان جي.

دڪان: اسم عام "عدد واحد" جنس مذڪر، حالت مفعولي مفعول آهي فعل "ورتا" جو.

ورتا: فعل متعدي معروف بيقاعدي، پريوگ ڪرمڻي زمان ماضي مطلق، عدد جمع، جنس مذڪر. ٻڌائي ٿو فاعل آهي "مون" ۽ مفعول آهي ڪتاب.

اسم جي ترڪيب Parsing of Noun

مثال: نوڪر وفاداريءَ سان عمر جا ڍڳا ٻيلي ۾ چاريا.

مٿئين جملي ۾ نوڪر، وفاداري، عمر، ڍڳا ۽ ٻيلو اسم آهن. جملي ۾ ڏنل اسمن جو قسم، جنس، عدد ۽ حالت ٻڌائڻ يا لکڻ کي اسم جي ترڪيب چئبو آهي. ترڪيب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

نوڪر: اسم عام عدد واحد جنس مذڪر حالت فاعلي. فاعل آهي. فعل "چاريا" جو.

وفاداري: اسم ذات عدد واحد جنس مونث حالت جري. سببان "سان" حرف جر جي.

عمر: اسم خاص عدد واحد جنس مذڪر حالت اضافت مالڪي ڏيکاري ٿو ڍڳن سان.

ڍڳا: اسم عام عدد جمع جنس مذڪر حالت مفعولي مفعول آهي "چاريا" فعل جو.

ٻيلو: اسم عام عدد واحد جنس مذڪر حالت جري سببان "۾" حرف جر جي.

مشق

سوال

1. اسان جي ٻولي ۾ ڪل ڪيترا اکر آهن؟
2. اکر ۽ لفظ ۾ فرق ٻڌايو؟
3. سنڌي لپي ۾ ڪهڙا حرف علت آهن؟
4. جملو ڇاکي چئبو آهي؟
5. هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ هرهڪ جو قسم ٻه لکو.
   1. ايمانداري انسان جو اعليٰ گڻ آهي.
   2. حسن صبح سان سويرڪ پهريان مسجد ۾ پوءِ اسڪول ويندو آهي.
   3. باغ ۾ بيهت گلن تي رانديون ڪندا آهن.
   4. وقت جو قدر ڪجي هڪ سيڪنڊ به نه وڃائجي.
   5. پڙهڻ ۽ لکڻ هر بار لاءِ ضروري آهي.
6. واحد مان جمع ٺاهڻ جون ڪي واٽون مثالن سان لکو.
7. جنسون ڪيتريون آهن. هرهڪ مثال ڏيئي سمجهايو.
8. (الف) هيٺين اسمن جا مونث لکو.
   ڏبي، گهوٽ، حاجي، مور، مڙس، پيءُ، امير شهزادو
   (ب) هيٺين جا مذڪر لکو.
   راڻي، ماسي، ڪنوار گڏون، ڏاچي، پنگياڻي، جهرڪي
9. عدد ڪيترا آهن هرهڪ مثال ڏيئي سمجهايو.
10. هيٺين جملن مان واحد ۽ جمع ڌار ڪري لکو.
    1. اسڪول ۾ ڪرسي، ميز ۽ بينچون پيل آهن. ۽ بورڊ ۽ ڊيسڪون ته آهن.
    2. مون دڪان تان ڪتاب، قلم، پينسلون ۽ سليٽون خريد ڪيون.
    3. ڪتابن جي پيتي، ڪي ڪلف لڳل آهي.
11. حالتون ڪيترين قسمن جون آهن. هرهڪ مثال ڏيئي سمجهايو.
12. حالت جري ۽ اضافت ۾ ڪهڙو فرق آهي مثال ڏيئي سمجهايو.
13. هيٺين جملن ۾ جيڪي اسم آهن. تن جي ترڪيب ڪريو.
    1. بورچي "صفائي سان اسلم جي ماني پچائي.
    2. ٻڪرو ٻڪرار جي ٻڪري ماري ڪاٺي چڙهي.

باب پيون

ضمير Pronoun

مثال:

1. ڪامران چيو ته "آءُ وڃان ٿو"
2. علي! تون هن ڪتي کي ڇو ٿو مارين؟
3. هي قلم آهي.

مٿين جملن ۾ "آءُ" "تون" "هن" ۽ "هي" اهڙا لفظ آهن. جيڪي ڪامران، علي، ڪتي ۽ قلم اسمن جي بدران ڪم آيل آهن.

"آءُ" لفظ جيڪو ڪامران اسم جي بدران ڪم آيو آهي.

"تون" لفظ جيڪو "علي" اسم جي بدران ڪم آيو آهي.

"هن" لفظ جيڪو "ڪتي" اسم جي بدران ڪم آيو آهي.

"هي" لفظ جيڪو "قلم" اسم جي بدران ڪم آيو آهي.

وصف: اهڙا لفظ جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن ٿا تن کي ضمير چئبو آهي.

ضمير ۽ ان جا قسم Kinds of pronoun

سنڌيءَ ۾ ضمير جا هيٺيان اٺ قسم آهن.

1. Personal pronoun	1. ضمير خالص
2. Demonstrative pronoun	2. ضمير اشارو
3. reflacative	3. ضمير مشترڪ
4. Intrrogative	4. ضمير استفهام
5. Relative	5. ضمير موصول
6. Corelative	6. ضمير جواب موصول
7. Indefinete	7. ضمير مبهم
8. Coujunlive	8. ضمير متصل

1.ضمير خالص Personal Pronoun

1. آءٌ سياڻي اسڪول ويندس.
2. مون هن کي چيو تہ تون ياد اچيـ.
3. اسان، اوهان ۽ هنن سڀني کي ڪڏهن گهمڻ لاءِ هلڻو آهي.


مٿين جملن ۾ آءٌ، مون، هن، تون، اسان، اوهان ۽ هنن اهي سڀ ضمير انسانن جي نالن بدران ڪم آيل آهن. تنهن ڪري؛

وصف: اهڙا ضمير جيڪي خاص انسانن جي نالن بدران ڪم اچن، تن کي ضمير خالص چئبو آهي.

جهڙوڪ: آءٌ، مان، مون، اسان، اسين، تون، توهين، توهان اوهان، اوهين، هي، هيءُ، هو، هن ۽ هنن.

ضمير خالص جا هيٺيان ٽي قسم آهن:

ضمير خالص



ضمير متڪلم I person | ضمير حاضر II person | ضمير غائب III person

ضمير متڪلم:

اهڙا ضمير جيڪي ڳالهائيندڙ جي نالي بدران ڪم اچن. تن کي ضمير متڪلم چئبو آهي. متڪلم جي معنيٰ آهي ڪلام ڪندڙ يعني ڳالهائيندڙ. تنهن ڪري آءٌ، مان، اسان، اسين ضمير متڪلم آهن.

ضمير حاضر:

جنهن ماڻهوءَ سان ڳالهائجي ٿو سو حاضر آهي. انهيءَ جي نالي بدران جيڪي ضمير ڪم اچن ٿا تن کي ضمير حاضر چئبو آهي. تنهن ڪري، تون (تو)، توهان، توهين، اوهان ۽ اوهين ضمير حاضر آهن.

ضمير غائب:

جنهن ماڻهوءَ بابت ڳالهايو وڃي، سو غائب يعني حاضر نه هجي يا ڳالهائڻ ۾ شامل نه هجي انهيءَ جي نالي جي بدران جيڪي ضمير ڪم اچن تن کي ضمير غائب چئبو آهي. غائب جي معنيٰ آهي غير موجود تنهن ڪري: هو، هوءَ، هن، هنن، اهي ۽ انهن ضمير غائب آهن.

ضمير متڪلم جو ڦيرو (گردان)

حالت	واحد	جمع
فاعلي	آءٌ، مان	اسين، اسان
مفعولي	مون کي	اسان کي
جري	مون لاءِ	اسان لاءِ
اضافت	منهنجو	اسان جو

ضمير حاضر جو ڦيرو (گردان)

حالت	واحد	جمع
فاعلي	تون	اوهان، توهان، اوهين
مفعولي	توکي	توهين توهان کي
جري	تو وٽ	اوهان يا توهان وٽ
اضافت	تنهنجو	توهان يا اوهان جو

ضمير غائب جو ڦيرو (گردان)

حالت	واحد	جمع
فاعلي	هي، هوءَ	هو
مفعولي	هن کي	هنن کي
جري	هن کان	هنن کا
اضافت	هن جو	هنن جو

2. ضمير اشارو Demonstrative

مثال: 1. هيءَ ڇوڪري هوشيار آهي.

2. هو ڪهڙو جانور آهي؟

3. هي منهنجو ڪتاب آهي.

1. مٿين جملن ۾ لفظ "هيءَ" اشارو آهي هڪ ڇوڪريءَ ڏانهن.

2. "هو" ضمير مان اشارو آهي هڪ جانور ڏانهن.

3. هي اشارو ڪتاب ڏانهن آهي.

تنهن ڪري:

وصف: اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪن تن کي ضمير اشارو چئبو آهي.

ضمير اشاري جا قسم Kinds of demonstrative

ضمير اشاري جا ٻه قسم آهن

1. ضمير اشارو ويجهو

2. ضمير اشارو ڏور

ضمير اشارو ويجهو (قريب)

1. هيءُ ڇوڪرو آهي.

2. هيءَ پينسل آهي

اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن ويجهي شيءِ ڏانهن اشارو ڪن تن کي ضمير اشارو ويجهو چئبو آهي.

جيئن ته مٿين جملن ۾ هيءُ ۽ هيءَ، ضمير اشارو ويجهو آهن.

ضمير اشاري ويجهي جو ڦيرو

حالت	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي عام صورت	هيءُ هن	هي (اهي) هنن	هيءَ هن	هي هنن

2. ضمير اشارو ڏور (بعيد)

مثال: 1. هو ڇوڪرا ڪير آهن؟

2. اهي ماڻهو وڃي رهيا هئا.

مٿين جملن ۾ "هو" ۽ "اهي" ضمير ڏورانهين اسمن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. تنهن ڪري:
اهڙا ضمير جيڪي ڏورانهين اسمن ڏانهن اشارو ڪن. تن کي ضمير اشارو ڏور چئبو آهي.
مٿين مثالن ۾ "هو" ۽ "اهي" ضمير اشارو ڏور آهن.
نوٽ: مٿيان ساڳيان ضمير، ضمير غائب جو به ڪم ڏين ٿا.

۳. ضمير مشترڪ Reflective

مثال: 1. آءٌ پاڻ توسان هلندس.

2. علي خود آيو هو.

3. عمر پاڻ کي بچايو.

مٿين جملن ۾ "پاڻ" "خود" لفظ ضمير مشترڪ آهن جيڪي ضمير خالص "آءٌ" ۽ اسمن علي ۽ عمر سان شريڪ ٿي جملي کي زوردار بڻائڻ جي ڪم آيا آهن. اهڙن ضميرن کي ضمير مشترڪ چئبو آهي.

مٿين مثالن ۾ فاعل سان گڏ ضمير مشترڪ آهي تو ۽ آخري جملي ۾ عمر فاعل آهي ته مفعول به. ڇاڪاڻ ته عمر پاڻ فاعل آهي، جنهن کي بچايائين سو به پاڻ ئي آهي. تنهن ڪري انهي جملي ۾ جيڪو فاعل آهي سوئي مفعول به آهي. تنهن ڪري

وصف: اهڙا ضمير جيڪي فاعل ۽ مفعول سان شريڪ ٿي جملي کي وڌيڪ زوردار بڻائين يا فاعل سان بدران مفعول ٿي ڪم اچن تن کي ضمير مشترڪ چئبو آهي. مشترڪ جي معنيٰ آهي شريڪ ٿيندڙ.

ضمير مشترڪ "پاڻ" جو ڦيرو (گردان)

حالت	عدد واحد	عدد جمع
فاعلي	پاڻ	پاڻ
مفعولي	پاڻ کي	پاڻ کي
جري	پاڻ لاءِ	پاڻ لاءِ
اضافت	پنهنجو	پنهنجو يا پنهنجي

4. ضمير استفهام Interrogative

مثال: 1. هو ڪير آهي؟

2. ڪنهن در کڙڪايو؟

3. توکي ڇا کپي؟

4. منهنجو ڪجاڙو پيٽر هن پنيري ۾؟ (شاه رحه)

مٿين جملن ۾ ڪير، ڪنهن، ڇا ۽ ڪجاڙو لفظن مان پڇا ڪرڻ جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي.

وصف: اهڙا ضمير جيڪي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن ٿا ڪي ضمير استفهام چئبو آهي.

استفهام لفظ جي معنيٰ آهي پڇا يا جاچ

ضمير استفهام: ڇا، ڇو، ڪٿي، ڪير، ڪيرو، ڪهڙو، ڪيترو، ڪيهو ۽ ڪيئن وغيره.

ضمير استفهام جو ڦيرو يا گردان

”ڪهڙو“ جو ڦيرو

حالت	مذڪر		مؤنث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	ڪهڙو	ڪهڙا	ڪهڙي	ڪهڙيون
عام صورت	ڪهڙي	ڪهڙن	ڪهڙيءَ	ڪهڙين

5. ضمير موصول Relative

1. هي اهو ماڻهو آهي جو سرير آيو هو.

2. اهو گلاس ڀڄي پيو، جيڪو مون ڪالهه خريد ڪيو هو.

3. هي اهو ساڳيو ڇوڪرو آهي، جنهن ڪالهه سليٽ ڀڳي هئي.

مٿين جملن ۾ ”جو“ ”جيڪو“ ۽ ”جنهن“ ضمير آهن. جيڪي اسمن جي بدران ڪم آيا آهن. اهي جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن ٿا.

سمجهاڻي: جيڪڏهن چئجي ته:

اهو گلاس ڀڄي پيو. گلاس مون خريد ڪيو هو.

اهي ٻه جملا ٿي پيا، جن جو هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو ڪونهي. جيڪي اڻ وڻندڙ

بنا مطلب جي پيا معلوم ٿين. پر ٻئي نمبر جملي ۾ ڪلاس اسم جي بدران "جيڪو" ضمير ڳنڍڻ سان. ٻئي جملا ڳنڍجي هڪ جملو پوري مطلب وارو ٿي پيو آهي.

وصف: اهڙا ضمير جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن ٿا ۽ ساڳي وقت جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن ٿا. اهڙن ضميرن کي ضمير موصول چئبو آهي. موصول جي معنيٰ آهي ڳنڍيندڙ (وصل معنيٰ ميلاپ يا ڳانڍاپو)

ضمير موصول "جو" جو ڦيرو

حالت	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي عام صورت	جو جنهن	جي جن	جا جنهن	جي جن

6. ضمير جواب موصول Correlative

1. جيڪي ڪرڻ گهرجي، سو نه ڪري ماٺ ۾ پيو.
2. جن جو ڪاٺيو، تن جو ڳائيو.
3. جيترو گجي اوترو وسي نه جڳو.

ٽنهي جملن ۾ "جيڪي" "جن" ۽ "جيترو" ضمير موصول آهن ۽ "سو" "تن" "اوترو" اهڙا ضمير آهن، جيڪي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم آيا آهن ۽ ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن ٿا.

وصف: اهي ضمير جيڪي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن ۽ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن، تن کي ضمير جواب موصول چئبو آهي.

ضمير جواب موصول "سو" جو ڦيرو

حالت	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي عام صورت	سو تنهن	سا تنهن	سي تن	سي تن

7. ضمير مبهم Indefinet

مثال: 1. ضرور اندر ڪو آهي.

2. ڪنهن نه ضرور هن کي ماريو هوندو.

3. هن ڪرسيءَ ۾ ڪجهه نه ضرور آهي.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "ڪو" ضمير آهي، جو ڪنهن ماڻهو جي نالي بدران ڪم آيو آهي، تنهن جي نالي جي خبر ڪانه ٿي پوي ته اهو اسم ڪهڙو آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي جملي ۾ "ڪنهن" ضمير ماڻهو (اسم) جي بدران ڪم آيل آهي. پر انهيءَ ماڻهو (اسم) جي نالي جي خبر ڪانهي. اهڙيءَ طرح "ڪجهه" ضمير اهڙي شيءِ (اسم) جي نالي بدران ڪم آيل آهي. اهو اسم به ڪهڙو آهي تنهن ڪري مٿين جملن ۾ "ڪو" "ڪنهن" ۽ "ڪجهه" ضمير ضمير مبهم آهن.

وصف: اهڙا ضمير جن مان خبر ڪانه ٿي پوي ته ڪهڙن اسمن جي بدران ڪم آيا آهن، يعني اهي اسم ڪهڙا آهن. اهڙن ضميرن کي ضمير مبهم چئبو آهي. مبهم جي معنيٰ آهي ڳجهو يا لڪل ضمير مبهم جا ڪي لفظ: ڪي، ڪو، ڪير، ڪجهه، ڪنهن.

ضمير مبهم "ڪو" جو ڦيرو

حالت	مذڪر		مونث	
	واحد	جمع	واحد	جمع
فاعلي	ڪو	ڪي	ڪا	ڪي
عام صورت	ڪنهن	ڪنهن	ڪن	ڪن

8. ضمير متصل Conjunctive Personal

مثال:

ضمير منفصل	ضمير متصل
1. منهنجو پٽ پڙهي ٿو.	پٽم پڙهي ٿو.
2. تنهنجو پٽ پڙهي ٿو.	پٽءِ يا پٽهين پڙهي ٿو.
3. هن جو پٽ پڙهي ٿو.	پٽس پڙهي ٿو.

ضمير منفصل	ضمير متصل
4. مون صوف کاڌو.	صوف کاڌم.
5. تو صوف کاڌو.	صوف کاڌءِ
6. هن صوف کاڌو.	صوف کاڌائين.
7. مون وٽ قلم آهي.	وٽم قلم آهي.
8. تو وٽ قلم آهي.	وٽءِ قلم آهي.
9. هن وٽ قلم آهي.	وٽس قلم آهي.

مٿين جملن مان پهرئين ڪالم ۾ ضمير خالص استعمال ٿيل آهن، ٻئي نمبر ڪالم ۾ ضمير خالص نه استعمال ٿيل نه آهي پر ٻنهي ڪالمن ۾ آيل جملن جو مطلب ساڳيو آهي. فرق صرف ايترو آهي جو ٻئي نمبر ڪالم ۾ ضمير خالص جي بدران، اسم، فعل ۽ حرف جر جي پڇاڙيءَ کي نشانيون استعمال ٿيل آهن. جيئن ته:

اسم سان ضمير خالص جون نشانيون. (پڇاڙيون)

ضمير	اسم، نشانيءَ سان	ضمير خالص جون نشانيون (پڇاڙيون)
ضمير متڪلم	پٽم	م
ضمير حاضر	پٽءِ، پٽهين	ءِ / هين
ضمير غائب	پٽس	س

فعل جي پڇاڙيان ضمير خالص جون نشانيون / (پڇاڙيون)

ضمير	فعل نشانيءَ سان	ضميري پڇاڙيون
ضمير متڪلم	کاڌم	م
ضمير حاضر	کاڌءِ	ءِ
ضمير غائب	کاڌائين	ئين

حرف جر جي پٺيان ضميري خالص جون نشانيون / (پڇاڙيون)

ضمير	حرف جر نشانيءَ سان	ضميري پڇاڙيون
ضمير متڪلم	وٽم	م
ضمير حاضر	وٽءِ	ءِ
ضمير غائب	وٽس	س

اهي نشانيون يا ضميري پڇاڙيون، ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون.

وصف: اهڙيون ضميري پڇاڙيون جيڪي اسم، فعل ۽ حرف جر جي پٺيان اچي ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون تن کي ضمير متصل چئبو آهي. متصل جي معنيٰ آهي ڳنڍيل.

1. اصل ضمير خالص کي ضمير منفصل چئبو آهي، ضمير متصل ضمير خالص جو هڪ قسم آهي. اهو گهڻو ڪري مٿئين ڏيکاريندڙ اسمن جي پٺيان ڪم ايندو آهي.

نوٽ: نه رڳو اسم، فعل ۽ حرف جر جي پٺيان ضمير متصل جون پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون. پر ظرف جي پٺيان به اهي ضميري پڇاڙيون اچي ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون. جيئن ته: مٿس، مٿن وغيره (هن جي مٿان، هنن جي مٿان)

ضمير جي ترڪيب Parsing of pronoun

جيئن ته ضمير اسم جي بدران ڪم ايندو آهي. تنهن ڪري سندس ترڪيب به اسم وانگر ٿيندي جيئن ته:

1. ضمير جو قسم 2. جنس 3. عدد 4. حالت

مثال: مون پڇيو ته اوهان مان ڪير هن بيمار جي خدمت ڪندو.

مٿين جملن ۾ مون، اوهان، ڪير ۽ هن ضميرن جي ترڪيب هن ريت ٿيندي.

مون: ضمير متڪلم جنس مذڪر / مؤنث عدد واحد حالت فاعلي فاعل آهي "پڇيو" فعل جو.

اوهان: ضمير حاضر، جنس مذڪر / مؤنث عدد جمع حالت اضافت سبب "مان" حرف اضافت جي.

ڪير: ضمير استفهام: جنس مذڪر / مؤنث عدد واحد حالت فاعلي. فاعل آهي "ڪندو" فعل جو.

هن: ضمير اشاره ويجهو جنس مذڪر / مؤنث عدد واحد حالت جري لڳي ٿو بيمار سان.

باب ٽيون

صفت Adjective

مثال:

1. انب مٺو آهي.
2. هي ميوو ڪٺو آهي.
3. وڻ تي ڏهه پکي ويٺا آهن.
4. اٺ هڪ ٿلهو ۽ وڏو جانور آهي.
5. جابلو ۽ سامونڊي ماڻهو ٻنهي جا سگهارا ٿيندا آهن.

پهرئين جملي ۾ "مٺو" لفظ انب (اسم) جو گڻ ٿو ڏيکاري.
اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ "ڪٺو" لفظ ميوي (اسم) جو اوگڻ ٿو ظاهر ڪري.
ٽئين جملي ۾ "ڏهه" لفظ پکين جو انداز ٿو ڏيکاري، ۽
چوٿين جملي ۾ "ٿلهو" ۽ "وڏو" لفظ اٺ جو مقدار ڏيکارين ٿا.
اهڙي طرح پنجين جملي ۾ "جابلو" ۽ "سامونڊي" لفظ ماڻهو (اسم) جو قسم ٻڌائين ٿا.

وصف: اهڙا لفظ جيڪي اسم جو گڻ، اوگڻ انداز، مقدار ۽ قسم ڏيکارين تن کي صفت چئبو آهي.

صفت جا قسم Kinds of Adjectives



صفت جا ٽي قسم آهن.

1. صفت وصفي 2. صفت عددي 3. صفت ضميري

1. صفت توصيفي يا وصفي

Adjective of quality or quanontity

جيئن ته مٿين جملن ۾ مٺو، ڪنو، ٿلهو، وڏو، ساموٽڊي ۽ جابلو صفتون اسم جي خاصيت، قسم ۽ مقدار ۾ ظاهر ڪن ٿيون اهڙين صفتن کي صفت وصفي يا توصيفي چئبو آهي.

2. صفت عددي Adjective of number

مٿين مثالن مان ڏٺيون ٿا جملي مان اسم جو تعداد معلوم ٿئي ٿو.
جيئن ته: پنج جوڪرا، پهريئين جوڪري، ٿورو مال، گهڻو پنڌ، ٿورو پنڌ ۽ سرس مٿاڻي وغيره آهي سڀ صفتون اسم جو عدد ڏيکارين ٿيون، تنهن ڪري انهن کي عددي صفت چئبو آهي.

وري عددي صفت جا ٻه قسم آهن.

1. عدد شماري 2. عدد قطاري

1. عدد شماري Numeral Cardinal

جيئن ته: هڪ ٻه، ٻارهن، ٽيهه، چاليهه وغيره.

2. عدد قطاري Ordinals

جيئن ته: پهريون، ٻيون، ٽيون، ٻارهون، ٽيهون، چاليهون وغيره.

3. صفت ضميري Pronominal

هيءُ ماڻهو. اِهي ڇوڪريون (ضمير اشارو ويجهو)

هو ماڻهو. هو ڇوڪريون (ضمير اشارو ڏور)

جو قلم. جيڪو قلم (ضمير موصول)

سو ماڻهو. سا ڳالهه (جواب موصول)

ڪي ماڻهو. هرڪو انسان. سڀ ڪا ڳالهه. هن جي. سن جي وغيره.

مٿين ترڪيب ۾ "هيءُ" "هو" "سو" "سا" "جو" جيڪو. هرڪو. سڀ ڪا. جو ۽ جي. ضمير جا لفظ آهن جي صفت لئي يا اشاري طور استعمال ٿيل آهن. تنهن ڪري:

وصف: اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن اسم يا ٻئي ضمير جي اڳيان اچن ۽ ان جو اسم يا ضمير جي وصف يا خصوصيت يا ان ڏانهن اشارو ڪن. انهن کي صفت ضميري يا اشارو چئبو آهي.

هيٺ مختلف ضميرن جا لفظ ڏجن ٿا. جيڪي صفت طور استعمال ٿيندا آهن.

صفتون جي ضميرن مان ٺهن ٿيون.

صفت

ضمير	بنياد	انداز	قد	قسم
ضمير اشارو ويجهو	اي	ايترو	ايڏو	اهڙو
ضمير اشارو ويجهو	هيءُ	هيترو	هيڏو	ههڙو
ضمير اشارو ڏور	او	اوترو	اوڏو	اهڙو
ضمير اشارو ڏور	هو	هوترو	هيڏو	ههڙو
ضمير موصول	جو (جي)	جيترو	جيڏو	جهڙو
ضمير جواب	سو	تيترو	تيڏو	تهڙو
ضمير استفهام	ڪو	ڪيترو	ڪيڏو	ڪهڙو

Degrees of Adjective صفت جا درجا

1. عالم خان ڏگهو آهي.
2. عالم خان انور کان ڏگهو آهي.
3. عالم خان سڀني کان ڏگهو آهي.

پهرئين جملي "ڏگهو" صفت صرف عالم خان لاءِ ڪم آيل آهي، جنهن ڪري "ڏگهو" صفت کي صفت خالص چئبو آهي.

2. ٻئي جملي ۾ عالم خان جي انور سان ڀيٽ ڪيل آهي، جيڪا "انور" اسم جي پٺيان "کان" حرف جر لڳائي ڪئي ويئي آهي. جنهن مان معلوم ٿيو ته عالم خان انور کان ڏگهو آهي. انهي جملي ۾ "ڏگهو" صفت کي صفت تفضيل چئبو آهي. تفضيل لفظ جي معنيٰ آهي هڪ کي ٻئي کان مٿاهون درجو ڏيڻ.

3. ٽئين جملي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته عالم خان سڀني کان ڏگهو آهي انهي "ڏگهو" صفت کي صفت مبالغو چئبو آهي. مبالغي جي معنيٰ آهي "وڌاءُ"

نوٽ: فارسي ۽ ٻين زبانن ۾ صفت تفضيل ۽ صفت مبالغي لاءِ صفت خالص جي پٺيان ڪي نشانيون يا پچاڙيون لڳنديون آهن. جيئن ته فارسيءَ ۾ به، بهتر، بهترين ۽ ڪم، ڪمتر، ڪمترين يعني صفت خالص جي پٺيان صفت تفضيل لاءِ "تر" ۽ صفت مبالغي لاءِ "ترين" پچاڙيون لڳائڻ سان صفت جا درجا ٺهندا آهن. پر سنڌيءَ ۾ اهڙيون پچاڙيون نه آهن. مٿي ڄاڻايل مثالن موجب اسم جي پٺيان "کان" حرف جر ملائي صفتن جا درجا جوڙيا وڃن ٿا. انهي ڪري ڪن سنڌي گرامر جي عالمن انهن صفتن جي درجن جي جدا بيان ڪرڻ جي ضرورت ئي مناسب نه سمجهي آهي.

Degrees of comparation صفت جا درجا

1	صفت خالص	Paistive degree
2	صفت تفضيل	Comparative degree
3	صفت مبالغو	Superlative degree

مشق

سوال

1. ضمير خالص جا قسم مثال ڏيئي سمجهايو.

2. هيٺين جملن مان ضمير چونڊيو ۽ انهن جا قسم ٻڌايو.

   1. آءٌ پاڻ ڪالهه آفيس ويو هئس.
   2. تون ۽ هي ٻئي ڪٿي مون وٽ اچجو.
   3. توکي ڇا کپي؟
   4. جيڪو ڏڪندو سو لوڙيندو.
   5. توکي ضرور ڪجهه نه خبر هوندي.

3. ضمير موصول ۽ جواب موصول ۾ فرق مثالن سان سمجهايو.

4. ضمير منفصل ۽ متصل ۾ تفاوت مثالن سان سمجهايو.

5. هيٺين جملن ۾ آيل اسمن ۽ ضميرن جي ترڪيب ڪريو.

   1. آءٌ سمجهان ٿو ته هن ڪمري ۾ ضرور ڪو آهي.
   2. قسمت سانگي منهنجو لاڙڪاڻي وڃڻ ٿيو.
   3. تو ڏٺو ته ٻراڻي ڪنڌ ڪيڏو ڏسندو آهي.
   4. ابن بطوطه سياح گهمندو ڦرندو سيوهڻ ۾ آيو.

6. هيٺين جملن مان صفتون چونڊيو.

   1. هي تازا سنا ميوا آهن.
   2. ڪتنا ۽ گدلا ٻار ڪنهن ڪي ٻه ته وڻندا آهن.
   3. هن نوڪريءَ ۾ ڏهه صوف پيل آهن.
   4. عمر هڪ تلهو، متارو ۽ ناهوڪو وڏو ورتو آهي.
   5. ٻه ته ٻارهن.

سوال

7: صفت جا قسم مثال ڏيئي سمجهايو.

8: صفت عددي، جا قسم مثال ڏيئي سمجهايو.

9: صفت جا درجا مثال ڏيئي سمجهايو.

10: ضمير استفهام ڇا آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

11- هيٺين جملن مان ضمير جواب موصول ڳوليو.

1- جيڪي اوهان ڪيو، سو چڱو ٿيو.

2- جو ٻئي لاءِ کڏ کڻندو، سو پاڻ ان ۾ ڪرندو.

باب چوٿون

فعل Verb

1. حسن لکي ٿو.
2. خليل ڪاٽي ٿو.

پهرين جملي ۾ "لکي ٿو" لفظن مان خبر پوي ٿي. ته حسن لکڻ جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻئي جملي مان "ڪاٽي ٿو" لفظن مان خبر پوي ٿي ته خليل ڪاٽڻ جو ڪم ڪري ٿو. اهڙا لفظ جن مان ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي تن کي فعل چئبو آهي.

2. (الف) زينب وڻي آهي.
(ب) مون وٽ پنج ڪتاب آهن.

مٿين جملن ۾ "آهي" لفظ مان زينب جي (وڻي) هئڻ جي خبر پوي ٿي ۽ "آهن" لفظ مان ڪتابن جي هئڻ جي خبر پوي ٿي اهڙا لفظ جن مان هئڻ جي خبر معلوم ٿئي تن کي فعل چئبو آهي.

3. (الف) وڏا ڪرسيون ناهين ٿا.
(ب) ڪاسائي ٻڪري ڪهي ٿو.

مٿين جملن ۾ "ناهين ٿا." لفظن مان خبر پوي ٿي ته ڪرسين تي ڪم ٿئي پيو. اهڙيءَ طرح ٻئي جملي ۾ آيل لفظن "ڪهي ٿو" مان خبر پوي ٿي ته ٻڪريءَ تي ڪهڻ جو ڪم ٿئي پيو يعني ڪرسيون ۽ ٻڪريون ڪجهه سهن پيون جن لفظن مان سهڻ جي معنيٰ نڪري ٿي تن کي فعل چئبو آهي.

4. (الف) سليم محنت ڪري ڪامياب ٿيو.
(ب) رات ڪان پوءِ ڏينهن ٿيندو آهي.

مٿين جملن ۾ "ٿيو" ۽ "ٿيندو" لفظن مان ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. اهڙا لفظ جن مان "ٿيڻ" جي معنيٰ نڪري انهن کي فعل چئبو آهي.

وصف: اهڙا لفظ جن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري تن کي فعل چئبو آهي.
"فعل" جي معنيٰ آهي "ڪم".

Kinds of verb فعل جا قسم



Verb Intransitive فعل لازمي

مثال: 1. ڇوڪرو پڙهي ٿو.

2. پکي اڏامن ٿا.

مٿين جملن ۾ ڇوڪرو، ڪم ڪندڙ آهي. ڪم جي ڪندڙ کي فاعل Subject چئبو آهي يعني پهرئين جملي ۾ ڇوڪرو فاعل آهي ۽ "پڙهي ٿو" فعل آهي. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ "پکي" فاعل آهن ۽ "اڏامن ٿا" فعل آهي. جنهن جملي ۾ صرف فاعل ۽ فعل هجن سان مطلب پورو ظاهر ٿئي. اهڙن فعلن کي فعل لازمي چئبو آهي.

وصف: اهڙا فعل جيڪي صرف فاعل سان لاڳاپو ڏيکارين ۽ جملي مان پورو مطلب ظاهر ٿئي. اهڙن فعلن کي فعل لازمي چئبو آهي. لازمي جي معنيٰ آهي "لڳو رهڻ" يعني فعل فاعل سان لڳو رهي.

فعل متعدي Verb transitive

مثال: 1. درزي ڪپڙا سبي ٿو.

2. عمر ڪتي کي ماريو.


مٿين جملن ۾ درزي ۽ عمر ڪم جا ڪندڙ يعني فاعل آهن.

مٿين جملن مان معلوم ٿيو ته، پهرئين جملي ۾ فاعل (درزي) ڪپڙا سبڻ جو ڪم ڪري ٿو. ٻئي جملي مان معلوم ٿيو ته فاعل (عمر) ڪتي کي مارڻ جو ڪم ڪري ٿو. (يعني فاعل جو ڪم ڪن ٿا. (ٻيا اسم فعلن وارا ڪم سهن ٿا) ٻئي صورت ۾ جنهن ته مٿن ڪم جو اثر ٿئي ٿو. تن کي فعل متعدي چئبو آهي. مٿين جملن ۾ جن اسمن تي فعل جو اثر ٿئي ٿو. جيئن ته.

ڪپڙا ۽ ڪتو اهي فعلن جا مفعول آهن.

وصف: اهڙا فعل جن جي فاعل جي ڪم جو اثر ٻئي ڪنهن تي ٿئي تن کي فعل متعدي چئبو آهي. متعدي جي معنيٰ ٻئي ڏانهن لنگهي ويندڙ يعني اهو جو فاعل کان لنگهي ٻئي ڪنهن تي اثر ڪري. يعني: فعل لازمي کي صرف فاعل آهي، مفعول ڪونهيس. فعل متعدي کي فاعل توڙي مفعول ٻئي آهن. مٿين جملن ۾ "سبي ٿو" ۽ "ماريو" فعل متعدي آهن.

فعل متعدي جا قسم Kinds of transitive verbs



فعل متعدي جا وري ٻه قسم آهن. جيئن چارٽ ۾ ڄاڻايل آهي.

1. فعل متعدي معروف

2. فعل متعدي مجهول

فعل متعدي معروف: اهو فعل آهي جنهن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي هجن.

مثال: تدبير ماني کاڌي.

اتهي جملي ۾ فاعل تدبير آهي ۽ ماني مفعول آهي انهي ڪري انهي ۾ "کاڌي" فعل متعدي معروف آهي.

فعل متعدي معروف جو ٻيو قسم آهي. فعل متعدي معروف بالواسطه

مثال: تدبير ماني نوڪر کان پچارائي.

مٿي جملي ۾ فاعل ماني پچائڻ جو ڪم پاڻ نه ڪيو آهي، پر اهو ڪم نوڪر جي هٿان (واسطي سان) ڪرايو آهي. تنهن ڪري انهي جملي ۾ "پچارائي" فعل متعدي بالواسطه آهي.

وصف: اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته فعل وارو ڪم فاعل پاڻ نه ڪيو آهي. پر ٻئي جي هٿان (معرفت ڪرايو آهي تنهن ڪري اهڙن فعلن کي فعل متعدي معروف بالواسطه چئبو آهي.

فعل متعدي مجهول

مثال: 1. انب کاڌبو.

2. خط پڙهيو ويو.

مٿين جملن ۾ فاعل گم آهن. فاعل جي جاء "انب" ۽ "خط" مفعولن ورتي آهي. يعني مفعول ڦري فاعل جي جاء ورتي آهي اهڙن جملن جي فعلن کي "فعل متعدي مجهول" چئبو آهي.

وصف: اهڙا متعدي فعل جن جو اصل فاعل گم هجي مفعول ڦري فاعل جي جاء وٺي، ته اهڙن فعلن کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. مجهول جي معنيٰ آهي اڻ ڄاتل.

فعل متعدي مجهول باالواسط

1. انب ڪاٽيو.

2. خط پڙهايو يا پڙهارايو ويو.

مٿين جملن ۾ "ڪاٽيو" ۽ پڙهايو يا پڙهارايو فعل متعدي مجهول آهن. انهن جملن ۾ فاعل گم آهن. پر انهن مان هر هڪ مفعول ڦري فاعل جي جاء ورتي آهي. اهو فاعل ٻئي ڪم ٻين جي معرفت ڪرائي ٿو. اهڙن فعلن کي فعل متعدي مجهول باالواسط چئبو آهي.

وصف: اهڙا متعدي باالواسط فعل جن جو اصل فاعل گم هجي مفعول ڦري فاعل ٿئي. تن کي فعل متعدي مجهول باالواسط چئبو آهي.

فعل بي فاعل يا اڪرترڪ فعل

مثال: 1. اڄ آءُ حيدرآباد ويندس.

2. اڄ حيدرآباد وڃبو.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "آءُ" فاعل موجود آهي. جنهن ڪري "ويندس" فعل قاعدي مطابق آهي.

ٻئي جملي ۾ "وڃبو" فعل جو ڪرڻ فاعل ڪونهي تنهن ڪري اهو فعل بي فاعل يعني فاعل کان سواء آهي انهي فعل کي اڪرترڪ فعل چئبو آهي ا=معنيٰ =نه ڪرتر يا ڪرتا معنيٰ ڪم ڪندڙ (فاعل) ۽ اڪرترڪ فعل معنيٰ اهو فعل. جنهن کي فاعل ڪونهي يعني بي فاعل جيئن ته:

1. گهڻو پسند ڪبو ته ڏڪبو.

2. پاڻيءَ ۾ ترجي ٿو.

3. ميڪي پوکبو، سو لڻبو.

4. هوا ۾ اڏامبو.

وصف: اهڙا لازمي فعل جن جو فاعل گم ٿيل يا لڪل هجي تن فعلن کي اڪرترڪ (بي فاعل فعل) چئبو آهي.

فعل معاون Auxiliary verb

مثال: 1. رشيد ڪاٺي ٿو.

2. رشيد ڪاڏو هو.

3. امين آيو آهي.

پهرين جملي ۾ "ٿو" فعل "ٿيڻ" مان نڪتو آهي. اهڙي طرح ٻئي ۽ ٽئين جملن ۾ "هو" ۽ "آهي" فعل "هئڻ" مان نڪتا آهن. اهي "هئڻ" ۽ "ٿيڻ" فعل لازمي آهن.

مٿين جملن ۾ "ٿو" "هو" ۽ "آهي" فعل معاون آهن. جيڪي بين "ڪاٺي" "ڪاڏو" ۽ "آيو" بنيادي فعلن جي بنيان اچي زمانن ٺاهڻ ۾ مددگار ٿيا آهن.

اهي فعل معاون ڪڏهن جملن ۾ اڪيلا به اچي صحيح مطلب ظاهر ڪندا آهن.

جيئن ته:

1. هي انب آهي.

2. تون ناراض نه ٿي.

3. عمر ڪالهه هتي هو.

وصف: اهڙا لازمي فعل جيڪي بين بنيادي فعلن جي بنيان اچي زمانن جوڙڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اهڙن فعلن کي فعل معاون چئبو آهي. معاون جي معنيٰ آهي مددگار.

فعل مرڪب

مثال: 1. جانو ماني کائڻ لڳو.

2. جانوءَ خط لکي مرڪليو.

3. هاري ڏڳا ڪاهيندو ويو.

مٿين جملن مان هرهڪ جملي ۾ ٻه بنيادي فعل گڏجي هڪ ٿي ڪم آيا آهن.

جيئن ته: پهرئين جملي ۾ "کائڻ" ۽ "لڳو" ٻه بنيادي فعل ڪم آيا آهن. ۽ ٻئي جملي ۾ "لکي" ۽ "موڪليو" ٻه بنيادي فعل ڪم آيا آهن. اهڙي طرح ٽئين جملي ۾ ٻن بنيادي فعلن (ڪاهيندو ويو) جون ڪي صورتون گڏجي هڪ ٿي ڪم آيون آهن.

اهڙين فعلن جي بنيادي صورتن کي مرڪب فعل چئبو آهي.

وصف: اهڙن ٻن بنيادي فعلن جون ڪي صورتون گڏجي هڪ فعل ٿي ڪم اچن. تن کي مرڪب فعل چئبو آهي. مرڪب جي معنيٰ آهي گڏيل.

باقاعدي ۽ بي قاعدي فعل

قاعدي موجب امر فعل، جنهن جو اسم مفعول، امر واحد جي پڇاڙيءَ "يو" يا "يل" بجاءِ ملائڻ سان ٺهندو آهي پر اهڙا فعل جن جو اسم مفعول قاعدي مطابق نه ٺهندو هجي ته اهڙن فعلن کي بي قاعدي فعل چئبو آهي.

جيئن هيٺ ڏنل مثالي چارٽ مان معلوم ٿيندو.

مصدر مان امر واحد ٺاهڻ لاءِ مصدر جي آخري پڇاڙيءَ "ڻ" ڪيڻ سان امر واحد ٺهندو. جيئن چارٽ ۾ ڄاڻايل آهي.

چارٽ

اسم مصدر	امر واحد	اسم مفعول	فعل
لکڻ	لک	لکيو، لکيل	باقاعدي فعل
رکڻ	رک	رکيو، رکيل	باقاعدي فعل
ٺاهڻ	ٺاھ	ٺاهيو، ٺهيل	باقاعدي فعل
وڃڻ	وڃ	ويو، ويل	بي قاعدي فعل
ڪاڏڻ	ڪاڏ	ڪاڏو، ڪاڏل	بي قاعدي فعل
وجهڻ	وجهه	وڌو، وڌل	بي قاعدي فعل
وٽڻ	وٽ	ورتو، ورتل	بي قاعدي فعل

مشق لاءِ سوال

سوال

1. فعل ڇا کي چئبو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.
2. فعل لازمي ۽ فعل متعدي مثالن سان سمجهايو.
3. فعل متعدي جا قسم مثالن سان سمجهايو.
4. فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول ۾ ڪهڙو فرق آهي مثال ڏيئي سمجهايو.
5. فعل متعدي معروف بالواسطه ۽ فعل متعدي مجهول بالواسطه مثالن سان سمجهايو.
6. فعل اڪر ترڪ ڇا کي چئبو آهي؟ مثال به ڏيو.
7. مرڪب فعل ڇا آهن. مثالن سان سمجهايو.
8. هيٺين فعلن مان باقاعدي ۽ بي قاعدي فعل چونڊيو رکيو، ناهيو، ڪاڙهو، ڏنو، ويو، آيل، سمهيو.

باب پنجون

فعل جو ڌاتو يا بنياد

مصدر يا اسم مصدر

مثال: 1. سٺو شاگرد هميشه لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مشغول هوندو آهي.

2. هميشه صاف سليون شيون کائڻ پيئڻ گهرجن.

3. نيڪ ٿيڻ لاءِ نيڪن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي.

4. بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ ڪڪري ڪرڻ ضروري آهي.

جيئن ته اسين سڀڪي آيا آهيون ته ڪم ۽ حالت جي نالن کي اسم چئبو آهي، مٿي ڄاڻايل جملن ۾ کائڻ، پيئڻ، لکڻ، پڙهڻ، ٿيڻ، هئڻ ۽ ڪرڻ ڪمن ۽ حالت جي هئڻ جا نالا آهن اهڙن نالن کي مصدر چئبو آهي.

وصف: فعل جي اها بنيادي صورت جا ڪنهن ڪم يا حالت جي معنيٰ ڏيکاري، ٿي تنهن کي مصدر چئبو آهي.

مصدر جي معنيٰ آهي صادر ٿيڻ يا نڪرڻ جي جاءِ، جنهن مان ٻيا فعل نڪرن ٿا. مصدر اسم آهي جنهن ڪري هن کي اسم مصدر به چئبو آهي سنڌي ۾ فعل جو بنياد مصدر نه، پر امر واحد آهي.

مصدر جي پڇاڙيءَ ۾ اڻ يا اِڻ اچار ڪڍي ڇڏبو ته فعل جو بنياد يا ڌاتو امر واحد نهندو. جيئن ته:

مصدر	امر واحد
پڙهڻ	پڙهه
لکڻ	لک
ڊوڙڻ	ڊوڙ
ڪاڙهڻ	ڪاڙ

اسم مصدر جي ترڪيب

جيئن ته اسم مصدر ۾ جنس ۽ عدد نه ٿيندو آهي تنهن ڪري اسم مصدر ۾ هميشه حالت بيان ٿيندي.

مثال: 1. پڙهڻ ضروري آهي.

2. چوڪرو لکڻ سکيو آهي.

3. پوليس وارو چورکي پڪڙڻ لاءِ ويو.

مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل اسم مصدر جي ترڪيب هيٺين ريت ٿيندي.

پڙهڻ: اسم مصدر حالت فاعلي پڙهڻ فاعل آهي.

لکڻ: اسم مصدر حالت مفعولي "لکڻ" مفعول اٿس.

پڪڙڻ: اسم مصدر حالت جري. سبب "لاءِ" حرف جر جي سندس مفعول "جوڙ" آهي.

امر Imperative

مثال: 1. اسلم! هيڏانهن اچ.

2. امان! مون کي کير ڏي.

3. ڏاڍي منهنجا! اسان تي رحم ڪر.

مٿين جملن ۾ "اچ"، "ڏي" ۽ "ڪر" فعل آهن. "اچ" اچڻ مصدر مان نڪتل آهن جنهن مان حڪم ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. ٻئي جملي ۾ "ڏي" ڏيڻ مصدر مان نڪتل آهي جنهن مان منٿ ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. ٽئين جملي ۾ "ڪر" ڪرڻ مصدر مان نڪتل آهي جنهن مان عرض يا التجا ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

وصف: فعل جي اهڙي صورت جنهن مان معلوم ٿئي ته فاعل کي فعل واري ڪم لاءِ حڪم، منٿ يا عرض ڪيل آهي انهي کي امر چئبو آهي. امر جي معنيٰ آهي حڪم.

نوٽ: 1. امر حڪم صرف هڪ شخص لاءِ استعمال ٿيل آهي. تنهن ڪري انهي کي امر واحد حال چئبو آهي.

2. امر هميشه زمان حال ۽ زمان مستقبل ۾ استعمال ٿيندو آهي تنهن ڪري زمان حال جي حالت ۾ "امر حال" ۽ زمان مستقبل جي حالت ۾ امر استقبال ۽ امر ديرينه چئبو آهي.

امر واحد حال ٺاهڻ جو قاعدو.

مصدر جي پڇاڙيءَ ۾ آڻ يا اڻ جو اُچار ڪڍڻ سان امر واحد حال ٺهندو آهي.

جيئن ته:

اسم مصدر	امر واحد	اسم مصغر	امر واحد مصغر
ڪائڻ	ڪاءِ	لکڻ	لک
هلڻ	هل	ڪهڻ	ڪهه
وڃڻ	وڃ	اچڻ	اچ
ڪرڻ	ڪر	نچڻ	نچ
چڙهڻ	چڙهه	گهمڻ	گهم
روئڻ	روءِ	ڏهڻ	ڏهه

امر ۽ ان جا قسم



امر جا ٻه قسم آهن.

1. امر حال   2. امر استقبال

وري عدد جي حالت ۾ هر هڪ جا ٻه قسم آهن جيئن مٿي چارٽ ۾ ڄاڻايل آهن.

امر حال ۽ امر استقبال جو چارٽ

امر حال واحد	امر جمع حال	امر استقبال واحد	امر استقبال
لک	لکو	لکج	لکجو
مار	ماريو	مارج	مارجو
ڪڇ	ڪڇو	ڪڇج	ڪڇجو

امر واحد مان امر جمع ٺاهڻ جا قاعدا.

امر جمع حال: عام طور امر واحد جي پويان "و"، "يو" لڳائڻ ٺهندو آهي جيئن تہ لک مان "لکو" "ڪر" مان "ڪريو"

امر استقبال: امر استقبال اهڙو امر آهي جو هميشہ زمان مستقبل يعني ايندڙ وقت لاءِ ڏيو آهي هن کي امر ديريئو بہ چئبو آهي،

ٺاهڻ جو قاعدو: امر واحد حال جي پٺيان عدد واحد جي حالت ۾ "ج" ۽ عدد جمع جي حالت ۾ "جو" لڳائڻ سان امر استقبال ٺهندو آهي

جيئن مٿي چارٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

مشق لاءِ سوال

1. مصدر ڇا کي چئبو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.
2. هيٺين جملن ۾ جيڪي اسم مصدر آهن تن جي ترڪيب ڪريو.
   1. حسن، عمر کي ولڻ آيو آهي،
   2. شڪاري ٻڪيءَ کي مارڻ لاءِ لڪو ويٺو هو.
3. امر واحد حال مان، امر واحد استقبال ٺاهڻ جو طريقو مثالن سان سمجهايو.
4. امر جا قسم ٻڌايو.
5. هيٺين امر واحد مان امر استقبال واحد ۽ جمع ٺاهيو.

   ڊج، پڙهہ، ڪڻ، هل، ڏس، سمجهہ

6. بنيادي فعل ڇا آهي؟ ڪولي سمجهايو.
7. فعل جو ڏاتو مصدر آهي يا امر واحد مثالن سان سمجهايو.

اسم مشتق (ڪردنت) Participle

مشتق لفظ "شق" مان نڪتل آهي شق جي معني آهي چيرڻ. اسم مشتق اهي لفظ آهن جيڪي فعل جي بنياد يا ڌاتو مان چيرجي نڪرن ٿا يا جوڙ ٿا ۽ صفت ٿي يا اسم ٿي ڪم اچن ٿا. جيئن ته.

مثال: 1. جانو ايندڙ ۽ قاسم ويندڙ هو.

2. ايندڙکي عزت ۽ ويندڙکي مان ڏجي.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "ايندڙ" ۽ "ويندڙ" فعل آهن جيڪي جانو ۽ قاسم اسمن جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائين ٿا. ٻئي جملي ۾ ساڳيا لفظ اسم آهن ڇاڪاڻ ته اهي ڪنهن اسم جي بدران ڪم آيا آهن. سنسڪرت ۾ انهن کي "ڪردنت" ۽ انگريزي، ۾ Participal چئبو آهي.

نوٽ: اسم مشتق ڳالهائڻ جي لفظن ۾ شامل نه آهن. جڏهن اهي فعل ٿي ڪم اچن ته فعل ۽ جڏهن اسم يا صفت ٿي ڪم اچن ٿا ته اسم يا صفت هوندا آهن.

(1) اسم فاعل Present Participle

(الف) 1. پڙهندڙن لاء ڪتاب گهرجي.

2. ڪتندڙکي انعام ڏيو.

پهرئين جملي ۾ "پڙهندڙ" لفظ فعل جو ڌاتو "پڙهه" مان نڪتل آهي ۽ اهڙي طرح "ڪتندڙ" لفظ به فعل جي بنياد "ڪت" مان نڪتل آهي اهي ٻئي لفظ ڪن اسمن جي بدران ڪم آيا آهن.

(ب) 1. پڙهندڙ شاگردن لاء ڪتاب گهرجن.

2. ڪتندڙ رانديگرکي انعام ڏنو ويو.

مٿين (ب) وارن جملن ۾ پڙهندڙ ۽ ڪتندڙ لفظ فعل جي بنيادي لفظن "پڙهه" ۽ "ڪت" مان نڪتل آهن. اهي ٻئي لفظ شاگرد ۽ رانديگر اسمن سان گڏ آيا آهن. جنهن ڪري انهن اسمن جون صفتون ٿي ڪم آيا آهن.

وصف: فعل جون اهڙيون صورتون، جيڪي جملي ۾ اسم جي بدران ڪم اچن يا اسمن سان لڳي صفت جو ڪم ڏين. اهڙين فعل جي صورتن کي اسم فاعل چئبو آهي.

مٿين جملن ۾ "پڙهندڙ" ۽ "ڪتندڙ" اسم فاعل آهن.

اسم فاعل ٺاهڻ

جنهن امر واحد حاضر جي پڇاڙيءَ ۾ پيش اچي ان جي پڇاڙيءَ وارو پيش ڪڍي "ندڙ" لڳائڻ سان ۽ جنهن امر واحد حاضر جي پڇاڙيءَ ۾ زير هجي ته ان جي پڇاڙيءَ ۾ "يندڙ" ڳنڍڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي جيئن هيٺ ڄاڻايل چارٽ مان ظاهر آهي.

امر واحد حاضر مان اسم فاعل ٺاهڻ جو چارٽ

امر واحد	اسم فاعل	پڇاڙي
اُٿ	اُٿندڙ	ندڙ
ويهُ	ويهندڙ	ندڙ
پڙهُ	پڙهندڙ	ندڙ
پاءِ	پائيندڙ	يندڙ
اُجل	اجليندڙ	يندڙ
پٽ	پٽيندڙ	يندڙ

بي قاعدي اسم فاعل

1. جهالو ماڻهو اڪثر مار کائيندو آهي.
2. رولو ڪٿو اتو ڪاٿي ويو.
3. يتيمن جي مال جو ناڪاڻو ٿيڻ وڏو گناهه آهي.

مٿين جملن ۾ جهالو اسم فاعل آهي، جيڪو امر واحد "جهل" (مصدر جهلڻ) مان ٺهيو آهي. اهڙي طرح "رولو" ۽ "ناڪاڻو" به اسم فاعل آهن. جن جو ڌاتو (امر واحد) رُلُ (مصدر رلڻ) ۽ ٺڪ (مصدر ٺڪڻ) آهن پر هتي اهي

اسم فاعل بي قاعدي آهن.

فعل جي بنياد وارا بي قاعدي اسم فاعل

امر واحد حال	مصدر	بي قاعدي اسم فاعل
ٺڪ	ٺڪڻ	ناڪاڻو
رُڪ	رُڪڻ	راڪو
ڪُٽ	ڪُٽڻ	ڪاٽاڻو
خرچ	خرچڻ	خرچاڻو
جاڳ	جاڳڻ	جاڳو

اسم جي بنياد وارا ٻي قاعدي اسم فاعل

اسم	اسم فاعل	اسم	اسم فاعل
گناھ	گنھگار	عيب	عيبدار
شرم	شرميلو، شرمسار	نقصان	نقصانڪار
خوف	خوفائتو، خوفناڪ	پير	پيرانڪ، پيرائتو
گھرج	گھرجائتو	ڏوھ	ڏوھاري

اسم فاعل جي ترڪيب

مثال: 1. اياڻٺهار پنهنجي مستيءَ ۾ ٻي مثال آهي.

"اياڻٺهار" اسم فاعل عدد واحد حالت فاعلي، "آ ـ ن" فعل جو فاعل آهي.

(2) اسم مفعول Past Participle

1. سڙيل ميوو کائڻ صحت لاءِ نقصانڪار آهي.
2. عمر ڪٽيل راند هارائي ويٺو.
3. وڍيل ٿي وايون ڪري ڪٺل ڪوڪاري.
4. ماڻ بيءَ جو پٽيو ڪٽي ٿو سڏري.

مٿين جملن ۾ سڙيل ۽ ڪٽيل فعل آهن. جيڪي فعل جي بنياد سڙ (مصدر سڙڻ) ۽ ڪٽ (مصدر ڪٽڻ) مان نڪتل آهن. جيڪي ميوي ۽ عمر اسمن جون صفتون آهن. اهڙي طرح ٽئين جملي ۾ وڍيل ۽ ڪٺل فعل، بنيادي فعل وڍ (مصدر وڍڻ) ۽ ڪهه (مصدر ڪهڻ) مان نڪتل آهن. جن اسمن لاءِ ڪم آيل آهن اهي ڳجها آهن. چوٿين جملي ۾ "پٽيو" فعل آهي. جيڪو بنيادي فعل "پٽ" (مصدر پٽڻ) مان نڪتو آهي. اتي اسم ٿي ڪم آيو آهي.

وصف: اهڙا لفظ جن جو بنياد امر واحد حال (بنيادي فعل) هجي ۽ اهي نه ساڳئي لاڳو اسمن تي يا جن اسمن جي بدران هو ڪم آيا آهن. تن تي اڳي ڪم ٿيل آهي. جيڪو پورو ٿي چڪو آهي. تن کي اسم مفعول چئبو آهي.

اسم مفعول ٺاهڻ

امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ "يو" يا "يل" لڳائڻ سان اسم مفعول ٺهندا آهن. جيئن هيٺ چارٽ ۾ ڄاڻايل آهن.

سنڌيءَ ۾ گهڻا اهڙا اسم مفعول آهن جيڪي بي قاعدي ٺهن ٿا جيئن هن چارٽ ۾ آخري (ب) ڪالم وارا اسم مفعول بي قاعدي وارا مثال طور ڏنل آهن.

(الف) باقاعدي اسم مفعول		(ب) بي قاعدي اسم مفعول	
امر واحد	اسم مفعول	امر واحد	اسم مفعول
مار	ماريو يا ماريل	ڏس	ڏٺو يا ڏٺل
پڙهہ	پڙهيو يا پڙهيل	اچ	آيو يا آيل
لک	لکيو يا لکيل	وڃ	ويو يا ويل
ڪٽ	ڪٽيو يا ڪٽيل	ڪهہ	ڪٺو يا ڪٺل
هل	هليو يا هليل	ويهہ	ويٺو يا ويٺل

اسم مفعول جي ترڪيب

مثال: ادا! ماريلن کي نہ مار.

"ماريلن" اسم مفعول جنس مذڪر عدد جمع حالت جري، سببان کي حرف جر جي.

3. اسم حاليہ Present Participle

1. انور ڪتاب پڙهندو گهر پئي ويو.
2. فقير گهمندو، ڦرندو شهر ۾ وڃي پهتو.
3. هاري ڏڳا ڪاهيندو، پنهنجي ڏانهن پئي ويو.
4. آءٌ گهر مان ٿيندو اسڪول ويندس.

مٿين جملن ۾ "پڙهندو" لفظ بنيادي فعل "پڙهہ" (مصدر پڙهڻ) مان نڪتل آهي (فعل جي هڪ صورت آهي) سندس فاعل انور آهي. اهڙيءَ طرح گهمندو، ڦرندو (لفظ)

بنيادي فعل گهڻ ۽ ڦر (مصدرون گهڙڻ، ڦرڻ) مان نڪتل آهن فقير سندن فاعل آهي.
وصف: اهڙا لفظ جي فعل جي بنياد مان جڙيل هجن ۽ اسم سان لڳي ڏيکارين ته اهو اسم (اسم فاعل) هڪ ڪم کي جاري رکندو يٺي کي لڳندو (لڳي ٿو يا لڳو آهي) اهڙين فعل جي صورتن کي اسم حاليه چئبو آهي. حاليه جي معنيٰ آهي جاري رکندڙ.

اسم حاليہ ٺاهڻ

امر واحد حاضر جي پڇاڙي جيڪڏهن زير آهي ته اها ڪڍي "يندو" پڇاڙي ڳنڍڻ سان ۽ جيڪڏهن امر واحد حاضر جي پڇاڙي ۾ پيش آهي ته اهو ڪڍي "ندو" پڇاڙي ڳنڍڻ سان اسم حاليه ٺهندو آهي.

جيئن هيٺ چارٽ ۾ ڄاڻايل آهي. ڪي اسم حاليه بي قاعدي به ٺهندا آهن. جيڪي هن چارٽ جي (ب) ڪالم واري حصي ۾ مثال طور ڏنل آهن.

(ب) بي قاعدي اسم حاليہ		(الف) باقاعدي اسم حاليہ	
اسم حاليہ	امر واحد	اسم حاليہ	امر واحد
ويندو	وڃ	ماريندو	مار
ايندو	اچ	پڙهندو	پڙ
ڪندو	ڪر	لکندو	لِکُ
		پڙهندو	پڙهُ

اسم حاليہ جي ترڪيب

مثال: جڏا جيارو مُرڪندا ماري.
"مُرڪندا" اسم حاليه جنس مذڪر عدد جمع حالت مفعولي مفعول آهي ماري فعل جو.

4. اسم استقبال Future Participle

مثال: 1. حسن ٽني وڃڻو آهي.

2. حسن کي ٽني وڃڻو آهي.

3. اسان کي اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي.

4. دڪاندار کان حساب وٺڻو آهي.

مٿين جملن ۾ "وڃڻو"، "ڪرڻو" ۽ وٺڻو اسم استقبال آهن. انهن اسمن جو بنياد فعل جو ڌاتو، امر واحد حال آهي اهي اسم وڃ، ڪر ۽ وٺ ڌاتن مان نڪتل آهن. اسم ٿوري صفت جو ڪم ڏين ٿا.

جيئن ته پهرئين جملي ۾ حسن (فاعل) وڃڻ وارو آهي. جنهن ڪري "وڃڻو" فعل حسن اسم سان لڳي يا لاڳاپو ڏيکاري حسن جي صفت ٿو بيان ڪري. جنهن ڪري پهرئين جملي ۾ وڃڻو صفت آهي. اها صفت فعل مان ٺهيل آهي. جيڪا ڏيکاري ٿو ته حسن کي پوءِ وڃڻو آهي. انهي ڪري "وڃڻو" اسم استقبال آهي.

ٻئي ٽئين جملي ۾ ڏيکاريل آهي ته حسن کي جيڪو ڪم ڪرڻو آهي اهو آهي "وڃڻو" يعني وڃڻ جو ڪم. انهي ڪري ٻئي جملي ۾ "وڃڻو" اسم آهي. جيڪو فعل جي ڌاتوءَ مان نڪتل آهي. جيڪو ڏيکاري ٿو ته حسن کي پوءِ وڃڻو آهي. جنهن ڪري "وڃڻو" اسم استقبال آهي.

وصف: فعل جو اهي صورتون جيڪي اسم يا صفت جو ڪم ڏين، جنهن مان ايندڙ وقت (زمان مستقبل) جي معنيٰ ظاهر ٿئي، تن کي اسم استقبال چئبو آهي. استقبال جي معنيٰ آهي ايندڙ (وقت).

اسم استقبال ٺاهڻ

امر واحد حال جي پڇاڙيءَ ۾ "ڻو" لڳائڻ سان اسم استقبال ٺهي ٿو.

جيئن ته:

امر واحد	اسم استقبال	امر واحد	اسم استقبال
ڪر	ڪرڻو	لک	لکڻو
وڃ	وڃڻو	پڙھ	پڙھڻو
اچ	اچڻو	ڊوڙ	ڊوڙڻو

نوٽ: مٿيان بيان ڪيل لفظ به ساڳي "ڻو" پڇاڙي ملائڻ سان ٺهيا آهن، پر اهي اسم ٿي ڪم آيا آهن.

اسم استقبال جي ترڪيب

مثال: احمد ملڻو جوان آهي.

"ملڻو" اسم استقبال صفاتي لڳي ٿو احمد اسم سان.

5. ماضي معطوفي

مثال: 1. تدبير ماني کاڌي، تدبير اسڪول ويو.

اهي ٻئي جملا گڏيا ته ٿيندو

تدبير ماني کائي، اسڪول ويو.

هتي رڳو "کاڌي" لفظ جو اچار بدلائي "کائي" ڪيوسين ته ٻن جملن مان هڪ جملو ٺهي پيو ۽ ساڳي وقت "کائي" لفظ ڏيکاري ٿو ته، تدبير (فاعل) کائڻ جو ڪم پورو ڪري ٻئي ڪم (اسڪول وڃڻ) کي لڳو يعني "کائي" لفظ ٻن جملن کي گڏي هڪ ڪري ٿو. انهي کي ماضي معطوفي چئبو آهي.

ماضي معطوفيءَ جا وڌيڪ مثال

1. هاريءَ ٻني کيڙي، گهر ويو.
2. سليم ڪتاب پڙهي، پوءِ سمهندو.
3. ٻورچي ماني پچائي، هليو ويو.
4. آءٌ ڪهاڙي کڻي وڻ وڍيندس.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "کيڙي" لفظ جو بنيادي فعل "کيڙ" (مصدر کيڙڻ) مان نڪتل آهي. جيڪا فعل جي هڪ صورت آهي جا فاعل "هاري" کي ٻن جملن سان ڳنڍي ڏيکاري ٿي. ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪيو. اهڙيءَ طرح ٻئي ۽ ٽئين جملن ۾ فاعل (ٻورچي ۽ آءٌ) هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻيو ڪيو.

مٿين جملن ۾ کيڙي، پڙهي، پچائي ۽ کڻي ماضي معطوفي آهن جيڪي ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن ٿا.

وصف: فعل جون اهڙيون صورتون ساڳئي فاعل جي ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن ۽ فاعل سان لڳي ڏيکارين ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري ٻئي کي لڳي ٿو (لڳو آهي يا لڳندو) تن کي ماضي معطوفي جنسو آهي معطوفي جي معنيٰ آهي ڳنڍڻ.

ماضي معطوفي ٺاهڻ

(الف) جن فعلن جي امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش آهي، تن جو پيش ڪڍي "اِي" لڳائڻ سان ماضي معطوفي ٿيندو

جيئن ته: کاءُ مان کائي.

(ب) جن فعلن جي امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ زير اچي تن جي زير ڪڍي "اِي" لڳائڻ سان ماضي معطوفي ٺهي ٿو.

جيئن ته: مار مان ماري وغيره.

نوٽ: اسم مشتق (ڪردنت) وارن جتين اسمن جا نالا "اسم" سان شروع ٿين ٿا. انهي نسبت سان سنڌي جي نامياري عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ماضي معطوفي جو نالو "اسم ماضيه" تجويز ڪيو آهي.

مشق لاءِ سوال

1. ڪردنت ڇا آهي کولي سمجهايو.
2. اسم مشتق ٻا ڪردنت ڪهڙا آهن؟ انهن جا نالا لکو.
3. اسم فاعل ڇاکي چئبو آهي؟
4. اسم فاعل ڪيئن ٺهندو آهي؟
5. هيٺين اسمن مان اسم فاعل ٺاهيو.
گناهه. شرم. خوف. عيب. پڙهو
هيٺين بنيادي فعلن مان ٻي قاعدي ٺهندڙ اسم فاعل لکو
ٽڪ. رل. ڪٽ. ٻڄ. ڇاڪ.
7. اسم مفعول ڪيئن ٺهندو آهي؟ مثالن سان سمجهايو.
8. اسم حاليه. مثالن سان سمجهايو
9. اسم حاليه ڪيئن ٺهندو آهي؟
10. اسم استقبال مثالن سان سمجهايو.
11. اسم استقبال ناهڻ جي وات ٻڌايو؟
12. ماضي معطوفي ڇاکي چئبو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.
13. اهڙا ٻه جملا ٻڌايو جن ۾ ماضي معطوفي ڪم اچي.
14. اهڙا اسم فاعل ٻڌايو جي اسم جي بجاءِ ڪم اچن؟
15. هيٺين جو وصفون لکو.
اسم مفعول. اسم فاعل. اسم استقبال. اسم حاليه.

باب چوٿون

فعل جا زمان Tenses

1. آءُ ڪتاب پڙهان ٿو.
2. مون ڪتاب پڙهيو.
3. آءُ ڪتاب پڙهندس.

پهرئين جملي جي فعل "پڙهان ٿو" مان معلوم ٿيو ته ڪتاب پڙهڻ جو ڪم هلندڙ وقت ۾ ٿئي ٿو. ٻئي جملي جي فعل "پڙهيو" مان معلوم ٿيو ته ڪتاب پڙهڻ جو ڪم گذريل وقت ۾ ٿي چڪو آهي. ۽ آخري جملي جي فعل "پڙهندس" مان معلوم ٿيو ته پڙهڻ جو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو.

فعل جي انهن صورتن جي مان وقت معلوم ٿئي، ان کي "زمان" چئبو آهي. زمان جي معنيٰ آهي "وقت".

زمان جا ٽي قسم آهن. فعل جي اهڙي صورت جنهن مان معلوم ٿئي ته ڪم هلندڙ وقت ۾ ٿئي ٿو، تنهن کي "زمان حال" چئجي ٿو.

جيئن ته پهرئين جملي جي مثال مان ظاهر آهي. جنهن فعل جي صورت مان معلوم ٿئي ته ڪم گذريل وقت ۾ ٿيو آهي، تنهن کي "زمان ماضي" چئبو آهي. "ماضي" جي معنيٰ آهي گذريل (وقت)

اهڙي طرح فعل جي اهڙي صورت جيڪا ڏيکاري ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو، تنهن کي "زمان مستقبل" چئبو آهي. مستقبل جي معنيٰ آهي ايندڙ (وقت) جيئن ته ٽئين آخري جملي مان ظاهر آهي. انهي ڪري زمان ٽي آهن.

1. زمان حال	Present tense
2. زمان ماضي	Past tense
3. زمان مستقبل	Future tense

زمان Tenses



زمان مضارع

مٿي ڄاڻايل زمانن کانسواءِ، زمان مضارع فعل جو اهو زمان آهي جنهن مان زمان حال ۽ زمان مستقبل ٻنهي جي معنيٰ نڪري ٿي. تنهن ڪري انهي زمان کي زمان مضارع چئبو آهي. مضارع جي معنيٰ آهي "ڀائيوار" يعني جنهن مان ٻنهي زمانن حال ۽ مستقبل جو مطلب ظاهر ٿئي.

مثال: 1. آءٌ ڪتاب پڙهان. هيئنر پڙهان (حال) يا ايندڙ وقت ۾ پڙهان (زمان مستقبل)

2. اسين ڪتاب پڙهون.

3. هو ڪتاب پڙهي.

مٿين جملن ۾ مفعول جي ٻنيان جيڪي فعل "پڙهان" "پڙهون" مان معلوم ٿيو ته پڙهڻ واري ڪم جو مطلب ٻنهي زمانن يعني زمان حال ۽ زمان مستقبل مان ظاهر ٿئي ٿو. هي زمان، زمان حال جو هڪ قسم آهي.

وصف: زمان مضارع فعل جي اها صورت آهي، جا ڏيکاري ته فعل، زمان حال ۽ زمان مستقبل ٻنهي مان لاڳاپو رکي ٿو. تنهن ڪري زمان مضارع چئبو آهي. مضارع جي معنيٰ آهي "ڀائيوار".

زمان مضارع ناقص

امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪڏهن پيش يا زير هجي ته آهي ڪڍي فقط "ي" ڪڍڻ مان زمان مضارع واحد غائب ٺهندو.

جيئن ته:

امر واحد	زمان مضارع
پڙهه	پڙهي
کاءُ	کائي
مار	ماري
ڪر	ڪري

زمان مضارع جو گردان (ڦيرو)

ضمير	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ پڙهان	آءٌ پڙهان	اسين پڙهون	اسين پڙهون
ضمير حاضر	تون پڙهين	تون پڙهين	اوهان پڙهو	اوهان پڙهو
ضمير غائب	هو پڙهي	هوءَ پڙهي	هو پڙهن	هو پڙهن

1. زمان حال Present tense

زمان حال جا هيٺيان چار قسم آهن

زمان حال

1. زمان حال 2. زمان حال استمراري 3. زمان حال مدامي 4. زمان حال مشڪي

زمان حال Present indifinte

1. حسن کيڏي ٿو.
2. اصغر پڙهي ٿو.
3. اسما دوڙي ٿي.

مٿين مثالن مان ظاهر آهي. فاعل فعل وارو ڪم هينئر يعني هلندڙ وقت ۾ ڪري ٿو. اهڙي زمان کي زمان حال چئبو آهي.

زمان حال ناهڻ

مٿين جملن ۾ کيڏي، پڙهي ۽ دوڙي زمان مضارع آهن. اهڙي طرح زمان مضارع جي پڇاڙي واحد مذڪر غائب جي حالت ۾ زمان "ٿو" ۽ واحد مؤنث غائب جي حالت ۾ "ٿي" لڳائڻ سان زمان حال ٺهندو.

زمان حال جو ڦيرو "گردان"

ضمير خالص	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ پڙهان ٿو.	آءٌ پڙهان ٿي.	اسين پڙهون ٿا.	اسين پڙهون ٿيون.
ضمير حاضر	تون پڙهين ٿو.	تون پڙهين ٿي.	اوهان پڙهو ٿا.	اوهان پڙهو ٿيون.
ضمير غائب	هو پڙهي ٿو.	هوءَ پڙهي ٿي.	هو پڙهن ٿا.	هو پڙهن ٿيون.

2. زمان حال استمراري Present continuous

1. جانو خط لکي پيو. (پيو لکي)
2. خانو هر ڪاهي پيو. (پيو ڪاهي)
3. مريم ڪتاب پڙهي پيئي. (پيئي پڙهي)
4. آءٌ ڪراچيءَ وڃا پيو (پيو وڃا)

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته سندن فاعل فعل وارو ڪم هلندڙ وقت ۾ لڳاتار جاري رکندو اچي، تن کي زمان حال استمراري چئبو آهي. استمراري جي معنيٰ آهي جاري.

زمان حال استمراي ٺاهڻ

واحد مذڪر غائب جي حالت ۾ فعل معاون "پيو" (مصدر پوڻ) ۽ واحد مؤنث جي حالت ۾ "پيئي" زمان مضارع جي پٺيان لڳڻ سان ٺهي ٿو.

زمان حال استمراريءَ جو ڦيرو (گردان)

ضمير خالص	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ پڙهان پيو.	آءٌ پڙهان پيئي.	اسين پڙهون پيا.	اسين پڙهون پيون.
ضمير حاضر	تون پڙهين پيو.	تون پڙهين پيئي.	اوهان پڙهو پيا.	اوهان پڙهو پيون.
ضمير غائب	هو پڙهي پيو.	هوءَ پڙهي پيئي.	هو پڙهن پيا.	هو پڙهن پيون.

3. زمان حال مدامي Present habitual

1. اسلم ڪتاب پڙهندو آهي.
2. سليم اسڪول ويندو آهي.
3. عمر کيڏندو آهي.

مٿين جملن مان معلوم ٿيو ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت کان وٺي ڪندو رهي ٿو. جو اڃا پيو ٿئي يا ٿيندو رهي ٿو. اهڙي زمان کي زمان حال مدامي چئبو آهي. مدامي جي معنيٰ آهي هميشه.

زمان حال مدامي ٺاهڻ

مٿين مثالن ۾ پڙهندو، ويندو، لکندو ۽ کيڏندو سڀ اسم حاليه آهن. اسم حاليه جي پڇاڙيءَ ۾ هجڻ مصدر جو زمان حال ڳنڍڻ سان زمان حال مدامي ٺهي ٿو.

زمان حال مدامي جو ڦيرو

ضمير خالص	عدد واحد		عدد جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءُ لکندو آهيان.	آءُ لکندي آهيان	اسين لکندا آهيون. اوهان لکندا آهيو.	اسين لکنديون آهيون.
ضمير حاضر	تون لکندو آهين.	تون لکندي آهين.	هو لکندا آهن.	اوهين لکنديون آهيو.
ضمير غائب	هو لکندو آهي.	هوءَ لکندي آهي.		هو لکنديون آهن

4. زمان حال متشڪي Present Dubilative

1. اسد خط لکندو هوندو.
2. رشيد ڪتاب پڙهندو هوندو.
3. اسلم ڳوٺ ويندو هوندو.

مٿين جملن مان معلوم ٿيو ته فاعل فعل وارو ڪم هلندڙ وقت ۾ ڪري ٿو پر ان جي ڪرڻ ۾ شڪ آهي. اهڙي زمان کي زمان حال متشڪي چئبو آهي. متشڪي جي معنيٰ آهي جنهن ۾ شڪ هجي.

زمان حال متشڪي ناهڻ

جيئن ته مٿين جملن ۾ لکندو، پڙهندو ۽ ويندو اسم حاليه آهن. جنهن ڪري زمان حال متشڪي ناهڻ لاءِ، اسم حاليه جي پٺيان فعل معاون جي مصدر "هئڻ" جو زمان مستقبل "هوندو" لڳائڻ سان زمان حال متشڪي ٺهندو آهي.

زمان حال متشڪي جو قيرو.

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ ويندو هوندس.	آءٌ ويندي هونديس.	اسين ويندا هونداسين.	اسين وينديون هونديونسين.
ضمير حاضر	تون ويندو هوندين.	تون ويندي هونديئن.	اوهين ويندا هوندا.	اوهين وينديون هونديون.
ضمير غائب	هو ويندو هوندو.	هوءَ ويندي هوندي.	هو ويندا هوندا	هو وينديون هونديون.

2. زمان ماضي Past tense

زمان ماضيءَ جا هيٺيان ست قسم آهن.

زمان ماضي Kinds of past tense

1. ماضي مطلق
2. ماضي قريب
3. ماضي بعيد
4. ماضي استمراري
5. ماضي متشڪي
6. ماضي مدامي
7. ماضي شرطيه

1. زمان ماضي مطلق Past Indefinite

1. اتور ڪتاب پڙهيو.
2. قاسم خط لکيو.
3. علي اسڪول ويو.
4. صفر ٽانگ ماريو.

مٿين جملن ۾ پڙهيو، لکيو ۽ ويو فعلن مان ظاهر آهي تہ فاعل فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ڪيو آهي، تنهن ڪري: اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين فاعل فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ڪري چڪو آهي، مطلق جي معنيٰ آهي پورو.

ماضي مطلق ٺاهڻ

امر واحد مذڪر غائب جي پٺيان "يو" لڳائڻ سان ماضي مطلق ٺهندو. جيئن تہ "مار" امر واحد مان "ماريو" ۽ پڙهہ مان "پڙهيو" وغيره يا پڙهيو، لکيو ۽ ويو وغيره اسم مفعول آهن. تنهن ڪري فاعل جي پٺيان اسم مفعول ملائڻ سان زمان ماضي مطلق ٺهندو.

زمان ماضي مطلق جو ڦيرو

فعل لازمي آيو (مصدر اچڻ)

ضمير	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ آيس	آءٌ آيس	اسين آياسين	اسين آيون سين
ضمير حاضر	تون آئين	تون آئينءَ	اوهان آيا	اوهين آيون
ضمير غائب	هو آيو	هوءَ آئي	هو آيا	هو آيون

نوٽ: فعل لازمي جي حالت ۾ فعل پنهنجي فاعل سان ضمير جنس ۽ عدد ۾ ڦري ٿو. پريوگ ڪرتري آهي. پريوگ جو بيان اڳتي ايندو.

زمان ماضي مطلق جو فعل متعدي ۾ ڦيرو.

ضمير	واحد		جمع	
	مذڪر	مونث	مذڪر	مونث
ضمير متڪلم	مون پڙهيو	مون پڙهيو	اسان پڙهيو	اسان پڙهيو.
ضمير حاضر	تو پڙهيو	تو پڙهيو	اوهان پڙهيو	اوهان پڙهيو.
ضمير غائب	هن پڙهيو	هن پڙهيو	هنن پڙهيو	هنن پڙهيو.

نوٽ: مٿين گردان مان معلوم ٿيو ماضي مطلق فعل متعدي جي حالت ۾ فعل پنهنجي فاعل سان ضمير، جنس ۽ عدد ۾ نٿو ڦري، يعني بيرنگ ٻاري آهي.

2. زمان ماضي قريب Present perfect

1. انور ڪتاب پڙهيو آهي.
2. طالب خط لکيو آهي.
3. يوسف ٻڌ ڏنو آهي.
4. عابد گوشت ورتو آهي.

مٿين جملن ۾ "پڙهيو آهي" ۽ "لکيو آهي" فعلن مان ظاهر آهي ته فاعل فعل وارو ڪم، زمان ماضي ۾ ڪيو آهي، پر سهه ويجهڙائي ۾ ڪيو آهي، تنهن ڪري "اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين فاعل فعل وارو ڪم ٿورو اڳ ۾ ويجهڙائي ۾ ڪيو آهي جنهن جو اثر اڃا باقي آهي اهڙي زماني کي زمان ماضي قريب چئبو آهي. قريب جي معنيٰ آهي ويجهو.

زمان ماضي قريب ٺاهڻ

اسم مفعول (امر واحد جي پويان "يو" بجاءِ واري صورت وارو) جي پٺيان فعل معاون واري مصدر "هئڻ" جو زمان حال "آهي" ڳنڍڻ سان زمان ماضي قريب ٺهندو آهي.

زمان ماضي قريب جو ڦيرو

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مونث	مذڪر	مونث
ضمير متڪلم	مون ماريو آهي	مون ماريو آهي	اسان ماريو آهي	اسان ماريو آهي.
ضمير حاضر	تو ماريو آهي	تو ماريو آهي.	اوهان ماريو آهي	اوهان ماريو آهي
ضمير غائب	هن ماريو آهي	هن ماريو آهي	هنن ماريو آهي	هنن ماريو آهي.

نوٽ: زمان ماضي قريب ۾ فعل متعدي ۾ پنهنجي فاعل سان ضمير جنس ۽ عدد ۾ نٿو ڦري بيبرگ پاڻي آهي.

3. زمان ماضي بعيد Past perfect

1. احمد ڪتاب پڙهيو هو.
2. عرس نانگ ماريو هو.
3. سجڻ وڻ وڍيو هو.
4. مون خط لکيو هو.

مٿين مثالن ۾ "پڙهيو هو" ۽ "ماريو هو" فعلن مان ظاهر آهي ته فاعل فعل وارو ڪم گهڻو وقت اڳي ڪيو هو

تشهن ڪري

وصف: اهڙا فعل جن مان ظاهر ٿئي ته فاعل فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ گهڻو اڳ ڪيو هو. اهڙي زمان کي زمان ماضي بعيد چئبو آهي.

بعيد جي معنيٰ آهي پري يا ڏور.

ماضي بعيد ٺاهڻ

اسم مفعول جي پٺيان فعل معاون "هئڻ" مصدر جو زمان ماضي "هو" گڏڻ سان زمان ماضي بعيد ٺهي ٿو.

زمان ماضي بعيد جو ڦيرو

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	مون پڙهيو هو.	مون پڙهيو هو.	اسان پڙهيو هو.	اسان پڙهيو هو.
ضمير حاضر	تو پڙهيو هو.	تو پڙهيو هو.	اوهان پڙهيو هو.	اوهان پڙهيو هو.
ضمير غائب	هن پڙهيو هو.	هن پڙهيو هو.	هنن پڙهيو هو.	هنن پڙهيو هو.

زمان ماضي بعيد ۾ فعل پنهنجي فاعل سان (فعل متعدي جي حالت ۾) ضمير، جنس ۽ عدد ۾ عدد ۾ نٿو ڦري. بيبرگ پاڻي آهي.

4. زمان ماضي استمراري Past continuous

1. اسلم پڙهيو ٿي يا پڙهيو پئي.
2. سليم ماريو ٿي يا ماريو پئي.
3. مريم لکيو پئي يا پئي لکيو.

مٿين مثالن پڙهيو ٿي، لکيو پئي ۽ ماريو پئي مان معلوم ٿيو ته گذريل وقت ۾ پڙهڻ، لکڻ ۽ مارڻ جو ڪم پورو نه ٿيو هو، پر لڳاتار جاري هو. تنهن ڪري "اهڙا فعل جن مان ظاهر ٿئي ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ پئي ڪيو يا جاري رکيو آهي. اهڙي زمان کي ماضي استمراري چئبو آهي. استمراري جي معنيٰ آهي "جاري"

زمان ماضي استمراري ٺاهڻ

اسم مفعول جي پڇاڙي يا اڳيان فعل معاون "پوڻ" يا "ٿيڻ" مصدر جي زمان مضارع "پئي" يا "ٿي" گڏجڻ سان زمان ماضي استمراري ٺهندو آهي.

زمان ماضي استمراري جو ڦيرو (فعل متعدي ۾)

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	مون لکيو پئي.	مون لکيو پئي.	اسان لکيو پئي.	اسان لکيو پئي.
ضمير حاضر	تو لکيو پئي.	تو لکيو پئي.	اوهان لکيو پئي.	اوهان لکيو پئي.
ضمير غائب	هن لکيو پئي.	هن لکيو پئي.	هنن لکيو پئي.	هنن لکيو پئي.

5. زمان ماضي مشڪوڪ Past perfect

1. عمر پڙهيو هوندو.
2. انور ڪيڏيو هوندو.
3. حسين لکيو هوندو.
4. پپرل ون وڍيو هوندو.

مٿين جملن ۾ ڪم آيل فعلن مان معلوم ٿيو ته فاعل، فعل وارو ڪم ڪيڪو گذريل وقت ۾ ڪيو. انهي جي ٿيڻ ۾ شڪ آهي.

تنهن ڪري:

"اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته سندن فاعلن جيڪو ڪم گذريل وقت ۾ ڪيو آهي انهن جي ٿيڻ ۾ شڪ آهي. اهڙي زمان کي "زمان متشڪي" چئبو آهي. متشڪي، جي معنيٰ آهي "شڪ وارو"

زمان ماضي متشڪي ناهڻ

مٿين جملن ۾ پڙهيو، ڪيڏيو ۽ لکيو اسم مفعول آهن. ضمير واحد غائب مذڪر جي حالت ۾ اسم مفعول جي پٺيان "هئڻ" مصدر جو زمان مستقبل "هوندو" گڏڻ سان زمان ماضي متشڪي ٺهندو آهي. جيئن ته مٿين مثالن مان ظاهر آهي.

زمان ماضي متشڪيءَ جو ڦيرو (گردان)

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	مون پڙهيو هوندو.	مون پڙهيو هوندو.	اسان پڙهيو هوندو.	اسان پڙهيو هوندو.
ضمير حاضر	تو پڙهيو هوندو.	تو پڙهيو هوندو.	اوهان پڙهيو هوندو.	اوهان پڙهيو هوندو.
ضمير غائب	هن پڙهيو هوندو.	هن پڙهيو هوندو.	هنن پڙهيو هوندو.	هنن پڙهيو هوندو.

6. زمان ماضي مدامي Past habutual

1. عمر ڪتاب پڙهندو هو.

2. حسن ڪاپي لکندو هو.

3. واڇو ڪرسي ٺاهيندو هو.

مٿين فعلن مان معلوم ٿيو ته فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ هميشه ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته "مدام" جي معنيٰ آهي "هميشه"

تنهن ڪري:

اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته سندن فاعل، فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ هميشه ڪندو هو. اهڙي زمان کي زمان ماضي مدامي چئبو آهي.

زمان ماضي مدامي ناهڻ

مٿين جملن ۾ "پڙهندو" لکندو ۽ ناهيندو اسم حاليه آهن. تنهن ڪري، اسم حاليه جي پٺيان، فعل معاون جي مصدر "هئڻ" جو زمان ماضي مطلق "هو" ڪلڻ سان ماضي مدامي واحد مذڪر غائب ٺهندو آهي.

زمان ماضي، مدامي جو ڦيرو (گردان)

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءُ پڙهندو هئس.	آءُ پڙهندي هيس.	اسان پڙهندا هئاسين.	اسين پڙهنديون هيونسين.
ضمير حاضر	تون پڙهندو هئين.	تون پڙهندي هئين.	اوهان پڙهندا هئا.	اوهان پڙهنديون هيون.
ضمير غائب	هو پڙهندو هو.	هوءَ پڙهندي هئي.	هو پڙهندا هئا.	هو پڙهنديون هيون.

7. زمان ماضي شرطيه Past conditional

1. الياس ڪهڻ وڃي ها، جيڪڏهن سندس دوست اچي ها.
2. اسحاق رڻ ڏي ها، جيڪڏهن ونس ڪهاڙي هجي ها.
3. سليم اچي ها، جيڪڏهن ڪيس خبر هجي ها.

مٿين جملن ۾ فعلن جا فاعل گذريل وقت ۾ اهو ڪم پورو ڪن ها، جيڪڏهن سندن شرط پورا ٿين ها.

تنهن ڪري: "اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته ڪنهن شرط پوري ٿيڻ بعد فعل جا فاعل، فعل وارو ڪم پورو ڪن ها. اهڙي زمان کي ماضي شرطيه چئبو آهي. شرطيه جي معنيٰ جنهن ۾ شرط پيل هجي.

زمان ماضي شرطيه ناهڻ

مٿين جملن ۾ "وڃي"، "وڍي" ۽ "اچي" زمان مضارع آهن. تنهن ڪري زمان مضارع جي پٺيان فعل معاون جي مصدر "هئڻ" جو فعل "ها" لڳائڻ سان زمان ماضي شرطيه ٺهندو آهي.

نوٽ: زمان ماضي شرطيه جو ڦيرو نه ٿيندو آهي.

3.زمان مستقبل Future tense

زمان مستقبل ٻن قسمن جا ٿين ٿا.

زمان مستقبل

مستقبل مطلق | مستقبل استمراري

1. زمان مستقبل مطلق

مثال: 1. عيسيٰ سڀاڻي اسڪول ويندو.

2. موسيٰ ڪتاب پڙهندو.

مٿين جملن مان معلوم ٿيو ته فاعل اهو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو. تنهن ڪري:

"اهڙا فعل جن مان معلوم ٿئي ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو، اهڙي زمان کي زمان مستقبل مطلق چئبو آهي. مستقبل جي معنيٰ آهي ايندڙ وقت يا اچڻ وارو زمانو.

زمان مستقبل ناهڻ

ضمير واحد مذڪر غائب جي حالت ۾ فاعل جي پٺيان اسم حاليه ڪڏڻ سان زمان مستقبل ٺهندو. جيڪڏهن اسم حاليه جي امر واحد جي پڇاڙي زبر واري هجي ته "يندو" ۽ جيڪڏهن امر واحد جي پڇاڙي پيش واري هجي ته "ندو" ڪڏڻ سان زمان مستقبل ٺهندو.

زمان مستقبل جو ڦيرو (گردان)

ضمير خالص	واحد		جمع	
	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ پڙهندس	آءٌ پڙهنديس	اسين پڙهنداسين	اسين پڙهنديون سين
ضمير حاضر	تون پڙهندين	تون پڙهندين	اوهان پڙهندا	اوهان پڙهنديون
ضمير غائب	هو پڙهندو	هوءَ پڙهندي	هو پڙهندا	هو پڙهنديون

2.زمان مستقبل استمراري Future continouos

1. ڪمال پيو ڪاڻيندو.
2. جمال پيو لکندو.
3. واڊو ڪرسي پيو ناهيندو.

مٿين جملن مان معلوم ٿيو ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندي ۽ لڳاتار پيو ڪندو، جيئن ته "پيو ڪاڻيندو" ۽ "پيو لکندو" فعلن مان ظاهر آهي ته فاعل فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ڪندو ۽ لڳاتار جاري رکيو ايندو. تنهن ڪري اهڙي زمان کي زمان مستقبل استمراري چئبو آهي.

زمان مستقبل استمراري ناهڻ

مٿين جملن ۾ "ڪاڻيندو"، "لکندو" ۽ "ناهيندو" اسم حاليه آهن. انهن جي اڳيان يا پويان فعل معاون جي مصدر "پوڻ" جو ماضي "پيو" ملائڻ سان زمان مستقبل استمراري ضمير غائب واحد مذڪر ٺهندو.

زمان مستقبل استمراري جو قيرو (گردان)

ضمير خالص	واحد: مذڪر	واحد: مؤنث	جمع: مذڪر	جمع: مؤنث
ضمير متڪلم	آءٌ پيو پڙهندس.	آءٌ پيئي پڙهنديس.	اسين پيا پڙهنداسين.	اسين پيون پڙهنديونسين.
ضمير حاضر	تون پيو پڙهندين.	تون پيئي پڙهندينءَ.	اوهان پيا پڙهندا.	اوهان پيون پڙهنديون.
ضمير غائب	هو پيو پڙهندو.	هوءَ پيئي پڙهندي.	هو پيا پڙهندا.	هو پيون پڙهنديون.

زمانن جو دؤر

زمان ڪل 14 آهن. هڪ زمان مضارع، چار زمان حال، ست زمان ماضي ۽ ٻه زمان مستقبل.

نوٽ: سڀ مثال صيغي واحد مذڪر غائب ۾ ڏنل آهن.

زمان مضارع جو هڪ قسم مثال: هو وڃي.

1. زمان حال مطلق — مثال: هو پڙهي ٿو.
2. زمان حال استمراري — مثال: هو پڙهي پيو.
3. زمان حال مدامي — مثال: هو پڙهندو آهي.
4. زمان حال متشڪڪ — مثال: هو پڙهندو هوندو.

زمان ماضيءَ جا ست قسم آهن

1. ماضي مطلق — مثال: هن پڙهيو يا ڇوڪر پڙهيو.
2. ماضي قريب — مثال: هن پڙهيو آهي.
3. ماضي بعيد — مثال: هن پڙهيو هو.
4. ماضي استمراري — مثال: هن پئي پڙهيو يا هن پڙهيو پئي.
5. ماضي متشڪي — مثال: هن پڙهيو هوندو
6. ماضي مدامي — مثال: هو پڙهندو هو.
7. ماضي شرطي — مثال: هو پڙهي ها، جيڪڏهن ڪيس وقت ملي ها.

زمان مستقبل جا ٻه قسم آهن

1. زمان مستقبل مطلق — مثال: هو پڙهندو.
2. زمان مستقبل استمراري — مثال: هو پيو پڙهندو يا هو پڙهندو پيو.

نوٽ: جيئن ته سڀ زمان هڪ ڪردنت يا مشتق مان نڪتل ته آهن، پر جدا جدا ڪردنتن مان نڪتل آهن. جنهن ڪري هرهڪ ڪردنت يا مشتق مان نڪتل زمان هيٺ ڏجن ٿا.

اسم حاليه مان نڪتل زمان


1. زمان حال مدامي
2. زمان حال متشڪي
3. زمان ماضي مدامي
4. زمان مستقبل استمراري
5. زمان مستقبل مطلق

زمان مضارع مان نڪتل زمان

1. زمان مضارع
2. زمان حال مطلق
3. زمان حال استمراري
4. زمان ماضي شرطي

اسم مفعول مان نڪتل زمان

1. ماضي مطلق
2. ماضي قريب
3. ماضي بعيد
4. ماضي متشڪي
5. ماضي استمراري


زمانن ناهڻ جو چارٽ
مصدر- پڙهڻ
امر واحد- پڙهه
زمان مضارع (پڙهي)
زمان حال (پڙهي ٿو)
زمان حال استمراري (پڙهي پيو)
زمان ماضي شرطيه (پڙهي ها)
اسم حاليه (پڙهندو)
زمان مستقبل (پڙهندو)
زمان مستقبل استمراري (پڙهندو پيو)
زمان حال مدامي (پڙهندو آهي)
زمان ماضي مدامي (پڙهندو هو)
زمان حال متشڪي (پڙهندو هوندو)
اسم مفعول (پڙهيو)
ماضي مطلق (پڙهيو)
ماضي قريب (پڙهيو آهي)
ماضي بعيد (پڙهيو هو)
ماضي متشڪي (پڙهيو هوندو)
ماضي استمراري (پڙهيو پئي)

مشق لاءِ سوال

سوال

1. فعلن جي زمانن جا قسم مثالن سان سمجهايو.
2. هيٺين زمانن جون وصفون لکي مثالن سان سمجهايو.

زمان ماضي مدامي. زمان مستقبل. ماضي قريب. زمان حال استمراري. ماضي بعيد.

3. امر واحد حال "لک" مان. ماضي قريب. زمان مضارع. ماضي مدامي. مستقبل استمراري ٺاهيو.
4. زمان حال جا قسم مثالن سان لکو.
5. ڪهڙا زمان امر حاضر مان ٺهندا آهن؟
6. "پڙهه" امر واحد حال مان ماضي بعيد جو گردان لکو.
7. هيٺين جملن ۾ جن فعلن جو زمان "ماضي" هجي سي چونڊيو ۽ ٻڌايو ته هر هڪ ڪهڙي قسم جو زمان ماضي آهي؟

1. 1965ع ۾ ڀارت پاڪستان تي حملو ڪيو.
2. ڀارت لاهور فتح ڪرڻ ٿي چاهيو.
3. ڀارت پاڪستان کي فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو.
4. ڀارت اهڙو ناپاڪ ارادو ڪيو هوندو.
5. ڀارت کي اهڙي سگهه هجي ها. ته لاهور فتح ڪري سگهي ها.
6. پاڪستان ڀارت تي ڪامياب حملو ڪيو آهي.
7. تاريخ ٻڌائي ٿي ته مسلمان هميشه حق لاءِ وڙهندو آهي.

ظرف Adverb

1. اڄ عيد آهي.
2. سڀاڻي اسڪول کلندو.
3. استاد هينئر ريو آهي.

مٿين جملن جي پهرئين جملي ۾ "آهي" فعل آهي. پر "اڄ" لفظ مان خبر پوي ٿي ته عيد ڪڏهن آهي؟ يعني عيد هئڻ جي وقت جي خبر پوي ٿي. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ "کلندو" لفظ فعل آهي پر "سڀاڻي" لفظ مان اسڪول کلڻ جو وقت معلوم ٿئي ٿو. ٽئين جملي ۾ "ريو آهي" فعل آهي. پر "هينئر" لفظ مان استاد جي ويڃڻ جو وقت معلوم ٿئي ٿو. تنهن ڪري: اڄ، سڀاڻي ۽ هينئر لفظن مان وقت جي خبر پوي ٿي ۽ اهي لفظ فعلن سان لڳن ٿا. اهڙا لفظ جيڪي فعلن سان لڳن، منجهائن وقت جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئبو آهي.

2

1. احمد هيٺ ويٺو آهي.
2. سليم مٿي آهي.
3. هتي گهڻا باغ آهن.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "آهي" فعل آهي. پر "هيٺ" لفظ مان احمد جي ويهڻ جي جاءِ معلوم ٿئي ٿي. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ به "آهي" فعل آهي، پر "مٿي" لفظ مان سليم جي مٿي هئڻ جي جاءِ معلوم ٿئي ٿي. آخري جملي ۾ "آهن" فعل آهي پر "هتي" لفظ مان گهڻن باغن هئڻ جي جاءِ معلوم ٿئي ٿي. يعني هيٺ، مٿي ۽ هتي لفظن مان جاءِ جي خبر پوي ٿي ۽ اهي لفظ فعلن سان لڳن ٿا انهي ڪري اهڙا لفظ جن مان جاءِ جي معنيٰ نڪري تن کي ظرف چئبو آهي.

3

1. سهو تکو ڊوڙي ٿو.

2. ڪڇڪون آهستي هلي ٿو.

پهرئين جملي ۾ "ڊوڙي ٿو" فعل آهي، پر "تکو" لفظ مان خبر پوي ٿي ته سهو ڪهڙي ريت ڊوڙي ٿو. ٻئي جملي ۾ "هلي ٿو" فعل آهي پر "آهستي" لفظ مان خبر پوي ٿي ته ڪڇڪون ڪهڙي ريت هلي ٿو. يعني تکو ۽ آهستي لفظن مان ريت جي خبر پوي ٿي ۽ اهي لفظ فعلن سان لڳن ٿا. اهڙا لفظ جن مان ريت جي معنيٰ نڪري ٿي تن کي ظرف چئبو آهي.

4

1. اڄ احمد آفيس ڪونه ويندو.

2. هي انب مٺا نه آهن.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "ويندو" لفظ فعل آهي ۽ "ڪونه" لفظ مان خبر پوي ٿي ته احمد آفيس نه ويندو. ٻئي جملي ۾ "آهن" لفظ فعل آهي، پر "نه" لفظ مان انڪار جي معنيٰ نڪري ٿي.

اهڙا لفظ جيڪي فعل سان لڳن، منجهانئن ناڪار يا انڪار جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئبو آهي.

5

1. نسرين تمام هوشيار ڇوڪري آهي.

مٿين جملي ۾ "هوشيار" لفظ صفت آهي ۽ "تمام" لفظ جيڪو ظرف آهي سو صفت "هوشيار" سان لاڳو ٿي، هن جي هوشياريءَ جو قدر يا انداز ڄڻيءَ طرح ڄاڻائي ٿو.

6

1. ماڪوڙي تمام آهستي هلي ٿي.

مٿي جملي ۾ "آهستي" لفظ ظرف آهي. منجهانئس ريت جي معنيٰ نڪري ٿي فعل "هلي ٿي" سان لڳي ٿو. ان جي اڳيان لفظ "تمام" اچڻ ڪري آهستي هلڻ جي ڄڻي خبر پوي ٿي "تمام" لفظ به ظرف آهي جيڪو ٻئي ظرف "آهستي" سان لڳي ٿو.

مٿين سڀني مثالن مان ظاهر ٿيو ته جيڪي لفظ فعل، صفت ۽ ٻئي ظرف سان لڳي، وقت، جاءِ، ريت، قدر ۽ ناڪار جي معنيٰ ڏيکارين تن کي ظرف چئبو آهي.

وصف: اهڙا لفظ جيڪي فعل، صفت ۽ ٻئي ظرف سان لاڳاپو ڏيکارين منجهائن، وقت، جاءِ، ريت قدر ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري تن کي ظرف چئبو آهي. ظرف جي معنيٰ آهي ٿانءُ يا برتن.

نوٽ: جيئن برتن ۾ ڪاٺ ۽ پيشن جو ڪم ٿئي ٿو، تيئن جملن ۾ اهڙا ظرف چٺڪ ڪئي برتن آهن، جن ۾ فعل وارا ڪم ٿين ٿا.

ظرف جا قسم Kinds of Adverbs



1. ظرف زمان:

اهڙا ظرف جن مان وقت جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف زمان چئبو آهي. زمان جي معنيٰ آهي وقت.

جيئن ته: اڄ، سڀاڻي، ڪالهه، هينئر، دير، اوير سوير، اڳ، پوءِ، سدائين، نيت هميشه، هاڻي، جڏهن، تڏهن ظرف زمان جا مثال آهن.

2. ظرف مڪان:

اهڙا زمان جن مان مڪان يعني جاءِ جي معنيٰ نڪري تن کي ظرف مڪان چئبو آهي.

جيئن ته: هيٺ، مٿي، اندر، ٻاهر، هتي، هُتي، اڳيان، پٺيان، هيڏانهن، هوڏانهن ۽ ڪٿي وغيره، ظرف مڪان جا مثال آهن.

3. ظرف تميز:

اهڙا لفظ جن مان ريت، قدر ۽ اندازي جي معنيٰ نڪري تن کي ظرف تميز چئبو آهي. تميز جي معنيٰ آهي دستور يا ريت.

جيئن ته: آهستي، هريري، جيئن تيئن، هرويرو، مس مس، تمام، گهڻو، ڏاڍو، جيڪر، تڪڙو، هوريان وغيره، ظرف تميز جا مثال آهن.

4. ظرف نفي يا انڪاري:

اهڙا ظرف آهن، جن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي ڪي ظرف نفي يا انڪاري سڏبو آهي. "نفي" جي معنيٰ آهي انڪار ڪرڻ يا ناڪار. جيئن ته: متان، نه، م ۽ ڪين وغيره ظرف نفي جا مثال آهن.

نوٽ: عام طرح هن ظرف جو شمار ظرف تميز ۾ ٿيندو آهي.

ظرف جي ترڪيب Passing of Adverb

مثال: اڄ تمام تڪڙو وڃ، دير نه ڪر.

"اڄ" ظرف زمان. لڳي ٿو فعل "وڃ" سان.

"تمام" ظرف تميز لڳي ٿو ٻئي ظرف "تڪڙو" سان.

"تڪڙو" ظرف تميز لڳي ٿو فعل "وڃ" سان.

"دير" ظرف زمان. لڳي ٿو فعل "ڪر" سان.

"نه" ظرف نفي لڳي ٿو فعل "ڪر" سان.

مثال ٻيو: عمر تمام نيڪ ڇوڪرو آهي.

"تمام" ظرف تميز لڳي ٿو "نيڪ" صفت سان.

مڪمل ترڪيب Complete parsing

هيٺين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن جي ترڪيب

1. اسلم ڏاڍو محنتي استاد آهي.

2. سوز ڏهه ڪتاب پڙهيا.

3. دير ڪرڻ مان گهڻائي نقصان آهن.

4. واه واه! اڄ منهنجا ماءُ پيءُ اچڻا آهن.

5. خط لکايو ويو.

http://soorihsindhiadab.website.2.me

ليڪ ڏنل لفظن جي ترڪيب

1. اسلم: اسم خاص جنس مذڪر عدد واحد حالت فاعلي فاعل آهي "آهي" فعل جو.

ڏاڍو: ظرف تميز لڳي ٿو صفت "محنتي" سان.

2. مون: ضمير متڪلم جنس مذڪر / مؤنث عدد واحد حالت فاعلي. فاعل آهي "پڙهيا" فعل جو.

پڙهيا: فعل متعدي معروف مفرد باقاعدي پريوگ ڪرمڻي. جنس مذڪر / مؤنث سندس فاعل آهي "مون" ۽ ڪتاب سندس مفعول آهي.

3. دير: ظرف زمان. لڳي ٿو "آهن" فعل سان.

ڪرڻ: اسم مصدر حالت جري سببان "مان" حرف جرجي.

مان: حرف جر. لڳي ٿو. اسم مصدر "ڪرڻ" سان.

4. واه واه: حرف ندا خوشي جي معنيٰ ظاهر ڪئي ٿي.

اڳها: اسم استقبال جنس مذڪر / مؤنث عدد جمع حالت فاعلي فاعل آهي. "آهن" فعل جو.

5. لکايو ويو: فعل متعدي مجهول بالواسطه مرڪب پريوگ ڪرمڻي زمان ماضي قريب ضمير واحد غائب جنس مذڪر سندس فاعل خط آهي (فاعل گجهو آهي.) مفعول ٿري فاعل جي جاءِ ورتي آهي.

حرف جر Preposition

1. ميز تي ڪتاب رکيو آهي.
2. کيڙي ۾ مس آهي.
3. مون وٽ قلم آهي.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "تي" لفظ ميز اسم جي پٺيان آيو آهي. ميز ۽ ڪتاب جي وچ ۾ لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

ٻئي جملي ۾ کيڙي، اسم جي پٺيان "۾" لفظ آيو آهي جيڪو کيڙي، جو مس سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

آخري جملي ۾ "مون" ضمير جي پٺيان "وٽ" لفظ ڪم آيو آهي. جيڪو "مون" ضمير جو قلم سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

انهن اهڙن لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظن (تي ۾، وٽ) کي حرف جر چئبو آهي.

وصف: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان اچن ۽ انهن جو لاڳاپو جملي جي ٻئي ڪنهن لفظ سان ڏيکارين اهڙن لفظن کي حرف جر چئبو آهي. "جر" لفظ جي معنيٰ آهي ڪشش يا ڇڪ.

هيٺيان لفظ حرف جر آهن: مان، کان، ڏانهن، وٽ، وٽان، وٽون، لاءِ، تائين، ري، سواءِ، خاطر، جو، جا، جي، جون، توڙي، ڀنا، ۾، ڏي، واسطي بدران، ٻاران، کان، پڄاڻا وغيره.
نوٽ: جو، سندو، وارو، واري، حرف اضافت آهن. پر اهي به حرف جر ۾ شامل آهن.

حرف جملو Conjuction

1. خليل ۽ عمر اسڪول وڃن ٿا.
2. مضمون لکو يا حساب ڪريو.
3. احمد رڳو ڳائيندو نه، پر شاعر به آهي.
4. انور خط لکيو ته به هو نه آيو.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "۽" لفظ ٻن (اسمن) خليل ۽ عمر کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ ٻن لفظن مضمون ۽ حساب جملي جي انهن ٻنهي لفظن کي "يا" لفظ پاڻ ۾ ڳنڍي هڪ ٻئي سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ٽئين جملي ۾ احمد رڳو گائڻو نه "پر" شاعر به آهي. جملي جا ٻه ڀاڱا آهن، جن کي "پر" لفظ ڳنڍي هڪ ڪري ٿو. چوٿين جملي ۾ ٻه جملا آهن: 1. انور خط لکيو. 2. هو ته آيو.

انهن ٻنهي جملن کي "ته به" لفظ پاڻ ۾ ڳنڍين ٿا.

وصف: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ڪن ٻن لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن تن کي حرف جملو چئبو آهي.

حرف جملي جا لفظ يا، جيڪڏهن، ته، ناته، مگر، به، پر، جي، جيڪڏهن، چو ته، ته به، جيئن ته، جيتوڻيڪ، اگرچ ۽ ٻيا وغيره

حرف ندا Interjection

1. ادا جعفر! هيڏانهن اچ.
2. واه! واه! اسان مئچ کٽي.
3. افسوس! جانور جي ٻچي فوت ٿي ويو.
4. مار! هيڏو وڏو جبل.
5. شل! آءٌ امتحان ۾ پاس ٿيان.
6. لو لو! هي! ته ڪيترو ميرو آهي.
7. اڙي! تون هئين؟ ڪٿو ڪم ڇو تو ڪرين؟

مٿين جملن ۾ واه واه، افسوس، مار، شل، لو لو ۽ اڙي لفظن مان، سڏ، خوشي، غم، تعجب، تمنا، ڌڪار ۽ ڪاوڙ جي معنيٰ نڪري ٿي.

اهڙن لفظن کي حرف ندا چئبو آهي. "ندا" جي معنيٰ آهي "سڏ".

وصف: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ الڳ بيٺا هجن ۽ منجهانئن سڏ ڪرڻ يا دل جي ڪيفيت جهڙوڪ خوشي، غم يا ارمان، سڏ، ڌڪار ۽ ڪاوڙ جو ظاهر ٿيڻ معلوم ٿئي. اهڙن لفظن کي حرف ندا چئبو آهي.

نوٽ: حرف ندا جي نشاني (!) مٿين اصولن مطابق ضرور ڏيڻ گهرجي.

مشق لاءِ سوال

1. ظرف جا ڪيترا قسم آهن؟ هر هڪ جي وصف مثالن سان لکو.

2. هيٺين جملن مان ظرف چونڊيو. منجهانئن ڪهڙي معنيٰ نڪري ٿي ۽ ڪنهن سان لڳن ٿا.

1. آءٌ اڄ ڳوٺ وڃان ٿو. تون سڀاڻي اچج.
2. فاروق ٻاهر ويو آهي ۽ احمد اندر ويٺل آهي.
3. ڪڇون آهستي هلي ٿي ۽ سهو تکو ڊوڙي ٿو.
4. زينت تمام هوشيار ڇوڪري آهي.
5. احمد اسڪول نه ويو آهي.

3. هيٺين جملن ۾ جيڪي ظرف آهن، تن جي ترڪيب ڪريو.

1. هاڻي تمام جلدي وڃ، دير نه ڪر.
2. بس هاڻي بلڪل آهستي هلي پئي.

4. حرف جر ڇا کي چئبو آهي، مثال ڏيئي سمجهايو.

5. هيٺين جملن مان حرف جر وارا لفظ چونڊيو.

1. قلم ميز تي رکيو آهي.
2. ريڙ سان اکر ڏاهر.
3. ڪٻٽ مان ڪتاب ڪڍ.
4. مون وٽ ڪتاب آهي.
5. اسڪول وڃين ته، مون وٽان ٿيندو وڃجانءِ.
6. جيري خاطر ٻڪري نه ڪهجي.
7. خليل ڳوٺ مان ٻاٽي ڪڍيو.
8. آءٌ تو کان سواءِ گهمڻ نه ويندس.

6. هيٺيان حرف جر جملن ۾ استعمال ڪريو.

جو، سندو، کي، ۾، وٽ، واسطي، ري، مان، مون، کان، وٽان، پاران، ڏانهن، ڏي، بنا، کان سوا.

7. حرف جملو ڇاکي چئبو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

8. هيٺين جملن مان حرف جملي وارا لفظ چونڊيو.

1. مريم ۽ فاطما ٻئي هوشيار آهن.

2. خالد جا اکر سٺا آهن، پر عارف کان وڌيڪ سٺا نه آهن.

3. ڇاڪاڻ ته چري ڪئي اچ.

4. نذير اڄ به اسڪول ويو، جيتوڻيڪ ميتهن پئي پيو.

5. ڇاڪاڻ چورڪي نه ڏٺو، ڇاڪاڻ ته رات هئي.

6. خميسو، عارف کان ننڍو آهي، پر وڌيڪ سگهارو آهي.

9. هيٺيان حرف جملي جا لفظ جملن ۾ استعمال ڪريو.

۽، به، پر، يا، جيڪڏهن، جيڪي، جو ته، جيتوڻيڪ، اگرچ، نه ته، ته به، جيئن ته، تڏهن، ڀل.

10. حرف ندا ڇاکي چئبو آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.

11. هيٺين جملن مان حرف ندا جا لفظ چونڊيو.

1. ادا عمر هيڏانهن اچ.

2. واه واه! سڀاڻي عيد آهي.

3. شل، مائي پٽ جيئندو!

4. افسوس جانو امتحان ۾ ناپاس ٿي پيو!

5. گهوڙا، گوٺ ۾ ڌاڙيل آيا آهن!

6. هاڻ اچا ڪيوا ڪيسا خالي!

7. ڳئون جيئن، ميتهن کي هل اڄ! ڪاري ڪئي،

12. هيٺيان حرف ندا جا لفظ جملن ۾ استعمال ڪريو.

واه واه، من، شل، شاباس، اها، هاڻ، ترٽو، هاء هاء.

علم نحو Syntax


باب پهريون

پريوگ Construction / voice

1. ڇوڪر پڙهي ٿو.	ڇوڪرا پڙهن ٿا. (عدد)
2. ڇوڪرا پڙهن ٿا.	ڇوڪريون پڙهن ٿيون. (جنس)
3. آءُ پڙهان ٿو.	اسين پڙهون ٿا. (ضمير)

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته فعل پنهنجي فاعل سان، عدد، جنس ۽ ضمير ۾ تبديل ٿيو آهي، يعني فعل جو پنهنجي فاعل سان چالايل حقيقتن ۾ لاڳاپو يا ميلاپ آهي، اهي لاڳاپي يا ميلاپ کي پريوگ چئبو آهي، پريوگ جي معنيٰ آهي، ميلاپ يا لاڳاپو.

اهڙي طرح فعل پنهنجي مفعول سان ته عدد، جنس ۽ ضمير ۾ ڦري ٿو، پريوگ جا هيٺيان ٽي قسم آهن.



پريوگ ڪرتري Subjective constraction

مثال:

1. مرد اچن ٿا.	عورتون اچن ٿيون.	عدد
2. ڇوڪرو اچي ٿو.	ڇوڪري اچي ٿي.	جنس
3. هو اچي ٿو.	آءُ اچان ٿو.	ضمير

مٿين جملن ۾ فعل پنهنجي فاعل سان عدد، جنس ۽ ضمير ۾ تبديل ٿئي ٿو.

ٿهن ڪري:

"اهڙو فعل جيڪو پنهنجي فاعل سان، عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو. اهي فعل جو پنهنجي فاعل سان جيڪو اهڙو لاڳاپو آهي. اهي لاڳاپي کي پريوگ ڪرتري چئبو آهي."

ڪرتري سنسڪرت جو لفظ آهي. جيڪو ڪرتريا ڪرتا مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي فاعل.

2. پريوگ ڪرمڻي Objective constraction

مثال:

1. مون ڪتاب پڙهيو آهي.	مون ڪتاب پڙهيا آهن.	(عدد)
2. پيالو پيچي پيو آهي.	پاٽ پيچي پيئي آهي.	(جنس)
3. آءُ ماريو ويس.	هو ماريو ويو.	(ضمير)

مٿين جملن ۾ فعل پنهنجي مفعول سان عدد، جنس ۽ ضمير ۾ تبديل ٿيو آهي.

"فعل جو پنهنجي مفعول سان عدد، جنس ۽ ضمير ۾ تبديل ٿئي فعل ۽ مفعول جي اهڙي لاڳاپي کي پريوگ ڪرمڻي چئبو آهي." ڪرمڻي "ڪرم" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي مفعول.

3. پريوگ پاوي Nature constraction

مثال:

1. ڇوڪر ٽانگ کي ماريو.	ڇوڪرن ٽانگن کي ماريو.	(عدد)
2. ڇوڪري، مڇي، کي ماريو.	ڇوڪرين مڇين کي ماريو.	(جنس)
3. هن ٽانگ کي ماريو.	هنن ٽانگن کي ماريو.	(ضمير)

متين جملن ۾ مفعول جي پٺيان "کي" حرف جر اچڻ ڪري فعل "ماريو" نه پنهنجي فاعل سان ۽ نه وري مفعول سان عدد، جنس ۽ ضمير ۾ تبديل ٿيو آهي. پر ساڳي پنهنجي اصلي حالت وٺيو بيٺو آهي. "فعل، جو نه پنهنجي فاعل سان نه مفعول سان عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو. پر ساڳي پنهنجي اصلي صورت وٺيو بيٺو هجي، انهي کي پريوگ پاوي چئبو آهي پاوي جي معنيٰ آهي اصلي، نيارو، جدا.

☆ پريوگ کي معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکجن:


1. فعل لازمي ۽ فعل متعدي مجهول هميشه پريوگ ڪرتري ۾ هوندا آهن.
2. اهڙا متعدي معروف فعل جيڪي اسم مفعول مان ٺهيل نه هوندا آهن، تن جو پريوگ ڪرتري ٿيندو.
3. اهي متعدي معروف فعل جيڪي اسم مفعول مان جڙيل زمانن مان هجن. تن جو پريوگ ڪرمڻي ٿيندو.
4. جيڪي فعل متعدي معروف، اسم مفعول مان ٺهيل زمانن مان هجن ۽ جملي ۾ مفعول جي پٺيان "کي" حرف جر هجي ته فعل پاوي پريوگ ۾ ٿيندو.

مشق لاءِ سوال

1. پريوگ ڇا کي چئبو آهي؟ مثالن سان سمجهايو.
2. پريوگ ڪرتري مثالن سان سمجهايو.
3. پريوگ ڪرمڻي ڇا آهي؟ مثالن سان سمجهايو.
4. پريوگ ڀاوي؛ جي وصف لکو مثالن سان.
5. هيٺين جملن ۾ آيل فعلن جو پريوگ لکو.
   1. آءٌ خط لکندس.
   2. مون خط لکيو.
   3. مون ٻلي کي ماريو.
   4. هو انب کائين ٿا.
   5. مون بازار مان سامان ورتو.
   6. هو ميوو کائيندو.
   7. ڪتي کي ماريو.
   8. اٺ تي سواري ڪئي آهي.
   9. آءٌ ڪراچي ويندس.
   10. احمد پٽ کي ماريو.
   11. تون پٽ کي ماريندو آهين.

باب پيون

صيغو Mood



صيغو:

ٻوليءَ ۾ فعل جي وسيلي ماڻهن ۽ شين وغيره جي باري ۾ ڪجهه بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ بيان ۾ هر هڪ جملي جو ڍنگ يا انداز جدا جدا هوندو آهي. گرامر جي قاعدن مطابق انهن نمونن کي صيغو چئبو آهي.

وصف: جملي مان معلوم ٿئي ته فعل ڪهڙي نموني بيان ڪري ٿو انهي کي صيغو چئبو آهي صيغي جي معنيٰ آهي ڍنگ يا نمونو.

صيغي جا قسم

صيغي جا ٽي قسم آهن:

1. صيغو بياني
2. صيغو شرطي
3. صيغو امر

صيغي امر جا وري ٻه قسم آهن.

1. امر نهي
2. امر نيازي

1. صيغو بياني Indicative mood

مثال: 1. آءٌ ڪتاب پڙهندس.

2. هن ڪتاب پڙهيو آهي.

3. احسان سياڻي ڪراچي ويندو.

مٿين جملن ۾ بيان جو انداز رواجي آهي. تنهن ڪري: "جملي ۾ اها ڳالهه جيڪا رواجي نموني چئبل آهي، تنهن کي صيغو بياني چئبو آهي.

2. صيغو شرطيه Subjunctive or Potentioal mood

1. تون هلين ها، ته ضرور منهنجو ڪم ٿئي ها. (شرط)

2. ٿي سگهي ٿو، هو سياڻي اچي. (امڪان، شڪ)

3. شل! مينهن وسي، ته ملڪ ساوو ستاوو ٿئي. (تمنا سڌ)

4. واهه واهه! آءٌ امتحان ۾ پاس ٿيس. (خوشي)

5. افسوس! حادثي ۾ جانو" جو پيءُ فوت ٿي ويو. (ارمان، غم)

تنهن ڪري:

اهڙا جملا جن ۾ شرط، امڪان، شڪ، سڌ يا تمنا خوشي ۽ ارمان جي معنيٰ نڪري، يعني اهڙن جملن مان معلوم ٿيو ته انهن جو واسطو انسان جي اندر جي لاڳاپن ۽ دلي ڪيفيات سان آهي. اهڙن فعلن واري بيان کي صيغو شرطيه چئبو آهي.

3. صيغو امر Imperative mood

مثال: 1. سليما در بند ڪر.　　　　2. تون ٻاهر وڃ.

مٿين جملن ۾ "ڪر" ۽ "وڃ" فعل آهن. اهي حاضر ماڻهو کي حڪم ڏيڻ لاءِ ڪم آيل آهن. تنهن ڪري انهن فعلن "صيغو امر" چئبو آهي. "امر" جي معنيٰ آهي حڪم.

وصف: جنهن جملي ۾ ڪنهن ۽ قسم جو حڪم استعمال ٿيل هجي ته اهڙي فعل جي بيان کي صيغو امر چئبو آهي.

امر جا وري ٻه قسم آهن.

1. امر نهي　2. امر نيازي

1. امر نهي

مثال

1. خط نہ لک　　　　2. ڪوڙ نہ ڳالهاءِ

مٿين جملن ۾ ڪم نہ ڪرڻ جو حڪم ٿيل آهي.

"اهڙي حڪم کي جنهن ۾ ڪم ڪرڻ کان منع ٿيل هجي. تنهن کي امر نهي چئبو آهي.

2. امر نيازي

مثال

1. ڌڻي تعاليٰ! اسان تي رحم ڪر.　　　　2. خليل! قرب ڪري منهنجو هي ڪم ڪر.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ ڌڻي تعاليٰ کان رحم ڪرڻ جي دعا گهريل آهي. انهي امر "رحم ڪر" ۾ عاجزي اختيار ڪيل آهي. ٻئي جملي ۾ امر واحد "ڪم ڪر" مان منت جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي تنهن ڪري "اهڙو حڪم جنهن مان عرض، التجا ۽ منت جي معنيٰ ظاهر ٿئي. تنهن کي امر نيازي چئبو آهي.

چيد يا تفريق Analysis

مثال : 1. واڍو ڪرسيون ناهي ٿو.

2. هوشيار واڍو ڪرسيون ناهي ٿو.

3. هوشيار واڍو سٺيون ڪرسيون ناهي ٿو.

4. هوشيار واڍو هميشه سٺيون ڪرسيون ناهي ٿو.

پهرئين جملي ۾ "واڍو" فاعل "ڪرسيون" مفعول ۽ ناهي ٿو فعل آهي.

ٻئي نمبر جملي ۾ هوشيار صفت آهي اها صفت آهي واڍي جي. جنهن ڪري اها صفت واڍي فاعل جو وڌاءُ يا لڳ آهي.

ٽيئن نمبر جملي ۾ "سٺيون" صفت آهي "ڪرسيون" مفعول جي. جنهن ڪري اها صفت مفعول جو وڌاءُ يا لڳ آهي.

چوٿين نمبر جملي ۾ "هميشه" ظرف آهي. جيڪو لاڳاپو رکي ٿو فعل سان. تنهن ڪري اهو فعل جو لڳ يا وڌاءُ آهي. اهڙا ظرف ۽ ظرفي معنيٰ وارا لفظ فعل جو لڳ آهن.

مٿين جملن جي پهرئين جملي ۾ صرف فاعل، مفعول ۽ فعل آهن باقي ٻين جملن ۾ جيڪي صفتون ۽ ظرف فاعل، مفعول ۽ فعل سان لاڳاپو رکن ٿا. سي انهن جو وڌاءُ يا لڳ آهن.

اهڙي طرح صفتون ۽ صفاتي لفظن جا ميڙ ظرف ۽ ظرفي لفظن جا ميڙ يا ظرفي اصطلاح جيڪي فاعل، مفعول ۽ فعل سان لڳن ٿا سي انهن جو وڌاءُ يا لڳ آهن.

وصف: جملي ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل سان تعلق رکندڙ لفظ جيڪي، انهن جو وڌاءُ يا لڳ آهن. انهن کي ڌار ڌار ڪري ڏيکارڻ کي تفريق يا چيد چئبو آهي. تفريق جي معنيٰ سمجهي کولي يا پڌرو ڪرڻ. چيد جي به معنيٰ آهي ٽوڙي ڌار ڌار ڀاڱا ڪرڻ.

فاعل جو وڌاءُ يا لڳ

مثال: 1. هوشيار درزيءَ ڪوٽ سبيو.

2. هن هوشيار محنتي درزيءَ ڪوٽ سبيو.

3. هن تمام هوشيار محنتي درزيءَ ڪوٽ سبيو.

مٿين جملن ۾ هوشيار ۽ محنتي درزيءَ جون صفتون آهن. جيڪي درزيءَ فاعل سان لڳل آهن. تنهن ڪري اهي فاعل جون "لڳ" آهن. اهڙي طرح "هن" لفظ ضميري صفت آهي. جيڪا هوشيار صفت سان لڳل آهي. جنهن ڪري اها به فاعل جو لڳ يا وڌاءُ آهي. "تمام" لفظ ظرف آهي جيڪو هوشيار صفت سان لڳل آهي. تنهن ڪري اهو به فاعل جو لڳ آهي.

مفعول جو وڌاءُ يا لڳ

مثال: 1. درزيءَ سٺو ڪوٽ سبيو.

2. درزيءَ سهڻجو سٺو ڪوٽ سبيو.

3. درزيءَ سهڻجو سٺو قيمتي ڪوٽ سبيو.

مٿين جملن ۾ "سٺو" ۽ "قيمتي" ڪوٽ مفعول جون صفتون آهن. جيڪي مفعول جون لڳ آهن. سهڻجو ضميري صفت به ڪوٽ مفعول جي صفت آهي. جنهن ڪري ڪوٽ مفعول جو لڳ آهي. "تمام" ظرف "سٺو" صفت سان لڳل آهي. انهي ڪان ڌار نٿو ٿي سگهي. جنهن ڪري مفعول جو لڳ آهي.

فعل جو وڌاءُ

مثال: 1. درزيءَ اڄ ڪوٽ سبيو.

2. درزيءَ اڄ صبح جو ڪوٽ سبيو.

3. درزيءَ اڄ صبح جو سوير ڪوٽ سبيو.

4. درزيءَ اڄ صبح جو سوير هتي ڪوٽ سبيو.

مٿين جملن ۾ "اڄ"، "اڄ صبح جو" ۽ "اڄ صبح جو سوير هتي" اهي ظرف ۽ ظرفي لفظن جا ميڙ يا اصطلاح آهن. جيڪي "سبيو" فعل سان لڳل آهن. تنهن ڪري اهي فعل جو وڌاءُ يا لڳ آهن.


مشق لاءِ سوال

1. صيغو ڇاکي چئبو آهي؟ مثالن سان سمجهايو.
2. صيغي جا قسم مثالن سان سمجهايو.
3. صيغي "امر" جا ڪهڙا قسم آهن؟ مثالن سان سمجهايو.
4. تڪريب يا چيد مان مراد ڇا آهي؟ مثال ڏيئي سمجهايو.
5. فاعل جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ڪن ٿا؟
6. مفعول جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ڪن ٿا؟
7. فعل جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ڪن ٿا؟
8. هيٺ ڏنل جملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جو مناسب وڌاءُ ڪري جملا ٺاهيو.

   1. صابرو مالي ڪاڏي.
   2. موچي جتي ٺاهيندو.

باب چوٿون

Kinds of sentences جملن جا قسم



مفرد جملا

مثال : 1. موُن هڪ فقير ڏٺو.

2. مون ڪالهه فقير اسٽيشن تي ڏٺو.

3. مون ڪالهه ٿاڪ منجهند جو هڪ غريب فقير اسٽيشن تي ڏٺو.

4. مون ڪالهه ٿاڪ منجهند جو هڪ غريب، بيمار، بکايل فقير سخت اسٽيشن تي ڏٺو.

جيئن ته مٿين جملن ۾ صرف هڪڙو فعل "ڏٺو" ڪم آيل آهي، تنهن ڪري:

وصف: اهڙا جملا جنهن ۾ فاعل سان گڏ صرف هڪ فعل هجي، اهڙن جملن کي مفرد جملا چئبو آهي.

مٿين مفرد جملن جا ڀاڱا هيٺ ڏجن ٿا.

جملو نمبر	فاعل	مفعول (پنهنجن لڳن سميت)	فعل (پنهنجن لڳن سميت)
1.	مون	هڪ فقير	ڏٺو
2.	مون	هڪ فقير .	ڪالهه اسٽيشن تي ڏٺو
3.	مون	هڪ غريب فقير	ڪالهه ٿاڪ منجهند جو اسٽيشن تي ڏٺو.
4.	مون	هڪ غريب، بيمار، بکايل فقير،	ڪالهه ٿاڪ منجهند جو سخت اسٽيشن تي ڏٺو.

مفرد جملن جو ڇيد

جيئن ته هر هڪ جملي جا گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱا ٿي سگهن ٿا. جملي جي پهرئين ڀاڱي ۾ فاعل ايندو آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ فعل هوندو آهي.

جملي جي پهرئين فاعل واري حصي کي "مبتدا" چئبو آهي. مبتدا جي معنيٰ آهي "شروعات" يا "مُنڍ" ڇاڪاڻ ته فاعل هميشه جملي جي شروع ۾ ايندو آهي. جملي جو ٻيو ڀاڱو فعل وارو آهي. جيڪو فاعل بابت ڪم جي ڪندڙ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي يا خبر ڏئي ٿو. تنهن ڪري انهيءَ ڀاڱي کي "خبر" چئبو آهي.

ڇيد يا تحريڪ ۾ جملي کي ٻن ڀاڱن "مبتدا" ۽ "خبر" ۾ هيٺين ريت ورهائبو آهي.

مثال: 1. اڪبر پڙهي ٿو.

2. اصغر راند کيڏي ٿو.

جملو	مبتدا (فاعل)	خبر (فعل)
1. اڪبر پڙهي ٿو.	اڪبر	پڙهي ٿو
2. اصغر راند کيڏي ٿو.	اصغر	راند کيڏي ٿو

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته "فاعل"، "مفعول" ۽ "فعل" سان لاڳاپو رکندڙ لفظ، انهن جو وڌاءُ يا لنگ آهن. مفرد جملن ۾ انهن جو استعمال هيٺين ريت ٿيندو.

مفرد جملن جو ڇيد

1. بکايل ٻڪري هڪ ٿلهي متاري رڙ ڪري جهنگ ۾ ماري ڪاڌي.

مبتدا		خبر			
فاعل	فاعل جو لنگ	مفعول	مفعول جو لنگ	فعل	فعل جو لنگ
ٻڪري	بکايل	رڙ	ٿلهي متاري ۽ ڪري	ماري ڪاڌو	جهنگ ۾

مرتب جملا Complex sentencis

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته جملن جو وڌاءُ صفاتي ۽ ظرفي لفظن جي اصطلاحن ڪري سان ٿيندو آهي. جيئن ته:

1. نوڪر پيالو ڀڃي ڇڏيو. (مڪمل جملو)

2. هن نوڪر جو هميشه آسان وت آهي، منهنجو هڪ نئون پيالو ڀڃي ڇڏيو.

3. هن نوڪر، جو هميشه اسان وٽ آهي، منهنجو هڪ نئون پيالو جو مون ڪالهه خريد ڪيو هو، سو هٿ سان ڀڃي ڇڏيو.

پهرئين جملي ۾ نوڪر "فاعل" پيالو "مفعول" ۽ ڀڃي ڇڏيو" فعل آهي.

ٻئي جملي ۾ "هن" ضميري صفت آهي، جيڪا فاعل جو لنگ آهي، "جو هميشه اسان وٽ" به فاعل جو لنگ آهي. ڇاڪاڻ ته فاعل جو صفاتي جملو آهي، جيڪو فاعل تي مدار رکي ٿو. "منهنجو هڪ نئون" مفعول پيالي جو لنگ آهي (صفاتي اصطلاح) جيڪو

مفعول تي مدار رکندڙ آهي.

ٽئين جملي ۾ "هت سان پچي چڪيو" ظرفي جملو آهي، جيڪو ريت تو ڏيکاري. اهو فعل جو لڳ آهي (فعل تي مدار رکندڙ)

تنهن ڪري:

وصف: اهڙا جملا جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل (جملا) هجن، مگر جملي ۾ مکيه جملو هڪ هجي، باقي جملا مداري (فاعل، مفعول ۽ فعل تي مدار رکندڙ) هجن تن کي مرتب (ترتيب وارا) جملا چئبو آهي.

مداري جملن جا قسم

1. مداري جملا چئن قسمن جا آهن.

1. مداري صفاتي جملا	2. مداري اسمي جملا
3. مداري ظرفي جملا	4. مداري ظرفي سببي جملا.

1. مداري صفاتي جملا

مثال: 1. عليءَ مون کان منهنجو سٺو قلم ورتي، پچي چڪيو.

1. عليءَ پچي چڪيو.... مکيه جملو

2. منهن جونئون قلم مون کان ورتي .... مداري صفاتي جملو (فاعل سان لاڳاپو رکندڙ)

جملي ۾ علي فاعل، قلم مفعول ۽ "پچي چڪيو" فعل آهي، اهو مکيه جملو آهي ٻئي جملي ۾ "منهنجو سٺو قلم" قلم مفعول جو وڌاءُ آهي، مفعول سان لاڳاپو رکندڙ صفاتي اصطلاح آهن. جنهن ڪري:

وصف: اهي جملا جن ۾ مکيه جملي جي فاعل توڙي مفعول جو بيان هجي تن کي مداري صفاتي جملا چئبو آهي.

2. مداري اسمي جملا

مثال: 1. ڪلفٽن جي ٿل تان ٻيهي ڏسو ته سمنڊ ڪيئن نه پيو چوليون هڻي.

انهي جملي ۾ "پيو هڻي" مکيه فعل آهي ۽ "ڏسو" مکيه فعل جو فاعل آهي تنهن ڪري اهو ته اسم جي بدران فاعل ٿيو آهي.

2. هن اسان کي چيو ته، ڪاپيءَ تي لکو.

مٿين جملن ۾ "چيو" مکيه فعل آهي "ڪاپيءَ تي لکو" مکيه فعل جو مفعول آهي. تنهن ڪري اهو به اسم جي بدران اچي مفعول ٿيو آهي.

وصف: اهڙا جملا جي مرڪب جملن ۾ مکيه فعل جا فاعل يا مفعول ٿي ڪم اچن. انهن کي اسمي جملا چئبو آهي.

3. مداري ظرفي جملا

مثال: هن مون کي چيو ته، علي اڄ صبح جو سوير آيو آهي.

مٿين جملن ۾ "هن مون کي چيو" مکيه جملو آهي. "علي اڄ صبح جو سوير آيو آهي" مان وقت جي خبر پوي ٿي. اها ظرفي اصطلاح آهي. اهو مداري ظرفي جملو آهي.

وصف: اهي جملا جيڪي فعل جو بيان اهڙي ريت ادا ڪن جن مان، وقت، جاءِ، ريت ۽ قدر جي معنيٰ نڪري انهن کي مداري ظرفي جملا چئبو آهي.

4. ظرفي سببي جملا

مثال: 1. هوائي جهاز جي مشين خراب ٿيڻ ڪري، ڪري پيو.

2. جيڪڏهن تون محنت ڪندين، ته امتحان ۾ پاس ٿيندين.

3. حسن گهوڙو نه وڪيو، ڇاڪاڻ ته هن کي انهيءَ سان پيار هو.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ ليڪ ڏنل جملو جهاز جي ڪرڻ جو سبب ٻڌائي ٿو.

ٻئي نمبر جملي ۾ ليڪ ڏنل جملو پاس ٿيڻ جو سبب ٻڌائي ٿو.

اهڙي طرح ٽئين نمبر جملي ۾ ليڪ ڏنل جملي مان گهوڙو نه وڪڻڻ جو سبب معلوم ٿئي ٿو. تنهن ڪري اهي ليڪ ڏنل جملا ظرفي سببي جملا آهن. (جيئن ته اهڙا جملا ريت ۽ قدر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.)

وصف: ظرفي سببي جملا اهي آهن جيڪي فعل سان لڳي ان جو سبب ڏيکارين.

مشق لاءِ سوال

1. مرڪب جملا ڇاکي چئبو آهي؟ مثالن سان سمجهايو.
2. مداري جملا ڪيترن قسمن جا آهن؟ انهن جا نالا لکو.
3. اسمي جملو ڇاکي چئبو آهي؟ مثال به لکو.
4. صفاتي جملا ڪهڙا آهن؟ کولي سمجهايو.
5. ظرفي جملو ڇاکي چئبو آهي؟ مثال به لکو.
6. ظرفي سببي جملا مثالن سان سمجهايو.
7. هيٺين جملن مان مداري جملا چونڊيو. ٻڌايو ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن؟
   1. استاد چيو ته، خط نه لکيو.
   2. آءٌ اڄ ان ها، پر مون کي ضروري ڪم اچي ويو.
   3. انسان ڏٺو آهي ته اٺ وڏو جانور آهي.
   4. آءٌ ٺٽي ويس، اتي خوبصورت شاهجهاني مسجد ڏٺم.
   5. مريم ماني پچائي هئي، پر اها ڪنهن کاڌي ويو.

مرتب جملن جو ڇيد

مرتب جملو ۽ ان جا مداري جملا سمجهايل آهن. هاڻي مرتب جملن جو ڇيد ڪرڻ آسان ٿيندو.

هيٺ ڏنل مثالي جملن جا ڌار ڌار ڀاڱا ڪري انهن جو ڇيد ڪجي ٿو.

مثال: هن شڪاريءَ ڪالهه هڪ وڏو بگهڙ ماريو. جنهن ڌنار جي بڪري جهنگ ۾ ماري ڪاڏي هئي.

مبتدا (فاعل)	خبر
هن شڪاريءَ	ڪالهه هڪ وڏو بگهڙ ماريو. جنهن ڌنار جي بڪري جهنگ ۾ ماري ڪاڏي هئي.

هن ڪاڻ پوءِ ورتي جيئن مفرد جملن جو ڇيد ڪرڻ وقت فاعل مبتدا واري خاني ۾ رکيو ويو. اهڙي طرح خبر واري خاني ۾ مفعول ۽ فعل جا خانا ڌار ڌار ڏاهي هيٺين ريت رکيا.

مبتدا	خبر	
فاعل	مفعول	فعل
هن شڪاريءَ	هڪ بگهڙ جنهن ڌنار جي بڪري ڪاڏي هئي.	ڪالهه ماريو جهنگ ۾.

هن ورهاست ڪان پوءِ جيئن مفرد جملي جو ڇيد ڪرڻ وقت "مبتدا" واري خاني ۾ فاعل جا لنگ ڌار ۽ خبر واري خاني ۾ مفعول "جا لنگ" ڌار ۽ فعل جا "لنگ" ڌار رکيا ويا هئا، تيئن هتي به هيٺين ريت رکيا.

مبتدا	خبر				
فاعل	فاعل جو لنگ	مفعول	مفعول جو لنگ	فعل	فعل جو لنگ
شڪاريءَ	هن	بگهڙ	جنهن ڌنار جي بڪري ڪاڏي هئي	ماريو	ڪالهه جهنگ ۾

جيئن ته هن جملي ۾ مفعول جو مداري جملو نه آهي. جنهن جو به چيد ڪرڻو آهي. جنهن ڪري سڄي جملي جو چيد هيٺين ريت ٿيندو.

مبتدا	خبر				
فاعل	فاعل جو لاڳ	مفعول	مفعول جو لاڳ	فعل	فعل جو لاڳ
شڪاريءَ جنهن	هن	بگهڙ ٻڪري	هڪ وڏو ڌنار جي	ماريو ماري کاڌي هئي	ڪالهه جهنگ ۾

جهڙيءَ طرح مفعول جي مداري صفاتي جملي جو ڌار چيد ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن فاعل ۽ فعل جا مداري جملا هوندا، ته انهن جو به اهڙي طرح چيد ڪيا ويندا. جيڪڏهن مرتب جملي ۾ هڪ مداري جملو هجي ته پهرئين تي الف ۽ ٻئي تي "ب" ٽئين تي "ت" اهڙي طرح ٻيا نشان هڻجن.

مرڪب جملا Compound sentences

مثال: 1. اسلم گهر ۾ ويٺو آهي ۽ سليم ٻاهر ويو آهي.

2. صدر صاحب پاڻ ايندو يا ان جو ڪو وزير ايندو.

مٿين جملن مان هر هڪ جملي جا ٻه ڀاڱا آهن. جن ۾ ٻه فعل آهن ۽ انهن ٻنهي جملن جو خيال توڙي مطلب به هڪ ٻئي کان ڌار آهي. پر اهي ٻئي ڀاڱا پهرئين جملي ۾ "۽" ۽ ٻئي جملي ۾ "يا" حرف جملن وسيلي ڳنڍجي هڪ جملو ٿيا آهن. جيڪڏهن انهن جي وچ مان حرف جملو ڪڍي ڇڏيو ته ٻئي جملا جدا معنيٰ ۽ مطلب وارا مفرد جملا ٿي پوندا. جن جو هڪ ٻئي سان ڪوبه واسطو نه رهندو. اهڙن جملن کي مرڪب جملا چئبو آهي.

وصف: مرڪب جملو اهو آهي. جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ جملا يا فعل هجن جن جو خيال توڙي مطلب هڪ ٻئي کان ڌار هجي. پر وچ ۾ حرف جملو اچڻ ڪري پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن. جيڪڏهن وچ مان حرف جملو ڪڍي ڇڏجي ته ٻئي ڌار معنيٰ ۽ مطلب وارا مفرد جملا ٿي پون. اهڙن جملن کي مرڪب جملا چئبو آهي. مرڪب جي معنيٰ آهي ڳنڍيل.

مرڪب جملن جا قسم

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته مرڪب جملي جا چار قسم آهن.

1. عطفي جملا
2. ضديه جملا
3. سببي جملا
4. اختياري جملا

1. عطفي جملا

مثال: 1. نرن پلي هل ۽ آلا پي اينديس.

2. ڇاڪر ننڍو آهي ۽ ڇري ٺڏي آهي.

مٿين جملن ۾ هرهڪ جملي جا ب ڀاڱا آهن، هرهڪ ڀاڱي جو خيال ڌار ڌار آهي، پر "۽" حرف جملي جي وسيلي، ڳنڍجي هڪ جملو ٿيا آهن.

وصف: ڌار ڌار خيال وارا جملا، جيڪي حرف جملي وسيلي ڳنڍجي هڪ جملو ٿين، اهڙن جملن کي عطفي يا معطوفي جملا چئبو آهي (عطف معنيٰ ڳنڍڻ)

2. ضديه جملا

مثال: 1. ڊاڪٽر چيو ته پرهيز ڪج، پر هن پرهيز نه ڪئي.

2. فاروق وٽ گهوڙو هو، پر تنهن هوندي به پنڌ ويو.

مٿين جملن مان هرهڪ جملي ۾ ٻه ڌار ڌار خيالن وارا جملا آهن، ٻئي جملا هڪ ٻئي جي خلاف آهن.

وصف: جن مرڪب جملن ۾ جملي جو هڪ حصو ٻئي حصي جي خلاف هجي، اهڙن جملن کي ضديه جملا چئبو آهي، انهن جملن جي وچ ۾ گهڻو ڪري "پر"، "يا"، "تنهن هوندي" ۽ "انهي هوندي" وارا حرف جملا هوندا آهن.

3. سببي شرطيه جملا

1. اڄ آءٌ ٿڪل هُئس، جنهن ڪري ڪم تي نه ويس.

2. تون جيڪڏهن محنت ڪرين ها، ته پهرين نمبر پاس ٿئين ها.

پهرئين جملي ۾ جملي جا ڀاڱا "جنهن ڪري" حرف جملي جي وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ڪم تي نه وڃڻ جو سبب "ٿڪ جو هُئڻ آهي" تنهن ڪري انهي جملي کي سببي جملو چئبو آهي.

ٻئي نمبر جملي ۾ پهرين نمبر پاس تڏهن ٿئي ها، جڏهن محنت ڪرڻ جو سبب (شرط) پورو ڪيو وڃي ها. اهڙن جملن کي سببي شرطيه جملا چئبو آهي.

وصف:

(الف) اهڙا جملا جي پنهنجي لاڳيتي جملي جو سبب هجڻ ڪري پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن، تن کي "سببي جملا" چئبو آهي.

(ب) اهڙا جملا جن ۾ ڪنهن ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ شرط آيل هجي اهڙن جملن کي سببي شرطيه جملا چئبو آهي.

4. اختياريه جملا

1. تڪي تو اسان جي ماني کاڌي، تڪي پاڻي پيتو.

2. تون مضمون لک يا حساب ڪر.

پهرئين جملي مان معلوم ٿيو ته انهي ۾ فاعل جي پنهنجي مرضي اختيار ڪيل آهي. ٻئي جملي مان معلوم ٿيو ته فاعل کي اختياري آيل آهي ته ڪوبه هڪ ڪم ڪري. يعني انهي ۾ هن جي مرضي (اختيار) ڇاڏيل آهي.

وصف: اهڙا جملا جن مان معلوم ٿئي ته انهن ۾ پنهنجي اختياري هلايل آهي، يا پنهنجي اختياري هلائڻ لاءِ ڇڏيل آهي. اهڙن جملن کي اختياريه جملا چئبو آهي.

مشق لاءِ سوال

هيٺ ڏنل جملن جا قسم ٻڌايو

1. عمر يا حسن ڳوٺ ويندو.
2. استاد مريم کي سبق ياد ڪرڻ لاءِ چيو، پر هن ياد نه ڪيو.
3. جيڪڏهن ٻئيءِ پر محنت نه ڪندين، نه فائدو حاصل ڪري نه سگهندين.
4. مينهن وسي رهيو هو، جنهن ڪري آءٌ شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهيس.
5. تون پاڻ گهر تي وڃ يا سليم کي موڪل.

مرڪب جملن جو چيد ڪرڻ

مرڪب جملي جو چيد ڪرڻ کان اڳ ان مان (ڳنڍيندڙ) حرف جملو ڪڍي ڇڏڻ بعد، جيڪي مفرد جملا بچن، انهن مان هر هڪ جملي جو ڌار ڌار چيد ڪبو، باقي ملائيندڙ حرف جملي لاءِ مبتدا جي اڳيان، هڪ خانو هن ريت ناهيو، جنهن ۾ ڄاڻائبو ته ملائيندڙ حرف جملو هي آهي.

هيٺ مثالي جملي جو چيد ڪجي ٿو.

مثالي جملو: اڄ منهنجو مهمان آيو آهي، جنهن ڪري آفيس وڃي نه ٿو سگهان.

مرڪب جملن جو چيد

جملو	قسم	حرف جملو	مبتدا		خبر			
			فاعل	فاعل جو لاڳ	مفعول	مفعول جو لاڳ	فعل	فعل جو لاڳ
اڄ منهنجو مهمان آيو آهي	سببي شرطي	جنهن ڪري	مهمان	منهنجو	–	–	آيو آهي	اڄ
جنهن ڪري آفيس وڃي نٿو سگهان			آءٌ (ڳجهو)	–	–	–	وڃي نٿو سگهان	نه آفيس

نوٽ: چيد ڪرڻ وقت جيڪي به لفظ فاعل ۽ مفعول جو لاڳ هئڻ کان بچن، انهن کي فعل جي لاڳ واري خاني ۾ رکڻ گهرجي.

2. مرڪب جملي جو هرهڪ ڀاڱو، جيڪڏهن مرڪب هجي ته هرهڪ ڀاڱي کي ڌار جملو سمجهي ڌار ڌار چيد ڪرڻ گهرجي.

مشق لاءِ سوال

1. مفرد ۽ مرڪب جملن ۾ فرق، مثالن سان سمجهايو.

2. مرتب جملي ۽ مرڪب جملن ۾ ڪهڙو فرق آهي، مثالن سان سمجهايو.

3. مرڪب جملي جا ڪهڙا قسم آهن؟

4. هيٺيان مرڪب جملا مثالن سان سمجهايو ۽ انهن جون وصفون به لکو.

1. عطفي جملا 2. ضدي جملا

5. مرڪب سببي شرطيه جملن ۽ اختياريه جملن ۾ ڪهڙو فرق آهي. مثالن سان سمجهايو.

6. هيٺين جملن جا فاعل، مفعول ۽ فعل ڳوليو ۽ لکو.

1. واڍو ڪرسي ٺاهي ٿو.
2. ٻڪي اڏامي ٿا.
3. ڪتو گوشت کائي ٿو.
4. احمد خط لکي ٿو.
5. ڇوڪرا فوٽ بال کيڏن ٿا.

7. هيٺين جملن جو ڇيد ڪريو.

1. رشيد بندوق سان هڪ تتر ماريو.
2. هڪ وڏي بگهڙ ٿلهي ٻڪري جهٽڪ ۾ ماري کائي ڇڏي.
3. صابر هڪ ڇوڪر آهي جنهن ڪري سيکڙ ٺن کي ڌڪاري ٿو.
4. خليل سنڌس تئون ڪتاب ڪالهه وڃائي ڇڏيو.
5. اقبال روزانو ٻاري هوا کائي ٿو.
6. اسان جو استاد پنهنجي دوست کي هڪ ڊگهو خط لکي رهيو آهي.
7. اسان جي مشهور شڪاريءَ ڪالهه هڪ وڏو خطرناڪ شينهن ماري ڇڏيو.
8. پير صاحب کي مطالعي جو ڏاڍو شوق هو.
9. هن انهي عهدي کي نهايت ڪاميابيءَ سان هلايو.
10. بشير ڇوڪرو سڏڪا پرينده اچي منهنجي اڳيان بيٺو.

باب پنجون

ٻيهڪ جون نشانيون Punctuation

ٻولي انسان جي خيالن، جذبن امنگن ۽ احساسن جي اظهار جو هڪ ذريعو آهي. ٻولي کي ٻن صورتن ۾ ڪتب آڻجي ٿو. هڪ ڳالهائڻ واري صورت ۾ ٻئي لکت واري.

ڳالهائڻ جي ذريعي هڪ انسان ٻئي انسان کي پنهنجو دلي مقصد سمجهائڻ لاءِ ڳالهائڻ جا مختلف انداز ٿو اختيار ڪري. ڪٿي تيز ٿو ڳالهائي. ڪٿي ڌيرو ٿو ڳالهائي. ڪٿي ڳالهائڻ ۾ بيهي ٿو ۽ ڳالهائڻ سان مختلف ادائون ٿو اختيار ڪري. ڪٿي هٿن جي اشارن سان. ڪٿي اکين ۽ چهري سان مختلف ڍنگ اختيار ڪري، ٻئي کي پنهنجو مقصد ٿو سمجهائي. اهڙي طرح لکت ۾ لکڻ وارو چاهيندو آهي ته سندس تحرير جو مقصد اڳلو سمجهي. انهي مقصد لاءِ ڪي نشانيون مقرر آهن، جن کي "ٻيهڪ جون نشانيون" چئبو آهي. ٻيهڪ جي نشانين وسيلي لکندڙ جي لکت جو مقصد چٽو ٿي بيهندو آهي. مطلب چڱي طرح سمجهه ۾ ايندو آهي. هر هڪ ٻيهڪ جي نشاني ڪاڏ ڪا مراد ادا ڪرڻ لاءِ مقرر هوندي آهي. انهن کان سواءِ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته انهن جو غلط استعمال جي ڪري جملي جو مطلب هڪ جو ٻيو نڪرندو آهي.

مثال: احمد پڙهه نه لکي. هن جملي مان خبر نه ٿي پوي ته لکڻ لاءِ منع ڪيل آهي يا پڙهڻ لاءِ. پر جيڪڏهن "نه" جي اڳيان ثورو دم (،) ڏيو جيئن ته: احمد پڙهه، نه لکي.

هن مان سمجهڻ ۾ ايندو ته پڙهڻ لاءِ حڪم ڏنل آهي ۽ لکڻ لاءِ منع ڪيل آهي.

وري جيڪڏهن "نه" جي پٺيان ثورو دم يا ڪاما ڏيو.

جيئن ته: احمد پڙهه نه، لکي. هاڻي جملي مان معلوم ٿيو ته پڙهڻ کان منع ٿيل آهي ۽ لکڻ لاءِ چيو ويو آهي. ٻيهڪ جون ڪجهه نشانيون هي آهن.

1. ٿورو دم	(،)	Comma
2. اڌ دم يا سيمي ڪولن	(؛)	Seimcolon
3. دم يا ڪولن	(:)	Colon
4. پورو دم	(.)	Fullstop
5. ڊيش يا ننڍي ليڪ	(–)	Dash
6 سوال جي نشاني	(؟)	Question mark
7. عجب يا احساس جي نشاني	(!)	Exelamation
8. واڪ جون نشانيون	(" ")	Inverted commas
9. ڏنگيون	(( ))	Brackets

انهن مان پهريون جيڪي چار نشانيون آهن. انهن ابتدائي نشانين جو استعمال سهڻي ڪان وڌيڪ ٿيند وآهي. انهن نشانين کي سمجهي، هرهڪ کي گهربل جاءِ تي استعمال ڪجي. هيٺ هرهڪ جي ترتيب وار سمجهاڻي ڏجي ٿو.

ابتدائي نشانيون

گهڻو ڪري شاگردن کي گهڻي تڪليف ابتدائي نشانين کي استعمال ڪرڻ وقت ٿيندي آهي. اهي نشانيون جملن جي جوڙجڪ ۾ گهڻي ۾ گهڻو استعمال ٿين ٿيون. انهن نشانين کي استعمال ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ ضروري آهي.

1. ٿورو دم (،) Comma

هي، نشاني اُبتي "واو" جي شڪل جهڙي هوندي آهي. بيهڪ جي نشانين مان هن نشانيءَ جو استعمال ٻين سڀني نشانين کان وڌيڪ ٿئي ٿو. ۽ اها نشاني سڀني نشانين ۾ اهميت واري هوندي آهي. ٿورو دم يا ڪاما استعمال ڪرڻ جو مقصد جملي کي ننڍين جملن ۾ ورهائي، ان جو مطلب ظاهر ڪرڻ هوندو آهي. ٿوري دم کان سواءِ جملي جو مطلب چٽو سمجهڻ ۾ نه ايندو آهي.

جملي ۾ هيٺين حالتن ۾ اِنهيءَ جو استعمال ٿيندو آهي.

مثال: پهرئين حالت

1. ڳئون، مينهن، ٻڪري ۽ رڍ گهرو جانور آهن.
2. احمد هوشيار، محنتي، ايماندار ۽ بااخلاق ڇوڪرو آهي.
3. اسان، اوهان ۽ هنن سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي.
4. نرگس پڙهڻ، لکڻ، رڌڻ، پچائڻ ۽ سبڻ ۾ هوشيار آهي.

پهرئين جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ اسم، ٻئي جملي ۾ صفتون، ٽئين جملي ۾ ضمير ۽ چوٿين ۾ اسم مصدر هڪ ٻئي پٺيان ڪم آيا آهن. هر هڪ جملي جي ساڳئي قسم جي پهرئين لفظن جي پويان ٿورو دم يا ڪاما ۽ آخري لفظ جي اڳيان "۽" حرف جملو آيو آهي. جتهن ڪري ڪنهن به جملي ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ساڳئي قسم جا لفظ (اسم، ضمير ۽ صفت وغيره) ڪم اچن ته انهن جي پويان ٿورو دم يا ڪاما ۽ آخري لفظ جي اڳيان "۽" حرف جملو لڳائجي. جيئن مٿي مثالي جملن ۾ لڳايو ويو آهي.

☆ اهو ياد رکڻ گهرجي ته سلسلي وار لفظ يا اصطلاح جي حرف جملي سان ڳنڍيل هجن ته ۾ ڪاما يا ٿورو استعمال نه ڪجي مثال: زخمي ڪتو پير گهيرون ڏئي ۽ ليٽي ۽ ڪوڪاٽ ڪري.

2

1. اقبال، عمر، حسن ۽ ڪمال ڪلهي ماني کاڌي.

2. ٻر قاتر ۽ ماڻهو دڪانن مان، گهرن مان، آفيسن مان ۽ ٻين مان آواز ٻڌي ڊوڙندا آيا.

مٿين جملن مان پهرئين جملي جي "کاڌي" فعل جا گهڻا فاعل آهن. سڀني جي حالت ساڳي آهي، جنهن ڪري هرهڪ فاعل جي پٺيان ٿوري دم (ڪاما) جي نشاني آهي. ان کان پوءِ ٻئي جملي ۾ آيل اسمن جي به ساڳي حالت جري آهي، جنهن ڪري هرهڪ حرف جر جي پٺيان ٿورو دم (ڪاما) ڏنل آهي.

جملي ۾ ساڳي حالت وارا لفظ (اسم يا ضمير) وڌيڪ هجن ته هرهڪ جي پٺيان ٿوري دم (ڪاما) جي نشاني لڳائجي ۽ آخري اسم يا حرف جر جي اڳيان حرف جملو "۽" لڳائجي، جيئن مٿين مثالي جملن ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

3

مثال: 1. جانو ماني کائي، کهاڙي کڻي، وڳا ڪاهيندو ٻنيءَ تي ويو.

2. ميينهن، طوفان ۽ خوفناڪ اونداهي رات ۾ فقير ٿڙڪندو، ڇرڪندو، ٿڙندو ٿاٻڙندو ۽ ڏڪا ڪاڪيندو وڃي وستيءَ ۾ پهتو.

جيڪڏهن جملي ۾ ماضي معطوفي يا اسم حاليه يا ٻئي هوندا ته هرهڪ جي پٺيان ٿورو دم (،) ڏيڻ گهرجي.

4

1. پٽ، اسڪول وڃ.

2. اي ٻندا، هميشه ڌڻي کي ياد ڪر.

3. يا الله، اسان کي سڌي وات ڏيکار.

4. عزيزو ۽ دوستو، اوهان کي ڏسي ڪري، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.

ندائي ۽ خطابي لفظن جي پٺيان هميشه ٿورو دم (ڪاما) ڏيئي جملي کان جدا ڀيهارجي.

5

مثال: 1. سنڌ جو هاري محنتي، نِنڊ ۽ ٿڪ ۽ اوير سوير، ڏينهن رات، پنهنجي ڪرت ۾ لڳو پيو هوندو آهي.

2. مرد هجي يا عورت، پوڙهو هجي يا جوان، مسڪين هجي يا مالدار ۽ سکيو هجي يا اگهو سڀني کي ڏاڍ ۽ جي در سر تماشو لازمي آهي.

جڏهن اهڙي طرح هم جنس يا متضاد جنس جا لفظ جوڙو جوڙ تي ڪم ايندا آهن، تڏهن هر هڪ جوڙي جي وچ ۾ ٿورو دم (،) ڏيڻ گهرجي.

6

مثال: 1. بس اينديءَ، ته آءُ هلندس.

2. مون وٽ جيڪا رقم هئي، سا خرچ ڪري ڇڏيم.

3. انسان پلي ڪيتري به ڪوشش ڪري، پر ٿيندو اهو ئي جيڪو ڏاڍي ۽ کي منظور هوندو.

اهڙن مرتب جملن ۾ جملي جو هڪ ڀاڱو ٻئي ڀاڱي تي مدار رکندڙ هجي، ٻنهي ڀاڱن مان ڪوبه پنهنجي سر ڌار اچي جهڙو نه هوندو ته اهڙن ڀاڱن جي وچ ۾ ٿورو دم (ڪاما) ڏيڻ گهرجي.

7

مثال: 1. اهو بازار ويو ۽ سامان وٺي آيو.

2. هو بازار ويو ۽ روڊ جي حادثي ۾ مري ويو.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ "۽" حرف جملي جي اڳيان ٿوري دم (ڪاما) جي نشاني نه ڏنل آهي ڇاڪاڻ ته جملي جي پهرئين ڀاڱي ۽ آخري ڀاڱي جي مطلب ۽ خيال ۾ فرق ڪونهي. پر ٻئي جملي جي پهرئين ڀاڱي ۽ آخري ڀاڱي جي مطلب ۽ خيال ۾ فرق آهي جنهن ڪري "۽" حرف جملي ڪان اڳ ۾ ٿورو دم ڪاما (،) ڏنو ويو آهي.

2. اڌ دم يا سيمي ڪولن (;) Seimcolon

مثال: شاهجهان جي تعمير ڪيل عمارتن مان تاج محل به هڪ عمارت آهي; جنهن جي برابري دنيا جي ڪابه عمارت ڪري نه سگهي آهي.

هن جملي جا ٻه وڏا ڀاڱا آهن، جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. انهن جي وچ ۾ ٿوري دم کان وڌيڪ ساهه جي ضرورت آهي; تنهن ڪري "به عمارت آهي" کان پوءِ هڪ نشان (;) ڏنو ويو آهي. انهيءَ کي اڌ دم (;) چئبو آهي. هي نشاني ٿوري دم جهڙي آهي، پر مٿان نقطو ڏنو اٿس. هيءَ نشاني هيٺين ٻن مکيه سببن ڪري ڏبي آهي.

1. هڪ نه هرهڪ ننڍي جملي جي ڀڃاڙيءَ وٽ ڪجهه وڌيڪ ساهي کپي، جيئن سڀ ننڍا جملا گڏ پڙهڻ ۽ لکڻ سان معنيٰ ۾ ڪو مونجهارو پيدا نه ٿئي.
2. ٻيو سبب اهو آهي ته هرهڪ ننڍي جملي کي اثرائتو ڪجي، ته پڙهندڙ جو هرهڪ ننڍي جملي تي وڌيڪ ڌيان ٿئي.

ٿوري دم کان پوءِ وڌيڪ زور ڀري نشاني اڌ دم (;) آهي. مکيه جملي ۾ ڪي مداري جملا هوندا آهن، اهي خود مکيه جملي جهڙا زور ڀريا، جدا خيالن وارا جملا هوندا آهن. جن کي جدا رکڻ اڌ دم (;) جي نشاني ڏبي آهي.

اهڙي طرح مکيه جملي ۾ ثانوي مدار رکندڙ جملو اهڙو زور ڀريو هجي، جيڪڏهن ان کي ڌار جملو ڪري سگهجي ته جدا جملو ٿي بيهي سگهي.

مثال

1. پاڻ سڳورا ٻنهي جهانن جا سردار هئا; پر عام ماڻهن وانگر گهٽين ۽ رستن تي پيادا هلندا هئا.
2. عربن ۾ بهادريءَ جو جوهر اڳي ئي سمايل هو; پر حضور اڪرم ﷺ جي توحيد واري تعليم ڏيڻ ان مثال بهادر بڻائي ڇڏيو هو. مٿين مثالي جملن ۾ ڏسبو ته مکيه جملي ۽ مداري جملن جو خيال نه ساڳيو آهي، پر حرف جملن سان ڳنڍيل جملن جو خيال وڌيڪ زور وارو آهي. جنهن ڪري انهن جي وچ ۾ "ٿوري دم" جي بدران اڌ دم (;) جي نشاني استعمال ڪئي ويئي آهي.

3. ڊم (:) Colon

ڊم جي نشاني، جو استعمال هيٺين حالتن ۾ ٿيندو آهي:

(الف) جڏهن شين جو تفصيل، فهرست يا ياداشت ڏيڻي هوندي آهي:

مثال:

1. وڏي ۾ وڏي مخلوق جا ٽي قسم آهن: انسان، ملائڪ ۽ جن.
2. پاڪستان جا مشهور شهر هي آهن: ڪراچي، لاهور، اسلام آباد ۽ پشاور.
3. هيٺيون شيون موڪليندا: ڪتاب پهرئين درجي جا عدد ٽي درجن، پينسلون چار درجن ۽ اڇا پنا هڪ ريم.
4. انسان جي سماجي تنظيم هيٺيان ڪم ڪيا آهن: ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻي، جو بندوبست ڪيو آهي: غريب شاگردن کي ڪتاب وٺي ڏنا ويا آهن ۽ بيواهن جي مدد ڪئي ويئي آهي.

(ب) جڏهن ڪنهن جي قول يا چوڻي، جو حوالو ڏيو آهي مثال:

1. شاهه ڀٽائي رحه چيو ته: "ڳالهين سان ڳل پيدا ٿيندو، جيڪو سمجهي، ستڻ تي حڪومت ڪندو."
2. مشهور چوڻي آهي ته: "اهو ڪي ڪجي جو اٿي ويل ڪم اچي."
3. ڳالهه ڪند آهن ته: هڪڙي بادشاهه تخت ڇڏي فقيري اختيار ڪئي.

(ت) ڪنهن ذيلي عنوان کان اڳ جو وڌيڪ تفصيل لکڻ لاءِ هي نشاني استعمال ڪبي آهي.

مثال:

1. جهاد جا قسم: جهاد اڪبر، جهاد اصغر، جهاد بالنفس ۽ جهاد بالمال وغيره

(ج) ڪنهن حقيقت کي دليل سان واضح ڪرڻو هوندو آهي ته به هي نشاني استعمال ڪبي آهي مثال: هو ولايت دولت ڪمائڻ ويو. پر پنهنجا گهر جي ٽرڻي تي تڪري ويس: "افسوس سون ٿي گهوريو جيڪو ڪن چني."

نوٽ: ڊم يا Colon سان هن طرح به لکي ڏبي آهي. (:-)

4. پورو دم (.) Full stop

مثال: 1. هاشم هيٺئر حيدرآباد کان آيو آهي.

2. مون ڪارو نانگ ماريو.

3. خليل سياڻي ڌيوٽيءَ تي ويندو.

4. ڪراچي پاڪستان جو وڏو شهر آهي.

مٿين جملن ۾ هرهڪ جملي مان پورو مطلب ظاهر ٿئي ٿو. هر هڪ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ هيءَ نشاني (.) ڏني ويئي آهي. جنهن کي پورو دم يا فل اسٽاپ چئبو آهي. جنهن ڪري، جنهن به جملي مان پورو مطلب ظاهر ٿئي. انهي جي پڇاڙيءَ ۾ پوري دم جي نشاني ڏبي آهي.

ڪن ڳالهين، علمي لياقتن ۽ جماعتن وغيره جي ڳالهين کي ننڍين صورتن يا اختصار (مخفف) جي حالت ۾ لکڻ لاءِ پوري دم جي نشاني استعمال ٿيندي آهي.

جيئن ته: ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽو.

ايم. اي. بي. ايچ. ڊي.

۽ اقوام متحده لاءِ يو. اين. او. مخفف استعمال ٿيندو آهي.

5. ڊيش يا ننڍي ليڪ (–) Dash

هن نشانيءَ جو استعمال سنڌيءَ ۾ ٿورو ٿيندو آهي. هي نشاني ٿوري دم جي بدران استعمال ٿيندي آهي. هي هيٺين حالتن ۾ ڪتب ايندي آهي.

1- جڏهن مرتب جملي ۾ بهرئين فقري کان پوءِ ٻئي مداري فقري ۾ وڌيڪ اثر ڏيکارڻو هوندو آهي ته ٻنهي فقرن جي وچ ۾ ٿوري دم بدران ننڍي ليڪ (–) ڏجي جيئن ته:

مثال:– هو اڳيئي ڏڪايل هو – پٺ جي فوت ٿيڻ جو ٻڌي اوچتو روئڻ لڳو.

2. هڪ موضوع تي ڳالهه ڪندي اوچتو ٻيو خيال ظاهر ڪيو وڃي، يا ان جي سلسلي کي ٽوڙي ٻي ڳالهه ڇني وڃي. جيئن ته:–

مثال:– ٻيءَ صاحب سان ٻئي ڳالهايو– انسان ڇو نه ٿو پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي سڃاڻي؟

3. ڪنهن واقعي جي باري ۾ خيال يا ويچار جي اظهار کان اڳ ننڍي ليڪ يا ڊيش ڏبي آهي. جيئن ته:–

مثال:- ڪنهن شخص دعويٰ ڪئي ته هو ڪي ٽي جبل جي چوٽي سرڪندو - ۽ هن اٿين ڪري ڏيکاريو.

4. جملي ۾ بيان يا عبارت جي وڌيڪ اظهار لاءِ جيڪڏهن ڪي لفظ يا اصطلاح ڪتب اچن ته انهن جي اڳيان ننڍي ليڪ يا ڊيش ايندي. جيئن ته:-

مثال:- بس گهڻو سامان کڻي ڪيي - خالي 10 ڪلوگرام چانور 5 ڪلوگرام کنڊ ۽ هڪ بتدل چانهه.

5. مذڪر ۽ مونث يعني جوڙي جي ٻنهي اسمن جي وچ ۾ "ننڍي ليڪ" (ڊيش) ڏبي آهي جيئن ته:- زال - مڙس: نر - مادي: ماءُ - پيءُ: ڀا" - ڀين: ڏاگهو - ڏاچي وغيره.

6. سوال جي نشاني (؟) Question mark

مثال: 1. تنهنجو نالو ڇا آهي؟

2. نارنگيءَ جو رنگ ڪهڙو آهي؟

3. پاڪستان جا گهڻا صوبا آهن؟

4. انسان جي جسم ۾ ڪيترا هڏا آهن؟

مٿين جملن ۾ سوال پڇيل آهن. جن جملن ۾ ڪا ڳالهه پڇڻي هوندي آهي ته هي سوال جي نشاني (؟) جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ڏبي آهي.

جيڪڏهن جملو سوالي آهي ته خالي سوال جي نشاني ڏبي پوري دم جي نشاني نه ڏيڻ گهرجي.

7. حرف ندا جي نشاني (!) Exclamation mark

1. الله ڪري، پٽ امتحان ۾ پاس ٿئي! (آمين: تمنا)

2. استاد! احمد نقل پيو ڪري. (ندا. سڏ)

3. مارا عمارت ڪيڏي نه وڏي آهي. (عجب)

4. افسوس! جانو ويچارو اڄ فوت ٿي ويو. (افسوس)

5. واه واه! آءٌ امتحان ۾ پهريون نمبر پاس ٿيس. (خوشي)

6. گڏون جيو، سيٺهن کي، هل ڙي! ڪاري ڪتي! (ڌڪار)

7. ڪاڏي پئو ڀوڳ! اها ٻلا ٽري ٻلي. (نفرت)

جنهن جملي مان دل جي حالت (احساس) جهڙوڪ: سڏ، سڏ، عجب، افسوس، خوشي ۽ نفرت يا ڌڪار جو اظهار ٿئي، انهي جملي ۾ ڄاڻايل هدايتن موجب حرف ندا جي نشاني استعمال ڪبي آهي "ندا" جي معنيٰ آهي "سڏ يا پڪار"

8. واڪ جون نشانيون (" ") Inverted commas

واڪ جي معنيٰ آهي چوڻ. واڪ جي نشانين مان مراد آهي ته ٻئي ڪنهن جا چيل لفظ، قول، فقرا، شعر، پهاڪا ۽ چوڻيون هوبهو تضمين طور جڏهن ڪنهن جملي يا عبارت ۾ ڪم آڻيا آهن ته واڪ جون نشانيون " " ڏيئي پڌرو ڪبو آهي جيئن ته:-

1. شاهه ڀٽائي رحه فرمائي ٿو: "واڳون ڏٿي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي."

2. سچل سائين جو فرمان آهي:

"مَکَڻ آڪر هيڪڙو، سوئي ڪير سُڃاڻ،
اهو آهي اهڃاڻ، ڳهلا انهي ڳالهه جو."

3. ٽيپو سلطان جو قول: "گدڙ جي سو سال زندگي، کان شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي بهتر آهي."

4. منهن مان اهڙو ته نوراني حُسن پيو بکندو هئس، جو سڀ اُئينداڻي "نوري" هئس.

9. ڏنگيون (( )) Brackets

ڪنهن لفظ يا جملي کي وڌيڪ صاف يا چٽو ڪرڻ لاءِ جملي جي وچ ۾ ڏنگين ۾ انهن جي وضاحت ڪبي آهي جيئن ته:

1. سلطان صلاح الدين ايوبي (جنهن صليبي جنگين ۾ عيسائين کي ترنا چبايا) اسلام جو عظيم سپاهي هو.

2. احمد جو پيءُ (خدا کيس جنت نصيب ڪري) نهايت نيڪ انسان هو.

3. حضرت علي رضہ جو لقب اسد الله (الله جو شينهن) هو.

4. شمس العلماء (عالمن جو سج) مرزا قليچ بيگ وڏو عالم هو.

5. شاهه عبداللطيف رحہ (1689ع - 1752ع) عظيم شاعر ٿي گذريو آهي.

مشق لاءِ سوال

1- بيهڪ جون نشانيون ڇو ضروري آهن؟ ڪولي سمجهايو.

2- اڳوڻيون بيهڪ جون نشانيون ڏيڻ سان ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟ ڪولي سمجهايو.

3- ٿورو دم ۽ وڏو دم جون نشانيون ڪٿي ۽ ڪيئن ڪم اچن، مثالن سان سمجهايو.

4- اهڙو جملو ناهيو جنهن ۾ خوشي، جي نشاني استعمال ٿئي.

5- ٿورو دم سيمي نشانين کان وڌيڪ اهم ڇو آهي؟

6- سوال جي نشاني ڪٿي ڏيڻ گهرجي؟

7- عجب جي نشاني ڪهڙين جاين تي استعمال ڪبي آهي؟

8- جيڪي نشانيون جملن جي پچاڙيءَ ۾ ايندڙ آهن اهي ڪهڙيون آهن؟

9- هيٺين عبارتن ۾ مناسب جاين تي بيهڪ جون نشانيون استعمال ڪريو.

(الف)

اي خدا جون بنديون دل ۾ ٿورو ڌيان ڌريو جلسي واسطي توهين گهرن کي سينگاريو ٿيون فرش فروش گلمر غاليچا وڇايو ٿيون ۽ چڱيءَ طرح ميزون ڪرسيون گلدستا بنايو رکو ٿيون پر انهي گهر جو جنهن اوهان کي ڪڏهن خيال ايو آهي جنهن گهر ۾ سدائين رهڻو آهي وڏو خوفناڪ سفر آهي اوڏانهن هلڻو ۽ ضرور آهي رستو ڏکيو منزل سخت سنگتي ۽ ساٿي اڪيلي جان الله نگهبان اڄ فلاڻي ويئي اڄ فلاڻي ويئي ته اسين هت رهي رهي ڪيترو رهنديونسين بيشڪ اسان کي ۽ پهچڻو آهي، هميشه جي گهر ڏي هلڻو آهي

(ب)

فقير گوڏڙي رکي محلات ۾ سمهي پيو چوڪيدار چيس ات هتي ڇو ستو پيو آهين هي مسافر خانو نه پر شاهي محلات آهي

باب ڇهون

اشتقاق Derivation

اشتقاق عربي لفظ آهي، جيڪو "شق" مان نڪتل آهي "شق" جي معنيٰ آهي چيرڻ. يعني لفظ کي چيري ان جي اصليت معلوم ڪرڻ. اشتقاق مان لفظن جي اصليت ۽ بڻ بنياد جي خبر پوي ٿي. اشتقاق مان معلوم ٿئي ٿو ته لفظ جو اصل ڌاتو ڇا آهي؟ گهڻين ٻولين جا لفظ پاڻ ۾ ملي ڪري اصليت جي ماهيت وڃائي چڪا آهن. ان ڪري اشتقاق مان ٻوليءَ جي لفظ جي ڌاتوءَ جي صحيح خبر پوي ٿي. هن هيٺ ڪجهه اشتقاق ڏجن ٿا:-

الف

☆ الله تعاليٰ = (الله = اعليٰ + تعاليٰ = وڏو يا مٿاهون) مٿاهون الله.

☆ اوگڻ = (او = خراب + گڻ = لڇڻ) خراب لڇڻ.

☆ الهام = (لهم = آواز ٿيڻ) غيبي آواز.

☆ ابوالفضل = (ابو = مالڪ + ال = جو + فضل = لياقت) فضليت جو مالڪ، ماڻهو جو نالو.

☆ آبشار = (آب = پاڻي + شار = وهڪرو (مصدر: شاريدن = تيزي سان وهندڙ) تيزي سان هيٺ ڪرندڙ پاڻي جو وهڪرو.

☆ آب پاشي = (آب = پاڻي + پاشي (مصدر: پاشيدن= ڇٽڪارڻ - پکيڙڻ) پاڻي پهچائڻ جو طريقو.

☆ اگبوٽ = (اگ = باهه + بوٽ Boat = ٻيڙي) باهه يا ٻاڦ تي هلندڙ ٻيڙي يا جهاز.

☆ اپار = (ا = نه + پار = پريون پاسو، ڇيهه) جنهن جي حد نه هجي، اڻ ڪٿ

☆ اشرف المخلوقات = (اشرف = عزت بخشڻ +ال= جو + مخلوقات) = سڀني کان وڏي مرتبي واري مخلوق = انسان
☆ امير المؤمنين = (امير= سردار+ ال= جو + مؤمنين (واحد مؤمن) مسلمان. مسلمانن جو سردار.
☆ ابوجهه = (ا= نه + بوجهه = سمجهه) سمجهه نه رکندڙ بي سمجهه
☆ آپائڻهار = (آپائڻ =پيدا ڪرڻ + هار = وارو) پيدا ڪندڙ يعني الله تعالي
☆ انصاف = (نصف= اڌواڌ ڪرڻ) عدل ڪرڻ. نياء
☆ انتظام = (نظم = جوڙجڪ) بندوبست.
☆ آبادگار = (آباد+ گار = وارو) کيتي ڪندڙ آبادي ڪندڙ.
☆ ام الخير = (ام = ماءُ + ال = جي + خير = ڀلائي) ڀلائي جي ماءُ.
☆ اناسي = (ا= نه + ناس= نڪ) بي نڪي، بيشرم، بي اثر.
☆ اعتقاد = (عقد= ڳنڍ ڏيڻ) ويساه، يقين.
☆ اڪثريت = (ڪثر= گهڻا) گهڻائي
☆ انيڪ = (ان= نه + يڪ =هڪ) گهڻا، بيشمار.
☆ امتحان = (محن= پورهيو ڪرڻ، محنت) آزمائش.

ب

☆ بيت المقدس = (بيت =گهر +ال= جو مقدس پاڪ عزت وارو) پاڪ عزت وارو گهر مسلمانن جو پهريون قبلو.
☆ بيمار = (بيم= ڊپ+ آور (مصدر: آوردن =آڻڻ) ڊپ جي حالت ۾ اپل، اگهو.
☆ بندگي = (مصدر: بستن= ٻڌڻ) پاڻ کي ڌڻيءَ سان ٻڌل رکڻ. عبادت
☆ بالادست = (بالا= مٿاهون+ دست= هٿ) مٿاهون هٿ. اختيار وارو عملدار

☆ بختاور = (بخت= ڀاڳ+ آور (مصدر: آوردن= آڻڻ) ڀاڳ جو اڻڻ. سڀاڳو

☆ بدظن = (بد= بڇڙو + ظن= شڪ) بڇڙو شڪ. بدگمان.

☆ بيقرار = (بي = ڪانسواءِ + قرار= آرام) بي آرام. پريشان.

☆ بي باڪي = (بي = ڪانسواءِ + باڪ = ڊپ) بنا ڊپ جي بي خوفي.

☆ بيشمار = (بي= ڪانسواءِ + شمار= ڳاڻيٽو) ڳاڻيٽي کان ٻاهر. تمام گھڻو.

☆ بندوبست = (بند+ وَ = ۽+ بست (مصدر: بستن = ٻڌڻ) انتظام. جوڙجڪ

☆ بازيگر = (بازي= راند + گر (مصدر: گرفتن= وٺڻ) راند ڪندڙ. ڪرتب ڏيکاريندڙ.

☆ بيوقوف = (بي= ڪانسواءِ + وقوف= سمجھ) بي سمجھ. نادان

☆ بيت المال = (بيت= گھر + ال= جو + مال =دولت) دولت جو گھر. خزانو

پ

☆ پونج = (پون= زمين+ ٻج) زمين يا ملڪن جي ٻج ۽ اپل هٿ ڪندڙ.

☆ ڀاڳوند = (ڀاڳ= نصيب + وند =وارو) نصيب وارو. خوش نصيب.

ت

☆ تصنيف = (صنف= خيال سان ڪوڪتاب ناهڻ) تهيل ڪتاب.

☆ تندرست = (تن= بدن+ درست= صحيح) صحت وارو. سگھو.

☆ تڪليف = (ڪلف =سختي ۾ اچڻ) ڏکيائي. اهنج.

پ

☆ پيغمبر = (پيغام= نياپو + بر (مصدر: بُردن =نيڻ، آڻڻ) نياپو آڻيندڙ مخصوص معني: الله جو رسول، نبي.

☆ پانڌيڙو = (پانڌي= پنڌ ڪندڙ+ ڙو (اسم تصغير جي نشاني) پنڌ ڪندڙ

☆ پاڪستان = (پاڪ + آستان= جاءِ) پاڪ جاءِ، ملڪ جو نالو.

☆ پيرسن = (پير= وڏو+ سن =سال) وڏ ڄمار وارو، پوڙهو.

☆ پروردگار = (پرور: (مصدر: پروردن= پالڻ + گار= وارو) پاليندڙ رب

☆ پرهيزگار = (پرهيز=بچاءُ +گار =وارو) پرهيز وارو، نيڪ

ج

☆ جوابدار = (جواب +دار (مصدر: داشتن= رکڻ) جواب ڏيندڙ، ڌڻي، ملزم

☆ جانباز = (جان= جسم+ باز (مصدر: باختن+ کيڏڻ) جان سان کيڏندڙ بهادر

جھ

☆ جهازراني = (جهاز+ راني =(مصدر: راندن= ڪاهڻ هلائڻ) جهاز هلائڻ.

☆ جهان آرا = (جهان= دنيا+ آرا (مصدر: آراستن =سينگارڻ) دنيا کي سينگاريندڙ.

☆ جهانديده = (جهان =دنيا +ديده (مصدر ديدن ڏسڻ) جنهن جي دنيا چڱي طرح ڏٺل هجي.

چ

☆ چوبدار = (چوب = لٺ + دار (مصدر: داشتن+ رکڻ) لٺ رکندڙ. چوڪيدار.

☆ چالبازي = (چال= روش + بازي (مصدر: باختن= کيڏڻ) چال جي کيڏ. چالاڪي

خ

☆ خوردبيني = (خورد= ننڍي شيء + بيني (مصدر: ديدن = ڏسڻ) ننڍي شيء کي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار

☆ خط استوا = (خط= ليڪ+ استوا= وچ) زمين جي ڀيڄ وچ واري خيالي ليڪ

☆ خوشخبري = (خوش+ خبر) خوشيء جي خبر- خوشيء جي ڄاڻ.

☆ خوبصورت = (خوب= سٺو+ صورت) سٺي صورت وارو. سهڻو.

☆ خاڪنشين = (خاڪ= مٽي+ نشين (مصدر: نشستن= ويهڻ) مٽيء تي ويهندڙ.

☆ خيرخواهي = (خير= ڀلائي +خواهي (مصدر: خواهستن= چاهڻ) ڀلائي چاهڻ

☆ خوداعتمادي = (خود= پاڻ+ اعتماد= ڀروسو) پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ.

☆ خاڪسار = (خاڪ= مٽي+ سار=وانگر) نهٺائي عاجزي اختيار ڪندڙ

☆ خودداري = (خود= پاڻ+ داري (مصدر: داشتن= رکڻ) ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍڻ وارو.

☆ خوش نما = (خوش= سٺو+ نما (مصدر: نمودن= ڏيکارڻ) دل کي وڻندڙ

د

☆ دستور المعاش = (دستور = رواج+ ال = جو +معاش = گذران) گذران جو طريقو يا نمونو.

☆ دوربيني = (دور= پري + بيني (مصدر: ديدن= ڏسڻ. جاچڻ) پري ڏسڻ جو اوزار.

☆ دست اندازي = (دست = هٿ+ اندازي (مصدر: اندختن= وجهڻ) ڪم ۾ هٿ وجهڻ. رنڊڪ پيدا ڪرڻ.

☆ دولتمند = (دولت + مند = وارو) دولت وارو. شاهوڪار.

☆ دڪاندار = (دڪان+ دار (مصدر: داشتن= رکڻ) دڪان وارو

☆ دسترس = (دست= هٿ +رس (مصدر: رسيدن= پهچڻ) اختيار ۾ هجڻ

☆ دستگير = (دست =هٿ+ گير (مصدر: گرفتن= وٺڻ) =هٿ وٺڻ. مدد ڪرڻ

☆ داستان گوئي = (داستان= وڏو قصو +گوئي (مصدر: گفتن= چوڻ) وڏو قصو چوڻ

☆ درس گاهه = (درس= سبق+ گاهه= جاءِ) سبق ڏيڻ جي جاءِ. مدرسو. اسڪول.

ڏ

☆ ڏند ڪٿا = (ڏند +ڪٿا =قصو) =هٿرادو ناهيل قصو.

ر

☆ رواداري = (روا= درست + داري (مصدر: داشتن= رکڻ) = سٺو سلوڪ ڪرڻ.

☆ راحت القلوب = (راحت= آرام + ال + قلوب = دليون) = دلين کي آرام پهچائيندڙ

☆ ريگستان = (ريگ = واري + آستان = جاءِ) = واريءَ وارو علائقو.

☆ رنگساز (رنگ + ساز (مصدر: ساختن = ناهڻ) = رنگ ناهيندڙ

☆ رومال = (رو° = منهن + مال (مصدر: ماليدن = مهٽڻ، اگهڻ) منهن صاف ڪرڻ جو ڪپڙو.

☆ رازدان = (راز = ڳجهه + دان (مصدر: دانستن = ڄاڻڻ) ڳجهه ڄاڻندڙ.

ز

☆ زيردست = (زير = هيٺ + دست = هٿ) = هٿ هيٺ، حڪم هيٺ ڪم ڪندڙ.

☆ زميندار = (زمين + دار (مصدر: داشتن = رکڻ) = زمين جو مالڪ

س

☆ سنگتراش = (سنگ = پٿر + تراش (مصدر: تراشيدن = گهڙڻ) پٿر گهڙيندڙ، سلاوٽ.

☆ سوپياوان = (سوپيا = سونهن + وان = وارو) سونهن وارو، سهڻو

☆ سَنگت = (س = چڱو + نگت = صحبت) = چڱي صحبت

☆ سَتمگر = (ستم = ظلم + گر (مصدر: گرفتن = وٺڻ) ظلم ڪندڙ ظالم

☆ سگنڌ = (س = چڱو + گنڌ = بوءِ) = خوشبو، سرهاڻ.

☆ سڦلو = (س = چڱو + ڦل = نتيجو) = سٺو نتيجو.

☆ سرڪار = (سر = مٿو + ڪار = ڪم) ڪم جو اڳواڻ، حڪومت.

☆ سرخرو = (سرخ = ڳاڙهو + رو° = منهن) = ڪامياب، عزت وارو.

ش

☆ شمشير = (شم = ننهن + شير = شينهن) = شينهن جي ننهن وانگر تيز يعني تلوار

☆ شمس العلماءؒ = (شمس = سج + ال + علماءؒ = عالم) عالمن جو سج يعني وڏو عالم.

☆ شاگرد = (شا = شاه + گرد (مصدر: گشتن = ڦرڻ) استاد جي چوڌاري ويٺل يعني پڙهندڙ.

☆ شاباش = (شا (شاد) = خوش + باش (مصدر: باشيدن = هجڻ) خوش هجڻ آفرين.

ض

☆ ضعيف = (ضعف = هيڻائي) = هيڻو، ڪمزور.

☆ ضرورتمند = (ضرورت = گهرج + مند = وارو) گهرج وارو.

ط

☆ طاقتور = (طاقت = سگهه + ور (آور) (مصدر: آوردن = آڻڻ) = سگهارو، زور وارو.

☆ طلبگار = (طلب = گهر + گار = وارو) =گهر ڪرڻ وارو، گهرجائو.

ع

☆ عينڪ = (عين = اک + ڪ (لاڳاپيل حرف) اهو اوزار جيڪو اک تي رکبو وڃي يعني چشمو.

☆ عاليشان = (عالي = وڏو + شان = مان) = وڏي مان شان وارو، وڏو.

☆ عبدالعزيز = (عبد = ٻانهو + ال = جو + عزيز = غالب حڪمت وارو) = الله جو ٻانهو، مالڪ جو ٻالو.

☆ عملدار = (عمل = ڪم + دار (داشتن = رکڻ) = ڪم وارو، ڪامورو.

☆ عجائب گهر = (عجائب (واحد = عجيب + گهر) عجيب گهر، ميوزم.

☆ عالم آشڪار = (عالم = دنيا + آشڪار = پڌرو) دنيا ۾ مشهور.

☆ عبادت = (عبد = ٻانهو) = ٻندگي.

☆ عالمگير = (عالم = جهان + گير (مصدر = گرفتن = وٺڻ) = دنيا کي پنهنجي قبضي ۾ وٺندڙ دنيا تي ڇانيل. سڄي دنيا جو.

غ

☆ غم خوار = (غم + خوار (مصدر: خوردن = کائڻ) ڏک ونڊيندڙ، همدرد.

☆ غلط فهمي = (غلط + فهمي (مصدر: فهميدن = سمجهڻ) = غلط سمجهڻ.

☆ غمگين = (غم + گين = ڀريل) = ڏک ۾ ڀريل. پريشان.

ف

☆ فيلو = (دوست + سوڦا = سياڻپ) = سياڻپ جو دوست. ڏاهو.

☆ فرمانبردار = (فرمان= حڪم + داري (مصدر: برداشتن = کڻڻ سهڻ) حڪم مڃيندڙ.

ق

☆ قربان گاهه = (قربان = قرباني + گاهه= ميدان، جاءِ) = قربانيءَ جي جاءِ.

☆ قيامت = (قام = بيهڻ) = الله تعاليٰ جي اڳيان بيهڻ.

☆ قره العين = (قره = ٿڌاڻ + ال + عين = اک) = اکين ٺار. اکين کي ٿڌو ڪندڙ.

ڪ

☆ ڪاسبي = (ڪسب = ڌنڌو) = ڌنڌو ڪندڙ.

☆ ڪاريگر = (ڪار = ڪم + گر (مصدر: گرفتن = وٺڻ) = ڪم جو ڄاڻو. ڪم ڪندڙ.

☆ ڪوهستان = (ڪوه = جبل + ستان = جاءِ) = جبلن واري جاءِ. جابلو علائقو.

☆ ڪربلا = (ڪرب وبلا) ڪرب = ڏک + بلا = سختي، آفت) ڏک ۽ غم جي سختي (اها جاءِ جتي امام حسين رضي الله ۽ سندن ساٿين جي شهادت ٿي.)

☆ ڪارساز = (ڪار= ڪم + ساز (مصدر: ساختن = ٺاهڻ) = ڪم جو ٺاهيندڙ.

☆ ڪارخانو = (ڪار= ڪم + خانه = گهر) ڪم ڪرڻ جي جاءِ.

☆ ڪپوت = (ڪَ = خراب + پوت = پٽ) = نالائق پٽ

☆ ڪنيا = (ڪَ = خراب + نيا = انصاف) = بي انصافي، ظلم.

گ

☆ گفتگو = (گفت = چيو + گو = چئو (مصدر: گفتن = چوڻ) = ڳالهه ٻولهه.

☆ گلاب = (گل + آب = پاڻي) گل جو قسم.

☆ گلستان = (گل + ستان = جاءِ) گلن جي جاءِ، باغ.

ل

☆ لاغرض = (لا = نه + غرض = احتياج) احتياج نه ڪندڙ لاپرواهه

☆ لوهار = (لوه + هار = ڪم) لوه جو ڪم ڪندڙ لوهر

م

☆ مهمان نوازي = (مهمان + نوازي (مصدر: نواختن= عزت ڪرڻ) مهمان جي عزت ڪرڻ.

☆ مجلس = (جلس= ويهڻ)= ويهڻ جي جاءِ، گڏ ٿيڻ جي جاءِ.

☆ مدارالمهام = (مدار= آڌار + ال + مهام =وڏا ڪم) وڏا ڪم سنڀاليندڙ عملدار

☆ مسجد = (سجد = متو ٽيڪڻ) = عبادت ڪرڻ جي جاءِ.

☆ منصف = (نصف = اڌ ڪرڻ، معلوم ڪرڻ) انصاف ڪندڙ.

☆ منظوري = (نظر = ڏسڻ واسڻ) پسندي، مقبوليت.

☆ مهمانداري = (مهمان + داري (مصدر: داشتن = رکڻ) = مهمان جي سنڀال رکڻ.

☆ مصنف = (صنف = ناهڻ) = ڪتاب لکندڙ ليکڪ.

☆ مرحوم = (رحم = ٻاجهه، بخشش) = بخشيل، ٻاجهه ٿيل.

☆ منگهڙو = (منگ = مٺي، خراب + گهڙو = چاهيندڙ) = برو چاهيندڙ.

☆ مخدوم = (خدم = خدمت ڪيل) = جنهن جي خدمت ڪجي.

☆ محتاج = (حاج = ضرورت) = ضرورت وارو.

☆ مهراڻ = (مها = وڏو + رڻ = وهڪرو) = وڏو وهڪرو (سنڌوندي)

☆ معلم = (علم = ڄاڻ) استاد.

☆ معرفت = (عرف = ڄاڻ) = ڏاڍي، جي سڃاڻپ، الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جي سڃاڻپ.

☆ مهمان = (مها = وڏو + مان = عزت) = وڏي عزت وارو.

☆ ماه منير = (ماه = چنڊ + منير = روشن) = روشن چنڊ.

☆ مجاهد = (جُهد = ڪوشش ڪرڻ) = جهاد ڪندڙ.

☆ مذهب = (ذهب = وات وٺڻ) = دين جي وات، عقيدو، طريقو.

☆ مهذب = (هذب = تج) = تربيت ڪيل، سڌريل، خوبين وارو.

ن

☆ ناجائز = (نا = نه + جائز = درست) = درست نه هئڻ.

☆ نجم الدين = (نجم = تارو + ال = جو + دين) = دين جو تارو، ماڻهو جو نالو.

☆ نقشبندي = (نقش = چِٽ + بندي (مصدر: بستن = ٻڌڻ) = دل تي چٽ چٽڻ خاص طريقي سان ذڪر ڪندڙ مسلمان.

☆ نيم خوابي = (نيم = اڌ + خواب = ننڊ) اڌوگابري ننڊ.

☆ ناپديد = (نا = نه + پديد = ظاهر) = ظاهر نه ٿيندڙ گجهو.

☆ نڪتچيني = (نڪتہ = چونڊ ڳالهہ + چيني (مصدر: چيدن = چونڊڻ) = غلطيون ڪڍڻ، ڪوليون ٻڌائڻ.

☆ نرجو = (نر = سواءِ + جو = لڄ، شرم) بي شرم، بي حيا.

☆ نادان = نا = نہ + دان (مصدر: دانستن = ڄاڻڻ) = اڻ ڄاڻ، بي سمجهہ

☆ نستو = (نہ + ست = سگهہ، طاقت) هيڻو، ڏٻرو.

☆ نصب العين = (نصب = بيهارڻ، قائم ڪرڻ + ال + عين = اک) = اصول، مقصد.

هہ

☆ همراز = (هم = ساڳيو + راز = لڪل ڳالهہ) = هڪٻئي جو راز ڄاڻندڙ.

☆ هنرمند = (هنر + مند = وارو) = هنروارو.

☆ هوشيار = (هوش = عقل + يار = وارو) = عقل وارو، ڏاهو.

☆ هوادار = (هوا + دار (مصدر: داشتن = رکڻ) = هوا وارو، واسيرو.

☆ همر چورس = (همر = ساڳيو + چورس) = جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيڏا هجن.

☆ همدرد = (همر = ساڳيو + درد = سور، ڏک) ڏک ۾ ڀائيوار، ڏک ڀائي.

☆ همعصر = (همر = ساڳيو + عصر = وقت) = ساڳي وقت وارو.

☆ همراهہ = (همر = ساڳيو + راهہ = واٽ) = گڏ هلندڙ، سفر جو ساٿي.

و

☆ واقفيت = (وقف = خبرداري) معلومات، ڄاڻ.

ي

☆ يڪ مشت = (يڪ = هڪ + مشت = مٺ) = گڏ ٿيڻ، هڪ راءِ تي بيهڻ.

☆ يڪ جهتي = (يڪ = هڪ + جهت = طرف) = ٻڌي، ايڪو، اتحاد.

اصطلاح Idioms

(سمجهاڻيءَ ۽ مثالن سميت)

"اصطلاح" عربي لفظ آهي. "اصطلاح" انهن لفظن جو ميڙ آهي. جيڪو جملي ۾ حقيقي معنيٰ ۾ نه، پر مجازي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. انهي جي خاص وصف هيءَ آهي:

وصف: جڏهن ڪو به فعل، اسم سان شامل ٿي، پنهنجي حقيقي معنيٰ ڇڏي مجازي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي، جيئن اهو اهل زبان جي روزاني ڳالهه ٻولهه مطابق هجي

جيئن ته:

"ٻه ته ٻارهن" هڪ اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ يا مطلب آهي، ٻڌي يا اتحاد ۾ طاقت آهي، پر "ٻه ته ٻارهن" اهي لفظ پنهنجي اصلي معنيٰ ۾ نه، بلڪ مجازي معنيٰ ۾ استعمال ٿيا آهن. جيڪي ڳالهه ٻولهه ۾ به ائين استعمال ٿيندا آهن. انهي کي اصطلاح چئبو آهي.

اصطلاح جي لفظن کي بدلائي نٿو سگهجي. مثال: جيڪڏهن "ٻه ته ٻارهن" جي بدران چئجي ته "ٽي ته تيرهن" ته ائين چئي نٿو سگهجي. اصطلاح زبان جي جان آهي. ان جو وڏو فائدو اهو آهي. جيڪڏهن انهي کي مناسب جاين تي استعمال ڪيو وڃي ته مثل تحرير ۾ به هڪ جان پئجيو وڃي. نثر يا نظم جو درجو بلند ٿيو وڃي. اصطلاحن جي استعمال ڪري تحرير ۾ جيڪڏهن اها نثر يا نظم ۾ هجي. ته ان ۾ اهڙي طرح حُسن ۽ اثر پيدا ٿئي ٿو. جهڙي طرح گلن سان ٻوٽن ۾ تارن سان آسمان ۾، زيورن سان ڪنوار ۾ وڌيڪ حسن ۽ خوبصورتي پيدا ٿئي ٿي. اهڙي طرح اصطلاحن سان نثر يا نظم کي وڌيڪ سينگاري سگهجي ٿو. ڪجهه اصطلاح هيٺ ڏجن ٿا.

الف

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	آڌر ڀاءُ ڪرڻ	عزت ڪرڻ	مهمان جو آڌر ڀاءُ ڪجي.
☆	آڱرين جا زور لائڻ	پوري طاقت لڳائڻ	عمر ذهن تي آڱرين جو زور لڳايو پر ڪامياب نه ٿيو.
☆	اوکيءَ ويل ڪم اچڻ	ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ	دوست اهو جو اوکي ويل ڪم اچي.
☆	اٽي ۾ لوڻ برابر هئڻ.	تمام ٿوري انداز ۾ هئڻ	ڪلاس ۾ ذهين شاگرد اٽي ۾ لوڻ برابر آهن.
☆	انجام پاڙڻ	وعدو پورو ڪرڻ	صابو وقت تي اچي ويو، انجام پاڙيائين.
☆	اوڀاريون لهواريون ٻڌائڻ	مختلف ڳالهيون ٻڌڻ	دوست ملي ويو، جنهن اوڀاريون لهواريون ٻڌايون.
☆	اکيون ٺريون ٿيڻ	خوشي حاصل ٿيڻ	اوهان جهڙا اچڻ وسان اسان جون اکيون ٺريون ٿينديون.
☆	اک ڏيکارڻ	دڙڪو داب ڪرڻ	يار کي پيار نه ڪجي، پر اک نه ڏيکارجيس.
☆	اپ ۾ ٽڪون اڇلڻ	اجائي ڳالهه ڪرڻ	جاتو خواهه مخواهه پيو اپ ۾ ٽڪون اڇلائي.
☆	اپ ۾ ٽاريون هڻڻ	وت کان ٻاهر هلڻ ڦونڊجڻ	همراه کي ٿڪي واري نوڪري ملي آهي، سو پيو اپ ۾ ٽاريون هڻي.
☆	اک پڇڻ	اشارو ڪرڻ	عمر اک پڇڻ سان ڳالهه سمجهي ويو.
☆	اک نه ٻڏڻ	خيال ۾ ئي نه آڻڻ	اڄ نه ڪانڊيري جي اسان ۾ اک ئي ڪانه ٿي ٻڏي.

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	اکيون ڦيرائڻ	ڏيان هٽائڻ، ڇڏڻ لاپرواهي ڪرڻ	همراهه ڪي به پئسا ڪيا آهن. سو اکيون ئي ڦيرائي ڇڏيون اٿس.
☆	اک لڳڻ	ننڊ اچڻ، ٻنڪي اچڻ	ٿورو ليٽيس، اک لڳي ويئي، گاڏي ڇٽي ويئي.
☆	اک کلڻ	هوش ۾ اچڻ	همراه جي تڏهن اک کلي، جڏهن مصيبت اچي مٿانس ڪڙڪي.
☆	اکين تي رکڻ.	خوشيءَ سان مڃڻ، احترام ڪرڻ.	سائين! منهنجا اوهان جو حڪم اکين تي.
☆	اگرائي ڪرڻ.	زيادتي ڪرڻ، ناجائز هلت هلڻ	جيڪو اگرائي ڪندو، سو خطا کائيندو.

ب

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ٻڪ ۾ ٻصر ڀڃڻ.	ٻڪ جي حالت ۾ اڻ وڻندڙ ڪاڏو به ڪاڌو لڳندو آهي.	ٻڪ ۾ ٻصر به مٺو. سو خالو ڪچو ڦڪو سڀ کائي ويو.
☆	ٻڪ ۾ پاڻ ٿيڻ	ٻڪ جي ڪري ڏهرڻ وڃڻ.	ڏڪار جي ڪري ماڻهو ۽ مال ٻڪ ۾ پاڻ ٿيڻ لڳا آهن.
☆	ٻاهه ٿيڻ.	تمام گهڻي ڪاوڙ ڪرڻ.	نوڪر ڪم نه ڪيو، جنهن ڪري سيٺ ٻاهه ٿي ويو.
☆	ٻاهه ٻاري ڏيڻ.	گهڻو تنگ ڪرڻ.	ڌاڙيلن ملڪ ۾ ٻاهه ٻاري ڏني آهي.
☆	ٻاهه ۾ تيل پوڻ.	جهيڙي ۾ شامل ٿيڻ.	هرويرو پرائي ٻاهه ۾ تيل پوڻ مان ڪهڙو فائدو؟
☆	ٻخت ورڻ.	ڀاڳ کلڻ، آسودو ٿيڻ.	احمد جو ٻخت وريو آهي، جو سٺي نوڪري ملي اٿس.

ٻ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	پاڻهن ٻيلي ٿيڻ	مدد ڪرڻ.	ڪمال غريبن جو پاڻهن ٻيلي آهي.
☆	ٻيگهي مڃڻ.	مرڪمر هٿ اچڻ.	اڄڪلهه راڻي ڪامرڻ جي ٻيگهي مٽي ٻيٺي آهي.
☆	پاڻون ڪاٽڻ.	ڪنهن مقصد لاءِ رلڻ.	حسن ماڻي ٽڪر لاءِ پاڻون ٻيو ڪاٽي.
☆	ٻيرڪان ٻيرگهرڻ	اجائي اميد رکڻ.	هر ڳالهه ٻيو ٻني، سر تنهنجي مدد ڪيئن ڪندو؟ تون ٻـ ٻيرڻ ڪان تو ٻيرگهرين.
☆	ٻوڪو ٻارڻ	سڌارو ڪرڻ. هست ڪرڻ.	ڪمال ٻـ ڪو ٻوڪو ڪرڻ ٻارٽو آهي، پاس مارڪرڻ ڪلي پاس ٿيو آهي.
☆	ٻـ گهر ٻارڻ	ٻن جي ٻچ ۾ جهڳڙو مچائڻ	جهڳڙو ٻـ گهر ٻارڻ منافق جو ڪم آهي.

ڀ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڀڳي ۽ ڀرتي ٻيهڻ	ڀيري ۾ اچڻ. سرت ڪي ويڪهو اچڻ	ڀيرو ڀڳي ۽ ڀرتي ٻيلو آهي. تڏهن ٻـ جهيڙا فساد ٿئي پڄي.
☆	ڀت سان منهن لڳڻ	پڇتائڻ. شرمندو ٿيڻ، سيڪت ملڻ.	"ڀڄائو" جيو ته مجبور ٿيڻ وڃي ڀت سان منهن لڳس.
☆	ڀيرو ڀڃڻ	نه اچڻ.	دلي درست ڪٿهن ٻـ ڀيرو ڀڃيو آهي.
☆	ڀائپي قائم رکڻ.	همدردي وارو سلوڪ قائم رکڻ.	انسان کي هميشه ڀائپي قائم رکڻ گهرجي.
☆	ڀپ ڀرڻ	پنهنجو فائدو حاصل ڪرڻ	اون رڳو پنهنجو ڀپ ڀر، ٻر غريبن کي ٻـ ڏيندو ڪر.

ت

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	تارا ڪرڻ	ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ	مون تي تارا نه ڪيو، مون تنهنجو نقصان نه ڪيو آهي.
☆	ٽڪو سرهو ڪرڻ	پاڻ کي مان ڏيڻ	حسن مهمانن جي خوب خدمت ڪري، پنهنجو ٽڪو سرهو ڪيو.
☆	تڏو ڪڻائڻ	ختم ڪري ڇڏڻ.	پوليس چورن جو تڏو ڪڻائي ڇڏيو.
☆	تنگ چڙائڻ	جان ڇڏائڻ ڪوشش ڪرڻ	لاڙيتو ڪر موڪل لاءِ گهڻائي تنگ چڙايا، پر موڪل نه مليس.
☆	تريون مهٽڻ	افسوس ڪرڻ	وقت وڃائي، پوءِ تريون مهٽڻ مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

ٽ

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	ٽڪر سان مٿو هڻڻ	اجائي ڪوشش ڪرڻ	پاڻ کان سگهاري سان وڙهڻ آهي ٽڪر سان مٿو هڻڻ.
☆	ٽڪ مان ور ڪڍڻ	سڌو ڪرڻ، سڌارڻ	استاد ڏنگي شاگرد جي ٽڪ مان ور ڪڍي ڇڏيو.
☆	ٽاڪوڙو رهڻ	ڇڙوڇڙ ٿيڻ، ڦڙ ڦوٽ وڃڻ.	پوليس جي اچڻ سان جوارين ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو.
☆	ٽڪو لائڻ	عيبدار بنائڻ، پاڻ لڄائڻ	عارب چوري ڪري، پنهنجي عزت تي ٽڪو لاتو.

پ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	پيڇو ڪرڻ.	پٺيان پوڻ	پوليس چور جو پيڇو ڪيو.
☆	پلر پيش	مينهن جو پالي پيش	ڪوهستاني ماڻهو پلر پيشا آهن.
☆	پويتيون پڙهائڻ	سڌو ڪرڻ، سزا ڏيڻ	صوبيدار چور پڪڙي، کيس خوب پويتيون پڙهايون.
☆	پيٽ قوت ڪرڻ	روزگار حاصل ڪرڻ.	پيٽ قوت ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي.
☆	پول پڌرا ٿيڻ	ارڏايون ظاهر ڪرڻ	چور پاڻ ۾ وڙهي پيا، هڪ ٻئي جا پول پڌرا ڪيائون.
☆	پاڻي مان ڪڍڻ	تنگ ڪرڻ، چيڙائڻ	دوستن قاسم سان چرچا ڪري کيس پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيو.

ج

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	جنگ جوٽڻ	لڙائي ڪرڻ، مقابلو ڪرڻ	ڪشميرين آزادي لاءِ جنگ جوٽي آهي.
☆	جذبو جاڳائڻ	جوش ڏيارڻ، همت لاءِ اڀارڻ.	سپهه سالار تقرير ڪري سپاهين ۾ جهاد جو جذبو جاڳايو.
☆	جڙا لوڻڻ	عمل جي سزا ڀوڳڻ	هر ڪو انسان پنهنجن عملن جي جڙا لوڻيندو.

ڄ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڄوهه چنڊڻ.	ڪاوڙ ڪرڻ، غصي جو ظاهر ڪرڻ.	پٽس پيالو ڀڃي وڌو، ماڻس مٿس خوب ڄوهه چنڊيا.

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	چڙهه ڏيڻ.	دڙڪو ڏيڻ، ڪِهرو گالهائڻ	شاگرد سبق ياد نه ڪيو جنهن ڪري استاد چڙهه ڏنيس.
☆	ڇهه ڇڏڻ.	زور گهٽجي وڃڻ، همت هارڻ.	1761ع واري لڙائيءَ ۾ مرهٽن جا ڇهه ڇڏجي ويا.
☆	ڇنڇري لاهڻ.	سزا ڏيڻ.	بدمعاشي ڪندڙ شاگرد جي استاد ڇنڇري لاهي ڇڏي.
☆	ڇيٿا پورڪرڻ.	گهٽ وڌ لائي چالي ڪري جهيڙو وڌائڻ.	جانو ڏگهو ڇيٿا پور ڪري، وتي ماڻهن کي وڙهائيندو.

ح

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	حال اورڻ.	پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائڻ	عمر پنهنجي دوست سان حال اوريو.
☆	حرام جي هڏي پيٽ ۾ پوڻ.	رشوت، يا ناجائز طور مال ميڙڻ.	صابوءَ کي حرام جي هڏي پيٽ ۾ پيئي، جنهن ڪري حياءُ ڇڏي ڏني اٿس.
☆	حياتي زهر ٿيڻ.	زندگي مصيبتن ۾ گذارڻ.	ڏاڙيلن ڳوٺاڻن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي
☆	حوصلا خطا ٿيڻ.	دل ڇڏي وڃڻ، هوش ختم ٿيڻ	ارڄڻ ڏماڪو ٿيو، همراهه جا حوصلا خطا ٿي ويا.

خ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	خطر بارڻ.	شاهي مچائڻ.	اڄڪلهه دهشتگردن ملڪ ۾ خطر باري ڏنو آهي.

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	خاڪ ۾ ملائڻ.	ناس ڪرڻ، برباد ڪرڻ	پٽ نہ پڙهيو، پيءُ جون اميدون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائين.
☆	خطا کائڻ.	سزا ڀوڳڻ.	جيڪو اڱرائي ڪندو، سو خطا کائيندو.
☆	خون جو پياسي هئڻ.	سخت دشمن هئڻ.	احمد ۽ نورل هڪ ٻئي جا خون پياسي آهن.

د

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	دل بهار بهار ٿيڻ.	خوش ٿيڻ.	خاتو امتحان ۾ پاس ٿيو جنهن ڪري دل بهار بهار ٿيس.
☆	دل ۾ گهر ڪرڻ.	پيارو ٿيڻ.	مرشد جي محبت مريد جي دل ۾ گهر ڪري ويئي.
☆	دال نہ ڳرڻ.	پهچي نہ سگهڻ.	جاٿل جي خاتل سان دال نہ ڳري سگهي.
☆	دل جو ٽيا ڏيڻ.	بيحد خوشي حاصل ٿيڻ.	پيءُ، پٽ جي جنم جو ٻڌي دل خوشيءَ ۾ ٽيا ڏيڻ لڳس.
☆	دل ڪوسي ڪرڻ.	رنج ٿيڻ، ڪاوڙجڻ.	ماءُ جي ڪلهن ۾ دل ڪوسي نہ ڪجي.

ڏ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڏاڪو جمائڻ.	مشهور ٿيڻ، رعب ويهارڻ.	شين گورنر ايندي شرط ڏاڪو جمائي ڇڏيو آهي.
☆	ڏڪا ٽاٻا کائڻ.	تڪليفون ۽ ڏک ڏسڻ.	غريب جو پٽ ڏڪا ٽاٻا کائي پڙهي بيو.
☆	ڏڪ اچڻ.	نقصان يا ترٽو پوڻ.	پيرل کي واپار ۾ وڏو ڏڪ آيو.

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڏڏ ۾ پير هڻڻ.	الٽي ڳالهه، سچ نه ٻڌائڻ	چور صحيح حقيقت نه ٻڌائي ڏڏ ۾ پير هڻي ويو.

ڏ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڏند پيهڻ	ڪاوڙجڻ، غصي جو اظهار ڪرڻ.	سوالي کي نٿو نه مليو آهي. سو پيو ڏند پيهي.
☆	ڏات گرم ڪرڻ	رشوت کائڻ	ڪامورن جي ڏات گرم ڪيم، ڪم جلدي ٿي ويو.
☆	ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ	سخت سزا ڏيڻ.	صوبيدار چور کي چيو ته "سچ ٻڌاءِ نه ته ڏينهن جا تارا ڏيکاريندو سانءِ"
☆	ڏندين آڱريون اچڻ.	عجب ۾ پئجي وڃڻ.	مداريءَ جا ڪرتب ڏسي ماڻهن جون ڏندين آڱريون اچي ويون.
☆	ڏند ڪٿا ڪرڻ	جي وس سري پئي.	صليبي لڙاين ۾ مسلمانن عيسائين جا ڏندڪٿا ڪري ڇڏيا.
☆	ڏولي وڪڻ گيهه ٿيڻ	وڏو فائدو حاصل ٿيڻ	سورل واپار ۾ هٿ وڌو هاڻ ته ڏولي وڪڻ گيهه ٿي ويو اٿس.

ر

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	رت ٽهڪڻ	ڪاوڙجڻ، جوش اچڻ	غريبن تي ظلم ٿيندو ڏسي رت ٿو ٽهڪي.
☆	رڻ ٻاري ڏيڻ	تمام گهڻو ستائڻ	سنڌ ۾ ڏاڌين رڻ ٻاري ڏنو آهي.
☆	رت ولوڙڻ	سخت پورهيو ڪرڻ	مزدور رت ولوڙي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندو آهي.

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	زرڻ اڳيان رباب وڄائڻ	جاهلن اڳيان عقل جون ڳالهيون ڪرڻ	جاهل جي اڳيان حڪمت جون ڳالهيون ڪرڻ، ائين آهي جيئن زرڻ جي اڳيان رباب وڄائڻ.

ز

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	زبان ڦيرڻ	وعدي تان ڦري وڃڻ	واعدو ڪري وري ڦري وڃڻ مؤمن جو شان نه آهي.
☆	زخمن تي لوڻ برڪڻ	ڏکن ۾ واڌارو ڪرڻ	مظلوم کي ستائڻ، زخمن تي لوڻ برڪڻ برابر آهي.
☆	زهر جو ڍڪ پيئڻ	نه سهڻ جهڙي حالت کي برداشت ڪرڻ	هن مون سان وڏو ظلم ڪيو پر مون زهر جو ڍڪ پي کيس معاف ڪيو.
☆	زهر هارڻ	غصو ظاهر ڪرڻ. بدشد ڳالهائڻ.	جمال هميشه زهر هاري پوءِ هليو ويندو آهي.
☆	زور جي ميندي نه لڳڻ	رضامندي کان سواءِ ڪم جو پورو نه ٿيڻ	شادي آهي مرضي جو اقرار نامو، زور جي ميندي نه لڳندي آهي.

س

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	ساهه ڏيڻ.	قرباني پيش ڪرڻ. ترت مرڻ.	ماءُ پنهنجي ٻچي تي ساهه ڏيندي آهي.
☆	سازش سٽڻ.	منصوبو ٺاهڻ.	دشمن وڏي سازش سٽي حملو ڪيو.

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	سٽ سٽڻ.	رٿ يا تجويز تيار ڪرڻ.	دانا ماڻهو هميشه سٽ سٽي پوءِ ڪم ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي.
☆	ساک پرڻ.	شاهدي ڏيڻ.	ڪائنات جي هر شي خالق جي وجود جي ساک ڀري رهي آهي.
☆	سرجو سانگو ڪرڻ.	جان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.	فوجين سرجو سانگو لاهي دشمن جو سخت مقابلو ڪيو.
☆	سر قلم ڪرڻ.	قتل ڪرڻ، مارڻ.	شاهه بيگ ارغون ننڍي ۾ ڪيترن جا سر قلم ڪري ڇڏيا.
☆	سينو ساهڻ.	مقابلو ڪرڻ، سامهون ٿيڻ.	ظالم جي اڳيان سينو ساهڻ وڏي جوان مردي آهي.
☆	سنڪيءَ ۾ تيلون هڻڻ.	ٻڌڙي ڳالهه الي وجهڻ.	سانوڻ کي چوري ڪندو ڏٺو ته ويو پوءِ ته سنڪي ۾ تيلون هڻي ويو.
☆	سوڙ آهر پير ڊگهارڻ.	حيثيت آهر خرچ ڪرڻ.	آمدني آهر خرچ ڪرڻ بيوقوفي آهي. هميشه سوڙ آهر پير ڊگهارجن.
☆	ساه مٺ ۾ اچڻ.	وڏي مصيبت ۾ ڦاسڻ.	فضا ۾ هوائي جهاز جي مشين خراب ٿين ڪري، ساهه مٺ ۾ اچي ويو.

ش

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	شرم کي اڳڀرون ڏيڻ.	بي حيائيءَ جي ڪم کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.	علي ڪلهو ڪم ڪري هاڻي پيو شرم کي اڳڀرون ڏئي.
☆	شيشهن ڪلهي چڙهڻ.	ننياڻي جي شادي ڪرڻ.	اڄ خير سان ننياڻي ۽ ڌيءَ شيشهن ڪلهي چڙهي آهي هاڻي ڌيءَ بار هلڪو ٿيو آهي.

ع

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	عملي جامو پهرائڻ.	ڪنهن ڪم کي مڪمل ڪرڻ.	قائد اعظم پاڪستان جي تصور کي عملي جامو پهرايو.
☆	عرش تي چاڙهڻ.	ڪوڙي تعريف ڪرڻ.	سليم ڪاموري کي عرش تي چاڙهي ڪم ڪڍي ويو.
☆	عزت کي ٽڪو لائڻ.	بدنامي جهڙو ڪم ڪرڻ.	خالد غلط ڪم ڪري پنهنجي عزت کي ٽڪو لاتو آهي.
☆	عزت وڃڻ.	بي عزتو ڪرڻ.	ميرل پري، ڪچهريءَ ۾ وڏيري جي عزت وٺي ڇڏي.
☆	عقل چرخ ٿيڻ.	حيران ٿيڻ.	سائنس جو ڪمال ڏسي عقل چرخ ٿيو وڃي.

ق

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ.	اجائي بي فائدي ڪوشش ڪرڻ.	جانو، سمجهه کان ڪم نٿو وٺي، اجايو پيو ڦلهيري ۾ ڦوڪون ڏئي.
☆	قانورو دهل هڻڻ.	ملڪي طبيعت وارو ماڻهو ڳالهه سانڍي نه سگهڻ وارو.	ساٿوڙ نه قانورو دهل آهي، انهي سان ڳالهه نه ڪجا!

ڪ

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	ڪسرون ڪڍڻ.	بدلو وٺڻ، فائدو حاصل ڪرڻ.	سڄڻ کي ملي ويو موقعو سو، اڳيون پويون ڪسرون ڪڍيائين

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڪشالا ڪڍڻ.	تڪليفون ۽ ڏک، ڏاکوا سهڻ.	سليم ڪشالا ڪڍي ڪامياب ٿيو.
☆	ڪاتيون ڪهاڙا ڪڍڻ.	وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. مخالفت ڪرڻ.	ڪمون، جانو" جي پٺيان ڪاتيون ڪهاڙا ڪڻي پيو آهي.
☆	ڪانگ اڏائڻ.	انتظار ۾ ويهڻ.	پيارا دوست! تنهنجي ملڻ لاءِ ويٺو ڪانگ اڏايان.
☆	ڪچي ڦاڙڻ.	بيهج آهر خرچ ڪرڻ.	جيڪو ڪچي ڦاڙيندو سو ڏک نہ ڏسندو.
☆	ڪاري وارا ڪک هئڻ.	ڪجهه بہ نہ هئڻ.	ٻڌو ۾ آيو تہ وڏو جلسو آهي، پر اتي تہ ڪاري وارا ڪک هئا.
☆	ڪنن جو ڪچو هئڻ.	ٻڌل ڳالهہ تي جلدي ويساهہ ڪرڻ.	خميسو خان ڪنن جو ڪچو آهي، جنهن ڪري منافق ماڻهو هن کي خراب ڪن ٿا.

ک

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	ڳاٽي وڃڻ.	هيسائڻ، ڊيڄارڻ "ٿڪجي" وڃڻ.	ٺگ دڪاندار ڪانڀيري کي ليکي ۾ ڳاٽي ويو.
☆	کڏون کوٽڻ.	نقصان پهچائڻ جون رٿون رٿڻ.	جيڪو ٻين لاءِ کڏون کوٽيندو، سو پاڻ اُن ۾ ڪرندو.
☆	کير کنڊ ٿيڻ.	پاڻ ۾ ٺهي وڃڻ. هڪ ٿي وڃڻ.	وڏيري ساري ٻنهي وڙهيل ڌرين کي کير کنڊ ڪري ڇڏيو.
☆	ککر ۾ کڙو هڻڻ.	جهيڙو وڌائڻ. ڪنهن کي ڇيڙڻ.	پنهون جي اها ڪني عادت آهي جو هر ڀيرو ککر ۾ کڙو هڻندو آهي.
☆	کڙي ٺپائڻ.	تدبيرڻ.	پٽ پئسن لاءِ پيءُ جي کڙي ٺپائي ڏني.

گ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	گجي گجي وسڻ.	ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ.	زال مڙس تي گجي گجي ٺيڪ وسي.
☆	گُر ڪٽڻ.	ڪٽڻ، سرسي حاصل ڪرڻ.	اسڪرائش راند ۾ جان شير سهٽي رانديگرن کان گُر ڪٽي ويو.
☆	گل ڪرڻ.	خراب نتيجو ظاهر ٿيڻ.	ٺورل ڌ شريف جوڪرو هو، ۾ هاڻي گل ڪڍڻ شروع ڪيا اٿس.
☆	گهڙي پل جو مهمان هئڻ.	پيرسن يا پوڙهو هئڻ.	ساڻوڻ گهڙي پل جو مهمان آهي پوءِ به جوري نٿو ڇڏي.
☆	گهات گهڙڻ.	منصوبو سٽڻ، سازش ڪرڻ.	ڀارت پاڪستان جي خلاف گهات گهڙيندو رهندو آهي.

ل

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	لڱ ڪانڊارجڻ.	خوف کان ڏڪڻ.	خوفناڪ حادثو ڏسي، منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا.
☆	ليڪو لنگهڻ.	حد کان وڌي وڃڻ، بي حيائي ڪرڻ.	جانڻ هاڻ سڀ ليڪا لنگهي ويو آهي، سو هاڻي ڇڏي ڏيوس.
☆	لاڪ لاهڻ.	سيڪت ڏيڻ، ختم ڪرڻ.	انجاحي ڪرڻ تي پيءُ پٽ جي جڳي لاڪ لاٿي.

م

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	مان لهڻ.	عزت حاصل ڪرڻ.	جيڪو ٻار هر هنڌ مان لهندو آهي.
☆	منڊلي مچائڻ.	١. محفل جاري رکڻ.	١. چانڊوڪي رات ۾ خوب منڊلي مچائيسين.

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
		2. هيٺ سان رهڻ.	2. پيءُ جو فوت ٿيڻ کان پوءِ پٽ ساڳي منڊلي مڃايو ويٺا آهن.
☆	منزلون طئي ڪرڻ.	وڏا مرحلا پورا ڪري ڪامياب ٿيڻ.	ڊاڪٽر دائود پوٽو وڏيون منزلون طئي ڪري شمس العلماء بڻيو.

ن

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	نوش جان ڪرڻ.	کاڌو کائڻ.	ناشتو نوش جان ڪري، شڪار تي نڪتاسين.
☆	تن حرام ڪرڻ.	تنگ ڪرڻ، آرام ڦٽائڻ.	اڄڪلهه ڌاڙيلن ڳوٺاڻن جي تن حرام ڪري ڇڏي آهي.
☆	نڪ ۾ دم ڪرڻ.	پريشان ڪرڻ.	بجلي جي اگهوٽ، شهرين جو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو آهي.
☆	نڪ کي مر لاهڻ.	لڄارو نه ڪرڻ، گلا يا مبارڪان بچائڻ.	راڄ جي ڏيتي ليتي ڏيڻ آهي، نڪ کي مر لاهڻ.

و

	اصطلاح	معني	جملي ۾ استعمال
☆	ويڇا وسارڻ.	مخالف ڪرڻ، فرق ختم ڪرڻ.	دين اسلام انسان کي ويڇا وسارڻ جي تعليم ڏي ٿو.
☆	ويساهه آڻڻ.	يقين ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ.	پورو ماڻهو هر ڳالهه تي ويساهه آڻيندو آهي.
☆	وار ونگو نه ٿيڻ.	ڪوبه نقصان نه پهچڻ.	صفر حادثي ۾ صاف بچي ويو وار به ونگو نه ٿيس.
☆	وايون بتال ٿيڻ.	هوش وڃائڻ، حوصلا خطا ٿيڻ.	چورڪي اچي سپاهي پهتا، سو وايون ئي بتال ٿي ويس.

ھ

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	هٿ رکڻ.	پنهنجو بڻائڻ، مدد ڪرڻ.	امير کي هميشه غريب تي هٿ رکڻ گهرجي.
☆	هٿ ڦاڙ ٿيڻ.	اجايو خرچ ڪرڻ.	هٿ ڦاڙ ماڻهو جي بجاڙي خراب ٿيندي آهي.
☆	هٿ ڪڍڻ.	مدد ڪرڻ ڇڏي ڏيڻ. تعلق ختم ڪرڻ.	عمر ۽ يوسف مان هٿ ڪڍي ويو هاڻي اڪيلو آهي.
☆	هٿ ٽنگڻ.	سوال ڪرڻ، مدد لاءِ واجهائڻ.	هميشه ڪفايت سان هلجي، جيئن هٿ ٽنگڻو نه پوي.
☆	هٿ هڻڻ.	پڇتائڻ، پريشان ٿيڻ.	جيڪو اجايو وقت وڃائيندو، اهو آخر ۾ هٿ هڻندو.
☆	هٿ منجهڻ.	پئسو نه هئڻ.	اڄڪلهه هٿ منجهيل پيو آهي، جنهن ڪري تنهنجي مدد ڪري نٿو سگهان.
☆	هٿ پير هڻڻ.	ڪوشش ڪرڻ.	هٿ پير هلائي روزي ڪمائيندڙ الله تعاليٰ جو دوست آهي.
☆	هٿ مهٽڻ.	افسوس ڪرڻ، پڇتائڻ.	محنت نه ڪندڙ ناڪام، خراب نتيجي ظاهر ٿيڻ وقت هٿ مهٽيندو آهي.
☆	هائي ۾ هجڻ.	ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسڻ.	موزي جا پاڻ ويچارا هائي ۾ هجي ويا.
☆	هڏ ڪرڪڻ.	دل ۾ درد پيدا ٿيڻ.	حضور اڪرم ﷺ کي هميشه امت لاءِ هڏ ڪرڪندو هو.

ي

	اصطلاح	معنيٰ	جملي ۾ استعمال
☆	يار غار هئڻ	گهري دوستي جو هئڻ	محمود ۽ عمر پاڻ ۾ ٻئي يار غار آهن.

پهاڪا Proverbs

(سمجهاڻي سميت)

سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشمار پهاڪا آهن. جيڪي صدين کان ٻولي ۾ پيا استعمال ٿين. اهي مختلف قصن، ڪهاڻين، ڏندڪٿائن ۽ مذهبي روايتن مان حقيقتون هٿ ڪري، انسان جي سياڻن سگهڙن ۽ اديبن ٺهي ٺاهيا آهن. پهاڪا ٻولي کي سونهن بخشين ٿا. انهن مان انسان جي تهذيب ۽ تمدن جي خبر پوي ٿي. پهاڪا ٻولي جي شاهوڪار هئڻ جو دليل آهن. موقعي ۽ محل سان مضمون ۾ استعمال ڪرڻ ڪري تحرير ۾ جان پيدا ٿئي ٿي.

پهاڪي جي لفظي معنيٰ بابت سنڌيءَ جو مشهور عالم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته "سنڌي ۾ هڪ مصدر آهي "پهڻ" ان جون مکيه معنائون آهن. خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سوچڻ ۽ تيرڻ" "پهه" ڌاتو ۾ "آڪو" پڇاڙي ڳنڍڻ سان لفظ ٺهيو آهي. "پهاڪو" ان ريت فعل ڌاتو" ۾ "اڪو يا ڪو" پڇاڙي ڳنڍڻ سان سنڌي ۾ پيا ٻه اسم ٺاهيا آهن.

جيئن ته:

ميڙ (ميڙڻ) - ميڙاڪو

چٽ (چٽڻ) - چٽاڪو جنهن مان چٽڪو.

ليچ - ليچڪو. چلڻ - چلڪو.

انهي ڪري "پهاڪو" لفظ جي معنيٰ آهي "اهو نڪتو يا گڏ، جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل هجي."

ڪجھ پهاڪا هيٺ ڏجن ٿا.

(الف)

1. آٽي ٽاندي ڪاڻ، ٿي وڃي ٻورچياڻي.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ڪو ماڻهو ڪنهن جي گهر ۾ ٿوري دير لاءِ اچي پناهه وٺي، پوءِ گهر جو مالڪ بڻجي ويهي رهي.

2. انڌو اها ٿي جا ڪوري، جي من ۾.

ظاهري طور هي پهاڪو ڪوري لاءِ چيل آهي. جيئن وڻيس، تيئن ڪپڙو اُٺي چاهي ڳهاٽو اُڻي يا ڇڊو. پر حقيقت ۾ مطلب اٿس ته سڀ ڪجهه ذاتي تعاليٰ جي وس ۾ آهي، جو قدرت وارو اهي، حڪمت وارو ۽ بي نياز آهي. جيئن کيس منظور هوندو، ائين ڪندو.

3. اهو ڪي ڪجي، جو ميڙهين وسندي ڪم اچي.

مطلب ته ڏکئي وقت لاءِ ڪجهه بچائي رکجي. جيئن اُتي ويل ڪم اچي.

4. اڌ کي ڇڏي جو سڄي ڏانهن ڊوڙي، تنهنجو اڌ به وڃي.

هن پهاڪي جو مطلب اهي ته جيڪو وڏيڪ لالچ ڪندو سو نقصان ۾ ويندو.

5. اهڙو سون ئي گهوريو، جيڪو ڪن ڇني.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته جيڪو ڪم ظاهر ۾ فائدو وارو هجي، پر حقيقت ۾ اهو نقصان وارو هوندو آهي. اهي ڪري اهڙو ڪم ئي نه ڪجي.

6. اها زبان اُس ۾ ويهاري، اها زبان ڇانو ۾ ويهاري.

زبان جو استعمال صحيح ڪرڻ سان انسان هر هنڌ عزت ۽ مان پائيندو پر جيڪڏهن غلط استعمال ڪندو ته هرڪو ان کان نفرت ڪندو. ڪٿي به عزت حاصل نه ٿيندس.

7. اگر ڄاڻن، لهر ڄائي.

جيئن ته اگر لوهار جي هٿ ۾ آهن. سارو يا بچائڻ سندس هٿ ۾ آهي جن پهاڪي جو مطلب آهي ته. انسان کي کپي ته سڀ ڪم ڌڻي جي حوالي ڪري يعني توڪل اختيار ڪري.

8. آڪري ۾ مٺو وجهڻ، سي مَهريءَ کان نه وڃن.

مطلب ته جيڪي ماڻهو جوڪائتي ڪم ۾ هٿ وجهن ٿا. اهي هٿ وارا ماڻهو نتيجي ۾ ايندڙ تڪليفن کان نه وڃندا آهن. جيئن آڪري ۾ پيل ڄانور مهري جي ڏکن سان صاف ٿيندا آهن. اهڙي طرح انهن ماڻهن ۾ وڏيڪ همت ۽ پختگي پيدا ٿيندي آهي.

9. آٽي سڳن ڪاڻ، ويلي ڪَنَ ڪپائي.

ٿورا اجي فائدي لاءِ پراڻو نقصان پرائي.

10. آزمائي کي آزمائڻ، ڏوڙ منهن ۾ پائڻ.

جنهن ماڻهو کي ڪو ڪم يا جوابداري سونپي وڃي، اهو انهن کي پورو ڪري نه سگهي. ته اهڙي ماڻهو کي ٻيهر اهڙي جوابداري سونپڻ بيوقوفي آهي.

11. آه غريبان قهر خدائي، دُعا درويشان رحمت الاهي.

مطلب ته غريب جي آه ٿي ظالم جي برباديءَ لاءِ ڪافي آهي. تيڪن جي دُعا الله تعالى جي رحمت جو دروازو کولي ٿي.

12. اٽ اٽي نه، چٽي سيٺ پاڙو ڏي.

ديل فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ لالچ ڪرڻ.

13. اَجي ٻگ ۾ ٻس، اندر مزيٽي اگهريون.

جنهن ماڻهو جو ٻاهريون ڏيک ٺٺ ٺانگر وارو هوندو آهي. پر گهر ۾ سَچ لڳي پيٺي هوندي اٿس. يعني گهر ۾ ڪجهه به نه هوندو اٿس. اهڙي ماڻهو لاءِ هي پهاڪو چئبو آهي.

14. اک نهي ڪان، جنهن ڪيڙ کان چند ڏنو.

علم نہ هئڻ جي باوجود، وڏي ڄاڻ جي دعويٰ ڪرڻ.

15. اڻ ڳهريو ماڻ بہ، پٽ کي ٻيو نہ ڏي.

هن پهاڪي جو مطلب آهي تہ ڪوشش سان ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. خالي مات ڪري ويهڻ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

16. انڌيءِ پيٺو، ڪتيءِ چٽيو.

هن جو مطلب آهي تہ ڪمزور انسان، ڪوڪر مشڪل سان پورو ڪيو پر بي احتياطيءَ بي خيالي ڪري، اها محنت بيڪار بڻجي وڃي.

17. انڌا رکن روزا، ٿڏهن ڏينهن بہ وڏا ٿين.

مطلب تہ سست ۽ آرام پسند ماڻهو، جيڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو تہ اهو ڪم سولو هوندي بہ هن کي ڏکيو لڳندو.

18. اوپرو مهمان پٺاڻي پاڻ.

جيڪڏهن ڪو مهمان اوپرو ايندو آهي، تہ ان جي ماني ٽڪي جي خدمت، ميزبان لاءِ ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي آهي. ظاهري طرح ڪجهہ بہ جيئن نہ سگهندو، پر دل ۾ ڪيس برو پلو چوندو. اهڙي موقعي تي هي پهاڪو استعمال ڪبو آهي.

19. اکين لونگ لڳا، جا قرو يا وسري.

لونگ ۽ جافر مصالحي جا قسم آهن. هن مان لونگ جافر کان وڌيڪ سٺا آهن. ڪو ماڻهو جهونا دوست وساري، نوان دوست ڪري تہ هن کي مهٽو ڏيندي اٿين جٽبو آهي.

20. اگهہ ۽ گهہ جي سڌ الله کي.

گهہ معنيٰ پيٽ وارو بار ڏيءَ آهي يا پٽ. اهڙي طرح سياڻي ڪهڙو اگهہ ٿيهندو مهانگو يا سهانگو. انهن ٻنهي حالتن جي خبر صرف الله کي هوندي آهي.

(ب)

21. ٻانديءَ جي من ۾ ٺڪاءُ، صاحب جي من ۾ ٻي.

انسان پنهنجي دل ۾ گهڻيئي سٽون سٽيندو آهي. ۽ هيئن ڪندس يا هيئن ڪندس، پر ٿيندو اهو ئي، جيڪو الله تعاليٰ چاهيندو.

22. ٻڪ ٻڇڙو ٽول، دانا* ديوانا ڪري.

جيئن بيماريءَ جي حالت ۾ حواس ڪم ڪري نه سگهندا آهن. اهڙي طرح ٻک جي حالت ۾ به عقل ساٿ ڇڏيو ڏئي. ٻک اهڙي ٻڇڙي حالت آهي، جو مجبوراً انسان کي ذليل ٿيڻو ٿو پوي.

23. ٻڇڙو ڪتو ڏئي ٻڪاٽي.

ڏئي ٻُڪاٽي يعني ڏئيءَ کي گاريون ڏياري. خراب ڪتو ڪنهن کي ڏاڙهيندو ته گاريون ڪتي جي مالڪ کي ملنديون. اهڙيءَ طرح ڪو شخص ڪنهن سان خراب هلت هلندو ته پنهنجن مائٽن کي گلا ڏياريندو.

(پ)

24. ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائي کي ماس جي.

جيئن ته ڪاسائي ٻڪريءَ کي ذبح ڪندو آهي، تيئن هوءَ رڙيون ڪندي آهي، پر ڪاسائي تي انهن رڙين جو ڪوبه اثر ڪونه پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجي مقصد يعني گوشت حاصل ڪرڻو هوندو آهي. اهڙي طرح ظالم کي مظلوم جي دانهن ڪوڪن جو ڪوبه اثر نه ٿيندو آهي ۽ هو پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ مظلوم تي ظلم ڪندو رهندو آهي.

25. ٻلي کي خواب ۾ به ڇيڇڙا.

جيئن ته ڇيڇڙا خراب ڪاڌو ٻلي جي پسند واري غذا آهي. هر وقت انهي کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندي آهي. اهڙي طرح برائي ڪندڙ ماڻهو هميشه برائي لاءِ سوچيندو رهندو آهي. بلڪ خواب ۾ به ان کي لڄائي نظر ايندي رهندي آهي.

26. ٻه گڏرا هڪ مُٺ ۾ نه ماپن.

جيئن هڪ ئي وقت ۾ ٻه گڏرا مُٺ ۾ اچڻ ناممڪن آهي. اهڙي طرح هڪ ئي وقت ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڪم ڪري نٿا سگهجن يا هڪ ئي وقت ۾ ٻٽيل فائدو حاصل ڪري نٿو سگهجي.

27. ٻه پائر ٽيون ليکو.

مطلب ته وهنوار هميشه صحيح ڏجي ۽ وٺجي، ڀوءِ ڀلي ڪٿي سگهر ياءَ هجي انهي ڪري وهنوار کي ٽشن پاءُ جيتري اهميت ڏني ويئي آهي.

28. ٻه ته ٻارهن.

هن جو مطلب آهي ايڪو ۽ اتحاد قائم ڪرڻ. ٻن ڄڻن جي گڏيل طاقت ٻارهن ڄڻن جي گڏيل طاقت جيتري ٿي پوندي آهي.

29. ٻري تيل، ڪامي وٽ. واهه ڙي ڏيا واهه!

جڏهن ڏيو ٻرندو آهي ته تيل ٻرندو ۽ وٽ ڪامندي آهي پر چئبو ائين ته "ڀلي! ڏيو واهه جو ٿو ٻري" مطلب ته سور سختيون سهن هڪڙا ۽ نالو ناموس ٻئي ٻين جي.

30. ٻڌي ٻيڙي، جون هريڙون ٻه پليون.

ويل شيءِ مان ٿورو ڪجهه ملي ته اهو به چڱو.

31. ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، تنهنجون ٽنگون ڦاٽن.

هڪ ئي وقت ۾ ٻه ڪم ٿي نه سگهندا آهن. جيڪڏهن ائين ڪبو ته ان مان فائدي جي بدران الٽو نقصان ٿيندو.

(پ)

32. ڀلي ٻڪ ٻرم جي شال م وڃي شان.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ٻنهجي عزت ۽ آبرو قائم رکڻ لاءِ ٻک برداشت ڪجي پر ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگجي.

33. ڀڳو گهڙو ڏون ڏون ڪري.

جيئن ڀڳل گهڙي جو عيب وڄائڻ سان ئي معلوم ٿيندو آهي تيئن اڻ ڄاڻ ھلڪي طبيعت وارو ماڻهو ڳالهائڻ وقت اجائي بڪ بڪ ڪندو آهي. جنهن مان ئي سندس اوڻائي معلوم ٿيندي آهي.

34. پلن پنيان للهيون، للهين پنيان پليون.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ڪڏهن نيڪ پلن ماڻهن جو اولاد به خراب نڪرندو آهي. ڪڏهن وري گهٽ درجي وارن انسانن جو اولاد نيڪ عالم ٿي پوندو آهي.

35. پري پيڙي، پر واڻيو ڳرو.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ظلم هميشه غريب ماڻهن تي ڪرندو آهي. زوروارو مالدار ماڻهو هميشه پاڻ کي نقصان کان بچائي غريب کي قرباني جو ٻڪرو بڻائيندو آهي.

36. ٻلي ٻلي پاڻ آئي، سا به نه ٻلي.

جيڪڏهن ڪو سٺين وات ڇڏي وڃي اوجهڙ ۾ پيو، وري پاڻ سهائي سٺين راه تي آيو سوچڻ ته ٻليوئي ڪونه هو.

37. پاڳين جا پان، خالي ڪونه ٿيندا آهن.

پاڳ وارن جو مال ۽ دولت کٽندي نه آهي. پيو مطلب ته نيڪ شريف خاندانن ۾ ڪونه ڪو نيڪ هوندو ئي آهي.

38. پاڙين مٿان پٽ ڪانگن ڪيراڻي وڌي.

جيڪي ماڻهو ٻڌا گيدي ٿين ٿا. اهي سڀ ڪمزور نيچ ماڻهن جي هٿان نقصان کائي ويهندا آهن.

(ت)

39. تڪڙي ڪتي انڌا گلر ڄڻي.

ڪنهن به ڪم ۾ تڪڙ ڪرڻ سان هميشه نقصان پهچندو آهي.

40. تر جي گٿي سر* جولون کائي.

ٿوري لاپرواهي يا اڻ ڄاڻائي ڪري، انسان گهڻي تڪليف ۾ ڦاسيو وڃي. جنهن

ڪري ڇيڪو نہ ڪم ڪجي، سر سوچي سمجهي خيال ۽ ڌيان سان ڪجي.

41. ٿوڙي وڃي روم، تہ بہ ڊوڙو ۽ ٿوم.

روزگار جي تلاش ۾ ڪٿي بہ ڪٿي وڃو، تہ بہ روزي اها ئي ملندي جيڪا نصيب ۾ لکيل هوندي، وڌيڪ نہ ملندي.

42. ترن جو تيل ترن مان ئي نڪرندو آهي.

ڪسر بئي هنڌان نہ پوري بہ ساڳي فائدي ملڻ واري هنڌان حاصل ڪبي.

(ٿ)

43. ٿوري ڪٽتي، گهڻي برڪت.

ڪفايت ڪندڙ ماڻهو ٿوري ڪمائي هوندي بہ خوش گذاريندو آهي، واپار ۾ ايمانداري سان ٿورو نفعو وٺڻ ۾ گهڻي برڪت ٿيندي آهي.

44. ٿڌو گهڙو پاڻ کي. پاڻ ڇانو ۾ رکائي.

جنهن گهڙي ۾ پاڻي جلدي ٺري. تنهن کي سيڪو پاڻ ئي ڇانو ۾ رکندو. اهڙي طرح ايماندار، هڏ ڏوکي وفادار ماڻهو هر هنڌ مان پائيندو آهي.

45. ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي.

مطلب تہ خوشحالي ۽ غربت واريون حالتون سڀ ڌڻي تعاليٰ جي پاران آهن. تنهن ڪري خوشحالي ۾ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪجي ۽ غربت واري حالت ۾ رب جي رضا تي راضي رهي. صبر ۽ شڪر واري زندگي گذارجي.

46. ٿورا ڪٺا ڻالهين ۾ گهڻا.

ٿوري سٺي شي، گهڻي خراب شي، کان بهتر آهي.

47. ٿڌو لوهہ ڪٽڻ مان. نڪي وري نڪي سري.

موقعو هٿان وڃائڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو.

(ٽ)

48. ٽٽوءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو.

ٽٽو يعني ڍلو گهوڙو، ٽارو يعني لڪڻ. جيئن ڍ جيترو پڻ ٽٽو لڪڻ سان هلندو، اوترو پلو گهوڙو اشاري سان هلندو. اهڙي طرح سياڻو ماڻهو جيترو ڪم اشاري سان ڪندو، اهو ڪم بيوقوف ماڻهو ڦٽ لعنت سان به مس ڪندو.

49. ٽيڏو ڏسي ٽي، ٽنهي ۾ ڏوهه ٽيڏي جو.

سني ڳالهه مان به برائي پيدا ڪري، اها بُري عادت ٽيڏي آهي.

50. ٽيڏو پسي ٽي، هوت آهي هڪڙو.

هر مقصد تائين پهچڻ لاءِ واٽ سڌي مقرر ٿيل آهي. پر جيڪڏهن ڪو منجهي ٻيون واٽون يا وسيلا اختيار ڪري ٿو ته اهو سندس بي سمجهي جو ڏوهه آهي. ڪائنات کي خلقيندڙ الله تعالى جي واحد هستي آهي. پر جيڪڏهن ڪو شڪ ڪري ٿو ته اهو سندس بي شعوري جو دليل آهي.

51. ٽڪو ڏنو، ٻرو ڇنو.

پئسو خرچ ڪرڻ سان ڪم سولو ٿئي ٿو، هرو ڀرو ٻين وسيلن ڏانهن نهاري تڪليف ۾ نه پئجي.

(ٿ)

52. ٿلهو چڙو، وڃي ڳهڻو.

چڙو يا چڙو ٻورو هوندو آهي. جنهن ڪري ڳهڻو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن ٿلهو هجي ته نه وڃي ها. اهڙي طرح هلڪي طبيعت جو ماڻهو ٻڪ ٻڪ ڳهڻي ڪندو آهي. پر دانا ماڻهو بردبار ۽ ڌيرج وارو هوندو آهي.

53. ٿوڙهن کي ڦلڙيتا ڇا ڪندا.

ٻي غرض ماڻهن کي چاهي ڪاڻ ڪيڏي پوندي؟

54. نڪر ونجي ته به نوڪي ونجي.

ٿوري قيمت واري شيءِ به حاجي ڏسي واٽس ونجي.

(پ)

55. پاڻ نه پلي، ڏوجهان متيان ڏيوي.

هي پهاڪو اهڙي ماڻهو لاءِ آيل آهي، جيڪو ٻين کي برائي کان بچڻ جي نصيحت ڪري، پر پاڻ کي برائي کان نه ٿو بچائي.

56. پاڻ نه پاري ڪنا ڏاري.

اهڙو ماڻهو، جيڪو پاڻ ٿوري هوندي وارو هجي، پر ڪم هٿ ڦاڙ وارا ڪري، يعني قناعت ڇڏي فضول خرچ ڪري.

57. پاڻي کان اڳ کپوا نه لاهجن.

مطلب هي آهي ته اڳڪتي ڪنهن ڳالهه لاءِ فڪر ڪرڻ يا پريشان ٿيڻ سياڻپ نه آهي.

58. پنهنجي ڪٿي جو نه ڪو ويچ، نڪو طبيب.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجو نقصان پاڻ ڪندو ان جو ٻيو ڪوبه تدارڪ ٿي نٿو سگهي.

59. پرائي دهلين احمق نچي.

هن پهاڪي جو مطلب ته جيڪو ماڻهو، پنهنجو ڪم ڇڏي، بيوقوفي ڪري ٻين جي ڪمن ۾ ٿي پوي، سو بيوقوف آهي.

60. پنهنجي ڏرتي گدڙ به شينهن.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته، هيڻو ڪمزور ماڻهو به پنهنجي گهر ۾ بهادر هوندو آهي.

61. پيٽ پر پٽي لڏ.

وهٽ کي پيٽ پري ڪارائيو ته هو زياده بار کڻي سگهندو. اهڙيءَ طرح مزور کي مناسب مزوري ڏني ته هو وڌيڪ ڪم ڪندو.

62. پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اڄ مرن.

يعني درياءَ جي ڪپ تي وڻا آهن. تنهن هوندي به اڄ پيا مرن. اهو پهاڪو سُست ۽ نڪمي ماڻهن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جن کي سڀ وسيلا هوندي به هو محنت نه ڪن ۽ هٿ هٺ تي رکي ويهي رهن.

63. پنهنجي ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ.

پنهنجي عزت ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ يا پنهنجي عزت پاڻ ٻئي جي هٿان وڃائڻ.

64. پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو پنگهو نه ڊاهجي.

پنهنجي مالي ۽ خانداني حالت موجب زندگي گذارجي. ٻين جي اوچي زندگي ڏسي نه هرکجي.

65. پرڻ چوي ڏونگي کي، هل ڙي! نه ٽنگا.

پرڻ کي گهڻا ٽنگ ٿين. ڏونگو جنهن کي تي ٽنگ ٿيندا آهن. مطلب ته گهڻن عيبن وارو ٿورن عيبن وارن کي مهڻو ڏئي. انسان پنهنجيون غلطيون نه ڏسي، ٻين تي وٺي نڪته چيني ڪندو.

66. پرٿيا تاهيون ته به جاجي گهڻن جا ٽيا آهيون. "مٿا نه آهيون ته به ڪانڌي گهڻن جا ٿيا آهيون.

جيڪڏهن دنيا جا گهڻا ڏک ڏاڪڙا سرتي نه سٺا آهن، تنهن هوندي به تجربا گهڻا ڪيل آهن.

67. پرائي پلاءَ ڪان پنهنجي پيچ به چڱي.

پنهنجي سادي ڪاڏي مان جيڪا لذت محسوس ٿيندي آهي، سا پرائي عمدي ڪاڏي مان حاصل نه ٿيندي آهي.

68. جيڪي ڪُني ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.

ڪُنيءَ ۾ جيڪڏهن پلاءُ هوندو ته پلاءُ، جيڪڏهن رب هوندي ته رب ئي ڏوئي سان پاٽ ۾ ايندي، يعني جهڙوڪ ڪم ڪبو ان جو ڦل اهڙو ئي ملندو جيئن ته جو پوکي ڪڻڪ ڪين لڻبي.

69. جيري لاءِ بکري نه ڪجهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي بکري جي جيري جي ضرورت پوي ٿي، ته هو ان لاءِ سڄي بکري ڪُهي ٿو. اهي ٿوري مقصد لاءِ سڄي بکري ڪهڻ نادانيءَ آهي يعني ٿوري مطلب لاءِ گهڻو زيان ڪرڻ نادانيءَ آهي.

70. جتي پڇڻ ناهي جاءِ، اتي پڇڻ ڪم ورپام جو.

جنهن سان پڇي نه سگهجي ته اهڙي حالت ۾ پاڻ ڏاڍي ڪان پڇي جان ڇڏائڻ ڏاهپ جو ڪم آهي.

71. جتي وڻ نه آهي، اتي ڪانڊيرو به درخت.

يعني جتي وڻ نه آهي، اتي ڪانڊيري جهڙو ننڍڙو بوٽو به درخت ليکبو آهي. اهڙي طرح جتي اهليت وارو شخص نه هوندو آهي ته اتي گهٽ اهليت واري ماڻهو کي به اهليت وارو ڪري شمار ڪبو آهي.

72. حون جو واهي گڏهه.

هو گڏهه جي خوراڪ آهي. سو جيڪڏهن گڏهه کي حون جو رکوالو ڪري رکبو ته اهو جو کائڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو. اهڙي طرح خيانت ڪندڙ ماڻهو کي ڪا امانت حوالي ڪبي ته اهو ضرور ان ۾ خيانت ڪندو.

73. جيڏا اٺ تيڏا لوڏا.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته هرڪ انسان کي پنهنجي حيثيت آهر ذميداريون ۽ پريشانيون هونديون آهن. غريب جي مقابلي ۾ امير وڌيڪ پريشان هوندو آهي. جاڪاڻ ته ان جي آڏو وڏا معاملا ۽ مسئلا هوندا آهن. غريب کي رڳو پيٽ جي چنتا هوندي آهي.

74. جنهن جي گهر ۾ دانا، تنهنجا چريا به سيانا.

مطلب ته دولتمند ماڻهو جهڙو تهڙو معتبر سمجهيو ويندو آهي انهي جا چريا ڪريا ماڻهو به سيانا سمجهيا ويندا آهن.

75. جتي لوڀ هجن، اُتي ٺوڳي بک نه مرن.

لوڀ يا لالچ ڪري عقل هٿان ڇڏايو وڃي، جڏهن عقل ڪم نه ٿو ڪري ته پوءِ اهڙي حالت ۾ ٺڳ سولائي سان لوڀيءَ کي ڦريو وڃن.

76. جتي اَٽ ترندو اتي ڇج به ترندو.

مطلب ته جتي گهڻو خرچ ٿئي ٿو اتي معمولي خرچ به ان سان گڏ آسانيءَ سان ٿي ويندو.

77. جيڪي لکيو سو ڪاٺي اڪ ۾.

جيڪا به مصيبت يا پريشاني اچي ته اها نباهڻ جي مٿان پوي.

(ج)

78. جپ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.

جپ جو ترڪڻ معنيٰ واعدو پورو نه ڪيو وڃي، انهي ڪري پير سپٽي ڳالهين کان واعدي خلافي بڇڙي ڳالهه آهي.

79. جت جي چمار اوائي ڪتا.

هن پهاڪي ۾ جاهل لاءِ نفرت جو اظهار ٿيل آهي، هن جي زندگي اوائي ڪتا آهي جن مان به پائي پراڻا ڪيا اٿس. تنهن جو اڌ استعمال ڪيائين نه سندس زندگي جو خاتمو ٿيو. اٿين جهالت ۾ بنا مقصد جي حياتي گذاري مري ويو، بنا علم جي انسان نه خدا کي سڃاڻي سگهي ٿو، نه وري کيس زندگي جي مقصد جي خبر پوي ٿي. بنا علم جي انسان حيوان مثل آهي، بلڪ حيوان کان به بدتر.

80. جيءَ ۾ جاڻن نه سڃاڻن، چتي مان به گهوٽ جي پڳ.

ڪم ۾ ڪو واسطو نه هجي، پر هرو ڀرو پاڻ کي واسطيدار سمجهن.

81. جهڙي نيت تهڙي مراد:

سڀني عملن جو دارومدار نيت تي آهي. جيڪڏهن نيت نيڪ هوندي ته مراد به نيڪ حاصل ٿيندي. جيڪڏهن نيت صحيح نه هوندي ته ان جو بدلو به خراب ملندو.

82. جهڙا روح تهڙا ختنا.

مطلب ته جهڙي اهليت يا لياقت وارو ماڻهو هوندو، انهي موجب انهي کي فائدو حاصل ٿيندو. جهڙو ارادو هوندو اهڙو ئي مطلب پورو ٿيندو.

83. جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا.

ڪانو هڪ ڪارو ڪوجهو پکي آهي. ٻر پکين ۾ تمام سياڻو پکي آهي. تنهن ڪري ان جا ٻچا به سياڻا ٿيندا آهن. اهڙي طرح سياڻي ماڻهو جو اولاد به اڪثر ڪري سياڻو ٿيندو آهي ۽ اياڻي جو اولاد به اڪثر اياڻو هوندو آهي.

84. جهڙي چالي تهڙي ٻتي، جهڙو گهوٽ تهڙي وني.

جهڙي قسم جو مرض هوندو آهي، علاج به انهي مطابق ٿيندو آهي. اهڙي طرح جهڙي لياقت جو گهوٽ هوندو، ڪنوار به انهي جهڙي هوندي مطلب ته جهڙي قسم جو ماڻهو هوندو آهي، انهي سان سلوڪ به انهي مطابق ڪيو ويندو آهي.

85. جهڙو منهن تهڙو موچڙو.

جيڪو جهڙي قسم جي برائي ڪندو ته ڪيس ان جي سزا به اهڙي ئي ملندي.

86. جهڙا ڳڙهه تهڙا اٽي.

جنهن شخص جي جهڙي اهليت ۽ افعال هوندا، سماج ۾ ڪيس اهڙو ئي درجو حاصل ٿيندو.

87. جهونا ٿيا جهاز ست نه جهلين سڙهه جي.

جڏهن انسان پوڙهو ٿيندو آهي، تڏهن معمولي تڪليف به برداشت ڪري نه سگهندو آهي.

88. چري پوندي ۾ خوش.

بيوقوف ماڻهو جت ڪٿ ۾ به خوشي محسوس ڪندو آهي.

89. چري جو جوڙو ڪڍهن پاڻهن ۾ ڪڍهن تنگ ۾.

عورتون جوڙو هميشه پاڻهن ۾ پائينديون آهن. پر چري جوڙو ڪڍهن پاڻهن ۾ ڪڍهن تنگ ۾ پائيندي آهي. اهڙي طرح جنهن ماڻهوءَ جو هوش ۽ حواس سالم نه هوندا آهن نه اهو ڪڍهن ڪهڙي حال ۾ ڪڍهن ڪهڙي حال ۾ رهندو آهي.

90. چرين ڪهڙا چت، مُٺن ڪهڙا ماءُرا.

چت معنيٰ دل پر مطلب اٿس چنتا يا فڪر. جيئن مثل ماڻهو دنيا جي ڳڻتي فڪر کان آزاد آهي. تيئن پنهنجي حال ۾ مست چريو ماڻهو به دنيا جي ڪرت ڪاروبار کان ڇٽل رهندو آهي.

91. چڙي جي گهر ويا مهمان، جي اسين پيا لنگهون، اوهان به لنگهو.

برو هميشه بري صلاح ڏيندو آهي.

92. چور جي ڏاڙهي ۾ ڪک.

غلط ڪم ڪڍهن به لڪي نه سگهندو. جلدي ظاهر ٿي پوندو.

93. چريا ڳڌيا چرين سان، ادا عيد مبارڪ!

جنس، جنس کي ڳولي لهندي آهي. چرين کي دوستي به چرين جي وڻندي آهي.

94. چندي مڱڻهار کي گهور مهل لڳي حاجت.

: نياڳي ماڻهو کي نصيب کلڻ وقت نه ڪاڏ ڪا اڙ آڏو ايندي ٿي ايندي آهي.

95. چڱائي ڪر جت سان نه ڦيري هٿي پٽ سان.

بيوقوف ماڻهو سان ڪيتري به چڱائي ڪجي، پر هو ان کي بچڙائي سمجهي سامهون ٿيندو.

(چ)

95. چتي ڪتي جي دوا پٽڙ.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ڏنگو ماڻهو سواءِ سزا جي نه سمجهندو جيئن اردو ۾ پهاڪو آهي ته: "لاتون ڪي ڀوت باتون سي نهين مانتي"

96. چوڪري جائي ناهي، اڳئي ناني، مهانڊي.

مراد حاصل ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اميدون رکڻ بيوقوفي آهي.

97. چا ڪوري چا ترارون؟

مطلب ته ٻوڙن ۽ چڱو ماڻهو، هشيار هلائڻ يا پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ جي سگهه نه رکندو آهي.

98. چا گڏهه چا گلقند؟

نالائق ماڻهو کي نوازڻ ائين آهي جيئن گڏهن کي گلقند کارائڻ. مطلب ته نا اهل ماڻهو کي نوازڻ بيڪار آهي.

99. چوڏو چوڏو، ڪنهن نه اوڏو.

ائين هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ، جيئن وري ڪڏهن به ملڻ نه ٿئي.

(ح)

100. حلوائي جو حلوو مٺو، حلوائي سان وير.

جن ماڻهن جي سڀا ۾ ڏنگ هوندو آهي، اهي نيڪ ماڻهو جي چڱائين کي ڏسندي به انهي سان وير رکندا آهن.

101. حمايتي گڏهه، عراقيءَ کي لتون هڻي.

"عراقي"، گهوڙن جي هڪ سٺي قسم جو نالو آهي، پهاڪي جو مطلب آهي ته، جو ڪميڻي ماڻهو کي حمايت ملي وڃي، ته شريف ماڻهو سان اٽڪندي دير نه ڪندو.

102. حلوائي جو دڪان ۽ ڏاڏا مرحوم جي فاتح.

بي رحمي سان لٽائڻ. يا پرائي هٿ آيل دولت کي پنهنجو سمجهي خرچ ڪرڻ.

103. حرام ۾ ٻهاڙ برڪت.

ناجائز طريقي سان ڪمائڻ مان ڪير فائدو ڪونهي.

(خ)

104. خون ڪٿوري ڳجها نه رهن.

ڪٿوري کي ڪٿي ڪيترو به لڪائجي ته به ان جي خوشبو نه لڪي سگهندي. اهڙيءَ طرح خون کي به لڪائي نٿو سگهجي.

105. خان جي خالي ماڻيءَ مان پڌري.

مهل اچڻ تي وڏا ماڻهين ظاهر ٿيو پوي.

106. خوش رهه ڏومڻي، تنهنجو ڏوم سلامت آيو.

حيثيت کان وڌيڪ ڪم ۾ حصو وٺڻ. شرمسار ٿيڻو پوندو آهي. يا بزدل جاڪوڙ ۾ شامل ٿي پاڻ تان مالهو ڪلائيندو.

107. خير ۾ خدا به راضي آهي.

نيڪ ڪمن ۾ خدا راضي رهندو آهي.

(د)

108. دل کوٽي ته عذر گهڻا.

جنهن جي دل ۾ کوٽ هوندي، اهو ڪم نه ڪرڻ جا گهڻا بهانا ڪندو آهي.

109. دائي کان ڪو پيٽ ڳجهو آهي.

رازدارن کان حقيقت لڪل نه هوندي آهي يا حال محرم کي سڀني حالت معلوم هوندي آهي.

110. دريا ۾ جي پرتي ڇوڪر ڪڍي، اڄ نہ ٻڏي تہ سڀان ٻڏي.

جوڪاٺي ڪمن ۾ هٿ وجهڻ سان سلامتيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

111. دال روٽي کائون نہ ڪوٽي.

سانگي صبرلي يعني ڪفايت سان هلڻ وارو ڪڏهن بہ بک نہ مرندو.

112. دل ڪاري، ڪان منهن ڪارو چڱو آهي.

مطلب هي آهي تہ دل ۾ ڪوڙ، مڪاري، دغا ۽ ٺڳي ڪري ٻاڻ کي بزرگ پيش ڪرڻ کان بهتر آهي. تہ پاڻ کي اصلي روپ ۾ ظاهر ڪري.

113. درتي ٻيڙي تہ ليبي، تان‌ا باغ شاهہ.

سچو ماڻهو اجاين ڳالهين مان ڇڙوتي ٻوٽدو آهي.

114. دولتمندن جا ڏاند وياڻن.

ڏاندن جو وياڻڻ هڪ نہ ٿيڻ جهڙي ڳالهہ آهي. پر پهاڪي جو مطلب آهي تہ پاڳ واري ماڻهوءَ کي ناممڪن هنڌ ان بہ فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو.

115. دير پيا درست ٿيا يا دير آيد درست آيد.

ڪڏهن دير ڪرڻ مان فائدو حاصل ٿيندو آهي ۽ ڪم جي راس ٿيڻ جو سبب بنجندي آهي.

116. ديسي سيڻ ڪڇن، پرديسي ڪهڙا پرين؟

پنهنجي وطن وارن سان محبت رکجي. پرديسي ٿورو وقت رهي پوءِ هليا ويندا ۽ ناتو نڀائي نہ سگهندا.

(ڏ)

117. ڏکو ڪنجي پاءُ لڳ. شاهدي ڏجي الله لڳ.

پاءُ لاءِ روزهڻ. پر جيڪڏهن شاهدي ڏيڻي پوي تہ هميشہ الله تعاليٰ جي حڪم موجب سچ ڳالهائجي.

118. ڏٺي، وٽ دير آهي، پر انڌير ڪونهي.

ڏٺي تعاليٰ جي دربار ۾ حڪمت عملي، جي ڪري دير ٿئي ٿي. پر وڌيڪ بي انصافي ڪانهي.

119. ڏوبي جو ڪتو، نه گهر جو نه گهاٽ جو.

جيئن ڏوبي، جو ڪتو اتين ئي رُلندو وتندو آهي. اهڙي طرح بي مقصد زندگي گذارڻ وارو شخص به اجائي رُلڻ ۾ زندگي برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

120. ڏڻ نه ڏئي، نه ته وڪڻ ڪٺي.

هرڪو ڪم پنهنجو پاڻ ڪرڻ، يا پنهنجي نظرداري هيٺ ڪرڻ ۾ ڪاميابي آهي. نه ته فائدي جي بدران الٽو نقصان ٿيندو.

121. ڏوبي منجهه دريا ۾، ته به اوجهه نه ڇڏي اوجهري.

بدمعاش ماڻهو جيڪڏهن نيڪ صحبت ڪري نيڪ ٿي وڃي. ته به برائي عادت کان نه مڙندو.

122. ڏوڙ پائجي نه وڏي ڏِگ مان پائجي.

مطلب ته معمولي ڪلو ڪم ڪري پاڻ کي بدنام نه ڪجي

(ڏ)

123. ڏاهو ڪاڻو، به جنگهو ڦاسي.

ڪاڻو ڏاڍو سيالو پکي آهي. ان کي ڦاسائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. پر ٺاري اهڙي طرح سان ٺاهيندو آهي، جو سندس پٺي ننگون ڦاسي پونديون آهن. اهڙي طرح سيالو ماڻهو ڦاسندو ته نه آهي، پر جيڪڏهن ڦاٿو ته اهڙو سوگهو ٿيندو، جو وري سندس ڇٽڻ مشڪل ٿي پوندو آهي.

124. ڏاڍي جي لٺ کي به مٺا.

مطلب ته ظالم ماڻهو جيڪي وڻيس سو ڪري سگهي ٿو.

125. ڏيري ڏور کي مڃر ڳهڻا.

مطلب ته هيڻي ماڻهو کي هڪ ئي وقت گهڻيون مصيبتون گهيري وينديون آهن.

126. ڏڏو کير ٿڻن ۾ نه پوي.

جيئن ته ڏڏل کير واپس ٿڻن ۾ اچڻ ناممڪن آهي، تيئن گذري ويل وقت يا وهي موٽي اچڻ. نه ٿيڻ جهڙي ڳالهه آهي.

127. ڏنڀجي ڳاهه، سور ٿئي سا نياڻي کي.

جيئن ڳاهه جي ڏنڀجڻ تي سانياڻي کي سور ٿيڻ بيوقوفي آهي. ائين ڏوهاري، کي پنهنجن ٻرن ڪمن جي سزا ڀوڳيندو ڏسي بيوقوف ماڻهو ان تي ترس کائيندا آهن.

128. ڏهني ٿي ٿاني، ڪي وير سيکاري.

هڪ سيکوات تجربيڪار کي سيکارڻ جي دعوي ڪري ته اها اجائي آهي ان جاڻ جاڻوءَ کي ڇا سيکاري سگهندو!

129. ڏندلين ٿي کوڏ شوق هڏا ڪرڻ جو.

پيريءَ ۾ جواني جا شوق ڪرڻ نه ٿا سونهن.

130. ڏائڻ به هڪ گهر ٽاريندي آهي.

بڇڙو ماڻهو به هڪ آڌ تي ترس کائيندو آهي.

131. ڏاڍو سو ڳاڀو.

زبردست جو هر شيءِ تي قبضو هوندو آهي يا طاقتور جيڪي ڪري سو صحيح آهي.

132. ڏاڍي هٿي ڏهه ته توڏو هٿي ٽيرهن.

هڪ ٽنگ پٺي ٽنگ کان ٽنگي ۾ وڌيڪ نڪرندو آهي.

133. ڏيري جو ڏٿي سوير پلاٿي.

جيئن سفر ۾ ڏيري سواريءَ وارو سوير نڪرندو آهي، تيئن گهٽ سگهه وارو ماڻهو پنهنجي ذميداري جهڙي طرح نباهي نه، اڳوات ڪوشش ڪندو آهي.

134. ڏيڏريءَ کي بہ زڪام ٿيو آهي.

گهٽ اهليت وارو ماڻهو، اعليٰ درجي جا خيال ظاهر ڪري، پناڪ هٿي تڏهن هي پهاڪو استعمال ٿيو آهي.

135. ڏي ڏاتار پيٽ ڦاٽي پاندارجو.

ڪنجوس ماڻهو، پنهنجي ڪنهن کي سندس جائز حق ڏيڻ مهل بہ پيو ڪرڪندو آهي.

136. ڏکڻا مينهن نہ وسڻا، وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڌڪ نہ هڻڻا هڻي تہ جهوري.

ڏکڻ پاسي مينهن نہ وسندو آهي، وسيو تہ گهڻو نقصان ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح وڏو ڪمزور ماڻهو وڙهندو ئي نہ، پر جيڪڏهن وڙهيو تہ اهڙو ڌڪ هڻندو جو مقابلو ڪندڙ وري اٿڻ جي قابل ئي نہ رهندو.

(ڊ)

137. ڊوندي ٻيڙي ٻکي گهڻا.

جڏهن انسان پوڙهو ٿيندو آهي، تڏهن سڀ عضوا ست ڇڏي ويندا آهن.

138. ڊچ انهي جي ڊاڃ جنهن جي واڻي ۾ ور گهڻا.

جنهن ماڻهوءَ جي زبان تي ڀروسو نہ هجي، هڪ ڏينهن هڪ ڳالهہ ڪري ٻئي ڏينهن ٻي، اهڙي ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت واري شخص کان ڊپ رکي پاسو ڪجي.

139. ڍڳو نہ ڍوري، آڱوٺو پٽيندو چور.

جنهن وٽ ڪجهہ بہ مال ملڪيت نہ هوندو، ان کي وري چور جو ڪهڙو ڊپ؟

140. ڍءُ جهلي هڪڙي مينهن پيو واڻيو.

جيئن تہ مينهن هڪ وڏو پيٽو جانور آهي، اُهي تي پيٽ ڀري کائڻ جو اثر پڌرو ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. اهڙي طرح واڻئي وٽ ڪيتري بہ ملڪيت هوندي، تہ بہ ان جو اثر ظاهر نہ ڪندو آهي.

141. ڍڳيءَ کي پنهنجا سڱ ڳرا ڪونہ لڳندا آهن.

مائٽ پنهنجي اولاد جي پالنا کي بار نہ سمجهندو آهي.



142. رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهه ٿيا.

جاهل ماڻهوءَ کي سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان کي ڪيتريون نصيحتون ڪبيون ته به هو نه سمجهندو. ڪيس سمجهائڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو آهي.

143. رن ته وڃي پر رلي به کڻي وڃي.

فائدو ڪجهه به حاصل نه ٿيو. الٽو نقصان برداشت ڪرڻو پيو.

144. رڍ اڳيئي مرڻي، ٻوڄ پيئي ٻڪڙ تي.

نقصان اڳيئي ٿيڻو هو، پر بدنامي، جو ٽڪو ٻئي تي لڳو هو.

145. رنون رب رلايون ڏاڙهين کهڙو ڏوهه؟

مڪار چالاڪ عورتون ضد ڪري، مردن کي مجبور ڪنديون آهن جنهن ڪري هو لاجواب ٿي ڪجهه به ڪري نه سگهندا آهن.

146. روزن پٺيان عيدون.

ڏکن ڏاکڙن کان پوءِ خوشي حاصل ٿيندي آهي.

147. رڍ جو پيٽ ڀرجي ته دڙيون ڏيڻ شروع ڪري.

ترجو سي لچو ماڻهو جڏهن زوروند آهي، تڏهن اوڙي پاڙي کي تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي.

148. رب راضي ٿئي ته ڏوڙ مان به ڏن ٿئي.

جيڪڏهن الله تعاليٰ جو راضپو هوندو ته نقصان واري شيءِ مان به فائدو حاصل ٿيندو آهي.

149. رڌي سهن، پرٺري ڪين سهن.

نفعي لاءِ ته گهڻو وقت انتظار برداشت ڪري وڃجي، پر جڏهن فائدو حاصل ڪرڻ جو وقت اچي ته ان مهل اٻهرائي ڪري بي صبري جو اظهار ڪجي.

150. روئڻ بنا ماءُ بہ ٿڃ نہ ڏي.
ڪوبہ مقصد تيستائين حاصل نہ ٿيندو، جيستائين ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪبي.

(ز)

151. زبان چم جي، ڪنهن نہ ڪم جي.
زبان هڪ ننڍڙو عضوو آهي، پر جيڪڏهن ان کي پنهنجي وس ۾ نہ رکبو تہ ڪڏهن ان مان اهڙا بڇڙا لفظ نڪري ويندا آهن، جنهن ڪري پوءِ پڇتائڻو پوندو آهي.

152. زبان شيرين، ملڪ گيري.
مٺو ڳالهائيندڙ هر ڪنهن کي وڻندو آهي، اهو پنهنجي زبان جي مٺاس سان هر ڪنهن کي پنهنجو دوست بنائي وٺندو آهي.

153. زيور سهڪا پائي، پر ڪاريگر لمڪائي بہ ڏيکاري.
پنهنجي فن ۾ ماهر هئڻ جي دعويٰ تہ سڀڪو ڪندو آهي، پر صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻو اهو آهي، جيڪو پنهنجي فن جي مهارت جو اظهار بہ ڪري ڏيکاري.

(س)

154. سنگ تاري ڪُسنگ ٻوڙي.
سنگ جي معنيٰ چڱن جي صحبت اختيار ڪندو تہ انهي ۾ سندس فائدو آهي. جيڪڏهن بُرن جي صحبت اختيار ڪندو تہ انهي ۾ سندس برٻادي آهي.

155. سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ٻڏي ڪين.
سچار ماڻهو کي شروعات ۾ ٿوري تڪليف اچي آئيندي آهي، پر آخر ۾ ڪاميابي سندس قدم چمندي.

156. سُڪن گڏ آلا ٻرن.
جيئن سڪل وڻ کي باھ ڏبي آهي تہ ان جي ڀر وارو ساوو وڻ بہ ٻري ويندو. اهڙي

طرح لچن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري شريف ماڻهو ۾ نقصان هيٺ ايندو آهي.

157. سڄڻ سڄي ٻانهن ڏي ته سڄي نه گهجي.

هن جو مطلب آهي ته ڪو دوست ڀروسو ڪري يا مهرباني ڪري ته ان جي آڙ وٺي ان تي گهڻو بار نه وجهجي ۽ نه ئي دوست جي اعتماد کي ڇيهو رسائجي.

158. سڱا سيڻي سيڻ، جنين ڀڪا اوڏڙا.

سيڻ يعني مائٽ. ڀڪا اوڏڙا معنيٰ ٻاڙيسري. هن جو مطلب آهي ته ويجهو مائٽ اهو ٻاڙيسري جيئو. جيڪو گڏ رهي ٿو. جيڪو آئي ويل ڪم اچي ٿو.

159. سونتي هجي ساڻ، ته ڳڙهه گوهي نه ڪري.

جيئن ته ڳڙهه ڏنگو جانور آهي. خاص ڪري جڏهن ڪائي ٻيٺ ڀرپندو آهي ته ڀُستيون ڪندو آهي. اهڙي طرح پوءِ داهو بدمعاش ماڻهو دولت جي نشي ۾ ٻين کي ستائيندو آهي. سماج ۾ اهڙي ماڻهو لاءِ سزا هئڻ گهرجي. جيئن هو برائي کان پاسو ڪري.

160. سرمو سهڪا پاڻي، ٻر اک، اک جو ڦير.

سُرمو هڪ ڪاري شي آهي. جيڪا هت ٻيڙ ڪارو ڪري، ٻر جيڪڏهن سهڻي اک ۾ وجهبو ته اک وڌيڪ سهڻي لڳندي، ٻر جيڪڏهن ٽيڏي، اک ۾ پائبو ته خراب لڳندي. اهڙي طرح جيڪو ڪم هڪ هوشيار جي هٿان سڌرندو اهو ساڳيو ڪم ڪنهن اناڙي ڪيو ته اهو بگاڙيندو.

161. سخي کان شوم ڀلو جو ترت ڏي جواب.

اهڙو سخي جيڪو خالي آسرا ڏيئي رلائي. انهي کان اهڙو بخيل ڀلو آهي جيڪو صاف انڪار ڪري ترت جواب ڏي.

162. سلوسو، جو انگورين ڀلو.

جيڪڏهن ٻج جو سلو زمين مان ڀلو ۽ مضبوط نڪتو ته اها نشاني آهي سندس بهترين واڌ جي ۽ سٺي وڌ ٿيڻ جي. اهڙي طرح ٻارجا تنديڻ ۾ جيڪڏهن لچڻ چڱا آهن. ته انهي مان سمجهبو ته ٻار ڀلو انسان ٿيندو. جيئن ته چوندا آهن ته: "سڪيلڌو پُٽ پينگهي ۾ پڌرو."

163. سوناري جا سوءَ ڌڪ، لوهار جو هڪڙو ڌڪ.

جيئن سونارو سوءَ ڌڪ هڻي سان هڪ ڪم پورو ڪندو آهي، پر لوهار کو ڪم هڪ ڌڪ سان پورو ڪري وٺندو آهي، اهڙي طرح ولو جت ماڻهو جو ڪم، گهڻي محنت ۽ تڪليف سان مس ڪري سگهي، سو ڪم ڏاهو هوشيار ماڻهو ٿوري محنت سان، ٿوري وقت ۾ ڪري وٺندو.

164. سڄڻ پيئتان وڃيا، ووين پيئتان سڄا.

مطلب ته ڪڏهن شريفن جو اولاد به ڪميڻو نڪرندو آهي، ڪڏهن وري گهٽ درجي وارن جو ماڻهن جو اولاد لائق ۽ نيڪ ٿيندو آهي.

165. سوءَ وڃائجي، پر ساک نه وڃائجي.

مطلب ته پنهنجو مالي نقصان ڪجي، پر پريت کي هٿان وڃڻ نه ڏجي.

166. سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سيري.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته، هرڪو انسان چاهي اهو ماٺت يا دوست هجي، پر سيڪو پنهنجو نفعو ڳوليندو آهي.

167. سهڻا ٿوهر پٽن مر ڳهڻا.

ٿوهر جهنگلي ول پر ٿيندڙ هڪ سهڻو ڦل آهي، پر سواد پر تمام ڪڙو هوندو آهي، اهڙي طرح ڪنهن ماڻهو جو ٻاهريون ڏيک سهڻو ڏسي ته پڪي ته ڪو سياڻو يا اشراف هوندو، ٿي سگهي ٿو هو ٿوهر وانگر ٻرو هجي.

168. ست ڪٺا ڪاٺي ٻلي هلي حج تي.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ته ڪي ماڻهو هميشه برن ڪمن ۾ رڌل هوندا آهن، پر دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ رياءُ واري عبادت ڪندا آهن ۽ پاڻ کي نيڪ شريف ظاهر ڪندا آهن.

169. سون پرکجي ڪسوٽيءَ، چاندي پرکجي باهه، ماڻهو پرکجي تڏهن، جڏهن پاڙو پاڙي سان لائي.

جيئن سون کرو يا کوٽو هئڻ ڪسوٽيءَ سان پرکبو آهي، تيئن ماڻهن جي لڇڻ ان، تڏهن واقف ٿبو، جڏهن ساڻس لڳ لاڳاپو رکبو يا ڪاروهنوار ڪبو.

170. سچ نہ بيلو تيچ. ڪوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ.

جيڪو سچ ڳالهائيندو آهي ان کي ڪابہ پرواهہ نہ هوندي آهي. هو سدائين خوش گذاريندو آهي. ڪوڙ ڳالهائيندڙ جي مُنهن ۾ جوت نہ هوندي آهي ۽ اهو سدائين خوار خراب رهندو آهي.

171. ساڻن سان سنمک، پنڃن سان پورو.

چالاڪ ماڻهو اٽڪل بازي ڪري، ٻاڻ کي پنهي ڌرين وٽ مانائتو بنائيندو آهي.

(ش)

172. شيشهن نہ ڏيکيا ڏيک پلاڙا. جورت ڏيکيا ڏيک سوناوا.

جيئن نہ بلي جو بدن جو لمونو شيشهن سان ڪجهہ هڪ جهڙائي رکي ٿو. تنهن ڪري بليءَ کي ڏسي شيشهن جي بدن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح سونارو بہ سون ۾ ملاوت ڪندو آهي. جنهن ڪري چور سڏجي ٿو.

173. شيرشاهہ جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري.

بي همت گيدي ماڻهو ٻين سان ٻچي نہ سگهندو آهي. پوءِ پنهنجي گهر کي نقصان پهچائي، پنهنجي پهلوانيءَ جو اظهار ڪندو آهي.

174. شينهن مري تہ بہ ڊپ نہ چري.

شينهن کي ڪيتري بہ بک هوندي تہ بہ گاهہ نہ کائيندو. اهڙي طرح باهمت بهادر ماڻهو ڪيترين مصيبتن ۾ مبتلا هوندي بہ ڪوبہ اهڙو بي غيرتي جهڙو ذليل ڪم نہ ڪندو.

175. صبر جي جو سيں تير نہ گسي ٿن جو.

جيڪو صبر کان ڪم رهندو اهو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو. ارشاد رباني آهي:

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصَّابِرِيْنَ

بيشڪ الله تعالي صبر ڪندڙن سان آهي.

(ع)

176. عمر ٽيٽي ٽيٽي مارڻي ٽيندو، تڙ ڌ ڪوڌ ٿيلهيندو.

طاقتور شخص وڌ ٻر وڌ پنهنجي طاقت استعمال ڪري، پنهنجي چاهت پوري ڪندو، وڏيڪ سڀي مُنڪ ڪي ڌ ٿهوڙي ڪوڌ ڇڏيندو.

177. عيسيٰ ڌ موسيٰ، وڏا پير پيسا.

پيسا يعني جنهن وٽ ڏن دولت جهجهي هوندي آهي، انهي کي ڪامياب سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ڌ گهڻيون مشڪلاتون پئسن سان حل ٿينديون نظر اينديون آهن، پر اهو نظر جو دوکو آهي، ڪاميابي ايمان ۽ عمل صالح سان حاصل ٿيندي آهي.

178. عشق ۽ مُشڪ لڪائي ڌ لڪندو.

جيئن مشڪ جي خوشبو لڪائڻ سان لڪي ڌ سگهندي، چوڌاري پکڙجي ويندي، تيئن عشق ٻه لڪي ڪين سگهندو، ظاهر ٿي پوندو.

(ق)

179. قڙي، قڙي، تلاءُ.

هن پهاڪي مان بچت ڪرڻ جو مطلب نڪري ٿو، جيڪڏهن ٿورو ٿورو ڪري گڏ ڪبو ڌ گهڻو ٿي پوندو.

180. قرڪان اڳ جر ڌ ڪڍجي.

هن پهاڪي جو مطلب آهي ڌ ڪي ماڻهو ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اجائي تڪڙ ڪندا آهن، يعني ترتيب کي ڇڏي ڏيندا آهن، انهن جو مثال اٿين آهي، جيئن قرڪان اڳ جر ڪڍڻ ناممڪن آهي، تيئن ترتيب کان سواءِ فائدو حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي.

181. قاڙهو جتي جري، اتي اوجهه ڏي.

شڪاري قاڙهي کي ڦاسائڻ لاءِ، جهنگ ۾ گاهه رکي ڇڏيندا آهن، جنهن تي اچي قاڙها هرندا آهن، شڪاري وجهه وٺي انهن کي ماري وجهندا آهن، يعني لالچ اُتي اُٿي ماراڻي ٿي، اهڙي طرح لالچ ٻه انسان کي ماراڻي ٿي.

(ف)

182. فقير، فقير جو ويري يا فقير. فقيرکي نه سهندو آهي.

ساڳي ڌنڌي وارو ماڻهو، پنهنجي هم پيشي واري ماڻهوکي ترقي ڪندي پسند نه ڪندو آهي.

183. فقيري نه ڦند، نه ته نسورو گند.

هتي "فقيري" مان مراد ٺڳي، چالاڪي ۽ مڪاري آهي. يعني ٺڳي جو ڪم ڪجي نه پوري چالاڪي سان ڪجي، نه ته فائدي جي بدران نقصان ۽ بدناميءَ جو سبب ٿيندي.

(ق)

184. قاضي جاڻي، قيامت جاڻي.

انسان کي گهرجي ته هو الله تعاليٰ تي توڪل رکي. پنهنجو ڪم محنت ۽ سچائي سان ڪري. پوءِ نتيجو ڌڻي تعاليٰ تي ڇڏي. جيئن وڻيس تيئن ڪري.

185. قرض ڪوڙهه جو ٽڪرآهي.

هن پهاڪي ۾ قرض کي ڪوڙهه جهڙي موذي مرض سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. جيئن نه ڪوڙهه جو مرض، سڄي بدن ۾ پکڙجندو آهي. اهڙي طرح قرض کڻڻ به هڪ بري عادت آهي. انسان کي ڪوڙهه وانگر داغي عيبدار بنايو ڇڏي.

(ڪ)

186. ڪڏهن پري پر، ڪڏهن پاڪر پر.

"پريءَ پر ۽ پاڪر پر" ٻئي اصطلاح آهن. جن جي معنيٰ آهي "گهٽ ۽ گهڻو" پهاڪي جو مطلب آهي ته: انسان هميشه هڪڙي حالت ۾ نه ٿو رهي. ڪڏهن امير آهي ته ڪڏهن غريب.

187. ڪُتو ٻه ڪاڏو ڪُکَ ٻه نه پري.

ڪو ماڻهو ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ٻچڙا ڪم (جهڙوڪ رشوت وغيره) ڪري پر حاصل ڪجهه به نه ٿيس يا ٿورو ٿئيس. ته پوءِ اهڙي حالت ۾ هي پهاڪو استعمال ڪبو آهي.

188. ڪني اگر وڏي پلي.

سماج ۾ جيڪڏهن ڪا برائي پيدا ٿئي پوي ته ان کي پاڙئون پٽڻ گهرجي، جيئن ناسور وانگر وڌي نه وڃي. ان جو خاتمو ٿي وڃي.

189. ڪٿي چور سَنجا، ڪٿي ڍور سُنجا.

ڏٺي جا رنگ ٻه تيارا آهن. ڪٿي چور چوريءَ لاءِ وتن رلندا. ڪٿي وري خزانا خالي پئي پر ٻنا نگهبان جي پيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪڏهن بازار ۾ شيون گهڻيون هونديون آهن ته خريدار نه هوندا آهن ۽ جڏهن وري خريدار گهڻا هوندا آهن. ته شيون نه ملنديون آهن.

190. ڪَکَ جو چور، سو لَکَ جو چور.

معمولي چوري به وڏي بدنامي جو داغ آهي. چوري بري عادت آهي. جيڪو ماڻهو هڪ دفعو ٿوري چوري تي هريو، اهو وڏي چوري ڪندي به ڪين گسندو.

191. ڪَکَ هيٺ لَکَ پيو آهي.

هن پهاڪي ۾ ڏٺي تعاليٰ جي وڏائي ڏيکاريل آهي. مطلب ته ڪجهه جي خبر سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻئي ڪنهن کي به نه آهي.

192. ڪڏهن ماڻي مٽ تي، ڪڏهن ماڻيءَ مٿان مٽُ.

ماڻي انهي مهاڻي کي چئبو آهي، جيڪو مٽ تي چڙهي وچ دريا ۾ مڇي ماريندو آهي. ماڻي جڏهن سڪيءَ تي اچي ته آهي ته وري مٽ ڪلهي تي هوندو اٿس.

193. ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي ماڻيءَ مان.

ڪمينو نيچ ماڻهو هميشه ٽڪ ٻجي سان سمجهندو آهي. "شاباس"، "آفرين" جهڙن لفظن مان نه سمجهندو.

194. ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مُقام ۾!

ڪالهه اهو شخص گهوٽ جي صورت ۾ گلن جي هارن سان سينگاريل سيج تي ويٺو هو. اڄ اهو شخص گلن سان سينگاريل، مٽيءَ هيٺ لٿو پيو آهي. اها آهي زندگيءَ جي حقيقت، پوءِ ان تي ناز ۽ غرور ڪرڻ ناداني آهي.

(ڪ)

195. ڪير جو ڪانيل، جهڻ ڪي ٻه ڦوڪي پيئي.

ڪو ماڻهو هڪ ڀيرو ڪنهن ڪم مان نقصان پائي يا ڌڪ ڏسي، ته پوءِ ٻيو دفعو ٻلي اهڙي ڪم مان نقصان نه پر فائدو هجي ته به هو پهرئين نقصان کي سامهون رکي ان ڪم کان پڇندو.

196. ڪتيو ڪاٺي ڦتيس، لتيون جهلي پولڙو.

مطلب ته تڪليفون مصيبتون سهي هڪڙو ڏاڍو وري پيو حاصل ڪري.

197. ڪتل واپاري ڪندا ساري.

واپاري جڏهن ڏيوالو ڪڍندو آهي، ته پوءِ وري پرائيون وهيون ڏيهي کاچيندو آهي. ته مان ڪنهن ڏانهن پل چوڪ ۾ رهيل رقم نڪري اچي ته اها اڳاڙي وٺي.

198. ڪڳا ڪوهه ۾، مانڌئي مرچ مصالحا پيا ڪٽجن.

ڪنهن شيءِ جو وجود ئي نه هجي، انهي جي تياري لاءِ اڳواٽ سامان سوڙ تيار ڪجي.

(گ)

199. گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي.

گنجو ماڻهو خارش سببان، کنهڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهي. تيئن لچو، بدمعاش ماڻهو لچائي کان سواءِ ڪڏهن به رهي نه سگهندو.

200. ڳڌهن اهو ٿي آڻرپيا.

ڪي ذات هلڪي طبيعت وارو ماڻهو، پنهنجو نت نانگر ڏيکارڻ لاءِ تران ويس رڳا پائي. پاهر نڪرندو آهي، ته اهڙي ماڻهو لاءِ اهو پهاڪو استعمال ڪيو آهي.

201. ڳدڙ ڏاک نه پڄي آکي ٿو کٽا.

جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندو آهي تڏهن همت هاري چوندو آهي ته "انهي ڪم ۾ ڪو فائدو ڪونهي"

(گهہ)

202. گهڻن ڪٺي چهر نه ڪڇيو وڃي.

گهڻن جي ڪوشش سان مشڪل ڪم به پورو ڪري سگهجي ٿو.

203. گهر جو پير چُلهہ جو مارنگ.

ڪن ڪن پڙن تي ٿڌو يا ديڳچي رکي، هيٺان باهہ ٻاري ڪاڏو تيار ڪجي انهن پڙن کي مارنگا چئبو آهي. پير جيڪڏهن گهر جو ماڻهو آهي. سدائين ڪڏ رهي ٿو ته انهي تي عقيدو به اهڙو رهندو جهڙو چلهہ جي مارنگ تي. مطلب تي جيڪي به مائٽ يا دوست سدائين ڪڏ آهن تن سان محبت گهٽ رهندي آهي.

(ل)

204. لعل نه ليي، پريت نه رهجي اجي.

اهڙو قدر ڪنجي جو محبت به قائم رهي ۽ مقصد به حاصل ٿي وڃي.

205. لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي، نہ وهي.

ڀلي ڪيتريون به تدبيرون ڪجن، پر ٿيندو اهو ٿي جيڪي قسمت ۾ لکيل هوندو هر انسان پنهنجي قسمت جو لکيو ئي پوگي.

206. لتر کي پهچي چکر.

جيئن لتر وهت چکر کان گهٽ ڪندو آهي. تيئن لچ بدمعاش ماڻهو به لچ بدمعاش کان ڊڄندو آهي.

(م)

207. ميان جي مڏي، ٻه ڏندڻ تين تڏي.

ڪي ماڻهو ڪنگال هوندي به هوند جون ڊاڙون هڻندا آهن. جڏهن اصل حقيقت عوام کي معلوم ٿيندي آهي. ته پوءِ هيءَ پهاڪو استعمال ڪبو آهي.

208. مُنهن ۾ موسيٰ، اندر ۾ ابليس.

اهڙو ماڻهو جو ظاهر ۾ ته شريف پيو ڏسبو آهي. پر اندر ۾ ڪرتو شيطان جهڙو هوندو آهي.

209. ماديءَ ڪڪڙ به ڪڏهن بانگ ڏني؟

جيئن ته مادي ڪڪڙ جو بانگ ڏيڻ ناممڪن آهي. اهڙي طرح ڊڄڻو بزدل ماڻهو ڪڏهن به بهادري ۽ همت وارو ڪم ڪري نه سگهندو.

(ن)

210. نادان دوست کان داناءُ دشمن ڀلو.

نادان دوست پنهنجي ناداني ڪري. ڪڏهن به نقصان پهچائي سگهي ٿو. پر ان جي مقابلي ۾ داناءُ دشمن کان ايترو خطرو نه هوندو آهي.

211. نهن سان ڇڄي، نه ڪاتي جو وجهجي.

جيڪو ڪم مٺ محبت سان ٿي سگهي ٿو ته ان لاءِ سختي اختيار ڪرڻ نه گهرجي.

212. نيچ نوڪري، اتم کيتي وڏندڙ واپار.

هن پهاڪي ۾ نوڪري کي نيچ ڪرنيو ويو آهي، کيتي به سٺو ڌنڌو آهي، پر واپار سڀني ڌنڌن ۾ وڏيڪ سٺو ڌنڌو آهي.

213. تجڻ هلي نه گهونگهٽ ڪهڙو؟

جيڪو ماڻهو برائي ۽ بي حيائيءَ جا ڪم ڪري، پوءِ انهي کي دنيا کان پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ مان ڪهڙو فائدو؟

214. نير جو ٽڪو لهي، پر گلا جو ٽڪو نه لهي.

نير جو رنگ پڪو هوندو آهي، پر ٿنهن هوندي به آخرڪا پچائڻ ۾ لهي ويندو آهي پر گلا جو داغ اهڙو اهي، جيڪو هرگز نٿو لهي.

(و)

215. ويٺي سگهن لاءِ ڪن به ڪيائي آئي.

مطلب نه فائدو ني چاهيائين. پر ان جي بدران نقصان پلئه پيس.

216. ويهي دريائي جي ڪپ تي، وجهي واڳوءَ سان وير.

مطلب نه پاڻ کان ڏاڍي جي پاڙي ۾ رهي ڪري، انهيءَ سان ڦٽائڻ ۾ ڀلائي ڪانهي، پر نقصان آهي.

(هه)

217. هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور؟

نڪ ۽ ڳلي جي زيورن کي آرسي ۾ ڏسڻ جي ضرورت ٿئي ٿي، پر هٿ جو ڪنگڻ بنا آرسي جي به ڏسي سگهجي ٿو. اهڙي طرح جيڪا شيءِ پڌري ڏسڻ ۾ اچي ان لاءِ ٻين کان پڇڻ ناداني آهي.

218. هڻ ڏيڻ کي نه سکي ننهن.

هن پهاڪي جو مطلب آهي نه ٿوري سزا هڪڙي کي ڏبي، نه پيو پاڻ ان مان سبق پرائي پاڻ کي سڌاريندو.

219. هاٿي جا ڏند کائڻ جا ٻيا، ڏيکارڻ جا ٻيا.

اهڙا ماڻهو جيڪي ظاهر ۾ شريف ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر اندر انهن جو پاپن سان ڀريل هوندو آهي. ڳجهي نموني ڪڏا ڪم ڪندا آهن.

220. هٿ جنين جو هيٺ، ڀهرٿين پيٽ سي لنگهيندا.

هٿ جنين جو هيٺ مان مراد آهي ڏيڻ وارو هٿ، جيڪو ڏيندو سو پيٽ جي ڀهرٿين پور ۾ لنگهيندو. مطلب ته جيڪو ماڻهو سخاوت ڪندو. تنهنجي هر مشڪل آسان ٿيندي.

221. هرڻي اڳي نچڻي، ويتر پيس ڪهنڊٿي.

هرڻي هڪ تيز ڊوڙندڙ جهنگلي جانور آهي. ڪيس ڪهنڊٿي ٻڌبي نه ويتر وڌيڪ ٽهندي ۽ نچندي. اهڙي طرح بدمعاش ماڻهو اڳي ئي برائي لاءِ ورڪليو ويٺا هوندا آهن. تن کي جيڪڏهن دولت هٿ لڳي نه مست ٿي خدا جي خلق کي وڌيڪ آزاريندا.

Antonym ضد

لفظ	ضد	لفظ	ضد
آقا	غلام	اباڻو	سياڻو
آخر	اول	اپوجهه	سپوجهه
آغاز	انجام	اڪثريت	اقليت
اُبتو	سبتو	امير	غريب
ارهو	سرهو	اوکو	سوکو
اوير	سوير	اوراهون	پراهون
اولو	سولو	اڳياڙي	پڇاڙي
اوت	موت	اوڏو	ڏور
اگهو	سگهو	اڇو	ڪارو
اگهائي	سگهائي	اصل	نقل
اعليٰ	ادنيٰ	اهل	نااهل
اتفاق	نفاق	افتتاح	اختتام
انصاف	ظلم	اشراق	[illegible]
ابتدا	انتها	اعتراض	اعتراف
ابتدائي	انتهائي	اجايو	سجايو
اقرار	انڪار	استاد	شاگرد
آباد	برباد	الفت	ڪلفت
آسان	مشڪل	انسان	حيوان
اهنج	سهنج	آمدني	روانگي
اپت	کپت	اويل	سويل
آشنا	نا آشنا	اوير	سوير
اڻاٺو	سڻاٺو	اٿڻ	ويهڻ
اندروني	بيروني	اڳاٽو	پاڇاٽو

لفظ	ضد	لفظ	ضد
اُتر	ڏکڻ	انفرادي	اجتماعي
اونڌھ	سوجهرو	اوچ	نيچ
آسمان	زمين	اوڌر	روڪڙ
احسان	ايذا	آڳ	نيڻ
اڄاڻ	سڄاڻ	اٻهرائي	ڌيرج
انتشار	اتحاد	اپت	کپت
اوجهو	سادو	امانت	خيانت
اڄڻ	سادڻ	انسانيت	حيوانيت
اگهي	پورهتي	اول	آخر
اوکي	سوکي	اڪبر	اصغر
اُلو	سڪو	اقليت	اڪثريت
اورتي	پرتي		

ب

لفظ	ضد	لفظ	ضد
بهار	خزان	بر	بحر
بري	بحري	بيدار	غافل
باقي	فاني	بلندي	پستي
بالادست	زيردست	باطل	حق
بهشت	دوزخ	بکير	واڌو
بادشاھ	فقير	بدخواھ	خيرخواھ
بهتر	بدتر	بدي	نيڪي
بيمار	تندرست	بقا	فنا
باھ	پاڻي	باطن	ظاهر
بدبخت	نيڪ بخت		

ب

لفظ	ضد	لفظ	ضد
بيٺ	ونڊو	ٻار	ٻڍو
ٻڌي	ڦوٽ	ٻانهي	سائڻ

پ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
پلو	ولو	پڳل	سڄو
پاڳ	تياڳ	پريل	خالي
پلاشي	پراڻي	پٽّ	ڏڏ

ت

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ترقي	تنزل	تونگر	مفلس
تواضع	تڪبر	تانگهو	ڌار
تقدير	تدبير	تائيد	ترديد
تعريف	توهين	تيز	ڪند / مٺو
تقرير	تحرير	تکڙا	ڍلا
تڏهوڪو	هاڻوڪو		

ٿ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ٿڌو	ڪوسو	ٿورو	گهڻو
ٿلهو	سنهو		

ٽ

لفظ	ضد
ٽانڊو	ڪوئلو

ٿ

لفظ	ضد
ٿاهوڪو	بي ڊولو

ث

لفظ	ضد
ثواب	گناهه

پ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
پاڪ	پليد/پليت	پري	ويجهو
پيادو	سوار	پنهنجائپ	ڌاريائپ
پورب	پڇم	پهلوان	ڪمزور
پستي	بلندي	پراڻو	نئون
پاڙ	چوٽي	پيڪا	ساهرا

ج

لفظ	ضد	لفظ	ضد
جديد	قديم	جنم	وفات
جوان	پوڙهو	جوڳ	اجوڳ
جنگ	امن	جمهوريت	آمريت
جزا	سزا	جسماني	روحاني
جفا	عطا		

چ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
چالاڪ	ڍڳو	چريو	ڏاهو
چست	سُست	چور	ساڌ
چوٽي	تري	چاق	ناچاق
چيلو	گرو	چڱائي	بڇڙائي
چڱو	مٺو		

ح

لفظ	ضد	لفظ	ضد
حق	باطل	حاضر	غائب
حياتي	مماتي	حسين	قبيح
حاڪم	محڪوم	حلال	حرام
حقيقي	مجازي	حال	ماضي

خ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
خادم	مخدوم	خواب	حقيقت
خدا پرست	بت پرست	خلاف	موافق
خوشبوء	بدبوء	خوبيون	خاميون
خوبصورت	بدصورت	ختم	آغاز
خوشحال	بدحال	خانگي	سرڪاري
خالق	مخلوق	خير	شر
خاص	عام	خوش نصيب	بدنصيب

د

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ديانت	خيانت	دلير	ڪيدي، ڊڄڻو
دوست	دشمن	دنيا	آخرت
ديس	پرديس	دشوار	آسان
دوري	نزديڪي	ديندار	بي دين
داناء	نادان		

ڌ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ڌڻيڪو	نڌڻڪو	ڌيرج	اٻهرائي

ڏ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ڏيه	پرڏيه	ڏاهو	چريو
ڏڪار	سُڪار	ڏنگو	سڌو
ڏک	سُک	ڏيو	وٺو
ڏينهن	رات	ڏکي	سکي
ڏور	ويجهو	ڏاڍو	هيڻو
ڏيڍ	ونڍ	ڏاڍو	نرم
ڏاتار	پينار		

ڊ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ڊگهو	بندرو	ڊيگهه	ويڪر

ڍ

لفظ	ضد
ڍڪيل	کليل

ر

لفظ	ضد	لفظ	ضد
رحمت	زحمت	راڄا	پرجا
روحاني	جسماني	روشن	ڪلوڙ
رنج	راحت	رهبر	رهزن
روشني	اونداهي	رفيق	رقيب
ريٽائر	ڪريٽو	روز	شب

ز

لفظ	ضد	لفظ	ضد
زبردست	زيردست	زندگي	موت
زنده	مرده	زمين	آسمان
زال	مڙس	زوال	عروج

س

لفظ	ضد	لفظ	ضد
سفيد	سياه	سڀاڳو	نڀاڳو
سلڇڻو	ڪلڇڻو	سکيو	ڏکيو
سجايو	اجايو	سنگ	ڪسنگ
سهاڳ	ڏهاڳ	سٺيو	اٺيو

لفظ	ضد	لفظ	ضد
سارڻ	وسارڻ	سخت	نرم
سچ	ڪوڙ	سرڳ	نرڳ
سياڻو	اياڻو	سنگ دل	موم دل
سُڄاڻ	اڄاڻ	سائو	سڪل
سخي	بخيل	ستڙ	اوتڙ
سادي	اوجي	سدورو	ندورو
سوڀ	هار	سفر	حضر
سڪيلڌو	اڪيلڌو	ساڳيو	ونگو
سوڙهو	ويڪرو	سوار	پيادو
سڌو	قلڌو	سوال	جواب
سک	ڏک	سهڻو	ڪوجهو
سائين	ساٿڻ	سيارو	اونهارو
سڄڻ	ڏڄڻ	سلامتي	خطرو
سباجهو	اباجهو	سانجهي	صبح
سرهو	ارهو	سرد	گرم
سيتيو	ڪيتيو	سهنج	اهنج
سحر	افطار		

ش

لفظ	ضد	لفظ	ضد
شيردل	بزدل	شريف	ڪميڻو
شاهه	گدا	شڪست	فتح
شادي	غمي	شهر	ڳوٺ
شاهوڪار	مفلس	شرير	سخي
شيرين	تلخ		

ص

لفظ	ضد	لفظ	ضد
صحيح	غلط	صغير	ڪبير
صادق	ڪاذب	صبح	شام
صلح	فساد	صاف	ميرو

ض

لفظ	ضد
ضعيف	قوي

ط

لفظ	ضد	لفظ	ضد
طالب	مطلوب	طاقتور	ڪمزور
طمع	بي غرض		

ظ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ظالم	مظلوم	ظلم	رحم
ظاهر	باطن		

ع

لفظ	ضد	لفظ	ضد
عالم	جاهل	عورت	مرد
عزت	ذلت	عيب	ثواب

لفظ	ضد	لفظ	ضد
عرش	فرش	عروج	زوال
عام	خاص	علميت	جاهليت
عاشق	معشوق	عدم	وجود
عاقل	غبي		

غ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
غلط	صحيح	غبي	ذڪي
غم	خوشي	غني	محتاج
غريب	امير	غلام	آزاد
غافل	بيدار		

ف

لفظ	ضد	لفظ	ضد
فنا	بقا	فاني	باقي
فتح	شڪست	فائدو	نقصان
فاعل	مفعول	فرش	عرش
فراق	وصال		

ق

لفظ	ضد	لفظ	ضد
قوت	چالاڪ	فڪر	چهرو

ق

لفظ	ضد	لفظ	ضد
قريب	بعيد	قاتل	مقتول
قناعت	طمع	قديم	جديد
قهر	رحم	قوي	ڪمزور

ڪ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
ڪمال	زوال	ڪماليت	زواليت
ڪپتيو	سپتيو	ڪامياب	ناڪام
ڪپت	سپت	ڪنوار	گهوٽ
ڪمزور	طاقتور	ڪڙو	مٺو

ک

لفظ	ضد	لفظ	ضد
کٽو	مٺو	کرو	کوٽو
کوٽ	واڌ	کاٻو	ساڄو

گ

لفظ	ضد	لفظ	ضد
گيان	اگيان	گرمي	سردي
گڻ	اوگڻ	گناهه	ثواب
گوڙ	سانت	گرم	سرد
گل	خار	گڏ	ڌار
گرو	چيلهو		

گهه

لفظ	ضد	لفظ	ضد
گهوٽ	ڪنوارو	گهٽ	وڌ
گهڻو	ٿورو	گهاٽو	ڇڊو

ل

لفظ	ضد	لفظ	ضد
لائق	نالائق	لسو	کهرو
لاهي	چاڙهي	ليل	تهار
لهوارو	اوڀارو	لاهيون	چاڙهيون
لوڻ	مٺ		

م

لفظ	ضد	لفظ	ضد
مهانگو	سهانگو	ماضي	مستقبل
مرشد	مريد	مخالفت	موافقت
مدح	هجو	مسرت	حسرت
مير	اڻ مير	مالڪ	نوڪر
ملاقات	الوداع	مرده	زنده
مهمان	ميزبان	مخالف	موافق
مفرد	مرڪب	مختصر	طويل
مدائي	چڱائي	مغرب	مشرق
متارو	ڌيرو	مردانگي	نامردي
موت	حيات	موجود	ناموجود
ميٺ	ڦيٺ		

ن

لفظ	ضد	لفظ	ضد
نفعو	نقصان	نهٺو	هٺيلو
نثر	نظم	نيچ	اُتم
ناڪام	ڪامياب	نهرو	پورو
نيا	ڪُنيا	نفاق	اتفاق
نيڪ	بد	نفرت	محبت
ناز	نياز		

و

لفظ	ضد	لفظ	ضد
وحدت	ڪثرت	وسيع	تنگ
ونهيو	ولهو	واحد	جمع
ور	وني	وصال	فراق
وفا	جفا	وسندي	سُڃ
وارث	لاوارث		

ه

لفظ	ضد	لفظ	ضد
هستي	نيستي	هوريان	ڏاڍيان
هاڪار	ناڪار	هار	جيت
هٿرادو	قدرتي	هاري	زميندار
هيڻو	ڏاڍو	هٺ	نوڙت

ي

لفظ	ضد	لفظ	ضد
يار	اغيار	ياد	وسر

مختلف اعرابن وارا جدا جدا لفظ

(الف)

مختلف اعرابن وارا جدا جدا معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. سنڌي ۾ ڪيترائي اهڙا ساڳيا لفظ آهن، جيڪي مختلف اعرابن جي ڪري انهن جون معنائون جدا جدا آهن.

1.	اَنُ	=	اناج
	اَنَ	=	پٿر
	اِنَ	=	هن (ضمير)
2.	اَبر	=	ڪڪر
	اِبر	=	سوئي
3.	اَتر	=	جو سنڌي جي متابستا ۾ مٽي ڏجي
	اُتر	=	طرف جو نالو.
	اِتر	=	هوا جيڪا اتر طرفان لڳي
4.	اَج	=	اڄ (اس)
	اُڄ	=	شهر جو نالو
5.	اَلو	=	ٻاڙ جي جنگ
	آلو	=	ڪهيل
6.	اڌ لک	=	پنجاهه هزار
	آڌ لک	=	ڪوري جو هڪ اوزار
	اڌ لک	=	ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ وقت وزن لاءِ ڏوڻ سان ڳنڍ پٿر

(ب)

7. بابو = پيءُ
بابو = فقير
بابو = ٽڪيٽ وٺندڙ (ريلوي ملازم)

(ٻ)

8. ٻٽ = ڳاٺيل جوڙ
ٻٽ = اُن جي ٻٽ
ٻُٽ = گرمي، مُنهن تي وڌيل ڦيڙو، ڪاڏ ٻڌل.
9. ٻَڌ = (ٻڌڻ مصدر جو امر واحد) سوگهو ڪر.
ٻُڌ = سُڻ (ٻڌڻ مصدر جو امر واحد)
ٻُڌ = سُڌ، عقل

(ڀ)

10. ڀِت = ديوار
ڀَٽ = ڪاڌي لاءِ رڌل جانور.
11. ڀَڄڻ = ڊڪڻ
ڀڃڻ = آلو ٽيڻ، ڀُڃڻ

(ت)

12. تَر = هاريءَ جو اوزار (ڪيڙيل زمين کي سڌو ڪرڻ لاءِ)
تَرُ = ترڻ مصدر جو امر واحد
تُرُ = ترو (اوتهائيءَ جو)
تِرُ = تيلي ٻج جو هڪ قسم
تِرُ = بدن تي ننڍڙو ڪارو داغ
تِرِ (جو) = آس پاس جو

13.	ٽڪ	=	حصو، حد
	ٽڪ	=	سوئي جو ناڪو
	ٽڪ	=	هم آواز لفظ
	ٽڪ	=	جاچي ڏس (ٽڪڻ مصدر جو امر واحد)
	ٽڪ	=	هڪڙي ساهيءَ سان ٻاٽي بيهڻ.

(ٿ)

14.	ٿر	=	رڻ پٽ، مٽي جو ڍير، ڍڙو، ريت، لٽ
	ٿر	=	مٿيون تهه، ٿلاٿي
	ٿر	=	هڪ جاءِ تي ٽڪڻ، بقا، بيهڪ

(ٺ)

15.	ٺڪر	=	جبل
	ٺڪر	=	ٿورو حصو

(پ)

16.	پر	=	پريل (ڪشتان)
	پر	=	ريت، رسم
	پر	=	کنڀ، پکڻ، ڪنبڙاٽي
	پر	=	اوپرو، ڌاريو
	پر	=	(حرف جر) مگر، ليڪن، ته ب
17.	پٽ	=	ڍڪ– رلي، جو تهه
	پٽ	=	ميدان
	پٽ	=	چادر يا ڪپڙو جو ڪنهن قبر تي وجهجي.
	پٽ	=	ساٿي جو هڪ پاسو.

.18	پڪ	=	يقيناً
	پڪ	=	لپ، ٺڪ
.19	پلٽڻ	=	اٿلڻ
	پلٽڻ	=	فوج جو حصو
.20	پسڻ	=	پاڻيءَ ۾ پچڻ.
	پسڻ	=	ڏسڻ
.21	پٽ	=	ريشم
	پٽ	=	ميدان
	پٽ	=	فرزند، ٻچو، اولاد
	پٽ	=	پاراتو، بددعا.
.22	پورو	=	اندران خالي هجي.
	پورو	=	مڪمل
.23	پار	=	طرف، پاسو
	پار	=	ندي جو ٻيو ڪپ
	پار	=	موتيءَ تي آواز سان روشني، نوع
.24	پت	=	پتي جي رس، جيڪا کاڌي کي هضم ڪندي آهي.
	پت	=	اعتبار، ويساهه، ڀروسو.

(ج)

25	جام	=	جهجهو، گهڻو، زيادهه
	جام	=	پيئڻ جو ٿانءُ، پيالو
.26	جو	=	(ضمير) جيڪو ت، جو
	جو	=	اناج جو هڪ قسم
.27	جوءِ	=	زال
	جوءِ	=	جاءِ، هنڌ، ماڳ

(جھ)

28. جهل = (مصدر جهلڻ مان اسم) روڪ، رنڊڪ

جهل = وڻ جو قسم.

(چ)

29. چاڪ = لکڻ جو چاڪ Chalk

چاڪ = چير، ڦٽ، زخم

30. چٽ = برباد

چٽ = نقش، گلڪاري

چٽ = تيز گرمي جا ڏينهن.

31. چڙ = ڪڏ، چڙي

چڙ = حرڪت، ڪشش

چڙ = ڏڙ، اڌ

32. چڪ = وات جو چڪ

چڪ = ڪنڀار جو چڪ

چڪ = کوهه جي تري ۾ اوساري رکڻ لاءِ ڪاٺ جو گول چڪرو.

چڪ = چيلهه ۾ سور.

چڪ = اکري ۾ مرچ مصالحو ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ جو يا پٿر جو دستو.

چڪ = گپ

چڪ = ڀل، غلطي

33. چمڙو = کل، چوڙو

چمڙو = پکيءَ جو قسم

(ڇ)

34. ڇڪ = ڪشش

ڇڪ = نچ

(ح)

.35	حرف	=	لفظ
	حرف	=	ڏوهه قصور

(خ)

.36	خَلق	=	ماڻهو، رعيت
	خُلق	=	سڀاءُ، چڱو لڇڻ يا لڇڻ

(د)

.37	دِل	=	من، هينئون
	دَل	=	ذات جو قسم
.38	دِلو	=	گهڙو
	دَلو	=	لچر، بدمعاش (صفت)
.39	دُر	=	ساهه
	دَر	=	ج

(ڌ)

.40	ڌِڪر	=	لت
	ڌَڪر	=	انومان
	ڌُڪر	=	تاپو

(ڏ)

.41	ڊَر	=	خوف
	ڏَر	=	جانورن جي چر
.42	ڏور	=	ڌاڳي لغز جي ڏور
	ڏور	=	پري
	ڏور	=	ڪنهن جي ڳولا ۾ رلڻ

(ڏ)

43.	وِٽَ	=	پاڻي جو سَرڪ (چڪر)
	وِٽ	=	سينهن جي رنبيه
	وِٽَ	=	وٽڻ
	وِٽُ	=	اها جاءِ جتي پيل ٽڪيل چوپايو مال بند رکيو وڃي.

(ر)

44.	رَتُ	=	خون
	رُتِ	=	موسم، مُند
45.	رِڃُ	=	جانور جو تالو
	رڃ	=	اها جاري جنهن ۾ سڃي ڦاسائجي.

(س)

46.	سَڌَ	=	تمنا، آرزو
	سُڌَ	=	خبر، ڄاڻ
47.	سُٽُ	=	ڏاڳو
	سَتُ	=	ويچار
	سَٽُ	=	ڇڪ
	سِٽُ	=	لائين، اکرن جي سٽ
48.	سُرُ	=	آواز
	سِرُ	=	مٿو منڍي
	سَرُ	=	مٽيءَ جو پڪل بلاڪ
49.	سارُ	=	يادگيري
	سارُ	=	تت، اختصار
50.	سُرڻ	=	پيٽ ڀر رڙهڻ
	سَرڻ	=	حاصل ٿيڻ
	سِرڻ	=	ٿورو کسڻ
	سَرڻ	=	بازيگريءَ جي جنس

(ش)

51. شڪاري = شڪار ڪندڙ
شڪاري = پکي
52. شڪر = کنڊ
شُڪر = شڪرانو، شڪريو

(ع)

53. عالم = دانا، ڄاڻندڙ
عالم = دنيا، جهان

(ڦ)

54. ڦڏو = جهيڙو، رنڊڪ
ڦڏو = ڏنگو ٽيڙهو

(ق)

55. قسم = سوڳنڌ، حلف
قِسم = نمونو
56. قوت = کاڌو
قوت = طاقت

(ڪ)

57. ڪار = ڪم
ڪار Car = موٽر
58. ڪڇڻ = ماپڻ
ڪڇڻ = جوڙڻ

.59	ڪل	=	سڀ
	ڪَل	=	مشين
.60	ڪُل	=	گھرائو
	ڪن	=	ڪچرو گندگي
.61	ڪُن	=	گرداب
	ڪِر	=	کير
	ڪُر	=	قوم
	ڪِر	=	تاندي جي ڪِر

(گ)

.62	گجي	=	صابڻ جي جھاڳ
	گجي	=	ٻڪري جي گجي
.63	گل	=	قتل
	گِل	=	مٽي

(ڳ)

.64	ڳَر	=	گردو
	ڳَر	=	سان، ويجھو (حرف جر)

(گھ)

.65	گھٽ	=	ٻوسٽ
	گھٽ	=	ٿورو

(ل)

.66	لڏ	=	گاڏ جو ڇيڙو
	لڏ	=	بوجھ، بار

(م)

67.	مور	=	پکي جو نالو
	مورُ	=	وڻ جا گونچ
	مُورُ	=	موڙي واري رقم
	مور	=	هرگز (حرف جر)
68.	مِٺو	=	مِٺاج وارو
	مَٺو	=	خراب پاڻي يا سمجهه
69.	مُلڪ	=	ديس
	مَلڪ	=	فرشتو
	مَلِڪ	=	بادشاه
	مِلڪ	=	ملڪيت
70.	مَڪ	=	جيت
	مَڪَ	=	رات
	مڪ	=	نري وارو گودو
71.	مچ	=	مچالو
	مُچ	=	ڪنيل ڦوا (پيس) يا ڏيپ
72.	مَهر	=	ڪابين
	مهر	=	ڪابين
	مُهر	=	ٺپو Stamp
	مهر	=	مهرباني، شفقت

(ن)

73.	نور	=	روشني
	نُورُ	=	جانور جو نالو.

(و)

74. وَٽ = مٽيءَ جي وٽ

وِٽ = وروڪڙ

وَٽ = آڏ

وِٽ = آڏ

وَٽ = حصو

وٽ = پرسان (حرف جر)

75. ور = مڙس

ور = ڏنگ، ڪرڙائي

ور = وڪڙ، ڦيرو

ور ور ڪڪوريهي ون،
ڏيرن ور وڏو ڪڻيو،
(شاهه ڀٽائي رحه)

76. وير = وقت

وير = بهادر

وير = لهر

(ھ)

77. هر = کيتي جو اوزار

هُر = يادگيري

78. هرڻ = دل سان لڳڻ

هرڻ = مرگهه (جانور)

(ک)

79. کُپ = پکي، جا پکڻ يا پر

ڪُپ = ڏوهي جي بتي

80. ڪارو = ڪارو ذائقو

ڪارو = نوڪرو

81. کَٽ = چارپائي

ڪُٽ = درگاهه تي رکيل نذرانو.

(ب)

اهڙا لفظ جن جو آواز قريبا هڪ جهڙو آهي، پر معني ۽ صورتخطي ۾ گهڻو تفاوت ٿئي ٿو.

1. آر = پيار

عار = اعتراض - شيبد غيرت

2. ابد = هميشه

عبد = ٻانهو

3. اشڪ = اک جو ڳوڙهو

عشق = محبت

4. اسرار = ڳجهه

اصرار = ضد، زور ڀرڻ

5. بقا = جئا

بڪا = روئڻ

6. باقي = بچت

باڪي = ڏيپ وارو

7. بحر = سنڌ. شعر جو وزن

[illegible] = واسطي

8.	تورڙ	=	انداز، تورڻ مان اسم
	طور	=	طريقو
	طُور	=	جبل جو نالو
	تور	=	ساڳي چمار وارو پان هڪ ٿهي
9.	تاڪ	=	تاڙ
	طاق	=	دروازي جو اڌ
10.	جام	=	ڪپڙو، پهرياڻ
	جامع	=	گڏ ڪندڙ پورو
11.	حلال	=	جائز
	هلال	=	پهرئين تاريخ جو چنڊ
12.	حيات	=	زندگي
	هيات	=	منهن، شڪل
13.	هل	=	"هلڻ" جو امر واحد
	حل	=	آسان طريقو
	حل	=	پڪو
14.	خطن	=	خط جو جمع
	خُطن	=	شهر جو نالو
15.	سفر	=	مسافري
	صفر	=	مهيني جو نالو
16.	سور	=	ڏک، درد
	سُوَر	=	سوئر، خنزير
	صور	=	صورت جو جمع
	صور	=	ناد
17.	سبا	=	يمن جي هڪ قبيلي جو نالو
	صبا	=	اڀرندي جو وا، صبح جي هوا
18.	سلوڪ	=	قرب، تصوف جي واٽ

	سلوڪ	=	
19.		=	شڪ وارو، بدگمان
	شڪ	=	گمان
	شق	=	چير
20.	صواب	=	سٺو ڪم
	ثواب	=	چڱو ڪم
21.	صلاح	=	مشورو
	سلاح	=	هٿيار
22.	صحر يا صحرا	=	رڻ پٽ
	سحر	=	جادو
	سحور	=	اسحور روزي رکڻ جو وقت
	سَحر	=	صبح
23.	محل	=	جاءِ، محلات
	مهل	=	وقت
24.	صورت	=	شڪل، مُنهن
	سورت	=	قرآن مجيد جي سورت
25.	صيد	=	شڪار
	سيد	=	سردار
26.	طوطو	=	چٽون، ستو
	توتيو	=	دوا جو نالو
27.	عمل	=	ڪم
	امل	=	آفيم
	امَلُ	=	بي ملهو
28.	عمر	=	حياتي، ڄمار
	امر	=	نه مرندڙ

29.	عَلمُ	=	جهنڊو
	عِلمُ	=	ڄاڻ
	اَلمُ	=	غم
30.	عرش	=	ويڙهي
	ارض	=	زمين
31.	عمان	=	تار جو نالو
	امان	=	سلامتي
32.	عليل	=	بيمار
	اليل	=	جريو، پورو
33.	اثر	=	تاثير
34.	عصر	=	زمانو
	عاصي	=	گنهگار
35.	آسي	=	اميدوار
	فقر	=	غربت
36.	فڪر	=	انتظار، ڳڻتي، سوچ
	قابل	=	لائق، هوشيار
37.	ڪابل	=	شهر جو نالو
	قيصر	=	بادشاه جو لقب
	ڪيسر		زعفران
38.	قيس	=	ماڻهو" جو نالو
	ڪيس	=	واردات، رنگ
39.	قلقٰ	=	ارمان
	ڪلڪ	=	تڪو
	ڪلڪ	=	ڪانهن جو قلم
40.	قُل	=	چئو
	ڪُل	=	سڀ

41.	قلعو	=	ڪوٽ
	ڪلو	=	ڪاٺ يا لوهه جو ڪلو
	ڪُلو	=	ٽوپي
42.	ڪسرت	=	ورزش
	ڪثرت	=	گهڻائي
43.	43. ڪثر	=	واڌ
	ڪسر	=	سستي
44.	محنت	=	جفا ڪشي، پورهيو
	مهنت	=	هندن جو وڏو پاٺو
45.	مترو	=	ٿاڦيل
	مڪرو	=	ٺڳي، پيچ
46.	محل	=	جاءِ محلات
	مهل	=	وقت
47.	مشق	=	ڪاپي
	مشڪ	=	ڪستوري
49.	نقطو	=	ٽبڪو
		=	نازڪ خيال ڳالهه
50.	نذر	=	ڀيٽا
	نظر	=	ديد

Compound words مرڪب لفظ

1. اڳاڙيون = سابقہ = Prefix
2. پڇاڙيون = لاحقہ = Suffix

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا مفرد لفظ آهن، جن جي اڳاڙيءَ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ فارسي، عربي ۽ سنسڪرت ٻولين جو نشانيون لڳائڻ سان مرڪب لفظ ٺهندا آهن.

جيئن ته "ملهه" لفظ جي اڳيان "اَ" (انڪاري حرف آهي جنهن جي معنيٰ آهي "نہ") حرف لڳائڻ سان ٿيندو اَ + ملهه = اَملهه معنيٰ جنهن جو ڪو ملهه نہ هجي.

Compound words مرڪب لفظ

1. اڳاڙيون = سابقہ = Prefix
2. پڇاڙيون = لاحقہ = Suffix

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا مفرد لفظ آهن، جن جي اڳاڙيءَ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ فارسي، عربي ۽ سنسڪرت ٻولين جو نشانيون لڳائڻ سان مرڪب لفظ ٺهندا آهن.

جيئن ته "ملهه" لفظ جي اڳيان "اَ" (انڪاري حرف آهي جنهن جي معنيٰ آهي "نہ") حرف لڳائڻ سان ٿيندو اَ + ملهه = اَملهه معنيٰ جنهن جو ڪو ملهه نہ هجي.

اهڙي طرح "دل" هڪ مفرد لفظ آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ فارسي علامت "افروز" (مصدر افروختن = روشن ڪرڻ) حرف لڳائڻ سان مرڪب لفظ ٺهندو "دل افروز" جنهن جي معنيٰ آهي، دل کي روشن ڪندڙ.

اهڙيءَ طرح "اَملهه" ۽ "دل افروز" مرڪب لفظ ٺهي پيا ۽ مفرد لفظ پنهنجي جاءِ تي قائم آهن. پهريون مثال اڳاڙين جو آهي ۽ ٻيون مثال پڇاڙين جو آهي.

اڳاڙيون Prefix

مرڪب لفظ

ا معنيٰ نہ "اَ" انڪاري لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "نہ"

املهہ = (ا + ملهہ) جنهن جو ڪو ملهہ ٿي نہ سگهي،
اٽوٽ = (ا + ٽوٽ) نہ ٽٽڻ وارو مضبوط.
اڳت = (ا + ڳت) نہ ڳڻڻ تمام گهڻو.
اڻلکو = (اَ + لکو (لکڻ = ڏسڻ) = ڏسڻ ۾ نہ اچڻ.
اڻبوجهہ = (ا + بوجهہ = سمجهہ) = سمجهہ نہ رکندڙ بي سمجهہ.
اروپ = (ا + روپ = شڪل ماني) نہ شڪل، ڪجهہ ماني.
انياءُ = (اَ + نياءُ = انصاف) = ظلم، انڌير.
اڻاسو = (اَ + تاسا = ٿڪ) = ٿڪ کان سواءِ بي ٿڪ، بيشرم.
اورچ = (ا + ورچ) ٿڪ نہ ٿيندڙ محنتي.
اڀاڳو = (ا + ڀاڳ) جنهن جو ڀاڳ نہ هجي نڀاڳو
اوديا = (اَ + وديا = علم) = جهالت، اڻ ڄاڻائي.

اڻ معنيٰ نہ (انڪاري لفظ آهي)

جيئن تہ: اڻ لڀ، اڻيو، اڻ ٽرپيو، اڻ ڄاڻ، اڻ ڏٺو، اڻ ٻوجهيل، اڻ تارو، اڻ ميو، اڻ سرنهوت، اڻ ٺڪرتيو، اڻ سرت، اڻ واقف، اڻ ورچ، اڻ هوند وغيره

مرڪب لفظ

اڳاڙيون

"بي" انڪاري حرف آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سواءِ، بغير فارسي علامت آهي.

جيئن تہ:

بيشمار = (بي + شمار ڳاڻيٽو) = بي اندازي تمام گهڻو
بيوقوف = (بي + وقوف) = ناسمجهہ، بي عقل

بيشرم = (بي + شرم) = جنهن کي حياءُ نہ هجي.
بي وفا = (بي + وفا)= جيڪو دوستي نہ نڀائي
بيڪار = (بي + ڪار = ڪم) = بنا ڪم جي، بغير ڪم جي.
بيرحم = (بي + رحم) سواءِ ٻاجهہ جي، ظالم
بي هوش = (بي + قرار= آرام) = بنا آرام جي، پريشان.
بي مثال = (بي + مثال) جنهن جهڙو ڪوبہ نہ هجي.

☆ "با" معنيٰ سان، وارو، همراهہ
☆ فارسي علامت آهي.
جيئن تہ: باقاعدي، باحس، باادب، باوفا، بامراد، باحيا، باوقار وغيره.
☆ "بر" معنيٰ تي، مٿي.
فارسي علامت آهي. جيئن تہ:
برخلاف، برحق، برطرف، برعڪس، برپا وغيره
☆ "بد" معنيٰ بڇڙو، خراب
فارسي علامت آهي. جيئن تہ:
بدمعاش، بدخواهہ، بدتميز، بدچال، بدافعال، بداعتقاد، بدبخت، بدنصيب، بدبو، بدڪار، بدنام، بدشڪل وغيره.
☆ "غير" معنيٰ سواءِ انڪاري حرف آهي. عربي علامت آهي.
غير حاضر، غيرموزون، غير ذميدار، غيرموجود، غير آباد وغيره.
☆ "لا" معنيٰ نہ
لا عربي علامت آهي. انڪاري حرف آهي
جيئن تہ:

لافاني = (لا = نہ + فاني= بقا) = جنهن کي بقا يا ختم نہ هجي.
لاثاني = (لا = نہ + ثاني = مٽ، برابر) = جنهن جو ڪو مٽ نہ هجي.
لاپرواهہ = (لا = نہ + پرواهہ) = جنهن کي پرواهہ نہ هجي بيپرواهہ.
لاوارث = (لا= نہ + وارث) = جنهن جو وارث نہ هجي، ننڌڻڪو.

لاطمع = (لا = نہ + طمع = لالچ) = جنهن کي لالچ نہ هجي.
لا مذهب = (لا = نہ + مذهب) = جنهن جو ڪو مذهب نہ هجي ملحد
لاغرض = (لا = نہ + غرض = پرواهہ) = بي پرواهہ.

مرڪب لفظ

☆ هم معنيٰ ساڳيو، ياڻ ۾

هم جنس = هم + جنس) = ساڳي جنس وارو يا واري.
هم راز = (هم = ساڳيو + راز = ڳجهہ) = هڪ ٻئي جي ڳجهہ کان واقف
همعصر = (هم = ساڳيو + عمر = وقت) = هڪ وقت يا ساڳي وقت وارو يا واري. سنجوڳي.
همدرد = (هم = ساڳيو + درد = ڏک. سور) = ڏک ڀائي.
هم پيشہ = (هم = ساڳيو + پيشہ = ڌنڌو) = ساڳئي ڌنڌي وارو
هم آواز = (هم + آواز) = سريا راڳ ۾ شريڪ.

☆ نيم معنيٰ اڌ
فارسي علامت آهي. جيئن تہ:

نيم ملا = (نيم + ملا) = اڌ ملئون. ٿوري علم وارو.
نيم حڪيم = (نيم + حڪيم) = حڪمت جي ٿوري ڄاڻ وارو.
نيم جان = (نيم + جان = ساهہ) = اڌ مئل.
نيم قطر = (نيم + قطر) = اڌ قطر. گول جي گهيري کان مرڪز تائين سڌي ليڪ. جاميٽري جي اصطلاح.

☆ سر معنيٰ مٿو. چوٽي. شروعات. (فارسي جي علامت)

سرِراهہ = اڳواڻ. انتظار رکندڙ.
سرپرست = سنڀاليندڙ. مددگار.
سرتاج = آقا. مالڪ.
سرفراز = ممتاز. بلند.
سرمست = بيهوش. مجذوب نشي ۾ چور.

مرڪب لفظ

پڇاڙيون Suffix

☆ آرا = سينگارڻ وارو سينگاريندڙ
فارسي علامت آهي. مصدر: آراستن = سينگارڻ.

بزم آرا	=	محفل کي سينگاريندڙ.
جلوه آرا	=	جلوو پيدا ڪندڙ
صف آرا	=	صف کي سينگاريندڙ
معرڪه آرا	=	جنگ جي ميدان کي سونهن بخشيندڙ زبردست

☆ آميز فارسي علامت آهي.
(مصدر: آميختن = گڏڻ) مان ورتل آهي.
جيئن ته:

شرارت آميز	=	شرارت سان ڀريل، شرارتي.
نصيحت آميز	=	نصيحت وارو. نصيحت سان ڀريل.
مصلحت آميز	=	نصيحت وارو نصيحت سان ڀريل.
مصلحت آميز	=	مصلحت وارو.

☆ افزا = وڌائيندڙ. فارسي علامت آهي.
مصدر اٿس: افزودن = وڌائڻ.
جيئن ته:

روح افزا	=	روح کي آرام ڏيندڙ.
صحت افزا	=	صحت کي وڌائيندڙ.
رونق افزا	=	سونهن کي وڌائيندڙ.
همت افزا	=	همت ڏياريندڙ يا وڌائيندڙ.

☆ انديش = فڪر ڪندڙ سوچيندڙ.
فارسي علامت آهي.

مصدر: انديشيدن = سوچڻ

دور انديش	=	وڏي سوچ وارو، پري سوچيندڙ.
بد انديش	=	خراب سوچ وارو، خراب سوچيندڙ.
عاقبت انديش	=	پڇاڙي لاءِ سوچيندڙ، آخرت لاءِ فڪر ڪندڙ.
ڪوتاهه انديش	=	گهٽ سوچ رکندڙ.

☆ باز = کيڏندڙ وري وري (فارسي علامت آهي)

مصدر: باختن = کيڏڻ، هارڻ

دغاباز	=	دغا ڪندڙ.
دوکي باز	=	دوکو ڪندڙ.
راست باز	=	سچار.

☆ بين = ڏس، (فارسي علامت آهي)

مصدر: ديدن = ڏسڻ.

باريڪ بين	=	اونهي سوچ وارو، تيز سوچ رکندڙ.
خوردبين	=	ننڍين شين ڏسڻ جو اوزار.
دوربين	=	پري وارين شين ڏسڻ وارو اوزار، وڏي سوچ رکندڙ.

☆ پذير = قبول ڪيل، پسند (فارسي علامت آهي)

مصدر: پذيرفتن = قبولڻ، پسند ڪرڻ.

ترقي پذير	=	اڳتي وڌندڙ، ترقي پسند ڪندڙ
قيام پذير	=	دير تائين رهائش اختيار ڪندڙ
دل پذير	=	دل کي وڻندڙ.

☆ پيما = ماپ (فارسي علامت آهي)

ڪوهه پيما	=	جبل ماپيندڙ.
فلڪ پيما	=	آسمان ماپيندڙ.
حرارت پيما	=	گرمي ماپيندڙ، ترماميٽر.
بارش پيما	=	مينهن ماپڻ جو اوزار (Raingauge)

☆ خواھ = گھُرُ (فارسي علامت آھي.)
مصدر: خواھستن = گھُرڻُ، چاھڻُ.

بدخواھ = برو چاھيندڙ.
خيرخواھ = ڀلو چاھيندڙ.
خاطرخواھ = مرضي مطابق.

☆ دان = ڄاڻندڙ جڳھ، جاءِ ھنڌ
فارسي علامت آھي. (مصدر: دانستن = ڄاڻڻُ)

نادان = بي سمجھ، بيوقوف
قدردان = قدر سڃاڻندڙ عزت ڪندڙ
غيب دان = ڳجھ جو علم رکندڙ.
قلمدان = قلم رکڻ جي جاءِ.
روشندان = اھو ھنڌ جتان روشني اچي، منگھ (Ventilator)

☆ - فارسي علامت آھي
زار- جڳھ، ھنڌ، مقام، گھڻائي.

گلزار = گلن واري جاءِ، باغ، رونق.
لالہ زار = اھو باغ جنھن ۾ لالہ جا گل ھجن.

☆ گاھ = جڳھ، مڪان، جاءِ (فارسي علامت آھي)

درس گاھ = سبق جي جاءِ، مدرسو، اسڪول
عيدگاھ = اھو ميدان جتي عيد نماز ادا ڪجي.
رصد گاھ = تارن جي گردش کي جاچڻ واري جاءِ
آرام گاھ = آرام ڪرڻ جي جاءِ
سجده گاھ = سجدي جي جاءِ، مسجد.
منزل گاھ = منزل ڪرڻ جي جاءِ.
شڪارگاھ = شڪار ڪرڻ واري جوءِ.
چراگاھ = مال جي چرڻ واري جوءِ.
پناھ گاھ = پناھ وٺڻ جي جاءِ.
تماشہ گاھ = تماشي جي جاءِ.

پيا مرڪب لفظ

مرڪب لفظ ٻن يا وڌيڪ ڀاڱن مان ٺهي ٿو. هر هڪ ڀاڱي جي معنيٰ ڌار ڌار آهي ۽ انهن مان انهي لفظ جي معنيٰ جڙي ٿي. جيئن ته گهڻگهرو لفظ آهي. جنهن جا ٻه ڀاڱا آهن "گهڻ ۽ گهرو" ٻنهي ڀاڱن جي معنيٰ ڌار ڌار آهي. انهي سڄي لفظ جي معنيٰ ٿيندي ڀلو چاهيندڙ يا سچو دوست.

گهڻا اهڙا مرڪب لفظ آهن. جيڪي گهڻو استعمال ٿين ڪري مخفف ٿي پيا آهن. مفرد پيا معلوم ٿين. جيئن ته "شهنشاهه" جيڪو اصل لفظ هو شاهه شاهان يعني بادشاهن جو بادشاهه.

ڪي مرڪب لفظ ڪنهن اسم، صفت ۽ عدد ملائڻ سان جڙن ٿا.

جيئن ته:

اسم سان: گهرڌڻي، راڄ ڌڻي، ڳوٺ ڌڻي، ڪٿا مان هٽ ڦاڙ ۽ شهر نيڪالي وغيره.

صفت سان: چڱو ڀلو، اگهو سگهو، لولو لنگڙو، امير غريب شاهه گدا وغيره.

عدد سان: گهٽ وڌ، ٻيڻا ٽيڻا، سوين هزارين، ٻه ٽي، ست پنج، ٻيهري، چوماسو، هڪدم وغيره

هيٺيان لفظ مرڪب آهن

ريل گاڏي، پليٽ فارم، رفيق حيات، جميعت المسلمين، تبليغ اسلام، جامع الازهر، تاحيات، ڪاروهنوار، ڏينهون ڏينهن، راتو رات، باوفا، آمدرفت، خريد و فروخت، غمگين، سنگدل، پرهيزگار، پاڪستان، غريب پرور شاهاڪو ۽ ڪم فهم.

ٻٽا لفظ

سنڌيءَ ۾ خواه ٻين ٻولين ۾ ٻٽا لفظ ٿيندا آهن جن جون چار صورتون آهن: هڪڙا اهڙا لفظ جيڪي ٻئي سنڌي جا ۽ ٻنهي جي معنيٰ به ساڳي هوندي آهي. ٻي صورت ۾ هڪ لفظ سنڌي جو ته ٻيو لفظ ٻي ٻوليءَ جو هوندو آهي. مگر معنيٰ ٻنهي جي ساڳي هوندي آهي ٽين صورت ۾ ٻئي لفظ سنڌيءَ جا هوندا آهن، مگر ٻنهي جي معنيٰ هڪ ٻئي جي ابتڙ هوندي آهي. چوٿين اهڙي صورت، جنهن ۾ هڪ لفظ سنڌي ته ٻيو لفظ مهمل يعني بي معنيٰ جيڪو تالي ڀرا" يا وزن پورو ڪرڻ لاءِ، استعمال ٿيندو آهي.

مثال طور:

پهرين صورت: آس اميد، اهنج ايذاءُ، اڌواڌ.

ٻي صورت: ڦٽ لعنت، لڄ لوئي، لڄ شرم.

ٽين صورت: اڄ ڀڄ، انڌو منڊو، اگهو سگهو، امير غريب، اڳ پوءِ، اڳيان پٺيان.

چوٿين صورت: پاڻي چاڻي، ٻهاري سهاري، ڇڏو ڀاڻو، ٽڪر ٽاڻو، پئسو پنجڙ وغيره

آ آ، آڙ ڀاڙ، آب تاب، آيو ويو، آقي باقي، آل جال، آنڊ ماند، آنپار سانپار، آمهون سامهون، آري تيزاري، آڪڙ شاڪڙ وغيره

الف اڄ وڄ، انڌو منڊو، ابو ڏاڏو، اگهو سگهو، اڙل سوڙل، اڳ پٺ، اڪڙي ڏڪڙي، اينڊي وينڊي، الڳ الڳ، ابتا سبتا، اڪڻ چڪڻ، الريلو، اڌو ڪاڌو، اڌگيڙو، اٽ وٽ، اجايو سجايو، اڪڙ بيڪڙ، انگڙ پنگڙ، اوگهه سونگهه، انعام اڪرام، انڌو سونڌو، اوسي پاسي، اوڙو پاڙو، اوهي واهي، اوڪي سوڪي، اوٺو پوٺو، وغيره.

ب بدل سدل، بدشد، بيماري سيماري، بڻ بنياد، بلوچيتي وغيره

ٻ ٻار ٻچا، ٻوڙان ٻوڙ ٻوڙ ٻلا"، ٻڌڻ پٽ پٽ، ٻاڪر ڪٽو، ٻوڙ قوت، ٻڪر ٻوسات، ٻالو ٻولو، ٻئي ٻارو، ٻڌ چوڙ، ٻڌ ٻڌان.

ڀ ڀڄ ڀاڄ، ڀاڄي ڀتو، ڀتڪ ڀڳڙي، ڀورڪ ڀصر، ڀلو ٻرو ڀيڻ ڀا"، ڀلي ڀت، ڀاڳي ڀاڳيوان، ڀاڳ ڀخت وغيره

ت — تپ تاءُ، ترڪ تال، تڙي ڪڙي، تورڙتڪ، تڏو توشڪ، تڙتڪڙ، تنبو تولاڻ

ٿ — ٿلهو متارو، ٿڏي ڪرسي، ٿڪ ٻٽي، ٿڪي ٿٽي، ٿاڻا ٿيو وغيره

ٽ — ٽهل ٽڪور، ٽوپو ٽڙو، ٽڪر ٽاليو، ٽڙي ٽهه ٽهه، ٽيرو ميرو، ٽڙيل پکڙيل، ٽڪو پئسو وغيره

ٺ — ٺڙو ٺڪاءُ، ٺڪا ٺرڪي، ٺهه پهه، ٺاهه ٺوهه، ٺهيو ٺڪيو، ٺينگ ٺپا، ٺاٺاماٺا، ٺهيل ٺڪيل، ٺهي جڙي، ٺٺ ٺانگر وغيره

پ — پئسو ٽڪو، پئسو پنجڙ، پڇاڳاڇا، پٽ ڪوهه، پٽ پاراتو، پير فقير، پتڪو سنڪو، پکي پکڻ، پيٽ قوت، پڪاپختا، پاسو پلٽ، پٽ سٽ، پن سن وغيره.

ج — جند جان، جوان جماڻ، جت ڦت، جيو جنتر، جڳ جهان، جيڪو تيڪو، جوڙجڪ وغيره.

ڄ — ڄاڻي واڻي، ڄاڻي ٻجهي، ڄٽ ڄامڙت، ڄر موت، ڄاڻ سڃاڻ.

جهه — جهنگ جهر، جهڙو تهڙو، جهيڙو جهٽو.

چ — چوڻ چوائڻ، چٽو چاءُ، چڱو ڀلو، چڱو چوکو، چرچو، چرچو گهبو، چٽي چپاتي، چت گل، چپ چاپ، چڪنا چور، چال چلت، چتا پيتي وغيره.

ڇ — ڇڪ تاڻ، ڇيڙ ڇاڙ، ڇن پٽ، ڇنڊ ڇاڻ، ڇڙو ڇانڊ وغيره.

ح — حيلو وسيلو، حيلو حوالو، حال احوال، حساب ڪتاب، حلال حرام.

خ — خط پٽ، خير ڇاڻ، خون ڪٿوري، خوش دل، خرچ پکو، خواب خيال، خدمت چاڪري، خوار خراب، خير خوبي وغيره

پٽا لفظ

د دانو ياڻي، دانهن ڪوڪ، دم دلاسو، دربدر، دهل دمامو، دوا دارون دوا درمل، دڙڪو داب، دوا ستي، دور دراز، ديهه دوس وغيره

ڊ ڊونئي ٻوٽي، ڊڪ ٻھو، ڊوڙ ڊڪ، ڊڪا ٽاپا، ڊاڍي ساڻين، ڊنڊو ڊاڙهي، ڊاڍي ڊوڙي، ڊن دولت وغيره.

ڏ ڏک سک، ڏيک ويک، ڏسي واسي، ڏسڻو وائسڻو، ڏئو وائو، ڏي وٺ، ڏنو موٽو، ڏس پتو، ڏکيو سکيو، ڏيتي ليتي، ڏيل وائل، ڏک ڏاڪڙا، ڏينگو ڦڏو وغيره.

ڍ ڍڪ ڍوڻ، ڍاهه ڊاهه، ڍپ ڍاڍ، ڍيگهه ويگهه، ڍاڙ ڦٽال.

ذ ذات پات، ذرو پرزو، ذڪر فڪر، ذوق شوق

ر رڍ ٻڪرا، روج راڙو، ريل ڇيل، رات ڏينهن، راندروند، راهه رباڻي رلي ڇلي، رلي ملي، رلنو ملنو، رڻ روڳڙي، راتو واهه، رنگ روپ، رنگ روغن، رتو ڇاڻ، رکي سکي وغيره

ز زر زيور، زور ظلم، زال زنب، زهر ٻهر، زير زبر، زيبار وغيره

س سڪيو ستائيو، سڪيو سهنجو، سچو سارو، سچ پچ، سيڪو سامان، سات سوڙ، سڌو سنئون، سامان سٽو، سار سنڀال، سوڙ سنگوڙ، ست ڪٽ، ست پٽ، سن ٻس، سڪو پٽڪو، سڳو ڏاڳو، سڌ سماءُ، سيل سهڻ، سڻي لغطي وغيره.

ش شادي مرادي، شڪ شبهو، شڪ گمان، شيءِ شڪل، شان شوڪت، شان مان.

ص صاف سٿرو، صلح صفائي، صبح شام، صلح سانت،

ط طعنو تنڪو، طوعا ڪرها، طور طريقا، طولي طويل،

ع عام عام، عام خاص، عموما خصوصا

ڪ ڪپڙو لٽو، ڪپڙو گندي، ڪمي ڪاسي، ڪن ڪچرو، ڪنو ڪوجهو، ڪراسو، ڪٽ ڪٽيو، ڪاريت، ڪاروهنوار، ڪم ڪار وغيره.

ل ليرقان لير گهير، لرلنئو، لٽ لوڙي، للاٽو ليرزو، لٽ لعنت وغيره

گ گاڏو پيتو، گسي ٻاڙي، گيل تماشو، گڏون گوبا، گند گير، گگو وگو وغيره.

ڳ گول مول، ڳاڙهو ڳاڙهو، ڳپ شپ، ڳالهيون ڳالهيون، ڳيا ڳيهه، ڳپ جهڪ ڳند ڪچرو، ڳاڙهو ساڙهو، ڳل ڦل، ڳهل ڳهتاڙ، ڳوبو، ڳلا غيبت وغيره

ڳ ڳهه ڳنو، ڳالهه ٻولهه، ڳجهه ڳوهه، ڳڻ ڳوت وغيره

گهه گهورڪت، گهربار، گهوگهات، گهٽ وڌ، گهٽ گهيڙ، گهمڻ ڦرڻ وغيره.

ل لاهين چاڙهين، لاٽي چاٽي، لچ لفنگو، لهه وچڙ، لولو لنگڙو، لڪ چپ، ليڪوچوڪو، لش پش، لڪ چوري، لڏ پلاڻ، لاهي پاٽي، ليت سيت، لبو ٿبو، لنگ پنگ وغيره

م مٽ مائٽ، ملم پٽي، منٽ ميڪ، ميڙي چونڊي، ميو مثارو، مارڪٽ مهمان، مڙو، مائٽهو چيٽو، مان مرتبو، موهه مقام، مت ست ميت محبت، مرچ مصالحو وغيره.

ن نالو نشان، نوڪر چاڪر، ناز نخرو، نندو ونڊو، نندي نيتي، نٿون نڪورو، نشوپتو، نت نئون، نياز نئڙت، نقش قدم وغيره.

و وٺچ واپار، ويچ طبيب، واه سا، وڌ گهٽ، وڻ ٽڻ، ونڊ ورچ، ونڊ وروتهن، واپاروڙي، وارا چمارا، وڏي ويجهي، والٽو رکال، ونڊ پکڙ، وٽ وٺان، ويروڻ ووروڪڙ وغيره

ه هاري ناري، هئون هٽ، هيرا جواهر، هنڌين ماڳين، هلت چلت، هڪ ٻڪو، هڪيو ٽڪيو، هنڌ بسترو، هڏ ڏڪي، هرويرو، هران وران، هڪ هڪائي، هيٺ ڦيٺ، هونڌي سونڌي، هيٺ مٿي، هلي چلي وغيره

باب پهريون

علم بيان

علم بيان نثر يا نظم کي اثرائتي انداز سان ظاهر ڪرڻ جي هڪ طاقت آهي، جيڪا پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي متاثر ڪري ٿي. ان تحريري بيان کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ جامع لفظن ۽ اصطلاحن سان سينگاري سنواري پيش ڪرڻ کي علم بيان چئبو آهي.

علم بيان جا هيٺيان چار ڀاڱا آهن.

1. تشبيهه 2. استعارو 3. مجاز مرسل 4. ڪنايو

1. تشبيهه Simile

مثال: 1. گلن جهڙا ٻارڙا ڦلن جيئن نيڪن.
2. احمد شينهن جهڙو جوان آهي.

پهرئين مثال ۾ ٻارن جي گلن سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. جهڙي طرح گل ڏسڻ ۾ سهڻا، ڳاڙها، نرم ۽ تازا نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ٻارن ۾ به اهي سڀ خوبيون موجود هونديون آهن. تنهن ڪري ٻارن جي گلن سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. هتي گلن جي خوبي ٻارن کان وڌيڪ تصور ڪئي وئي آهي. انهي ڪري مشبهه (ٻيٽيل) کان مشبهه به (جنهن سان ڀيٽيو ويو) جي خوبي وڌيڪ سمجهي ويندي آهي. ٻي حالت ۾ تشبيهه غلط ۽ بي اثر ثابت ٿيندي.

هاڻي مٿين پهرئين مثال ۾ ٻار ٿيا "مشبهه" (ڀيٽيل) ۽ گل ٿيا "مشبهه به" (جنهن سان ڀيٽيا ويا) ۽ "جهڙا" حرف تشبيهه آهي. اهي ٿيا ٽي ارڪان جڏهن ته چوٿون رڪن "سهڻا" وجه تشبيهه (ڀيٽ جو سبب) جيڪو ڳجهو رکيل آهي.

ٻئي مثال ۾ احمد انسان جي طاقت جي لحاظ کان هڪ طاقتور جانور شينهن سان ڀيٽ ڪئي آهي. تنهن ڪري احمد ٿيو مشبھ ۽ شينهن ٿيو مشبه بہ ۽ جهڙو تشبيھ آهي ۽ چوٿون رڪن وجه تشبيھ (بهادري) ڳجهو رکيل آهي. مٿين مثالن مان معلوم ٿيو تہ تشبيھ ۾ چار ارڪان آهن. انهن کان سواءِ، هڪ پنجون رڪن هوندو آهي. جنهن کي غرض تشبيھ (ڀيٽ جو سبب) چئبو آهي. اهو سڀ ڪنهن تشبيھ ۾ ڳجهو رکيل هوندو آهي. جيئن تہ پهرئين مثال ۾ غرض تشبيھ آهي، ٻارن جي تعريف ۽ ٻئي مثال ۾ احمد جي بهادري جي واکاڻ آهي.

وصف: ٻن يا وڌيڪ شين يا ماڻهن يا حالتن جي ڀيٽ ڪرڻ يا هڪ جهڙائي ڏيکارڻ کي تشبيھ چئبو آهي. تشبيھ جي لفظي معنيٰ آهي هڪ شيءِ کي ٻئي جهڙو سمجهڻ يا ڀيٽ ڪرڻ.

تشبيھ جا حرف: مثل، وانگر، وانگيان، وانگي، جان، جيان، جيئن ۽ جهڙو وغيره.

2. استعارو Metaphor

مثال: 1. زليخا تہ چنڊ آهي.
2. احمد شينهن آهي.

پهرئين مثال مان مراد آهي تہ زليخا چنڊ جهڙي سهڻي آهي. زليخا کي سونهن جي لحاظ کان چنڊ بڻايو ويو آهي. هن مثال ۾ ٽي جزا آهن. پهريون "چنڊ" جو لفظ (سونهن جي لحاظ کان)

ٻيو جزو چنڊ جي سچي يعني معنيٰ يعني: هو هڪ گرھ آهي. ٽيون جزو تہ [illegible] سهڻي آهي. استعاري جي جزن جا نالا.

1. "چنڊ" لفظ کي مستعار (اڌارو ورتو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ "چنڊ" لفظ زليخا جي سونهن لاءِ اڌارو ورتو ويو آهي.
2. چنڊ گرھ کي مستعار منه (جنهن کان اڌارو ورتو ويو) ڇاڪاڻ تہ چنڊ کان ئي (سونهن جي) لفظ اڌارو ورتو ويو آهي.
3. زليخا کي مستعار لہ (جنهن لاءِ اڌارو ورتو وڃي) ڇاڪاڻ تہ هتي زليخا لاءِ "چنڊ" لفظ اڌارو ورتو ويو آهي. مطلب تہ مشبہ (زليخا) کي مشبه بہ (چنڊ) بڻايو ويو آهي. ڀيٽ

ڳڻهي آهي "چند جهڙي"

2. اهڙي طرح ٻئي جملي ۾ بهادري جي خيال کان احمد کي شينهن بنايو ويو آهي. هن مثال ۾ به ٽي جزا آهن:

1. پهريون شينهن جو لفظ (بهادري جي لحاظ کان) ٻيو جزو شينهن جي سڃي ٻجي معني: يعني طاقتور ۽ ڦاڙيندڙ جانور. ٽيون جزو آهي احمد بهادر.

1. شينهن لفظ کي مستعار چئبو. ڇاڪاڻ ته "شينهن" لفظ احمد لاءِ اڌارو ورتو ويو آهي. شينهن جانور کي مستعارمنه. ڇاڪاڻ ته شينهن کان ئي بهادري لاءِ لفظ اڌارو ورتو ويو آهي.

3. احمد کي مستعارله. ڇاڪاڻ ته هتي احمد لاءِ "شينهن" جو لفظ اڌارو ورتو ويو آهي. هتي احمد مشبہ کي مشبہ (شينهن بنايو ويو آهي. پيٺ ڳجهي رکيل آهي (شينهن جهڙو)

وصف: جڏهن ڪو به لفظ پنهنجي مجازي معنيٰ ۾ اهڙي طرح استعمال ٿئي جو ان لفظ جي حقيقي ۽ مجازي معنيٰ ۾ تشبيہ جو تعلق ڳجهو هجي ته ان کي استعارو چئبو آهي. استعاري جي معنيٰ آهي "اڌارو وٺڻ" يعني ڪنهن لفظ کي ٻئي لفظ کان اڌاري معنيٰ وٺي ڏيڻ.

3. مجاز مرسل

ظرف مان مظروف جي معنيٰ وٺڻ.

نوٽ: "ظرف" مان مراد آهي اهو ٿانءُ يا برتن يا جڳهه جنهن جي اندر ڪجهه پيل هجي.

مثال: 1. سيٺ هڪ هڪ گلاس پيتو ٻه ٽي گلاس پي ويس.

انهي مثال ۾ گلاس مان مراد پاڻي آهي. ڇاڪاڻ ته گلاس پيتو ڪونه آهي ٻر پاڻي پيتو آهي. يعني گلاس ظرف (ٿانءُ) مان مظروف (ٿانءُ ۾ پيل شيءِ) پاڻي جي معنيٰ ورتل آهي. ڪنهن تشبيهه جي خيال کان نه. پر ظرف مان مظروف جي خيال کان. يعني گلاس جي اصلي معنيٰ ڇڏي ڏيڻ پاڻي جي معنيٰ ورتي وئي آهي.

ٻيو مثال: مڪان مان مڪين جي معنيٰ وٺڻ.

2. سعودي عرب هڪ شاهوڪار ملڪ آهي.

اتي "سعودي عرب" ملڪ جي حقيقي معنيٰ ڪم نه ٿي ڏي. ڇاڪاڻ ته ان جي حقيقي معنيٰ آهي" ڌرتي جي هڪ مخصوص ايراضي" سو ڌرتي ڪا شاهوڪار ڪانه ٿيندي آهي. پر هتي سعودي عرب مان مراد آهي "سعودي عرب جا رهاڪو شاهوڪار آهن." يعني مڪان مان مڪين يا ظرف مان مظروف.

2. مظروف مان ظرف جي مراد وٺڻ.

مثال: ميز تي شربت رکيل آهي.

انهي مان مراد آهي ته ميز تي شربت جو شيشو رکيل آهي. هتي شربت جي ڳالهه ڪري، منجهانئس شيشي جي مراد ورتي ويئي آهي. يعني شربت مظروف مان شيشي ظرف جي معنيٰ ورتل آهي. ڪنهن تشبيه جي خيال کان نه، پر مظروف مان ظرف جي لحاظ کان.

3. جزمان ڪل جي معنيٰ وٺڻ.

جڏهن ڪنهن چيز جي جزي جو ذڪر ڪجي، پر ان مان مراد سڄي شيء هجي، يعني جز مان ڪل جي معنيٰ وٺڻ.

مثال: ۱. درود شريف پڙهڻ سان گڏ "الحمد" لفظ نه سوره فاتح جو هڪ جزو آهي، مراد پوري سورت فاتح آهي. "الحمد" لفظ ته سوره فاتح جو هڪ جزو آهي. مگر هتي صرف "الحمد" جو لفظ مراد نه آهي، پر انهي جزي مان سڄي سوره مراد آهي. يعني جزي مان ڪل مراد آهي.

4. ڪل مان جُزي جي مراد وٺڻ.

جڏهن ڪنهن چيز جو ذڪر ڪجي، پر ان مان مراد ان (چيز) جو جزو هجي.

مثال: ڀاڙي جي هٿ ۾ ڪارائي آهي.

انهي ڪارائي (ڪل) مان مراد ڪارائي جو منيو (جز) آهي. ڇاڪاڻ ته سڄي ڪارائي، جو هٿ ۾ سمائجڻ ناممڪن آهي. ان جو خالي مُنيو هٿ ۾ جهلي سگهجي ٿو. هتي ڪل (سڄي شيء) مان جزي جي معنيٰ ورتي ويئي آهي.

5. سبب مان مسبب (نتيجو) جي مراد وٺڻ.

مثال: 1. ڪڪر وسي ٿو.

هتي ڪڪر هڪ سبب آهي، جنهن جو مسبب يعني نتيجو، مينهن (بارش) آهي. هتي ڪڪر وسڻ (سبب) مان مراد "مينهن" آهي يعني مسبب. ڇاڪاڻ ته ڪڪر ڪڏهن وسندو آهي، پر مينهن وسندو آهي.

2. بجلي ٻري ٿي.

حالانڪ بجلي ڪانه ٿي ٻري، پر بجلي (سبب) ڪري بلب جون تارون ٻري ڪري روشني ڏين ٿيون يعني مسبب بلب جون تارون آهن.

6. مسبب (نتيجي) مان سبب جو مراد وٺڻ.

مثال: 1. باھ ٻري ٿي.

حقيقت ۾ باھ ڪانه ٿي ٻري (باھ مسبب آهي) پر ڪاٺيون ٻرن ٿيون ٻرن، جيڪي سبب آهن، باھ ٻرڻ جو.

يا مثال: سليم منهنجي هٿ هيٺ آهي.

هتي "هٿ" قابو ۽ قدرت جو سبب آهي، يعني سبب ظاهر ڪري، ان مان مسبب (نتيجو ڏيکاريندڙ) جي مراد ورتل آهي، جنهن تشبيھ جي خيال کان نه، پر سبب مان مسبب جي خيال کان، هتي هٿ جي اصلي معنيٰ ڇڏي ٻئين معنيٰ ورتي ويئي آهي.

وصف: جيڪڏهن ڪو لفظ مجازي معنيٰ ۾ اهڙي طرح استعمال ٿئي جو ان جي مجازي معنيٰ ۽ حقيقي معنيٰ ۾ تشبيھ کان سواءِ ٻيو ڪو لاڳاپو هجي، ته اهڙي لاڳاپي يا مجازي يعني ٻئين ورتل معنيٰ کي مجاز مرسل چئبو آهي.

نوٽ: اهو لاڳاپو هيٺين قسمن جو هوندو آهي.

1. ظرف مان مظروف.
2. مظروف مان ظرف.
3. جزو مان ڪل جي معنيٰ وٺڻ.
4. ڪل مان جزي جي معنيٰ وٺڻ.

5. سبب مان مسبب جي معنيٰ وٺڻ.

6. مسبب مان سبب جي معنيٰ وٺڻ.

4. ڪنايو

مثال: احمد سفيد پوش ماڻهو آهي.

اتي سفيد پوش جي حقيقي معنيٰ آهي "صاف سٿرو" پر مجازي معنيٰ ٿيندي ته احمد هڪ غريب غيرتمند انسان آهي. پنهنجي غربت لڪائڻ لاءِ اڇا ڪپڙا پائي ٿو. اِتي سفيد پوش صفت موصوف احمد لاءِ ڪنايو آهي.

اهڙي طرح ٻيو مثال:

2. حسن ته دريا دل انسان هو، پر سندس پٽ تنگ دل آهي.

انهي جملي ۾ "دريا دل" ۽ "تنگ دل" اهي جملي جون اصلي يا حقيقي معنائون آهن. "دريا دل" هئڻ مان مراد سخي هئڻ آهي ۽ تنگ دل هئڻ مان مراد بخيل يا ڪنجوس آهي" يعني جملي ۾ دريا دل ۽ تنگ دل وارين معنائون حقيقي آهن. جيڪي اشارو ڪن ٿيون مجازي معنيٰ ڏانهن. جيڪي آهن، "سخي هئڻ" ۽ "بخيل هئڻ" جملي جون ٻئي معنائون حقيقي ۽ مجازي ظاهر آهن.

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته ڪنايه ۾ ٻن ڳالهين جو هجڻ ضروري آهي.

1. اها حقيقي يا اصلي معنيٰ، جنهن جي بدران مجازي معنيٰ ڪم آندل هجي.

2. اها مجازي معنيٰ جا حقيقي يا اصلي معنيٰ جي بدران ڪم آندل هجي.

وصف: نثر يا نظم ۾ ڪو اهڙو لفظ يا اصطلاح، جنهن مان حقيقي معنيٰ جو مطلب وٺي سگهجي، پر ان مان مراد مجازي معنيٰ جي هوندي آهي ان کي ڪنايو چئبو آهي.

"ڪنايه" جي معنيٰ آهي ڳجهو اشارو يا رمز.

علمِ عَرُوضُ

جيئن ڌ ڪنهن شيءِ جو وزن ڪرڻ لاءِ ساهمي ۽ تورا يا وٽ استعمال ڪيا آهن، تيئن شعر جي موزون (توريل) ناموزون (اڻ توريل) هئڻ جي لاءِ به ڪي اصول يا پيمانا انهي علم جي عالمن جوڙيا آهن. انهن اصولن وارن پيمانن جي علم کي علم عَروض چئبو آهي.

علم عروض جي ذريعي نثر ۽ نظم ۾ فرق معلوم ڪري سگهجي ٿو. انهي علم جو نالو عروض انهي ڪري رکيو ويو آهي، جو عرب جا بدوي تنبوءَ تنبو" جي وچين ڪاٺي کي عروض چوندا هئا. انهي تنبو" ۾ رسا ۽ ڪلا استعمال ڪري گهر جوڙيندا هئا. جنهن کي بيت چوندا هئا. "بيت" جي معنيٰ آهي گهر. انهي نسبت سان هن علم جا اصطلاحي نالا، عروض يعني وچين ڪاٺي 2. سبب (رسو) وتد (ڪلا) فاصلہ (وچوٽي) رکيا ويا آهن.

علم عروض جو ايجاد ڪندڙ مڪي مڪرم جو رهاڪو خليل بن احمد بصري هو. کيس اها ذات الله تعاليٰ جي طرفان مڪي معظم ۾ حاصل ٿي، ڪي چون ٿا ڌ جيئن: مڪي معظم جو ٻيو نالو عروض هو، انهي نسبت سان انهي علم جو نالو عروض رکيو ويو.

شعر

"شعر" جي لغوي معنيٰ آهي "شعور" يا "دانائي" پر علم عروض موجب "شعر اهو ڪلام آهي، جو ڪنهن مقرر وزن تي، مناسب لفظن ۾ ارادي سان چيو وڃي ۽ سنجهس ڪافيو به هجي".

شعر انهن جذبن ۽ خيالن جو نالو آهي، جيڪي لفظن جو لباس پهري، شاعر جي واتان ظاهر ٿين. مطلب ڌ "ڪنهن دلڪش جذبي يا خيال جو دلپسند اظهار جو نالو شعر آهي"

عربيءَ ۾ پهريان جنهن شاعر شعر چيو، سو يعقوب بن قحطان هو ۽ فارسي ۾ جنهن پهريون شعر چيو، سو بهرام هو، سنڌيءَ ۾ اوائلي شعر جو نمونو سومرا دور (1051ع کان 1351ع) آهي. تنهن کان پوءِ سيد ثابت علي شاهه. خليفو گل محمد هالائي جا نالا ذڪر


جي لائق آهن. خليفو گل محمد هالائي ديوان جو صاحب هو. مسدس "ديوان گل" مشهور آهي. تنهن کان پوءِ هيٺيان ديوان لکيا ويا. جهڙوڪ: ديوان قاسم، ديوان فاضل، ديوان سانگي، ديوان بلبل ۽ ديوان قليچ وغيره.

☆ شاعر شعر قياس ڪري نٿو جوڙي، پر طبع جو زور ڪيس شعر جوڙڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو.

☆ شعر آهي دلي جذبي جو لفظي لباس پهرڻ.

☆ قوت متخليه شاعر لاءِ اهڙي ضروري آهي، جهڙي وڻ لاءِ پاڙ.

اصول ارڪان



1. سبب خفيف (هلڪو)

جنهن لفظ جو پهريون اکر متحرڪ ۽ ٻيو اکر ساڪن هوندو آهي، انهي کي سبب خفيف چئبو آهي. جيئن: گر – ڪو – جر – سر – هي – ها – پا – جا – چو – تو وغيره.

سبب ثقيل

ثقيل جي معنيٰ آهي ڳرو.

انهن ٻن اکرن واري لفظ کي چئبو آهي، جنهن جا ٻئي اکر متحرڪ هجن. جيئن: ڪر – ڌڙ – چڪ – ڪلا – نڪ – پٽ – چٽ وغيره

وتد

"وتد" جي لغظي معنيٰ آهي: ڪيرو، ڪلو ۽ ميخ.

وتد جا ٻه قسم آهن:

1. وتد مقرون 2. وتد مفروق

1. وتد مقرون:

اهڙو ٽن اکرن وارو لفظ جنهن جا پهريان ٻه اکر متحرڪ هوندا آهن ۽ ٽيون آخري اکر ساڪن هوندو آهي.

جيئن: وفا - جفا - فنا - هوا ۽ سکو وغيره.

"مقرون" جي لغظي معنيٰ آهي گڏيل، نزديڪ جيئن ته انهي ۾ اکري لفظ جا پهريان ٻئي متحرڪ اکر هڪ ٻئي کي ويجهو ۽ گڏيل آهن. انهي وتد مقرون کي وتد مجموع به چئبو آهي.

مجموع جي معنيٰ آهي: "گڏيل" جيئن ته هن ۾ اکري لفظ جا پهريان ٻه متحرڪ اکر گڏ آيل آهن جيئن ته: "وفا" لفظ ۾ پهريان ٻه متحرڪ لفظ و ۽ ف گڏ آيل آهن.

2. وتد مفروق

اهڙو ٽن اکرن وارو لفظ جنهن جو پهريون ۽ ٽيون آخري اکر متحرڪ هجن ۽ وچيون اکر ساڪن هجي جيئن ته: باب، صبر، دام، ڪام، تاب، خان، مان ۽ يار وغيره.

"مفروق" جي لغظي معنيٰ آهي: "ڌار ٿيل" پهرئين ۽ آخري اکرن جي وچ ۾ ساڪن اکر آيو آهي، جنهن ڪري اهي ٻئي متحرڪ لفظ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيل آهن.

فاصلہ

فاصلہ جي معنيٰ آهي "وڇوٽي" هن جا ٻه قسم آهن.

1. فاصلہ صغريٰ 2. فاصلہ ڪبريٰ

1. فاصلہ صغري:

اهو جيئن اکرن وارو لفظ جنهن جا پهريان ٽي اکر متحرڪ هوندا آهن ۽ چوٿون آخري اکر ساڪن هوندو آهي.
جيئن ته: عربي، ادبي، سحري، شرفا وغيره.

2. فاصلہ ڪبري:

اهو پنج اکرن وارو لفظ جنهن جا پهريان چار اکر متحرڪ هوندا آهن ۽ آخري پنجون اکر ساڪن هوندو آهي.
جيئن ته: مٺا گهڙ، گهٽگهڙو مس جتو ۽ ڇهڇتو وغيره.

اشارو: اصولن ۽ ارڪانن سمجهائڻ لاءِ حرڪات ۽ سڪنات جا هي نشان مقرر ڪجن ٿا.
يعني متحرڪ لاءِ (—) ۽ ساڪن لاءِ (^).

مثال: فعولن ^— —
مفاعيلن ^— — —
فاعلاتن — ^— —

شعر جا ارڪان

ارڪان "رڪن" جو جمع آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ٿنڀ" يا ڪنهن شيءِ جو ضروري حصو. علم عروض جي اصطلاح ۾ هر شي جي وڏي حصي کي رڪن چئبو آهي.

"ارڪان" انهن چند لفظن جي ميڙ کي چئبو آهي، جيڪي مثي بيان ڪيل شعر جي [illegible] دلين:

1- سبب [illegible] 3. فاصلہ

مان ٺهيا آهن، شعر جي موزونيت [illegible] مدار انهن مقرر ڪيل رڪنن تي آهي، اهي ارڪان ڪل اٺ آهن. جن مان پهريان ٻه ارڪان خماسي يعني پنجن اکرن وارا آهن [illegible] سباعي يعني ستن اکرن وارا آهن.

خماسي ارڪان هي آهن.

1. فعولن　　　　2. فاعلن

سباعي ارڪان هي آهن.

1. مفاعيلن　　　　4. مُستفعلن
2. مفعولات　　　　5. متفاعلن
3. فاعلاتن　　　　6. مفاعلتن

انهن ارڪانن جي حرڪتن مان معلوم ٿيندو ته ڪهڙن قسمن جا "سبب" ۽ وتد هرهڪ ۾ آيل آهن.

مثال: فعولن مان فعلو وتد مقرون آهي ۽ لن سبب خفيف آهي ساڳي، طرح "فاعلن" ان جي ابتڙ آهي يعني پهرئين "فا" سبب خفيف آهي ۽ پوءِ علن وتد مقرون آهي.

بحر

شعر جي وزن سان توريو وڃي ٿو، تن کي بحر چئبو آهي. يعني ڪنهن به شعر جي ساڪن ۽ متحرڪ حرفن يا آکرن جي ميڙ کي بحر چئبو آهي. بحر جي لفظي معنيٰ "دريا" آهي. جيئن دريا، مان پيا گهڻا واهه نڪرندا آهن. تيئن بحرن مان ڪيترائي ضحاف نڪرن ٿا. جيڪي شعر جي لفظن کي موزون ۽ مرڪب ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. شعر جا ارڪان اصولن مان نهن ٿا. وري ارڪانن مان بحر ٺهن ٿا. بحر ڪل 19 آهن. جن جا نالا هي آهن.

1. رجز 2. رمل 3. ڪامل 4. وافر 5. هزج 6. متقارب 7. متدارڪ 8. طويل 9. مديد 10. بسيط 11. منسرح 12. مضارع 13. سريع 14. خفيف 15. مجتث 16. مقتضب 17. قريب 18. جديد 19. مشاڪل.

انهن بحرن مان پهريان 15 بحر (سواءِ متدارڪ جي) عبدالرحمان الخليل بن احمد بصري جا جوڙيل آهن. بحر متدارڪ جو موجد ابو الحسن اخفش آهي. پويان ٽي بحر ايرانين جا ايجاد ڪيل آهن. جيڪي فارسي، جا شاعر استعمال ڪندا آهن.

بحرن جا قسم

مٿي بيان ڪيل بحرن مان پهريان ست بحر مفرد سڏجن ٿا. جو انهن مان هرهڪ ڪنهن هڪ ئي رڪن کي وري وري آڻڻ سان ٺهي ٿو جيئن ته بحر متقارب

فعولن فعولن فعولن فعولن.

اهو بحر هڪ ئي رڪن فعولن مان ٺهيو آهي. اهڙا مفرد بحر ست آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

مفرد بحرن جا نالا ۽ وزن

بحر جو نالو	وزن
1. رجز	مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن
2. رمل	فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن
3. ڪامل	متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن
4. وافر	مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن
5. هزج	مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
6. متقارب	فعولن فعولن فعولن فعولن
7. متدارڪ	فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن

باقي بچيل 12 بحرن کي مرڪب چئبو آهي. جو انهن مان هرهڪ بحر ٻن ارڪانن کي وري وري آڻڻ سان ٺهي ٿو.

اهي 12 مرڪب بحر ۽ انهن جا ارڪان هي آهن.

مرڪب بحرن جا نالا ۽ وزن

نالو بحر جو	وزن
1. طويل	فعولن مفاعيلن فعولن مفاعيلن
2. مديد	فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن
3. بسيط	مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن
4. منسرح	مستفعلن مفعولات مستفعلن مفعولات
5. مضارع	مفاعيلن فاعلاتن مفاعيلن فاعلاتن

نالو بحر جو	وزن
6. سريع	مستفعلن مستفعلن مفعولات
7. خفيف	فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن
8. مجتث	مستفعلن فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن
9. مقتضب	مفعولات مستفعلن مفعولات مستفعلن
10. قريب	مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن
11. جديد	فاعلاتن فاعلاتن مستفعلن
12. مشاڪلات	فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن

بحر سالم ۽ غير سالم

اهي بحر جيڪي پنهنجي مقرر ڪيل رڪنن سان بنا ڦير ڦار جي لهندا آهن تن کي بحر سالم چئبو آهي. پر اهي جيڪي ردوبدل سان لهندا آهن تن کي غير سالم چئبو آهي.

رڪنن جا نالا

مثمن: جنهن بيت ۾ اٺ ارڪان هوندا آهن. انهي کي مثمن چئبو آهي.
مسدس: جنهن بيت ۾ ڇهه ارڪان هوندا آهن. انهي کي مسدس چئبو آهي.
مخمس: جنهن بيت يا شعر ۾ پنج ارڪان هوندا آهن. انهي کي مخمس چئبو آهي.
مربع: جنهن شعر يا بيت ۾ چار ارڪان هوندا آهن. انهي کي مربع چئبو آهي.
مثلث: جنهن بيت ۾ ٽي ارڪان هوندا آهن. انهي کي مثلث چئبو آهي.
مثني: جنهن بيت يا شعر ۾ ٻه ارڪان هوندا آهن. انهي کي مثني چئبو آهي.

1

زحافات

جيئن ته مٿي بيان ڪيل ارڪان ۽ بحر ڳڻ پنهنجي اصلي مقرر ڪيل صورت ۾ استعمال نه ٿا ٿين. پر انهن ۾ ردوبدل ٿئي ٿي. ڪٿي ڪنهن متحرڪ اکر کي ساڪن ڪرڻ سان. ڪٿي وري هڪ يا وڌيڪ اکرن کي گهٽائڻ يا وڌائڻ سان ڦير ڦار ٿئي ٿي، جنهن ڪري هڪ بحر مان ڪئي بحر ۽ هڪ رڪن مان ڪيترائي ارڪان پيدا ٿين ٿا. جن کي فروع (شاخون) چئبو آهي.

عروضيين وٽ انهي ڦير ڦار جو نالو "زحاف" آهي، جيڪو "زحف" جو جمع آهي. زحف جي لغوي معني آهي: تير جو نشان کان خطا ٿي وڃڻ يا ڪنهن شيء جو اصلي جاء کان پري ٿي وڃڻ. پر علم عروض جي اصطلاح ۾ زحف انهي تبديلي، جو نالو آهي. جيڪا ڪنهن رڪن ۾ ٿيل هجي.

خاص زحافات

ڪل زحافات 35 آهن. جن مان گهڻا عربي ۽ فارسي زبانن ۾ استعمال ٿيندا آهن. انهن مان جيڪي سنڌي، ۾ زحافات استعمال ٿين ٿا. تن جي تهڻ جو نمونو ۽ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

قصر: (ڪوتاهي يا گهٽتائي) رڪن جي پڇاڙي، واري سبب خفيف جو ساڪن اکر ڪيرائي ۽ ان جي متحرڪ اکر کي ساڪن ڪرڻ سان قصر زحف ٺهند وآهي. جيئن ته.

فعولن مان "ن" ساڪن ڪڍي ڇڏيو ۽ "ل" متحرڪ کي ساڪن ڪيو ته ٿي پوندو فعول. اهڙي طرح.

2. مفاعيلن مان مفاعيل 3. فاعلات مان فاعلا.

اهڙي زحف کي مقصور چئبو آهي.

2. حذف (پري ڪرڻ)

رڪن جي پڇاڙي واري سبب خفيف کي ڪڍي ڇڏجي.

جيئن ته: فعولن مان سبب خفيف لن ڪڍي ڇڏبو ته ٿي پوندو "فعو" ۽ جيڪو فعل وزن ٿي پوندو.

2. اهڙيءَ طرح فاعلاتن مان فاعلا (جنهن جو وزن ٿي پوندو فاعلن اهڙي زحف کي محذوف چئبو آهي.

3. قبض (پڪڙ)

خماسي رڪن جو آخري ساڪن حرف ڪيرائي ڇڏجي. جيئن ته: فعولن مان "ن" ساڪن ڪيرائڻ سان ٿي پوندو "فعول" اهڙي طرح مفاعيلن مان "ي" ساڪن ڪيرائڻ سان ٿي پوندو "مفاعلن" انهيءَ ۾ فعول ۽ مفاعلن کي مقبوض چئبو.

4. ڪف (روڪڻ)

سباعي رڪن جي آخري اکر کي ڪيرائڻ سان ٿيندو آهي جيئن ته: مفاعيلن مان مفاعيل. اهڙيءَ طرح: فاعلاتن مان فاعلات اهڙي زحف کي مڪفوف چئبو آهي.

5. خرب (ڪنن جو چيرڻ)

سباعي ارڪانن جي پهرئين ۽ آخري اکر کي ڪيرائڻ سان ٿيندو آهي. جيئن ته: مفاعيلن مان فاعيل (جيڪو مفعول جي وزن تي ٿيندو. اهڙي زحف کي اخرب چئبو آهي.

6. خبن (لفظي معنيٰ پلڪ ويڙهڻ)

سباعي رڪن جو ٻيو ساڪن اکر کي ڪيرائڻ سان ٿيندو. جيئن ته: مستفعلن مان ٿي پوندو. متفعلن جيڪو تبديل ٿيندو مفاعلن وزن تي. اهڙي زحف کي مخبون چئبو آهي.

7. ثلم (لفظي معنيٰ = ڪنارو ٽوڙڻ)

رڪن فعولن جي "ف" کي ڪيرائڻ ڪان پوءِ ٿي پوندو عولن، جنهن کي فعلن (عين ساڪن) سان بدلايو وڃي. اهڙي رڪن کي ثلم چئبو آهي.

8. قطع (لفظي معنيٰ = وڍڻ)

رڪن جي آخر مان وتد مجموع جو ساڪن حرف کي ڪيرائڻ سان. جيئن فاعلن مان "ن" ساڪن ڪيرائبو ته ٿيندو فاعل جيڪو فعلن وزن ۾ بدلائبو اهڙي رڪن کي مقطوع چئبو آهي.

9. طي (لفظي معنيٰ = ويڙهڻ جي حالت)

۽ سبب خفيف جيڪي رڪن جي شروع ۾ هجن ان جو چوٿون ساڪن اکر ڪيرائڻ سان ٿيندو آهي. جيئن مستفعلن جو چوٿون ساڪن حرف "ف" ڪڍيو ته مستعلن باقي رهيو. جنهن کي مفتعلن ۾ بدلايو ويو آهي. اهڙي رڪن کي مطوي چئبو آهي.

10. ذال: لغوي معنيٰ = دامن جو وڌائڻ

اهڙو وتد مجموع جيڪو رڪن جي آخر ۾ هجي ان ۾ الف زياده ڪجي. جيئن مستفعلن مان مستفعلان ٿي ويو. اهڙي رڪن کي مذال چئبو آهي.

11. ڪسف:

پهرئين مفعولات جي "ت" کي ڪيرائي مفعولا بنائبو. مفعولا جي جاءِ تي مفعولن استعمال ڪيو وڃي ته اهڙي رڪن کي مڪسوف چئبو آهي.

12. وقف، لفظي معنيٰ بيهڻ.

رڪن مفعولات جي "ت" ساڪن ڪري ان کي مفعولان سان بدلايو ويو آهي. اهڙي رڪن کي موقوف چئبو آهي.

تقطيع

تقطيع جي لغوي معنيٰ آهي ٽڪر ٽڪر ٽڪرا ڪرڻ. علم عروض جي اصطلاح ۾ تقطيع اهڙي علم کي چئبو آهي. جيڪو شعر جي لفظن کي ارڪانن جي وزن مطابق بيهاري، يعني متحرڪ آوازن وارن لفظن جي برابر متحرڪ لفظ بيهارڻ ۽ ساڪن آوازن جي برابر ساڪن آواز بيهارڻ، جيئن بحر رمل جي وزن فاعلاتن تي

گهار سهڻي	وٽ سدا پيو	سپ اٿو ڪر	ڪار ڪر
فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلا

انهي مثال ۾ شعر جي لفظن کي فاعلاتن وزن ۾ توريو ويو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي ته شعر ڪهڙن ارڪانن ۾ جيل آهي ۽ ان جو بحر ڪهڙو آهي. جيئن واپاري شيء جو وزن ڪرڻ لاءِ ساهمي‌ء جي هڪڙي پڙ ۾ شيء وجهندو آهي. ٻئي پڙ ۾ وٽ يا تورا. اهڙي طرح شيء جي مقابلي ۾ آهن شعر جا لفظ ۽ وٽن جي مقابلي ۾ آهن بحرن جا ارڪان. انهي طريقي سان شعر جا لفظ توريا آهن. جنهن مان معلوم ٿيندو ته شعر موزون آهي يا غير موزون. جيڪڏهن موزون آهي ته ڪهڙي بحر ۾ جيل آهي.

تقطيع لاءِ هيٺيان اصول مقرر ٿيل آهن.

1. جيڪڏهن شعر جي مصرع جو ڪو به لفظ متحرڪ يعني زبر زير ۽ پيش وارو آهي ته رڪن جو لفظ صرف متحرڪ هئڻ ضروري آهي. ائين ضروري نه آهي ته شعر جو لفظ زبر وارو متحرڪ آهي ته رڪن جو لفظ به متحرڪ زبر وارو هجي. خالي متحرڪ حرفن جي مقابلي ۾ متحرڪ ۽ ساڪن حرفن جي مقابلي ۾ ساڪن اکر يا حرف هئڻ ضروري آهي.
2. سنڌي لفظن جي وچ ۾ ڪڏهن اهڙي "ي" اچي ويندي آهي. جنهن جو آواز چٽو نه هوندو آهي. نه انهي کي شمار نه ڪبو آهي. جيئن "نيان" ۽ "ڏيان" انهن لفظن ۾ "ي" مخلوط هئڻ سبب نه ٿي اچار جي. تنهن ڪري اهي ٻئي لفظ ته حرفا "فاع" جي وزن تي شمار ڪيا.
3. جيڪڏهن حروف علت (الف - و - ي) متحرڪ نه هجن ۽ انهن جو آواز نه چٽو نه هجي نه ضرورت مطابق انهن کي ڪيرائي سگهجي ٿو ۾ شرط اهو آهي ته لفظن جي معنيٰ

تي اثر نه پوي، جيئن نه ”ضرور“ لفظ ۾ ”و“ حرف علت سمجهي ڪيرائي ڇڏبو ته تي پوندو ”ضرر“ جنهن ڪري معنيٰ ۾ فرق اچي ويندو. نه اهڙي حالت ۾ ”و“ ڪيرائڻ جائز نه آهي. پر ”مون ڪي“ ۾ ”مون“ جو ”و“ ڪيرائبو ته ٿيندو ”منڪي“ انهي حالت ۾ معنيٰ نه ٿي ڦري، اتي ”و“ ڪيرائڻ جائز آهي. پر ضرورت هجي ته حرف علت شمار به ڪري سگهجن ٿا.

4. ”ماڻهو“ ”ڏاڙهي“ جهڙن لفظن جي ”ه“ مخلوط اچارڻ ۾ نه ٿي اچي، جنهن ڪري اهي ٻئي لفظ چو اکرا فعلن جي وزن تي شمار ڪبا.

5. اهڙو ”ڻ“ غنو جيڪو لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿو يا ان جو اچار صاف نه ٿو اچي ته اهڙي ”ڻ“ غني کي ڪيرائڻ جائز آهي. جيئن ته ”ماڻ“ ”ڪاڻ“ انهن لفظن جو ”ڻ“ غنو ڪيرائي ”ما“ ڪري شمار ڪبو.

6. تقطيع ڪرڻ وقت سڄو ڌيان لفظن جي اچارن تي ڏبو آهي، نه صورتخطيءَ تي. جيئن نه خوش، في الحال، خواب وغيره انهن لفظن جو اچار ٿيندو خش، فلحال ۽ خاب.

اهڙيءَ طرح خواهش، خورشيد، خوشامد، خوشيان انهن لفظن جو ”و“ نه ٿو اچارجي جنهن ڪري اهو وزن ۾ شمار نه ڪبو.

7. مد واري اکر جا ٻه اکر شمار ڪبا. جيئن ته ”آهن“ لفظ ۾ چار اکر شمار ڪبا ٻه الف ٽيون ”ه“ چوٿون ”ن“.

8. شد واري اکر جا ٻه اکر شمار ڪبا. جيئن ته محبت ۾ ”محب بت“ يعني ”ب“ شد وارو لفظ ڊبل ڪري شمار ڪبو.

9. جن لفظن جي پڇاڙيءَ لاڳيتا ٽي اکر ساڪن هجن ته اهڙي حالت ۾ آخري ٽيون اکر ڪيرائبو. ٻيو نمبر ساڪن حرف متحرڪ ٿيندو. جيئن ته راست، پوست ۽ گوشت. ان ڪري اهي لفظ تقطيع ۾ نمبروار راس پوس ۽ گوش شمار ٿيندا.

10. تقطيع لاءِ زبان جي لغت جي ڄاڻ نهايت ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته لفظن جي متحرڪ ساڪن، شد وارو ۽ مد وارو هئڻ جي خبر هوندي ته شعر جي تقطيع صحيح ڪري سگهبي.

11. زير اضافت جيڪا ”ي“ جيترو وزن رکندي هجي، سا تقطيع ۾ هڪ حرف ڪري شمار

ڪبي. جهڙي طرح "بوءِ گل" تقطيع ۾ ڪم ايندو "بوئي گل"، پر جيڪڏهن زير اضافت "ي" جيترو وزن نه ٿي رکي. جيئن ته "گل حسن" ۾ "ل" کي زير اضافت آهي، سا شمار ۾ نه ايندي.

نوٽ: مضاف ۽ مضاف اليه لاءِ نهايت ضروري آهي ته ٻئي لفظ هڪ ئي زبان جا هجن. جيئن شب فرقت، پر جيڪڏهن انهي جي بدران چئبو "رات فرقت" ته اهو غلط ٿيندو.

تقطيع لاءِ علامتون

تقطيع ڪرڻ وقت سولائي لاءِ جدا جدا اُجارن لاءِ نشانيون مقرر ڪيل آهن. اڪيلي متحرڪ يعني سبب ثقيل لاءِ "ˇ" ۽ متحرڪ ۽ ساڪن گڏيل اکرن يعني سبب خفيف لاءِ "—" جي نشاني مقرر ڪيل آهي جيئن ته مفاعيلن رڪن لاءِ هي نشانيون مقرر آهن (ˇ— — —) يا مفاعيلن.

قافيو

قافيو لفظ "قفا" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پٺيان هلڻ" پر اصطلاحي معنيٰ اٿس، شعر جي هرهڪ مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳي وزن وارو لفظ، مختلف معنيٰ سان، رديف کان اڳ ۾ اچي، تنهن کي قافيو چئبو آهي.

جيئن ته:

رنج مان ويو زسي دلدار، خدا خير ڪري،
درد ۾ دل ٿي گرفتار، خدا خير ڪري.

قليچ

مٿين شعر ۾ دلدار، گرفتار قافيا آهن ۽ "خدا خير ڪري" رديف آهي.

حرف روي

قافيه جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪو اکر ورجائجي ٿو، سُر ۽ تال ملائي شعر ۾ حُسن کي نمايان ڪري ٿو، انهيءَ اکر کي روي چئبو آهي.

مثال

دل ڪٺي مجروح ڪنهن جي خنجر خونخوار آ،
سر بڪف لاريب ٿيو هر طالب ديدار آ.

رشيد لاشاري

مٿين شعرن جي قافين "خونخوار" ۽ "ديدار" ۾ آخري اکر "ر" حرف روي آهي. روي جي اڳيان جيڪي چار اکر ايندا آهن تن جا ترتيب وار نالا هي آهن. 1. ردف 2. قيد 3. تاسيس 4. دخيل

1. ردف: روي اکر کان جيڪو پهريان اکر ايندو آهي جيڪڏهن حروف علت ا، و، ي مان آهي ته انهي کي ردف چئبو آهي. جيئن مٿين قافين ۾ "ر" روي اکر کان اڳ ۾ الف حرف علت آيل آهي. اهو ردف آهي.

2. قيد: جيڪڏهن روي حرف کان اڳ ۾ حرف صحيح ساڪن هوندو ته انهي کي قيد چئبو آهي. جيئن ته قرض، مرض ۽ مرض ۽ فرض انهن لفظن ۾ "ض" حرف روي کان اڳ ۾ "ر" حرف صحيح ساڪن آيو آهي انهي "ر" اکر کي قيد چئبو آهي.

روي کان اڳيون اکر "قيد" واري اعراب بنهي قافين ۾ ساڳي هئڻ گهرجي جيئن "سک" ۽ "لک" بنهي اکرن "ک" روي اکر کان اڳ واري اکر "قيد هيٺان زير آهي. سک سان ڏک يا پک کي هم قافيه نٿو بنائي سگهجي.

3. تاسيس: تاسيس جي معنيٰ آهي پاڙ يا بنياد. پر علم عروض جي اصطلاح ۾ انهي ساڪن حرف علت الف کي چئبو آهي جنهن جي ۽ "روي" اکر جي وچ ۾ ٻيو اکر صحيح متحرڪ اچي جيئن. حاصل، باطل انهن لفظن ۾ روي اکر "ل" کان اڳيان ص ۽ ط حروف صحيح متحرڪ آهن. انهن کان اڳيان حرف علت الف ساڪن آهي. انهي الف ساڪن کي تاسيس چئبو آهي.

4. دخيل: مٿين مثال ۾ حرف روي ۽ الف تاسيس جي وچ ۾ جيڪي حروف صحيح متحرڪ ص ۽ ط اچن ٿا، اهي حروف دخيل آهن.

حرف روي جي پٺيان ايندڙ حروف

روي حرف کان پٺيان جيڪي حرف ايندا آهن انهن جا ترتيب وارا نالا هي آهن:

1. وصل 2. خروج 3. مزيد 4. نائره

1. وصل: مثال – لڏي ويوس، چڙهي ويوس، ڪڍي ويوس، انهي ۾ لڏي واري "ي" حرف روي آهي. روي کان اڳيون اکر "ڏ" آهي "قيد" روي کان پٺيان "ويوس" جو پهريون اکر "و" آهي "وصل" وصل جي معنيٰ آهي ڳنڍيل. ڇاڪاڻ ته اهو اکر روي سان ڳنڍيل آهي.

2. خروج: جيئن ته "لڏي" ۾ "ي" آهي حرف روي. روي کان پوءِ لفظ "ويوس" جو "و" آهي وصل. وصل کان پوءِ جيڪا "ي" اچي ٿي ان جو نالو آهي خروج.

3. مزيد: خروج کان پوءِ ايل اکر کي مزيد چئبو آهي. جيئن ته "لڏي" جي "ي" روي کان پوءِ ايل "و" وصل آهي. وصل کان پوءِ آيل "ي" آهي خروج. "ي" خروج کان پوءِ ٽيون جيڪو "و" اچي ٿو اهو آهي مزيد.

4. نائره: "ويوس" جو آخري حرف "س" جيڪو مزيد کان پوءِ اچي ٿو. اهو آهي نائره.

قافيه جا عيب

قافيه جا چار عيب آهن. اهي هي آهن:

1. اقوا 2. اڪفا 3. اسناد 4. ايطا

1. اقوا: اقوا جي لفظي معنيٰ آهي بي سرو ٿيڻ، فقير ٿيڻ. مگر علم عروض جي اصطلاح موجب هڪ شعر جي ٻنهي مصراعن جي قافين جي اعرابن ۾ تبديلي اچڻ.

جيئن ته ٻنهي مصراعن جي هڪ قافيه ۾ سڪ ۽ ٻئي ۾ ڏک يا پڪ اچڻ عيب آهي.

2. اڪفا: اڪفا جي لفظي معنيٰ آهي ڏنگو ڪرڻ. علم عروض جي اصطلاح موجب روي حرف جو اهڙي حرف سان بدلائڻ جو اچار ۾ ته ساڳيو ٿيو اچي پر صورتخطي ۾ فرق هجي. جيئن ته شڪ ۽ شق يا عشق ۽ اشڪ جو ساڳي قافيه ۾ استعمال ڪرڻ. اهو به قافيه جو عيب آهي.

3. اسناد: جڏهن ردف مختلف هجي جيئن ته زمان سان زمين ۽ مڪان سان مڪين. جيئن ته "زمان" ۽ زمين ۾ حرف روي ته ساڳيو "ن" آهي پر "زمان" ۾ ردف (الف) آهي ۽

زمين ۾ ردف "ي" آهي. اهو قافيي جو عيب آهي.

4. ايطا: ايطا جي لفظي معنيٰ آهي پائمال ڪرڻ. لتاڙڻ علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ ئي قافيي کي لفظي توڙي معنيٰ ۾ شعر جي ٻنهي مصراعن ۾ ورئي ورئي ڪم آڻڻ. انهي جا ورئي ۾ قسم آهن. 1. ايطاءِ جلي 2. ايطاءِ خفي

ايطاءِ جلي: شعر جي ٻنهي مصراعن ۾ لفظي توڙي معنيٰ جو تڪرار هجڻ.

ايطاءِ جلي: جلي ظاهر آهي. جڏهن ردي هڪڙو اهڙو حرف. جو اصل هجڻ جي لائق نه هجي. ٻئي حرف سان گڏ اچڻ ضروري هجي. جيئن مصدر جي نشاني هجي يا مضارع هجي مثلا مارڻ سان ڪڍڻ. ڪٽڻ سان ڪاٽڻ. بهتر سان بتر.

ايطاءِ خفي: خفي جي معنيٰ آهي ڳجهو. جڏهن قافيي جو ورئي ورئي اچڻ ظاهر نه هجي. جيئن ته آب سان گلاب ۽ شراب. ڪباب وغيره اهو قافيو عيبدار آهي.

رديف

رديف جي لفظي معنيٰ آهي. شاعري جي ٻيڙ. ٽيڪ ڏيڻ. گڏجي هلڻ. پرسان ويڙڻ. علم عروض جي اصطلاح موجب هر شعر جي مصرع ۾ قافيي جي پٺيان لفظ يا الفاظ ساڳيا ورئي ورئي اچن تن کي رديف چئبو آهي.

قافيو سڀ ڪنهن نظم ۾ ڦرندو رهندو آهي. پر رديف ساڳيو ايندو رهندو آهي.

رديف جو مثال

1. هائڻ جنهن ... موں کان تو دلدار جدا.
تو لئي ساهه بدن منهنجي کان صد بار جدا.

رشيد لاشاري

2. ڪري تو بشر کي پريشان لوپ.
بنائي تو انسان مان حيوان لوپ.

رشيد لاشاري

متين پهرئين شعر ۾ "دلدار" ۽ "صد بار" قافيا آهن. "جدا" لفظ ٻنهي مصراعن جي پڇاڙي، ۾ ورئي ورئي آيو آهي اهو رديف آهي.

اهڙي طرح ٻئي نمبر شعر ۾ "پريشان" ۽ "حيوان" قافيا آهن ۽ "لوپ" جيڪو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙي، ۾ ورئي آيو آهي. اهو رديف آهي.

مقفي ۽ مردف

جنهن شعر ۾ خالي قافيو هوندو آهي ۽ رديف نہ هوندو آهي انهي شعر کي مقفي ۽ جنهن شعر ۾ قافيہ کان پوءِ رديف هوندو آهي انهي کي مردف چئبو آهي.

تقطيع جو نمونو.

1. ڪڏهن قلب مان ڪوڙ ڪثرت سندو،
سندي وات وحدت اندر وڪ وڌاءِ

وزن	فعولن	فعولن	فعولن	فعول
نشان	^ — —	^ — —	^ — —	^ —
مصرع	ڪدي قل-	ب مان ڪو	ڙڪثرت	سندو،
مصرع	سندي وا	ت وحدت	اندروڪ	وڌاءِ

اهو بحر تقارب مثمن مقصور آهي.

نوٽ: فعولن وزن ان دفعا آيو آهي، مصرع جو آخري اکر ڪٽيل آهي. (فعولن وزن چار دفعا هڪ مصرع ۾ چار دفعا پئي ۾) تنهن ڪري بحر تقارب مثمن مقصور آهي.

2. الاهي مهرمان پنهنجي اسان تي ڪا ڀلائي ڪر.
گناهن ۾ آهيون گمراهہ تون ڪا رهنمائي ڪر

وزن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعيلن
نشان	^ — — —	^ — — —	^ — — —	^ — — —
1. مصرع	الاهي مهه	رمان پنهنجو	اسان تي ڪا	ڀلائي ڪر.
2. مصرع	گناهن ۾	آهيون گمرا	هہ تون ڪارهہ	نمائي ڪر.

مفاعيلن ان دفعا پورا آيو آهي جنهن ڪري هي شعر بحر هزج مثمن سالم آهي.

نوٽ: پهرئين مصرع ۾ "ن" غنا شمار نہ ڪيا ويا آهن، اهڙي طرح ٻيءَ ۾ هہ ۽ ن غنا ڪيرايل آهن، اُجو هڪڙو الف شمار ڪيو ويو آهي

3. تو لٿي آهي عاشقن جي دل هٿي چشمن جا تين
پوءِ رکي پنيون انهن کي تون اجي دلدار چيت

وزن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلات
نشان	—^——	—^——	—^——	^—^—
1. مصرع	تو لٿي آهي	عاشقن جي	دل هٿي چش	من جا تين
2. مصرع	پوءِ رکي پن	يون انهن کي	تون اجي دل	دار چيت

فاعلاتن وزن ٽي ڀيرا آيو آهي. آخري حرف ڪٽيل آهي جنهن ڪري بحر رمل مثمن مقصور آهي.
نشان ذيل اکر ڪيرايل آهن.

4. اکيون اٽڪائيندي گھر ٿي وڃي دل،
سنڀالييم پوءِ ته سيني ۾ نه هٿي دل،

تقطيع

وزن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعي (فعولن)
نشان	^———	^———	^——
1. مصرع	اکيون اٽڪا	ئيندي گھر ٿي	وڃي دل،
2. مصرع	سنڀاليم پوءِ	ته سيني ۾	نه هٿي دل

1. هن شعر ۾ بحر هزج جو رڪن مفاعيلن ڇهه دفعا آيو آهي. آخري رڪن ۾ سبب خفيف (—) ڪٽيل آهي [illegible] هي بحر هزج مسدس محذوف آهي.
2. شعر جي ٻن مصراعن جي ڀيٽ [illegible]

5. رکي جا موت سان دل آشنائي،
هميشه لهه رهي جيئري اها ٿي،

تقطيع

وزن	مفاعيلن	مفاعيلن	مفاعي (فعولن)
نشان	^———	^———	^——
1. مصرع	رکي جا مو	ت، سا دل آ	شنائي،
2. مصرع	هميشه لهه	رهي جيئري	اها ٿي،

6. ٿي سنگت صحبت ۾ ماکي جيئن مٺو،
منجهه ڪچن ڪنهن سان ڪنو لي، ڪير ٽوهه.

وزن	فاعلاتن	فاعلاتن	فاعلا
نشان	—ᴧ——	—ᴧ——	—ᴧ—
1. مصرع	ٿي سنگت صحـ	بت ۾ ماکي	جيئن مٺو
2. مصرع	منجهه ڪچن ڪنهن	سان ڪنو لي	ڪير ٽوهه

هن شعر ۾ بحر رمل جو رڪن فاعلاتن ڇهه دفعا (پهرئين مصرع ۾ ٽي ڀيرا ۽ ٻئي ۾ ٽي ڀيرا) آيو آهي آخري رڪن فاعلا ٿي ڪم آيو آهي يعني سبب خفيف (—) ڪٽيل آهي انهي ڪري بحر رمل مسدس محذوف آهي.

شاعريءَ جون صنفون

1. غزل

"غزل" جي لغوي معنيٰ آهي عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ. اصطلاح ۾ شعر جي انهي صنف کي چئبو آهي، جنهن ۾ حسن ۽ عشق جون رمزون ۽ راز، ناز ۽ نياز جون ڳالهيون گل ۽ بلبل جا ترانا، شمع ۽ پرواني جا سوز ۽ ساز، هجر ۽ فراق جون آهون ۽ دانهون، وصال جون آسون ۽ اميدون پرڪشش ۽ عجيب انداز سان پيش ڪيون وينديون آهن. پر هاڻي انهي صنف ۾ هر موضوع تي مثلاً تصوف، سياست، فلسفي ۽ سماجي موضوعن تي به لکيو وڃي ٿو.

غزل جي پهرئين شعر جون ٻئي مصراعون هم قافيه هونديون آهن. انهي کان پوءِ هر بيت جي ٻئي مصرع ۾ قافيو هوندو آهي جيڪو پهرئين شعر جي قافين سان هم قافيه هوندو آهي. غزل جي پهرئين بيت کي مطلع ۽ آخري بيت جنهن ۾ شاعر پنهنجو تخلص آڻيندو آهي، تنهن کي مقطع چئبو آهي. مضمون جي لحاظ کان غزل جي هر بيت جو ٻئي بيت سان لاڳاپو نه هوندو آهي. يعني هر شعر يا بيت پنهنجي جاءِ تي مڪمل هوندو آهي.

غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ۽ ۾ وڌ 17 بيت اچي سگهن ٿا. جنهن شاعر جي غزلن جو ڪتاب ۾ رديف وار ڪلام هوندو آهي انهي کي ديوان چئبو آهي. سنڌي ۾ ديوان گل، ديوان قاسم ديوان قليچ، ديوان سانگي، ديوان بلبل، ديوان رشيد ۽ ديوان احسن وغيره مشهور آهن. رشيد احمد لاشاري رشيد جو غزل نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

1. ناراض آهه مون تي ٿيو يار ئي سبب،
دنيا سڄي ٿي مون کي گنهگار ئي سبب.

2. مان ان جي اک سان اک ٻه ملايان ڪٿهن ٿئي،
. ابرو جي جو آلاري ٿي تلوار ئي سبب.

3. مون دام زلف يار کان پاسو گهڻو ڪيو،
ليڪن ڪيائين مون کي گرفتار ئي سبب.

4. آيو ٻه يار ويٺو ٻه، هڪدم هليو ويو،
جو آهه مون غلام کان بيزار ئي سبب.

5. ڪهڙي خطا مون آهه ڪئي شوخ چشم جي،
مون تي ستم سو ڪري ٿو ستمگار ئي سبب.

6. هاڻي بغير موت، نه ڪوئي علاج آهه،
ٿيس شمشير جي عشق ۾ بيمار ئي سبب.

7. طرز سخن تي منهنجي ڪندا عشق نوجوان،
آهن نه منهنجو جذبئہ اشعار ئي سبب.

8. سينو سڄو رشيد ٿيو آهه داغ داغ،
ڏسجن نه دل جا داغ ٿا گلزار ئي سبب.

2. قصيدو

قصيدو عربي لفظ آهي، جيڪو "قصد" مان نڪتل آهي، جنهن جي "ارادو" معنيٰ آهي. جيئن ته شاعر اهو نظم خاص مقصد لاءِ لکندو آهي، جنهن ڪري انهيءَ صنف جو نالو قصيدو آهي. انهيءَ ۾ ڪنهن جي ساراهه ۽ هجو (گلا) ڪئي ويندي آهي. هجو ۾ تمام گهٽ، زياده طرح ڪنهن جي مدح يعني ساراهه ۾ چيو ويندو آهي. قادر ڪلام شاعر پنهنجي فن تي عبور رکندڙ بهترين قصيدو لکي امير امرائن ۽ بادشاهن کان انعام ۽ اڪرام حاصل ڪندا هئا. اڄ به اهو سلسلو جاري آهي. مگر هاڻي بلڪل گهٽ انداز ۾. انهيءَ کان سواءِ ٻين موضوعن جهڙوڪ فطرت جا نظارا بهار جي موسم جي رنگيني وغيره تي قصيدو چيو ويندو آهي. قصيدي جي پهرئين شعر جون ٻئي مصراعون غزل وانگر هم قافيه هونديون آهن. جنهن کي مطلع چئبو آهي. باقي هر هڪ بند جي پڇاڙيءَ واري مصرع مطلع وارن قافين سان هم قافيه هوندي آهي. قصيدي ۾ مصراعن جو تعداد مقرر ڪونهي، قصيدو تمام ڊگهو ٿيندو آهي. جنهن ۾ سٺن کان وٺي 120 تائين يا اڃا به مٿي بيت ٿيندا آهن. شاعر پنهنجو تخلص آخري ڪڙين وچ ۾ به آڻيندو آهي.

3. رباعي

عربيءَ ۾ رباع جي معنيٰ آهي "چئن جو جوڙ" اصطلاح ۾ رباعي انهيءَ شعر جو نالو آهي، جنهن ۾ چار مصراعون هجن پهرئين، ٻئي ۽ چوٿين اهي ٽيئي مصراعون هم قافيه هونديون آهن. ٽئين مصرع ۾ قافيه جو هجڻ ضروري نه آهي.

هيءَ تمام مشڪل صنف آهي. ان ۾ صرف اهي شاعر طبع آزمائي ڪندا آهن، جن کي زبان ۽ بيان تي وسيع مهارت حاصل هوندي آهي ان ۾ شاعر کي ايتري قوت حاصل هجي، جيئن هو هر موضوع تي وڏيرو مضمون ۽ فڪر کي رباعي ۾ سمائي سگهي.

رباعي جي هر مصرع ۾ شاعر پنهنجو مڪمل خيالن جو سلسلو ٽئين انداز ۾ عجيب نموني سان پيش ڪندو آهي. پر رباعي جي آخري چوٿين مصرع تمام زوردار ٿيندي آهي. جنهن ۾ سڄي رباعي جو نچوڙ سمايل هوندو آهي ائين ڪئي چئجي رباعي جي عمارت جو بنياد پوئين مصرع آهي.

رباعي جو مخصوص بحر هزج آهي. انهي بحر ۾ مٽ سٽ سان 24 وزن ٺاهيا ويا آهن، انهن مان خاص وزن

لاحول ولا قوة الا با الله آهي

سنڌي ۾ مرزا قليچ بيگ تمام سهڻي نموني رباعيون جوڙيون آهن.

مثال:

دنيا ۾ مان گهڻئي صاحب اقبال ويا،
دولت نه رهي ساڻ، نه اطفال ويا،
پهچائي قبر تائين ورتي آئي خلق،
سڀ ساڻ ويا نه يارو، اعمال ويا.

4. قطعو

قطعي جي لفظي معنيٰ آهي ٽڪرو، حصو يا جزو. پر شعر جي اصطلاح ۾ اهڙي نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به مضمون جو لاڳيتو ذڪر هجي. جيڪڏهن غزل وانگر هرهڪ شعر جو مطلب جدا جدا هوندو ته اهو عيبدار ليکبو.

قطعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه بيت هوندا آهن، وڌ ۾ وڌ جي ڪا حد مقرر نه آهي. غزل وانگر پهرئين بيت جون مصرعون هم قافيه نه ٿينديون آهن. هر هڪ بيت جي ٻجهاري واري مصرع پهرئين بيت جي آخري مصرع سان هم قافيه ٿيندي آهي. پر جيڪڏهن پهريون شعر ئي ساخت هم قافيه ٿي وڃي ته به ڪو حرج ڪونهي. قطعي ۾ هر مضمون بيان ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ رباعي وانگر ڪنهن مخصوص بحر يا وزن جو قيد ڪونهي. هر ننڍي وڏي بحر ۾ چئي سگهجي ٿو.

مثال پهريون:

1. نادان جي صحبت آهي هڪ جهڙي جي پوشاڪ،
جا لاهه جو او آهي ڳري ۽ ٿي رکي گرم.
نادان مصائب کان خراب آهي سو مائٽ،
دولت هجي جا هن کي، ۽ هجي جنهن کي نه ڪو شرم.

مثال ٻيو:

2. کهڙا کهڙا زندگانيءَ ۾ اچن ٿا انقلاب،
ڪي وڃي عرشين رسن، ڪن کي ڪفن ئي نا نصيب،
بخت وارن جا نه ساٿي ۽ سلامي ٿي شمار،
دردمندن جو نه دک ۾ آهه ڪو خويش و قريب.

5. مثنوي

"مثنوي" عربي لفظ مثنيٰ مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "جوڙو". شعر جي اصطلاح ۾ اهڙي مسلسل نظم کي چئبو آهي، جنهن جي شعر جون ٻئي مصرعون هم قافيه هجن ۽ هر هڪ شعر جو قافيو الڳ الڳ هجي، مگر مضمون جو سلسلو لاڳيتو هجي.

غزل ۽ قصيدي ۾ قافيه ۽ رديف جي پابندين ڪري انهن صنفن ۾ لاڳيتن ڊگهن موضوعن تي لکڻ جي گنجائش نه هوندي آهي، پر مثنويءَ ۾ سلسلي وار وڏا مضمون آسانيءَ سان منظوم ڪري سگهجن ٿا. مثنوي ۾ بيان لاءِ وڏي وسعت آهي. مثنويءَ ۾ هر قسم جو مضمون بيان ڪري سگهجي ٿو. جنگ جو احوال، افسانا، حڪايتون، عشق ۽ محبت جا ڊگها داستان، خوشي ۽ شادمانيءَ وارين محفلن ۽ مجلسون مطلب ته شاعر پنهنجي بيان جي قوت ۽ خيال جي زور تي هر قسم جا واقعا سهڻي انداز ۾ سلسلي وار بيان ڪري سگهي ٿو.

مثنوي جي شعرن ۾ تعداد جي ڪا پابندي ڪانهي. مثنوي ننڍي ۾ ننڍي به ٿي سگهي ٿي ڊگهي ۾ ڊگهي به. فارسي زبان ۾ وڏا ڪتاب مثنوي ۾ لکيل هوندا آهن. جن جي بيتن جو تعداد هزارن تائين هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ مولوي الهه بخش ابوجهي ۽ مرزا اجمل بيگ جون مثنوي مشهور آهن. پهرئين مثنوي سڪندرنامه لکي ويئي ٿي محمد واصل درس جي گلزار واصل مير حسن علي جي مثنوي شاهه نامه سنڌ ۽ حافظ عبد الله جي مثنوي محمدي قابل ذڪر آهن.

مرزا اجمل بيگ جي مثنوي شاهه نامه اسلام مان ڪجهه بيت پيش ڪجن ٿا.

اڪيين اڏو رکي، اسلام جي شاه نامي کي،
ڪٿي هت ۽ جيم هيئن پهچي هن گستاخ خامي کي
وهائي دشت ۽ ڍيڪان، ڪو دريا رواني، جو
لب دريا لڳائي چڏ، وري گلشن معاني، جو
ڏئي تشبيهه ڪو، هر بيت عقد ثريا سان
پلي پيئي ڏسي ڪو بيت، ليهائي مسيحا سان
جري قند مڪرر ڪو، ڪو جري رشڪ قند آهي،
جري ڪو، بحر بي پايان ٿيل ڪوزي ۾ بند آهي.

6. مخمس

مخمس جي معنيٰ آهي، پنجن مصراعن وارو نظم. هن صنف جي پهرئين بند جون پنج ئي مصرعون هم قافيه هونديون آهن. باقي بندن جون پهريون چار مصراعون هم قافيه هونديون آهن آخري پنجين مصرع پهرئين بند جي مصراعن سان هم قافيه هوندي آهي.

رشيد احمد لاشاري جي مخمس مان ٻه بند نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

1. هن ادب جي زندگي ڪان چو نه مان نفرت ڪريان،
بک ۽ بيماري سندي برداشت چو ذلت ڪريان،
رت ڏلوڙيان ۽ حاصل نه ان جي ڪا اجرت ڪريان،
جو انهي، آفت کي مان تسليم هڪ راحت ڪريان،
مفلسي، ۾ ڪيئن ادب ۽ قوم جي خدمت ڪريان؟
2. پيٽ ۾ بک سر ۾ درد ۽ دل ۾ رنج و اضطراب،
دم کي حاصل دمڪشي، صد ولولا ۽ پيچ و تاب،
تب ٻڳل ڪابي نه مس، نازل سچائي، جو عذاب،
رنج مان روئندي لکان ٿو ڪوئي ناشر جو ڪتاب،
ڪجهه نه هن گرندڙ گذيل گذران جي پورت ڪريان.

7. مسدس

مسدس جي لفظي معنيٰ آهي ڇهن پاسن وارو. اصطلاحي معنيٰ اُنس اهو موزون شعر جنهن ۾ ڇهه مصرعون هجن جن مان پهريون چار مصرعون هم قافيه هجن ۽ باقي ٻه آخري مصرعون هم قافيه هجن.

مسدس جو نمونو

ڪن جيو الله اول آهه ۽ اعليٰ عليم،
ڪن جيو قدرت سين قائم آهه سو قادر قديم،
ڪن جيو والي ۽ واحد رازق ۽ رب الرحيم،
ڪن جيو ساراهه تنهن سائين ڪي جنهن حمد حڪيم.
ڪن جيو آهي ڪريم ۽ لاشريڪ ۽ ڪارساز،
ڪن جيو آهي اهو الله بيشڪ بي نياز.

رشيد احمد لاشاري.

8. مرثيو.

مرثيو عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو "رثا" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي اهڙو نظم جنهن ۾ مرڻ واري ماڻهوءَ جا گڻ ڳايل هجن. اصطلاحي معنيٰ ۾ اهڙي نظم کي چئبو آهي جو ڪنهن شخص جي موت تي اهڙي دردناڪ پُراثر ۽ دل ڏاريندڙ انداز ۾ رنج ۽ غم جو اظهار ڪيو وڃي.

مرثيو خاص ڪري سيد الشهداءِ حضرت امام حسين رضه. سندس خاندان ۽ دوست جن ڪربلا جي دردناڪ واقعي ۾ شهادت جو جام پيتو هو. انهن جي غم ۾ چيو ويندو آهي.

مرثيو هر صنف جهڙوڪ قصيده ۽ مثنوي وغيره ۾ لکيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ سيد ثابت علي شاهه، محمد هاشم مخلص ۽ مرزا قليچ جا مرثيا مشهور آهن.

9. مستزاد

مستزاد عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو "زائدا" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڌيل.

مستزاد اهڙي شعر کي چئبو آهي، جنهن جي هرهڪ مصرع ڏيڍي هجي. يعني شعر جي هرهڪ مصرع کان پوءِ يا ان جي موزون جملا قافيه وارا وڌائن. بغير قافيه جي پڻ اهو وڌايل ٽڪرو آڻي سگهجي ٿو. مگر بهتر ائين آهي ته جنهن مصرع جو وڌايل ٽڪرو هجي، اهو انهي مصرع جي قافيه سان برابر هجي مستزاد هرهڪ بحر وزن تي چئي سگهجي ٿو. مطلع جو جيڪو قافيو رکجي ته بين شعرن جو آخري قافيو مطلع سان هم قافيه هجي.

مستزاد جو نمونو.

هي عرض اجابت پرستو ٿئو — خدا ڪر.
ديدار عطا ڪر.
ٿون عمر سڄي پوءِ پيو جورو جفا ڪر.
هيڪر ته وفا ڪر.

ترجمه

قديم سنڌي شعر جون صنفون

قديم سنڌي شعر جو صنفون هي آهن.

1. بيت يا ڏوهيڙو 2. ڪافي 3. وائي

1. ڏوهيڙو يا بيت.

ڏوهيڙي يا بيت جي فني جوڙجڪ هندي شعر جي علم "ڇندوديا" مطابق آهي.

ڏوهيڙي يا بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه سٽون ٿينديون آهن. وڌ ۾ وڌ ڪيترين به ٿي سگهن ٿيون. انهن جو ڪو عدد مقرر نه آهي. جيڪڏهن پنهي سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو اچي ته انهي کي دوهو چئبو آهي

مثال: پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرين جي، پاڻهين حسن ڪمال.

شاه ڀٽائي رحه

پر جيڪڏهن ٻن سٽن جي وچ ۾ قافيو اچي ته ان کي سورٺو چئبو

جيئن: سر لوهيڙا ڳيا، ڪسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن اڄڻ جا؟

سنڌيءَ ۾ اهڙا به شاعر آهن. جن جي ڏوهيڙي جي پهرئين سٽ دوهي واري ۽ ٻئي سٽ سورٺي واري آهي.

مثال طور: مخدوم محمد زمان رحه جو هي ڏوهيڙو:

پرين جي پچار ۾، اچي جن آرام.
دنيا تن کي دام، پچن موسم موت جي.

ٽن يا وڌيڪ سٽن واري بيتن ۾ پهرئين سٽ سورٺي جي جوڙجڪ جي هوندي آهي. ٻه وچيون سٽون دوهي جي طرز تي هونديون آهن. آخري سٽ وري سورٺي جي سٽا موجب هوندي آهي. مثال لاءِ شاه لطيف جو هي ڏوهيڙو.

عاشق زهر پياڪ، ته پسي وهس گهڻو.
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميش هيراڪ
لکين لنون لطيف چئي، تنا ڪيا فراق.
تن چکڻ چاڪ، ته به آه نه سلي عام کي.

شاه ڀٽائي رحه

ڪي اهڙا ٻه ڏکيا بيت آهن، جيڪي مڪمل دوهي جي شڪل ۾ آهن. يعني هر هڪ سٽ جي پڇاڙي قافيو ايندو آهي. اهڙن ڏکين بيتن کي ڪبت چئبو آهي. ڪڏهن وري هر سٽ جي پڇاڙي "آ" رديف قافيو ٺاهيو ويندو آهي. اهڙي قافيه کي "الف اشباع" وارو قافيو چئبو آهي.

2. ڪافي

"ڪافي" سنڌي شاعري جي قديم مقبول صنف آهي. ڪافي جي باري ۾ اديبن جا مختلف رايا آهن، پر غالب رايو هي آهي ته برصغير جو مشهور موسيقار امير خسرو جنهن مختلف راڳ تيار ڪيا، انهن مان هڪ "ڪافي" آهي. ڪافي جي معنيٰ آهي پوري مڪمل، بلڪل، تمام. چاڪاڻ ته انهي قسم جي راڳ جا سٽ تي سُر ڪافي ۾ اچيو وڃن ٿا. ڪافي پهريان پنجاب ۾ آئي. پنجاب ۾ ڪافي بول ۽ سُر ٻنهي ۾ ڳائجڻ ۾ آئي، پر سنڌ ۾ صرف بولن جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. سرهلي ٺهڙو ۾ هجي. هيئتر سنڌ ۾ ڪافي ڳائڻ ٿي سرن ۾ ڳائي وڃي ٿي. ڪافي مداح ۽ مولود کان جدا هڪ چيز آهي، چاڪاڻ ته جيڪي به ڪافيون ٺهيون آهن، اهي درد ۽ سوز سان ڀريل هونديون آهن ۽ سندن موضوع عشق هوندو آهي.

ڪافيءَ جي بناوت ۽ گهاڙيٽو.

بناوت جي لحاظ کان ڪافي، جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: هيڪوٽي ڏيڍي، ٻيٽي ٽيٽي وغيره ڏيڍي ڪافيءَ ۾ هر هڪ بند ڏيڍ سٽ هوندو آهي. (عروضي مستزاد وانگر) ٻيٽي ۾ هر هڪ بند ٻن سٽن جو ٿيندو آهي. تنهن ڪڏهن هڪ سٽ جو، ڪڏهن ڏيڍ سٽ جو، ڪڏهن ٻن سٽن جو به ٿيندو آهي.

ڪافي صرف ٻن سٽائن ۾ ٻيش ٿيندي اچي ٿي. هڪ ستا آهي "راڳ جي لي يا جهونگار واري" جنهن کي چند واري ستا چئي سگهجي ٿو.

مثال: هيٺين چند ستا واري ڏيڍي ڪافي آهي.

ڪافي

ٿلهه. ڏراڙن ڌتي ڌر، آءُ ٿي قيد گذاريان،
آءُ ٿي ڪنگهر گهاريان.

1. آن مٿاڻي اوڏيان اطلس، اي! پڻ ڪرڇهو ڪر،
ڪيئن ويڙهيچن ڪي وساريان.

2. حاڪم هيئن هٺ حڪمن سان، تاهه اوهان جو نير،
ڏي مرڪل نه ڍڳون ڍڳي واريان.

3. اصلئو اٿين لکيو منهنجي انگ پر، ڪن قبڪون قلم،
هت پيئي پروس پاريان.

4. من پر ماروئڙن جو مصري ڪجهن خيال ختم،
هت هي هي ويٺي هنجون هاريان.

مٿيون ڏيڏي ڪافي آهي، ٿلهه ۽ ڏيڍوين بندن وارو آٿس، ٿلهه جو پهرئين پد وارو قافيو هر مصرع جي قافيه سان هم قافيه آهي ۽ هر بند جي ورائي وارو قافيو ٿلهه واري پٺئين آخري پد واري قافيه سان هم قافيه آهي، اهڙا گهاڙيٽي جا ڀيا ۽ قسم آهن.

ڪافي جي ٻي سٽا عروضي قاعدن يا وزن واري آهي. هن سٽا واري، ڪافي جو ٿلهه ڪڏهن ڪڏهن هڪ سٽو نه ته عام طور ٻه سٽو (غزل جي مطلع وانگر) ٿئي ٿو. هن قسم (غزل نما) جون موزون ڪافيون گهڻي انداز پر ملن ٿيون.

مثال: هي موزون ڪافي رشيد احمد لاشاري جي پيش ڪجي ٿي.

موزون ڪافي.

ڇڏ توڙي منهنجو زاريون زاريون،
زاريون دوست دلارا!
هجر فراق جي ماري آهيان،
راتيون ڏهاڙيان ڪاريون ڪاريون.
ڪاريون، دوست دلارا!
عشق ازل کان دل ۾ اسان جي،
بره جون باهيون ٻاريون ٻاريون،
ٻاريون دوست دلارا!
منهنجو پاڻهو "رشيد" ازل کان،
گل ۾ اسان جي ڳاريون ڳاريون،
ڳاريون دوست دلارا!

وائي

وائي بابت مختلف روايتون آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته وائي ٺيٺ سنڌي لفظ جو لفظ آهي، جنهن کي ”ڳالهه“ به چئجي ۽ ”بولي“ به ڪوٺيو وڃي ٿو. عام اصطلاح ۾ به ”ڳالهه“ ۽ ”بولي“ کي ”وائي“ سڏيو آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته اهو لفظ هندي لفظ ”وائي“ يا ”باڻي“ مان نڪتل آهي يا پراڪرت لفظ ”وايا“ يا سنسڪرت جو لفظ ورت“ يا عربي لفظ ”واءِ“ مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڳالهه ٻولهه“. وائي سنڌي نظم جي جمال وارو جزو آهي.

اڪثر اديب هن ڳالهه تي متفق آهن ته وائي جو ”موجد شاه ڀٽائي رحه آهي. ساخت جي لحاظ کان وائي هندي ٺمريءَ جي اثر هيٺ آهي. ٺمريءَ ۾ پهريان ”آستائي“ يعني ٿلهه هوندو آهي، پوءِ ”انترو“— ”انترو“ جي معنيٰ آهي حشو يا پراءِ جنهن کي ”مصرع“ سڏيو آهي. وائي ۽ ڪافي به جدا شيون نه سمجهڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ هڪ شيءِ جا به نالا آهن. لفظ، جملا ۽ مضمون ساڳيا آهن. تصور ۽ تخيل ۾ به ڪو خاص فرق ڪونهي ۽ نه وري معنيٰ ۽ مطلب ۾. البت وائي جي بندن جو وزن ننڍو ٿيندو آهي ۽ ڪافيءَ جي بندن جو وزن ڊگهو معلوم ٿيندو آهي.

وائي جو گهاڙيٽو

اڪثر وائي جي ٿلهه واري پهرئين سٽ جو پهريون پد قافيي وارو هوندو آهي ۽ ٻيون پد سڄيءَ وائي ۾ رديف ٿي ڪم ايندو آهي.

مثال:

وائي

ٿلهه – دوس ٻيهي در آيو– تيو ملڻ جو ساعيو.

1. ڏينهن ڳڻائون اسان ڪي، مولي محب ملايو

تيو ملڻ جو ساعيو.

2. ويو وڇوڙو ٿيو ميلاپ، واحد واهه وراڻيو

تيو ملڻ جو ساعيو.

3. هو جنهين جو ڏس ڏور اڳ، او ڏواڄ سو آيو.

تيو ملڻ جو ساعيو.

4. عبداللطيف چئي، اچي عجيبن ٻاڻ فضل فرمايو.

تيو ملڻ جو ساعيو.

مٿي ڏنل مثال ۾ پهرئين ٿلهه واري سٽ جا پڇاڙي جا ٻه هم قافيه آهن. انهي وائيء جو قافيو ء رديف پڇاڙي ٻاڻ ۾ هم آواز يا هم قافيه آهن، پر اڪثر وائين ۾ وائي جو ٿلهه ٻن پدن وارو هوندو آهي. پهرئين پد جو قافيو پڇاڙي پد سان هم آواز ته هوندو آهي جيئن ته مثال:

ڏيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو.

1. ٻڪي ڏينديم ٻاجهه جي، اچي ٿال عجيب.

دارون منهنجي درد جو.

2. ٻين اچي ٻاڻ ڪيو، سندو غور غريب.

دارون منهنجي درد جو.

3. ڏکندو سڀ ڏور ڪيو، منجهون تن طبيب.

دارون منهنجي درد جو.

4. ائيون عبداللطيف چئي، هانڪ آه حبيب.

دارون منهنجي درد جو.

مٿي ڏنل مثال ۾ ڏيدي وائي آهي، وائي جي ٿلهه جي پهرئين مصرع جي پهرئين پد جو قافيو "طبيب" آهي جيڪو وائي جي ٻين قافين سان هم آواز آهي، وائي جا پڇاڙي ڪهاڻينا آهن.

مشق لاءِ سوال

1. علم عروض ڇاکي چئجي؟
2. شعر جا اصول ڪهڙا آهن؟ مثالن سان سمجهايو.
3. ضحافات ڇاکي چئبو آهي؟ ڪي ٻه ٽي ضحافات ڪولي سمجهايو.
4. حرف روي ڇا آهي؟ حرف روي کان اڳ ۾ حرڪي اکر ايندا آهن. انهن جا تمبر وار نالا ٻڌايو.
5. شعر جا ارڪان ٻڌايو.
6. سالم ۽ غير سالم بحر ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
7. تقطيع ڇاکي چئبو آهي؟
8. هيٺين شعرن جي تقطيع ڪريو.

I. رکي رب سندي رمز رت روح ۾،
انهي ڳالهه کان ٻيو ٻاهون م ٻاءِ.

II. دل جي دانا" ڏٺي ڌ ٻيو هر ڳالهه ۾ اسرار آهي،
اک جي بينا ڏٺي ڌ ٻيو يوسف به منجهه بازار آهي،

III. جنهن جا ويا جوءِ مان جهانگي وڃي ٻر ڏيهه ٿيا سانگي،
مٽي ٿي او ٻتير ڪانگي، بچي ڀهرون خير ٻب ٻب.

IV. چاڙي ننگ، تڙي سنگ، عجيب رنگ رليامين،
چاڙي مرهه "چتو چوهه"، وٺي توهه تڳيامين.

9. قافيو ڇا آهي؟ قافيي جا عيب مثالن سان ڪولي سمجهايو.
10. رديف ڇا آهي؟ مثالن سان سمجهايو؟
11. رباعي ڇاکي چئجي؟ مثال ڏيئي سمجهايو؟
12. غزل ۽ قصيدي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڪولي سمجهايو.
13. ڏوهيڙن جا ڪهڙا قسم آهن؟ مثالن سان سمجهايو.
14. ڪافيءَ ۽ وائي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ وضاحت ڪريو.
15. هيٺين تي نوٽ لکو.

مثنوي – قطعو – مستزاد.

ڀاڱو چوٿون

باب پهريون

مضمون نويسي

مضمون نويسيءَ لاءِ هدايتون:

1. امتحاني پيپر ۾ مضمونن جا عنوان ڏنل هوندا آهن. انهن کي ڏسي جيڪو مضمون سولو لڳي، ان جو انتخاب ڪجي. مضمون جا ٽي حصا ٿيندا آهن پهريون شروعاتي ٻيو وچون مراد ۽ ٽيون پڇاڙي. انهن جا ٽپ سوچي ذهن ۾ رکجن. هرهڪ حصي لاءِ وقت مقرر ڪجي. آخرمضمون کي چڪاس ڪرڻ لاءِ به وقت مقرر ڪرڻ گهرجي.
2. وقت جي ورهاست ڪان پوءِ بلڪل پوري ڌيان ۽ اطمينان سان لکڻ شروع ڪجي. گهبرائڻ يا پريشان ٿيڻ بلڪل نه گهرجي.
3. اڪثر شاگرد مضمون جا عنوان ڏسي واڳرا ٿي ويهي رهندا آهن ته مضمون ڪيئن شروع ڪجي؟ انهي مهل عنوان مطابق ڪو به جملو يا شعر ياد اچي ته انهي تي لکڻ شروع ڪجي. پوءِ پاڻهي خيالن جو سلسلو شروع ٿي ويندو. سڄو ڌيان مضمون جي مراد ڏانهن ڇڪجي ويندو.
4. جيئن ته مضمون ممتحن جي پڙهڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو. جنهن ڪري اهڙا لفظ ۽ خيال استعمال ڪيا وڃن، جن مان پورو مطلب واضح ٿئي ۽ دلچسپ به هجي جيئن ممتحن تي سٺو اثر ويهي مارڪون سٺيون ملن.
5. مضمون لکڻ وقت تپ لکڻ ڪان پوءِ چڪاس ڪجي. جيڪڏهن ڪا غلطي هجي ته بروقت درست ڪجي. چاڪاڻ ته پڇاڙي ۾ چيڪ ڪرڻ لاءِ وقت نه ملندو.
6. اکر صاف سهڻا هجن. جيڪڏهن ڪو لفظ غلط لکجي وڃي ته صرف مٿان هڪڙي پاسري ليڪ لڳائجي ڇڏجي زياده واٽ ووٽ نه ڪجي.
7. جيڪڏهن ڪا غلطي درست ڪرڻي هجي يا ڪو لفظ لکڻ جي ضرورت پئجي وڃي ته

سٽ ۾ ٿورو نشان ڏيو ۽ اشارو ڪري مٿان يا حاشيي ۾ لکڻ گهرجي.

8. جيڪڏهن محاورا ڪو ڏاڍي ٻولي، جو لفظ استعمال ڪرڻو پوي ته ڏنگين ۾ ان جي معنيٰ لکي ڇڏجي.

9. گهڻو ڪري شاگرد مضمون نويسيءَ کان انهيءَ ڪري ڪتائيندا آهن، جو انهن کي مضمون لکڻ جي مشق ڪيل نه هوندي آهي. مضمون جي مواد جي باري ۾ خيال ذهن ۾ موجود هوندا آهن، مگر انهن کي ظاهر ڪري لکڻ جي سگهه نه هوندي آهي. انهيءَ بي اعتمادي جو نتيجو هي نڪرندو آهي جو هو ٻين جي لکيل مضمونن کي رٽيندا آهن، جنهن ڪري ذهن نٿو کلي، مضمون لکڻ تي عبور حاصل نه ٿو ٿئي. اهڙا شاگرد مضمون لکڻ ۾ ڪمزور هوندا آهن. جنهن ڪري مضمون نويسي لاءِ نهايت ضروري آهي ته مطالعو زياده هجي ۽ لکڻ جي مشق ڪجي.

1. اُٺ

اُٺ هڪ ڪارائتو گهرو جانور آهي. هن جو قد 7 يا 8 فوٽ ڪن ٿيندو آهي، هن کي ڏکڻي ڪُجي ٿيندي آهي. چار مضبوط ٽنگون ٿينديون اٿس. سنڌس پير ٿراڪڙا ٿيندا آهن، جنهن ڪري واريءَ تي سولائي سان هلي سگهندو آهي. ٻه ٽرڪندار ڪن ٿيندا اٿس. سنڌس چپ وڏا لٽڪيل ٿيندا آهن. سنڌس پڇ، تي اٽڪل هڪ فوٽ ڊگهو ٿوهر ٿيندو آهي. جنهن ۾ جريس پريل هوندي آهي. جيڪا ڪيس ڏکڻي مسافريءَ ۾ ڪاڏي جي جاءِ تي ڪم ڏيندي آهي.

اُٺ جي اوجهريءَ ۾ ٽي خانا ٿيندا آهن، جن مان هڪڙي ۾ ڪاڏو ٻيڻ ٻن ۾ پاڻي رهندو آهي. جنهن ڪري ٻن ٽن هفتن تائين، بنا پاڻيءَ، جي سفر ڪري سگهندو آهي. ٻچ ٿيو ٿيندو اٿس جنهن کي پاسن کان وار ٿيندا آهن. واريءَ جي پنڌ تي ڪوبه جانور جلدئي ٿڪجي پوندو آهي، پر اُٺ جا پير اهڙا آهن جنهن ڪري هو واريءَ جي پنڌ ڪرڻ کان ٿڪجي، ٿي ڪين. انهيءَ ڪري هن کي سڏين ٿا "خشڪيءَ جو ٻيڙو". اُٺ بار ڪشي ۾ ڪم ايندو آهي. ڏهه يا ٻارهن من سولائي سان کڻي. ڪو هن جا ڪوهه پنڌ ڪري، وڃي منزل تي پهچندو آهي. اُٺ جا ٻه قسم ٿيندا آهن. هڪ بار ڪشندڙ اُٺ جنهن کي "لاڏو" اُٺ چئبو آهي. ٻيو سواري لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان کي "مهري" اُٺ چئو آهي. شهر ۾ ڏري اُٺ گاڏيون ڇڪڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

اُٺ جو کاڌو ٻير، ٻهر، ڪنڊي، لائي، ڪرڙ، ڪانڊيرو ۽ چارو آهي. اُٺ گرم ملڪن جهڙوڪ عربستان، آفريڪا، مصر، پاڪستان ۽ هندستان ۾ لڀي ٿو.

اُٺ مان گهڻائي فائدا آهن اُٺ جي کل مان نغارا ۽ دهل تيار ٿيندا آهن. اُٺ جي وارن کي "ملس" چئبو آهي، جنهن مان رسا ۽ فراسيون ٺهنديون آهن.

2. گهوڙو

گهوڙو هڪ گهرو جانور آهي. سنڌس قد اٽڪل چار فوٽ اوچو ۽ ست فوٽ ڊگهو آهي. گهوڙي جون ٽنگون سنهيون پر مضبوط ٿينديون آهن. گهوڙي کي سخت "سُنبَ" ٿيندا آهن، جيڪي تيز ڊوڙڻ ۾ ڪيس مدد ڪندا آهن. سُنبن کي گسڻ کان روڪڻ لاءِ مالڪ نعل هڻائيندا آهن. گهوڙي جا ڪن سنهڙا ۽ نوڪدار ٿيندا آهن. ڳچيءَ تي وڏا وار ٿيندا اٿس، جن کي "يَشڪون" چئبو آهي. اکيون چمڪندڙ ۽ تيز نگاهه واريون ٿينديون اٿس، جن سان رات ۾ به ڏسي ۽ سڃاڻي سگهندو آهي. پڇ ۾ وڏن وارن جو ڇڳو ٿيندو اٿس.

گهوڙن جا گهڻائي قسم آهن. مکيه هي آهن: بور، نيرو، سرخ، ڪميت، سنجاف، چينو ۽ ابلق. اهي نالا جدا جدا رنگ ۽ قد جي ڪري ڏنا ويا آهن.

گهوڙو نهايت وفادار، بهادر ۽ سهڻو جانور آهي. مالڪ جي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪندو آهي. گهوڙو نهايت ڪمائتو ۽ محنتي جانور آهي. سواري ۾ ڪم ايندو آهي. گهوڙو بار ڍوئڻ گاڏي ڇڪڻ ۾ به استعمال ٿيندو آهي. مطلب ته جيئن پنهنجي حياتيءَ ۾ انسان کي ڪيترن نمونن ۾ ڪم اچي ٿو، تيئن مرڻ کان پوءِ به ڪيترن ڪمن ۾ اچي ٿو. سنڌس هڏن مان، چاڪن ۽ چربي جاڳن ٺهندا آهن. وارن مان برش ٺهندا آهن. گهوڙي جي کل مان گهوڙي جو ساز سامان وغيره ٺهندا آهن.

گهوڙي جو کاڌو گاهه ۽ داڻو آهي. غليظ ۽ بانسي گاهه کان نفرت ڪندو آهي. گهوڙو گهڻو ڪري دنيا جي سڀني ڀاڱن ۾ ملي ٿو ۽ دنيا جي جدا جدا آب هوا ڪري جدا جدا قسم ٿين ٿا. عربي گهوڙو پنهنجي سونهن ۽ تيز رفتاري جي ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور آهي.

3. ڳئون

هي هڪ ڪارائتو گهرو جانور آهي. سنڌس قد ۽ بت ٻولائتو، ڪيس چار ٿلهيون ٽنگون ٿينديون آهن. ڪيس چار کُر آهن، جيڪي ٻه ڦاڪا جڙيل ٿيندا آهن. هن کي مٿي تي ٻه سڱ ٿيندا آهن. ڪي ٿوريون ڳئون موڏيون به ٿينديون آهن. ڳئون کي مٿين جاڙيءَ ۾ ڏند اصل ڪونه ٿيندا آهن. پڇ جي چوٽيءَ ۾ وارن جو چڳو ٿيندو آهي. سنڌس ڪن سهڻا ۽ نوڪدار ٿيندا آهن. ڳئون جا مختلف رنگ ٿيندا آهن. سنڌ جي ڳاڙهي ڳئون مشهور آهي.

ڳئون ساجهڙو جانور آهي. سنڌس نهٺائي جي ڪري ساجهڙي ماڻهوءَ کي ڳئون سان تشبيهه ڏيندا آهن. چوندا آهن ته "هي ته ويچارو ڳؤنگي ڳانءِ آهي".

هي جانور ڏاڍو فائديمند پيارو ٿئي. ته ڳئون جو کير انسان ذات لاءِ الله تعاليٰ جي وڏي نعمت آهي. ڳئون جو کير مٺو، سوادي ۽ طاقت وارو ٿيندو آهي. سنڌس کير پيئڻ، مکڻ، گيهه ۽ ڏهي ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. مکڻ مان گيهه تڪرندو آهي. جو اهڙي طاقت واري غذا آهي جو چوندا آهن: "جيڪي ڪري گيهه، سو نه ڪري ماءُ ۽ پيءُ." سنڌس کل مان مختلف قسم جون شيون ٺهنديون آهن.

مطلب ته جيترا ڳڻ مالڪ ڳئون ۾ رکيا آهن، اوترا ٻئي ڪنهن جانور ۾ نه ٿا لڀن. ڳئون لوسڻ، ڪانا، ڪڙ ۽ عام گاهه کائيندي آهي. شهر ۾ وري ڏڳين کي ڪتر، بوسو، چڻا، مٽر ۽ ڪکڙا به کارائيندا آهن.

هي جانور دنيا جي سڀني ملڪن ۾ ٿيندو آهي. سنڌس ڳاڏو به جتي ڪٿي ساڳيو ٿيندو آهي.

4. هاٿي

ساراهه منهنجي سبحان کي جڳائي، جو جڳ جو اپائيندڙ ۽ ڪارساز آهي سندس ڪاريگري جو ڪمال آهي. حيرت جي ڳالهه آهي. سندس ڪارسازيءَ سان ڪلهو هڻڻ ڪنهن جي مجال آهي؟ انهيءَ عجيب اسرار کي ڏسي هر انسان کي واهه واهه! جي واتي وات آهي. سندس ڪاريگري جي پيدائش مان هاٿي به هڪ عجيب جانور آهي. سندس بدن جي عجيب راڪاس جهڙي شڪل، جنهن اڳيان ٻه ڏندي هوندي، سونڊ ڏسي هڪ ته دهلجي وڃبو. قدرت کيس چار مضبوط ٿنڀن جهڙيون ٽنگون عطا ڪيون آهن. جن جي وسيلي هيڏو پربت جيڏو جانور هلندو آهي. سندس ڪن ٻه وڏا اهڙا آهن. جهڙا ڇڄ. قدرت هن جانور کي ٻين جانورن کان هڪ خاص نرالو عضوو عطا ڪيو آهي. سو آهي "سونڊ". سندس سونڊ وڪهي ٿيندي آهي. جنهن جي وسيلي هو کائيندو پيئندو آهي. سندس سونڊ ۾ ٻه ڇهنبدار ترڪون ٿينديون آهن. جن سان هو سنهي ۾ سنهي سوئي جهڙي شيءِ به کڻي سگهندو آهي. وري سندس ڪنڌ اهڙو ته ٿلهو آهي جو جڏهن ڪجهه اٿس ٿي ڪان، قدرت جي به وڏي عجيب موڙ آهي. جو هيڏي ساري جانور جون اکيون ڏاڍيون ننڍڙيون.

اڪثر ڪري هن جانور جو کاڌو گاهه آهي جهڙوڪ لوسڻ، ٻاجهري ۽ جوئر جي ڪڙب وغيره اناج ۽ ڦڪل کاڌو به کائيندو آهي.

جيڏو آهي جانور تيڏو وري قدرت کيس حليم سڀاءُ ۽ سمجهه عطا ڪئي آهي. هاٿي جهڙو جانور جيڪڏهن بگڙي ته الاجي ڇا مان ڇا ڪري وجهي. پر هڪ ڪمزور انسان پنهنجي مرضيءَ مطابق هيڏي ساري پربت کي جيڏانهن کيس وڻي، تيڏانهن وٺي گهليندو. وري مزيدار ڳالهه اها جو اٺ ۽ هاٿي هڪ ٻئي کي ڏسي ڊڄندا آهن.

هن ڀاري ڀاري جانور ۾ اينڪ فائدا آهن. هي جانور سواريءَ ۾ ڪم ايندو آهي. اڳوڻي زماني ۾ هاٿي جنگ ۾ به استعمال ٿيندو هو. مئي کان پوءِ هاٿيءَ جي قيمت ۾ اڃا به واڌارو ٿيندو آهي. جيئن ته سندس هڏن مان عاج ۽ کل مان چمڙو ٺهندو آهي. انهي ڪري عام چوڻي آهي ته: "هاٿي جيئرو ته لهي لک مئي کان پوءِ لهي سوا لک."

5. ٻہ ٽہ ٻارھن

هي سنڌي، جو هڪ مشهور پهاڪو آهي. "ٻ" ۽ "ٻارهن" يعني ٻن طاقتن جو پاڻ ۾ ٻڌي يا اتحاد ٿئي ٿو. ته هن هڪ اهڙي طاقت پيدا ٿي جو اهي ٻه طاقتون ڄڻ ڪ ٻارهن آهن. مطلب ته هن پهاڪي جو نچوڙ ٻڌي يا اتحاد آهي. اتحاد هڪ اهڙي طاقت آهي، جنهن سان هڪ ناممڪن ڳالهه به ممڪن بڻجي سگهي ٿي. اتحاد جي طاقت سان دنيا ۾ اهڙا انقلاب وجود ۾ آيا آهن، جنهن کي ڏسي ڏندين آڱريون لڳيو وڃن. دنيا ۾ اهڙو ڪو مشڪل ڪم ٿي نه آهي، جو اتحاد سان نه ٿيو هجي. ڪنهن به مشڪل ڪم کي هڪ ماڻهو اهڙي طرح مڪمل ڪري نه سگهندو، جهڙي طرح گهڻن ماڻهن جي اتحاد ڪري پورو ٿيندو. دنيا ۾ اتحاد کان سواءِ ڪوبه ڪم مڪمل ٿي نه ٿو سگهي.

مثال: ٻن هٿن جي ملائڻ کان سواءِ تاڙي به نه وڄندي آهي. هڪ ڪاني سان معمولي جهوپڙي به ٺهي نه ٿي سگهي، [illegible] اتحاد سان عاليشان محلات ٺهي سگهن ٿا. پاڻي، جو هڪ ڦڙو ڪابه طاقت نه ٿو رکي، پر لکين ڪروڙن پاڻي جي ڦڙن جي ميلاپ ڪري هڪ دريا ٺهي پوي ٿو، جو وڏن وڻن وارين شين کي به پاڻ سان گهلبو وڃي. دنيا ۾ هميشه اها قوم زنده ۽ خوشحال رهي سگهي ٿي [illegible] آهي. جنهن قوم ۾ اتحاد نه آهي اها قوم دنيا ۾ ناڪام رهي ٿي ۽ سندس نالو نشان مٽجي وڃي ٿو. اتحاد ۾ برڪت آهي. گهڻن جي اتحاد ڪري ڇير به ڪچيو وڃي. اسان پنهنجو پيارو وطن پ[illegible]ستان به اتحاد ۽ ايڪي جي وسيلي حاصل ڪيو. هاڻي ان جي بقا ۽ ترقي، جو مدار به اتحاد تي ٿي آهي.

6. وطن جي حب

وطن جي حب انسان جي فطري تقاضا آهي. وطن جي حب ايمان جو جزو آهي. جيئن ته حديث شريف ۾ آهي ته "حب الوطن من الايمان" وطن جي حب ايمان جي نشاني آهي. انسان کي الله تعاليٰ جن شين لاءِ پيار ۽ محبت عطا ڪئي آهي. انهن مان وطن لاءِ حب ۾ هڪ لازوال نعمت آهي وطن جا سڪل وڻ پرديس جي سهڻن باغن کان ڪٿين دفعا وڌيڪ پيارا لڳندا آهن. وطن جون ننڍيون ڪکائيون جهوپڙيون پرديس جي اوچين ۽ رنگين محلاتن کان وڌيڪ راحت بخش هونديون آهن. وطن جي مٽي ٻئي ملڪ جي عطر عنبير کان وڌيڪ خوشبودار ۽ عزيز لڳندي آهي. جيئن ته پٺاڻي بادشاهه فرمايو آهي ته "سنڌي جا ساٿيهه، ڪهه ڪلوري پاٿيان".

دنيا جي تاريخ جا ورق ورائبا ته انسان ڪي وطن جي قرباني لاءِ انڪت مثال ملندا جن پنهنجي وطن لاءِ تن، من ۽ ڌن قربان ڪيو. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙن سڄڻ سورهين مان هوشو سومرو، دولهه دريا خان ۽ هوشو شيدي، جا نالا ذڪر جي لائق آهن. اسان جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف رح مارئي جي واتان وطن جي حب جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

واجهائي وطن کي آه جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا! ڪج پهنوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مياڻي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

وطن سان محبت رکندڙ قومون هميشه ترقي جي منزل ماڻينديون رهيون آهن. اهڙيون قومون هميشه وطن جي حفاظت لاءِ هرڪا تڪليف مصيبت سرتي سهي، سرتري، ٿي رکي دشمن جي سامهون ثيڻديون رهيون آهن. اهڙين قومن جو نالو تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو آهي هر انسان کي پنهنجو وطن پيارو لڳندو آهي. اسان کي پنهنجو وطن پاڪستان ساهه کان وڌيڪ پيارو آهي. اسان جو صوبو سنڌ سنڌس هڪ روشن ستارو آهي. ڇاڪاڻ ته ڌڻي تعاليٰ جي هر ڏنل نعمت جهڙوڪ: زراعت لاءِ زرخيز زمين تهذيب ۽ تمدن ۾ شاهوڪار هئڻ سان گڏ باب الاسلام جي هئڻ جو فخر به سنڌ کي حاصل آهي. اسان کي پنهنجو پيارو وطن نهايت عزيز آهي. جنهن جي بقا ۽ ترقي، لاءِ ڪنهن به قرباني، ڏيڻ کان نه هٽنداسين.

7. بهار جي موسم ۾ باغ جو نظارو

بهار جي موسم ۾ باغ ۾ لنگهي وڃون ته اتي جو عجيب نظارو ڏسي روح کي راحت ۽ دل کي ڏاڍي فرحت محسوس ٿيندي آهي. ۽ خالق اڪبر جي ساراه دل تي تري ايندي آهي. جيڪي وڻ، ٻوٽا ۽ گل ڦل ڪالهه ڪومائل ۽ سڪل بيٺا هئا. سي اڄ ڪهڙي نه ساوڪ ۽ سبزي ۾ رنگين گلن سان جهرمر لايو بيٺا آهن! نه رڳو گلن ڦلن جو نظارو سهڻو، پر باغ جو هرهڪ وڻ، ٽڪ ۽ ڪاتر مطلب ته باغ ۾ جيڪي ڪجهه پوکيل آهي سو حسين پيو نظر ايندو آهي. باغ جا رستا صاف ۽ شيشي وانگر چمڪندڙ ورق اندر گلن جون ڪيارين پوري انتظام سان پرائتنگ جي قانون موجب جدا جدا نمونن جون ٺهيل هونديون آهن، جن ۾ ساوا ۽ سهڻا ٻوٽا رنگا رنگي گلن سان ٽڙيو بيٺا هوندا آهن. جن کي ڏسي خوشي ۾ دل ٻيڻي بهار [illegible] آهي. وڻن تي پکين جون ٻوليون ۽ لوليون ۽ ٽارين تي ٿيندي لچندي تنوار هڪ قسم جو عجيب [illegible] ڏسڻ ۾ ايندو آهي نظارو ڏسي روح کي راحت ۽ دل کي فرحت نصيب ٿيندي آهي. قسمين قسمين [illegible] ۾ [illegible] ۽ هوا جي جهوٽن ۾ جهومندي نظر ايندا.

وڻن جي پنن تي پوڙهين رات ۾ پيل ماڪ جا ڦڙا اٿين پيا معلوم ٿيندا آهن. جيئن ساڻي چادر تي ايا موتي جڙيل هوندا آهن. هڪڙي پاسي چنبيلي، موتئي، سگرو ۽ گلاب جي خوشبوء، ٻئي پاسي وري سورج مکي، سوسن ۽ نرگس جي سونهن. وڻندڙ رونهن ۽ نوجوانن جي ٽولين جون ٽوليون ۽ جوڙين جون جوڙيون، باغ ۾ گهمندي ڦرندي نظر اينديون آهن. باغ جي هبڪار ۽ گلن جي خوشبوء مغز کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي. مطلب ته ڏاڍي سگهوري انسان لاءِ بهار جي موسم بي واه جي نعمت خلقي آهي.

8. چانڊوڪيءَ رات ۾ درياءَ جو سير

سيج پنهنجي شهنشاهت جون واڳون، پنهنجي نائب چند کي سونپي، پاڻ مقصد واريءَ منزل ڏانهن راهي ٿيو. چند بادشاهه پنهنجي پوري آب و تاب ۽ شان شوڪت سان پنهنجي سپاهه سميت اچي جلوه افروز ٿيو چوڏهين جي چانڊوڪي رات هئي. سبحان الله! چند جي تيڙهين ڌار روشنيءَ جي ڪهڙي تعريف ڪجي! بس! نور هو نور! اهڙي ته روشني هئي، جو جيڪر وڃايل سوئي به لڀي پوي. اهڙو دلپذير روح کي راحت، اندر کي آرام ڏيندڙ لمحو ڏسي، سوچڻ لڳس ته اڄ ڪو سير ڪري قدرت جي ڪاريگريءَ جو ديدار ڪجي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي! ايتري ۾ دوست اچي ويو. ٻڌائين ته "اڄ رات چانڊوڪيءَ ۾ دوستن دريا" شاهه جو ديدار ٻيڙيءَ وسيلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي" هرڻي ته اڳيئي تجڻي ويٺي پٽيس ڪهنڌڙيءَ جي مثال منهنجي ته الله ٻڌي. اڳ ۾ ويٺي اهڙا پهه پچايم. سڀ ڪاهي آياسين دريا" شاهه جي ڪناري تي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪيس هڪاريوسين. دريا جي موجن ۾ مکڙيءَ جا لوڏا، انسان جي دلين ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري وڌي. چندر مان روشنيءَ جا ڪرڻا، نور جي تجليءَ وانگر انسان تي ڪري رهيا هئا. دريا جو پاڻي به چانديءَ جي چادر جهڙو نظارو پيش ڪري رهيو هو. قمر پنهنجي ڪچهريءَ ۾ اڳين شان شوڪت، سونهن سوڀيا وارو پئي نظر آيو. جيئن بادشاهه پنهنجي درٻارين ۾. ٿڌڙي هير پئي گهلي جنهن ڪري نهايت فرحت پئي محسوس ٿي. ڪئي رنگ ڏٺاسين. ڪئي قسمن جي عجب ۽ غريب مڇين پئي ٽپنگ ڏيا ڏنا. ڪميون، ڪچون، واڳون، ڏيڏر ۽ ٻيا ڪيترن قسمن جا پاڻي جا جانور ڏٺاسين. ٻنهي ڪناري تي ٻيلي جو نظارو ۽ پاڻيءَ ۾ سندس اُبتو عڪس به اهڙي ته جهرمر لڳايو بيٺو هو جو واهه جو منظر پيش ڪري رهيو هو.

جنهن کان پوءِ وارو آيو ڳائڻ وڄائڻ جو. ڪاڻيري خان ته ڳائڻ ۾ جيڪا ڪري ڇڏيا، سرندي واري به ڪمال ڪري ڏيکاريو. ايتري ۾ قونو خان شيدي به وجد ۾ اچي نچڻ لڳو. جنهن ته اهڙو ڪم ڪيو جو هڪ طرف مکڙيءَ کي موجن جا لوڏا ته ٻئي طرف قونو خان جا ڌوڏن تي ڌوڏا، جن ته ٻيڙيءَ کي هندورو بڻائي ڇڏيو. جيئن ته: "لڳي اتر واءُ ڪينجهر هندورو ٿئي" (شاهه) مجلس ته اهڙي مٺي اهڙو ته رس ٿيو جو قلب کي اهڙو قرار ۽ روح کي اهڙي راحت حاصل ٿي جنهن جو لفظن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. رات به ڪافي گذري چڪي هئي. جنهن ڪري پٽ تي وڃڻ جو پهه ڪيوسين. ٻيڙي اچي ڪناري تي لنگر هنيو لهي پنهنجي گهر آياسين.

9. ڪلفٽن جو سير

اڄ اسڪول جي سڀني استادن ۽ شاگردن ڪلفٽن جي سير ڪرڻ جو پروگرام بنايو. پروگرام موجب سڀ شاگرد ۽ استاد مقرر وقت تي اسڪول پهچي ويا. هڪ عاليشان بس اسڪول جي انتظاميه طرفان ملي. کاڌي پيتي جو سڀ سامان، پاڻي ۽ برف وغيره ڪولرن ۾ ڀري بس ۾ رکيا ويا. صبح جو اڃا مس اٺ ٿيا هئا. اسان جو قافلو روانو ٿيو. صبح جو وقت، بهار جي موسم جي ٿڌڙي هير پئي لڳي. سڀ شاگرد ۽ استاد خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا. شاگرد ته بس ۾ ڪل ٻوڪ ۽ چرچن ۽ مسخرين ۾ مشغول ٿي ويا ڪن وري گانا پئي ڳايا. اسان جي بس ڪراچيءَ جي ڪشادن روڊن تان ۽ فلڪ بوس عمارتن جي وچان هلي رهي هئي، اوچتو رڙ ٿي ته ڄاڻون ته "حادثو ٿيو آهي" هڪ هيروئني وچ روڊ تي ڪنهن گاڏيءَ هيٺان اچي چيهاٽجي مري ويو هو. ماڻهن جا ميڙ اچي مڙيا. اسان به سرسري نظر ڊوڙائي اڳتي هلياسين. ٿان جو اچي ڪلفٽن پهتاسين. بس مان لهي سڀ گهمڻ لڳاسين. شاگرد سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ پاڻ ونڊرائڻ لڳا. استاد سندن رهبري ڪري رهيا هئا. جيئن اندر وڌي اونهي پاڻي ۾ نه وڃن. ڪي شاگرد وري اٺن ۽ گهوڙن تي سواري ڪرڻ لڳا ۽ ڪي وري پينگهن تي چڙهي لڏڻ لڳا. اسين استاد به قدرت جي هن عجيب منظر مان لطف حاصل ڪري رهيا هئاسين. سمنڊ ۾ پري کان ڪي اگبوٽ ۽ ٻيڙيون هلندا پئي نظر آيا. سمنڊ جي وچ ۾ جبلن جو نظارو به واهه جو عجيب پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڪن ماڻهن دوربينيءَ سان انهن جو منظر پئي ڏٺو. سمنڊ جي وسيع ڪناري تي ماڻهن جي ميڙ جو اڻ کٽ سلسلو پئي نظر آيو. ڪي ٽولين جي شڪل ۾ گهمي رهيا هئا ته ڪي وري فراسيون وڇائي ٽيپ وڄائي گانا ٻڌي رهيا هئا. ڪي وري سمنڊ جي اندر وڌي پاڻي ۾ وهنجي رهيا هئا. سمنڊ جي ڪناري تي گهوڙيا کاڌي پيتي جو سامان وڪرو ڪري رهيا هئا. سمنڊ جي سپين ۽ ڪوڏن مان ٺهيل عجيب رانديڪا پئي وڪيائون. اسان جي شاگردن به ڪافي اهي رانديڪا خريد ڪيا. پوءِ وري مڇي گهر ڏسڻ وياسين. جتي شيشن جي وڏن ڪيسن ۾ جيئريون، رنگارنگي، خوشنما مڇيون رکيل هيون. مڇي گهر ڏسي شاگردن ڪافي خوشي ۽ معلومات حاصل ڪئي. ايتري ۾ کاڌي جو وقت به ٿي ويو. سڀني آندل کاڌي جو سامان فراسين تي رکي کاڌو. پوءِ سڀ وري پنهنجن گهرن ڏانهن موٽياسين.

10. سپاهي

ملڪ ۽ ملت جي حفاظت ۽ انتظام ۾ سپاهي جو اعليٰ مقام آهي. قوم ۽ ملڪ جي بچاءُ جي اهم ذميداري ڪيس سونپيل هوندي آهي سپاهي ملڪ ۽ ملت جي بچاءُ جو گرو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻي ٿو. انهي ذميداري کي نڀائڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ ۾ پنهنجو فرض اولين سمجهي ٿو. سپاهي ملڪ ۽ ملت جو بازو آهي. جو جيترو مضبوط هوندو اوترو اهو ملڪ دشمن جي خطري کان محفوظ رهندو. فوجي سپاهي جي ذميداري آهي. ملڪ ۽ قوم کي ٻاهرين دشمن جي خطري کان بچائڻ. عام سپاهي جو ڪم آهي، ملڪ جي اندروني انتظام کي برقرار رکڻ ۽ ملڪي قانون جي حفاظت ڪرڻ. جنهن ملڪ جو سپاهي وڏيڪ بهادر، جنگي فن جو ماهر، سپهه سالار جو فرمانبردار ۽ فرض ادائي ۾ مخلص آهي. اهو ملڪ ۽ اها قوم ترقيءَ جو اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهي ٿي. سپاهي جوان مردي، جان نثاري، تندرستي، بهادري، جنگي فن جي مهارت، زنده دلي ۽ قوتائي وغيره جي صفتن سان سينگاريل هوندو آهي. مطلب ته سپاهي اعليٰ صفتن جو مالڪ هوندو آهي. سپاهي قوم خاطر سر تريءَ تي رکي جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي پوندو آهي. اتي، هيءُ مرد مجاهد دشمن سان بهادري سان وڙهي. غازيءَ جو مرتبو حاصل ڪري ٿو يا شهيد جو. اسلامي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اڳين وقت ۾ هرهڪ مسلمان جو ٻچو ٻچو سپاهي هوندو هو. جنگي فن جو ماهر هوندو هو. وقت تي سر تريءَ تي رکي جهاد ۾ شريڪ ٿيندو هو. تاريخ ۾ اهڙن مرد مجاهدن جا ڪارناما پڙهي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. اهي مسلمان سپاهي جن دنيا تي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. سڄي دنيا تي سندن رعب ڇانيل هوندو هو ۽ انهن انساني قدرن جا آهي اعليٰ معيار قائم ڪيا جن جي سونهري ڪارنامن سان تاريخ جا ورق مزين آهن.

اسان کي پنهنجي ملڪ جي سپاهي تي ناز آهي. اسان کي گهرجي ته پنهنجي شاندار ماضيءَ کي ياد ڪري قوم جو هرهڪ ٻچو سچو سپاهي بنجي پنهنجي پياري ملڪ پاڪستان جو شان ۽ مان مٿاهون رکي.

11. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه نه رڳو [illegible] عظيم شاعر هو پر جيڪڏهن دنيا جو عظيم شاعر جڳهن ڏ [illegible] اچي ته وڏاه ڪونهي. ڇاڪاڻ ته ڀٽائي بادشاهه ۾ اهي سڀ صفتون [illegible] آهن، جيڪي هڪ عظيم شاعر ۾ هئڻ گهرجن. جنهن لاءِ سندس ڪلام ثبوت آهي.

ڀٽائي حيدرآباد ضلعي جي تعلقي هالا ۾ ڀٽي پورگوٺ ۾ حبيب شاهه جي گهر ۾ سنه 1689ع ۾ ڄائو. مشهور اولياء ۽ شاعر شاهه عبدالڪريم رحه بلڙي واري سندس ڏاڏو هو. حبيب شاهه رحه پوءِ سنت ٿي لاءِ اچي ڳوٺ ڪوٽڙي مغل ۾ ويٺو شاهه ڀٽائي رحه جو ٻاليتو انهي ڳوٺ ۾ گذريو جتي جوان ٿيو. ڪوٽڙي مغل ڀٽ کان ٻه ڪوهه پري هو. جيڪو اڄ ڦٽل صورت ۾ پيل آهي. شاهه ڀٽائي [illegible] صفر [illegible] ۾ فوت [illegible] سندس مزار ڀٽ تي آهي جتي هر سال 14 صفر تي ميلو لڳندو آهي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترا ماڻهو ڪهي اچي ميلي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ننڍپڻ کان ئي فقيري ڏانهن لاڙو هوندو هو. جوانيءَ ۾ ٽي سال لاڳيتا سفر ڪيائين سنڌ جو چپو چپو گهميو. هندو فقيرن سان لس ٻيلي جي سرحد وارن جبلن ۾ گهمندي لاهوت لامڪان. سچ سخي جي زيارت ۽ هنگلاج تائين سفر ڪيائين. هوڏانهن پنجاب، ننگر ٺٽو، لکپت ۽ گرنار تائين ويو. موٽندي جيسلمير ۽ ٿر جو به سير ڪيائين. انهي سفر دوران شاهه ڀٽائي نه رڳو جوڳي فقيرن جون [illegible] صحبتون ماڻيون، پر علائقن جون رسمون رواج، جدا جدا روماني قصا ڪهاڻيون، الڳ ماڻهن جا ٻول، الڳ زبان جا لهجا، ترمل نظارا ۽ عجيب آزمودا پرايا جيڪي سندس ڪلام جو تاڃو پيٽو آهن. جنهن ڪري سندس تجربي ۽ معلومات جو دائرو تمام وسيع ٿي ويو. انهي ڪري پنهنجي ڪلام ۾ اهي واهڙ وهايا ٿس جن سڄي سنڌ کي سيراب ڪيو. انساني امنگن، جذبن ۽ فطرتي نظارن جا لفظن ۾ واهه جا چٽ چٽيا اٿس. شاهه ڀٽائي هڪ عظيم فطرتي مصور هو. جنهن ماڻهن، مرن، ندين ۽ تالن، جهنگلن ۽ ٻيلن، جبلن ۽ ٻرپٽن جون تصويرون پنهنجي ڪلام ۾ چٽيون آهن. سندس رسالو سندس تحرير جو نچوڙ آهي. ڀٽائي بادشاهه شادي به ڪئي پر اولاد ڪونه ٿيس. شادي کان پوءِ ڪوٽڙي

مغل مان لڏي اچي هالن جي پرڳڻي پٽ تي رهيو، جنهن ڪري "ڀٽائي" ڪوٺجڻ ۾ آيو. سنڌس سڄو ڪلام تصوف جي باريڪ نقطن سان ڀرپور آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

بيت نه پاڻيو مالهيا هي اپرون آهين،
تيو من لائين، پريان سندي پار ڏي،

شاهه ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ۾ توحيد ۽ رسالت جي تعليم هيئن ڏني آهي: فرمائي ٿو:

وحده لا شريڪ له اي عڪرائي حق،
ڀيائي ڪن پڪ، جن وڏوسي وسيا.

سر ڪلياڻ ۾ رسالت جي سچائي هن طرح ڪرائي ٿو.

وحده لا شريڪ له جان ٿو چئين ائين،
تان مڃ محمد ڪارڻي، تر نتون منجهان تيهن
تان ترن وجيو ڪيئن، ٿائين سرڀين ڪي.

12. ڪفايت شعاري

ٿپ:

1. ڪفايت شعاري چاڪي چئجي
2. ڪفايت شعاري ۽ ڪنجوسي
3. ڪفايت شعاري جا فائدا
4. ڪفايت شعاري جا اصول.

انسان پنهنجي ضروريات زندگيءَ ۾ ايترو خرچ ڪري جو مناسب هجي انهي کي ڪفايت شعاري چئبو آهي. ڪفايت شعاري انسان جي ڪامياب زندگي گذارڻ جي هڪ ڪنجي آهي. جيڪو انسان پاڻ کي فضول خرچيءَ کان روڪي. بچت اختيار ڪري ٿو، انهي کي ڪفايت شعار چئبو آهي. الله تعاليٰ هن دنيا ۾ انسان کي اڻ ڳڻت نعمتن سان نوازيو آهي. انهن نعمتن جي استعمال جون به حدون مقرر ڪيون اٿس. پوءِ جيڪو انسان انهن حدن اندر قائم رهي ٿو. اهو ڪامياب زندگي بسر ڪري ٿو.

جيئن ته: الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: "الله جا (نيڪ) ٻانها اهي آهن جيڪي خرچ ڪرڻ وقت نه ئي بيجا اڏائين ٿا ۽ نه تنگي ڪن ٿا. بلڪ وچ واري سڌي واٽ اختيار ڪن ٿا" (الفرقان آيت 67) پر جيڪي انسان هٿ ڇاڙ تي مقرر ڪيل حدون اورانگهين ٿا. اهي انسان پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي پاڻ کي زندگيءَ ۾ ناڪام بڻائين ٿا. اهڙن اسراف ڪندڙن مان الله تعاليٰ به ناراض آهي. انهن کي شيطان جا ڀائر ڪوٺيو اٿس.

2. ڪفايت شعار انسان جو اصول هوندو آهي ته جو جائز ضرورت تي خرچ ڪندو آهي. پر ڪنجوس انسان جو اهو اصول هوندو آهي ته "چمڙي وڃي ته وڃي، پر دمڙي نه وڃي" هن کي ڌن دولت سان اهڙي محبت هوندي آهي جو هو انهي کي ذخيرو ڪري رکڻ واري حرص ۾ مبتلا هوندو آهي.

3. تنهن ڪري جتي انسان لاءِ اسراف ڪرڻ سخت نقصانڪار آهي. اتي ڪنجوسي ڪرڻ به هاڃيڪار آهي. مشهور چوڻي آهي ته "اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي".

انسان هميشه هڪ حال ۾ نه ٿو رهي. ڪڏهن خوشحال آهي ته ڪڏهن وري ڪنگال، تنهن ڪري نهايت ضروري آهي ته هميشه ڪفايت شعاري کان ڪم وٺي ڪجهه بچت ڪجي، جا انسان کي بيماري، بي روزگاري ۽ پوڙهپ ۾ ڪم اچي.

4. دين اسلام انسان کي ڪامياب زندگي گذارڻ جا جيڪي زرين اصول ٻڌايا آهن، انهن ۾ ڪفايت شعاري جو سخت تاڪيد ڪيل آهي. مگر انسان ڪفايت شعاري جو زرين اصول ڇڏي ڏنو آهي. انسان جي زندگي جي هر شعبي ۾ اسراف آهي جنهن ڪري قوم ۽ ملڪ جي معيشت تي نهايت برو اثر پئجي رهيو آهي. جيڪو فرد يا قوم ڪفايت شعاري واري زندگي اختيار ڪري ٿي اها سدائين خوشحال زندگي گذاري ٿي. جنهن ڪري نهايت ضروري آهي ته انسان کي ڪفايت شعاري اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ فضول خرچي کان پاڻ کي بچائڻ گهرجي.

13. گل جي زباني

اءُ گل آهيان. مون کي مولا سائين جنهن نعمت سان نوازيو آهي، تنهن جي هر بني بشر کي خبر آهي. مون تي مالهي به اهڙو مهربان آهن جو الله جا لڪ شخص جيئن ماءُ پنهنجي پياري ٻچڙي کي پيار ڪندي آهي، تيئن مالهي به مون سان ماءُ جيان محبت ڪري ٿو. آءُ حسين نازڪ چهري سان گڏ نيڪ سيرت به آهيان. مون کي نازنين، نازڪ نوجوان ڏاڍو چاهيندا آهن. آءُ ناز ۽ نخري سان نوجوانن جي سيني جي سونهن بڻجندو آهيان. نازنين جي هٿن ۾ نچڻ جي سعادت به مون کي ئي نصيب آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار جي سيج کي آءُ ئي سينگاريندو آهيان. نازنين نازڪ بدن جي گلي جو هار بڻجڻ لاءِ هزارها جيلا هلايا ويندا آهن. آءُ اتي به بنا روڪ ٽوڪ جي محبوب جي گلي جو هار بڻجي سندس سيني کي ڇهڻ جو لطف حاصل ڪندو آهيان.

بادشاهن، اميرن ۽ شاهوڪارن جي محلاتن جو سينگار به آهيان. مجلسن ۽ محفلن جي رونق ڪي روح به آءُ بخشيندو آهيان. شاعرن جي شاعري جو جلڪ موضوع ئي مان آهيان. معشوق جي لعل لبن جي تشبيهه منهنجي پکڙين سان ڏيندا آهن. محبوب جي لعل رخسارن جي تشبيهه منهنجي ڳاڙهاڻ سان ۽ نازڪ بدنيءَ جي منهنجي نرم جسم سان ڏيندا آهن. مون کي خلق خدا جي خدمت لاءِ اوڪا اٿانگا لڪ لنگهڻا پوندا آهن. پهريان ته مالهي مون کي بي دردي سان پنهنجي جسم کان جدا ڪندو آهي. پوءِ گلفروش وري منهنجي نازڪ بدن ۾ پالا هڻي مون کي جيري هار بڻائيندو آهي. عطار ڪيترن ڏينهن جي چڪاڻ ۽ ٿڪاڻ بعد مون کي عطر جي صورت ۾ آڻيندو آهي. ماکيءَ جي مک به پنهنجي نکي، تيز سوئي منهنجي نازڪ ۽ نفيس بدن ۾ ڦٽي ماکي جهڙي اڻ لڀ نعمت تيار ڪندي آهي. بعد ۾ آءُ ماکي جي صورت ۾ اوهان جي اڳيان پيش ٿي اوهان جي ..
حت کي برقرار رکندو آهيان. انهن مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي امتحان ڪامياب ٿين بعد منهنجو قدر ... مت پيش ٿئي ٿي. منهنجي اعليٰ خدمتن جو قدر ۽ قيمت وڃي عطارن ۽ حڪيمن کان پڇو.

اها منهنجي اپني هاڪ ۽ ناموس جا منهنجي حسن ڪري ئي آهي ڇا؟ نه، نه بلڪ ان سان گڏ مون ۾ ايثار ۽ قرباني جو به جذبو آهي. مون پاڻ کي فنا ڪري ٻين لاءِ راحت ۽ نفعي جو سامان مهيا ڪيو آهي. آءُ نيڪ صورت سان گڏ نيڪ سيرت جو به ڌڻي آهيان. سيرت بنا صورت بيڪار آهي. ميوي کان سوا وڻ ڪهڙي ڪم جو؟

14. تندرستي وڏي نعمت آهي

الله تعاليٰ انسان کي جن جن نعمتن سان نوازيو آهي، انهن مان تندرستي هڪ وڏي نعمت آهي. تندرستي جي معنيٰ آهي، جسم جو چڱو ڀلو هئڻ. انسان جو بدن هر قسم جي بيماري کان آجو ۽ تازو توانو هجي. انهي کي "تندرستي" چئبو آهي. انسان لاءِ تندرستي نهايت ضروري آهي. تندرستي جي ڪري انسان دنيا ۾ سٺي زندگي بسر ڪري ٿو، آرام سان گهمي ڦري سگهي ٿو ۽ پنهنجي محنت ڪري ڪمائي کائي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن صحت سالم نه آهي ته پوءِ انسان جو جيئڻ ئي جنجال ٿيو پوي. دنيا جي هر سک کان محروم رهي ٿو. هميشه ڪنهن ٻئي جو محتاج رهڻو پوي ٿو.

جيئن ته چوندا آهن: " جيءُ خوش ته جهان خوش" ۽ اها به چوڻي آهي: "يڪ تندرستي هزار نعمت" يعني فقط هڪڙي تندرستي هزار نعمتن جي برابر آهي. جڏهن تندرستي اهڙي بي بها نعمت آهي. تڏهن ان جي سنڀال ڪري سالم رکڻ نهايت ضروري آهي. گهڻو ڪري صحت جو دارومدار هيٺين ڳالهين تي هوندو آهي:

1. هوا 2. پاڻي 3. کاڌو 4. آرام 5. ورزش ۽ 6. صفائي.

ڪوشش ڪري صاف سٺري هوا ۾ رهجي. پاڻي به صاف استعمال ڪجي. کاڌو اهڙو مڪمل هئڻ گهرجي، جنهن ۾ وٽامنس ۽ ٻيا کاڌي جا جزا موجود هجن. کاڌو وقت تي کائجي. تند صحت لاءِ نهايت ضروري آهي. تند پوري ٿي ڪجي ته ٿوري نه گهٽ. گهٽ تند سستي پيدا ڪندي. صحت کي برقرار رکڻ لاءِ بدني ورزش ضروري آهي. بدني ورزش جا ڪئين نمونا آهن. ڪن جو ته ڌندو ئي اهڙو آهي، جنهن ۾ ورزش خود موجود آهي، جيئن هاري ۽ مزور وغيره باقي دماغي پورهيو ڪندڙن ۽ اهڙن قسمن جي ٻين ماڻهن لاءِ ورزش ضروري آهي. صحت سالم رکڻ لاءِ صفائي به نهايت ضروري آهي. صحت جي اصولن تي باقاعدگي سان عمل ڪري انسان بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، صحتمند زندگي گذاري سگهي ٿو.

دولت سان ته راحت ۽ آرام جو سامان مهيا ٿي سگهي ٿو، پر تندرستي جهڙي نعمت حاصل نه ٿي ڪري سگهجي، ڇو ته اهو بي بها موتي آهي، جيڪو پئسن سان خريد ڪري نه ٿو سگهجي. خوش نصيب آهي اهو انسان جو تندرست آهي.

15. سائنس جا ڪرشما

"سائنس" لفظ جي معنيٰ آهي "حڪمت يا دانائي" خدا تعاليٰ پنهنجي قدرت سان جيڪي شيون پيدا ڪيون آهن انهن مان هرهڪ شيءِ کي جاچڻ، انهن جون خاصيتون معلوم ڪرڻ ۽ انهن خاصيتن مان انسان ذات لاءِ ڪو فائدي جهڙو ڪم وٺڻ، انهي کي سائنس چئبو آهي.

قدرتي شين جي جاچڻ جا طريقا، تجربا ۽ سمجهاڻيون جيڪي ڪتابي صورت ۾ لکيون وڃن ٿيون تن کي سائنس جو علم چئبو آهي. سائنس جي علم جون ڪيئي شاخون آهن.

1. شين جي حقيقت، ماهيت کي معلوم ڪرڻ. جنهن کي علم طبعي (Physics) چئبو آهي. ٻي اها شاخ آهي، جنهن ۾ مختلف شين جي خاصيتن جا جزا پاڻ ۾ ملائي، ڪا نئين نرالي شيءِ، انسان ذات جي فائدي لاءِ ايجاد ڪرڻ. انهي شاخ کي علم ڪيميا (Chemistry) چئبو آهي. سائنسدانن پنهنجي خدا تعاليٰ جي ڏنل دماغ ۽ ذهن استعمال ڪري، بيشڪ عجيب ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن. جيئن سائنسدانن اها ٻاڦ، جيڪا اسين روزمره پنهنجي ضروريات لاءِ استعمال ڪريون ٿا. انهي جي وسيلي اهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا آهن جن کي ڏسي عقل حيران ٿيو وڃي. مثال ريل گاڏي، جيڪا ٻاڦ جي زور تي هلي ٿي. سوين انسانن سان گڏ ۽ هزارين من بار کڻيو، گهڻو فاصلو ٿوري وقت ۾ طي ڪري ٿي. اهڙي طرح سائنسدانن قدرتي هوا کان ڪم وٺي، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي هزارين ڪوهن تي ويٺل ماڻهن سان ڳالهائي ۽ ڏسي سگهجي ٿو. مختلف ڌاتن جي خاصيتن مان ڪم وٺي سائنسدانن بجلي پيدا ڪئي، جنهن دنيا ۾ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح هوائي جهاز موٽر، ڪمپيوٽر، ٽريا جهاز، جيٽ، ميزائل، ائٽم بم، هائڊروجن بم وغيره سائنسدانن جا اهي اهڙا حيرت ناڪ ڪارناما آهن، جن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. جيڪڏهن اوڻيهين صدي جو انسان اتفاق سان هن دنيا ۾ اچي وڃي ته موجوده دنيا جي ايجادن کي ڏسي يقينا دماغي توازن وڃائي ويهندو. جتي سائنس جي حيرت ۾ وجهندڙ ايجادن انساني زندگي نهايت آسائش آرام واري بنائي ڇڏي آهي. اتي انسان جي بربادي جو سڀ سامان ايجاد ڪيو آهي. مطلب ته انسان جي جسماني آرام ۽ ذهني راحت سائنس جو ڪرشمو آهي. پر سندس بربادي ۽ تباهي جو ڪارڻ به اهو ئي آهي.

16. هڪ حادثو

رجين جي ويل هئي. سڀ دوست دريا" جو سير ڪرڻ جي خيال سان نڪتاسين. سج آهستي آهستي اولهه طرف لڙي رهيو هو بس جي انتظار ۾ اسٽاپ تي بيٺا هئاسين. ايتري ۾ پريان بس به ايندي نظر آئي. اسان ان ۾ چڙهڻ لاءِ تيار ٿياسين. اجا بس بيٺي نه هئي ته هڪ نوجوان اٻهرائي ڪري هلندي بس مان لهڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻري غلطي مٿان غلطي اها ڪيائين. جو لهڻ وقت پنهنجو منهن انهي طرف ڪيائين جنهن سمت کان بس اچي رهي هئي. نتيجي ۾ ٺپ اونڌي منهن ڀر وڃي پٽڪي روڊ تي ڪريو. وٽ وڏان ٿي ويئي. ونرا جهليوا مٿس مري ويو وغيره جملا لڳا. ايتري ۾ بس به بيهي رهي. ماڻهو بس مان لهي نوجوان ڏانهن وڌيا. اسين به ڊوڙي وڃي پهتاسين ويچارو بي هوش ٿي ويو. پيشاني مان رت وهي رهيو هئس. اکيان ٻه ڏند به ڀڄي پياس ڳرڙي مان ڏکڻي به پنهنجي جاءِ تان هٽي ويس. سڄو بدن ڪرڇي ويو هئس. هڪ شخص ڊوڙي وڃي پاڻي ڪٺي آيو جنهن سندس منهن تي ڇنڊا هنيا. ٿوري دير کان پوءِ ڪجهه هوش آيس. هڪ پوليس وارو پرسان ڊيوٽي تي بيٺل هو. اهو آيو ڪيس رڪشي ۾ اسپتال ڏانهن ڪٺي ويو. پوءِ سڀ ماڻهو وري بس ۾ چڙهيا. اسين به بس ۾ سوار ٿياسين. بس ۾ حادثي بابت ماڻهن ۾ چوٻول شروع ٿي ويو. ڪو پيو چوي ته نوجوان جي غلطي هئي. ڪو وري پيو چوي ته ڊرائيور جي غلطي سبب جو هن بس هڪدم نه روڪي. پر درحقيقت غلطي ان نوجوان جي هئي جيڪو هڪ نه هلندي بس مان لٿو پٺي پيو وري الٽي طرف منهن ڪري لٿو جنهن ڪري منهن ڀر اونڌو وڃي روڊ تي ڪريو.

17. ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي

انسان دنيا ۾ جيڪي شيون هنر ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي لاءِ وجود ۾ آنديون آهن. اهي اهڙيون بنا ڪنهن مقصد جي لاءِ يا وندر لاءِ نه، پر انهن شين جي سخت ضرورت محسوس ڪندي ايجاد ڪيون آهن. زماني گذرڻ سان گڏ، جيئن انسان کي زياده ضرورتون محسوس ٿينديون رهيون، تيئن ضرورت مطابق نيون نيون ايجادون عمل ۾ آڻينديون رهيون. شروعات ۾ انسان جي زندگي سادي هوندي هئي. پهريان انسان پٿر جا اوزار استعمال ڪيا پوءِ ڪوشش سان لوهه جا اوزار ايجاد ڪيائين. سردي، گرمي ۽ برسات کان بچڻ لاءِ پکين يا جهوپڙين جي جاءِ تي پڪيون عمارتون اڏڻ شروع ڪيائين. بدن ڍڪڻ لاءِ پهريان ٿلهن ڪپڙن جي جاءِ تي ڏولائتا عمدا ڪپڙا اوڍڻ لڳو. انسان جيڪا اڄ ترقي ڪئي آهي، سا سڀ پنهنجي ضرورت کي ذهن ۾ رکي ڪري ڪئي آهي.

جڏهن انسان محسوس ڪيو ته جهنگ جي ڏڪن، گاهه ۽ ٻين مان پيٽ جو مسئلو حل ٿي نه سگهندو، انهي ضرورت کي محسوس ڪندي زمين کيڙڻ جا اوزار ايجاد ڪيائين انهن سان زمين کيڙي اناج پوکڻ شروع ڪيائين. جڏهن ڪيس بيمارين آجي وڪوڙيو، تڏهن بيمارين جي علاج جا نوان طريقا ايجاد ڪيا. سواري لاءِ اٺ، گهوڙا ۽ ٻيا جانور ڪم آڻڻ جو خيال ڪيو. جنهن مان آهستي آهستي ترقي ڪري هاڻي ته انسان وٽ ريل، موٽرون ۽ هوائي جهازن ذريعي بهتر آهي. شايد هن کان پوءِ ڪا وڌيڪ تحرڪ خيال ۾ اچي.

وقت معلوم ڪرڻ لاءِ واريءَ جو گهڙي، سج جي ذريعي ۽ رات جو تارن ذريعي ته معلوم ڪيو ويندو هو پوءِ ضرورت موجب گهڙيون ۽ گهڙيال ايجاد ٿيا. اهي سڀ ايجادون [illegible] ۾ آيون، جڏهن انهن جو احتياج ۽ ضرورت پيش آئي. اڳي قاصدن جي ذريعي پري جون خبرون [illegible] ڪئنديون هيون، پر هاڻي ان جي جاءِ تي ٽيليفون، وائرليس هاڻي ته موبائيل ذاتين انسان وٽ پهچ [illegible] ڪ وجهو.

وقت جي گهرجن مطابق ضرورتون اڀريون اينديون رهن ٿيون. تيئن تيئن انهن جي پورائي لاءِ نيون تجويزون، انهن ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڳولهينديون رهن ٿيون. انهي مان معلوم ٿيو ته اهو جيڪي ڪجهه وجود ۾ آيو آهي، اهو سڀ ضرورت جي ڪري. انهي ڪري چوندي آهي ته "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي."

18. غريب جي عيد

غريب لفظ جون ٻه معنائون آهن. هڪڙي معنيٰ آهي ڪنگال ۽ ٻي آهي بي روزگار، ٻنهي معنائن ۾ ساڳيو خيال سمايل آهي. جيڪو انسان ڪنگال ۽ بي روزگار آهي، سو پنهنجي وطن ۾ به ڄڻ بي وطن آهي. هو هر طرح سرندي وارن جي همدردي، جو حقدار ۽ دلجوئي جو لائق آهي. عيد جي لفظي معنيٰ آهي خوشي. خوشي جو مدار آهي، چڱي دل گهرڻي کاڌي پيتي تي ۽ عمدي صاف ڪپڙي لٽي پائڻ تي. عمدو کاڌو خوراڪ ۽ سٺو ڪپڙو لٽو، پئسي کان سواءِ ميسر ٿيڻ ناممڪن آهي. اها عيد جي معنيٰ دنياوي آهي نه روحاني. انسان جو هتي دنيا ۾ معنيٰ سان مطلب آهي.

عيد جي ظاهري ۽ رواجي معنيٰ موجب عيد جي ڏينهن عمدي خوراڪ کائي ۽ سٺو ڪپڙو لٽو پائي جا خوشي ڪرڻي آهي، سا ويچارو غريب ڪيئن حاصل ڪري سگهندو، جنهن جي هٿ ۾ سادي سودي خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي لاءِ ڪجهه به نه آهي. اهڙي حالت ۾ سيڪو سمجهي سگهي ٿو ته غريب ويچاري جي عيد جي ڏينهن ڪهڙي حالت هوندي جڏهن هو پاڙي وارن جي گهرن مان خوشبودار طعام جي هٻڪار محسوس ڪري رهيو هوندو ۽ ٻين ماڻهن کي عمدن ڪپڙن ۾ گهمندو ڦرندو ڏسي رهيو هوندو. اهڙي حالت ۾ غريب ويچارو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ مٿي تي هٿ ڏيئي گهٽيون پيو بچائيندو رهندو ۽ پنهنجي ڪم نصيبي تي گرم ڳوڙها پيو ڳاڙيندو. غريب به اهڙو ئي انسان آهي جهڙو شاهوڪار. انهيءَ ڪري سرندي وارن کي غريب جو خيال ڪرڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي، جو اسلام سڀ ڪنهن عيد جي ڏينهن غريبن سان همدردي ڪرڻ ۽ انهن جي دلجوئي ڪرڻ شاهوڪارن تي واجب ڪيو آهي. عيد رمضان تي سڀ اپڻ شرط شاهوڪار غريبن کي فطرو ڏين. حج واريءَ عيد تي قرباني جي گوشت جو ٽيون حصو خاص غريب کي ڏين. انهي اسلامي حڪم جي مراد فقط اها ئي آهي ته عيد جي سڳوري ڏينهن غريبن کي به خوشيءَ ۾ حصو ملڻ گهرجي.

19. ڪرڪيٽ راند

رانديون عوام جي دلچسپي ۽ جسماني صحت جو ذريعو آهن. دنيا ۾ ڪيترن ئي قسمن جون رانديون کيڏيون وڃن ٿيون. پر ڪرڪيٽ راند دنيا جي سڀني ملڪن ۾ کيڏي وڃي ٿي. اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ انهي راند جي ناماچاري آهي. سڄي دنيا جي ملڪن جي رانديگرن جون ٽوليون پاڻ ۾ مقابلا ڪنديون آهن. هن کان اڳ، اسان جي پراڻي ديسي راند اِٽي ڏڪر هئي پر هاڻي هيءَ ڪرڪيٽ راند اسان جي پياري ملڪ پاڪستان ۾ ڏاڍي مقبول آهي. اڪثر ڏٺو ويندو آهي ته جتي ڪٿي گهٽين ۽ ميدانن ۾ شوقين نوجوان هيءَ راند شهرن توڙي ٻهراڙي ۾ کيڏندا نظر ايندا آهن. اسان جي ملڪ جي نوجوانن انهي راند ۾ سڄي دنيا ۾ وڏو نالو ڪڍيو آهي. ڪيترا دفعا ورلڊ ڪپ کٽي، سڄي دنيا ۾ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪيو اٿن.

انهي دلچسپ ميچن جو اکين ڏٺو احوال ٽيليويزن ۽ ريڊيو تان ڏاڍي شوق ۽ چاهه سان ڏٺو ۽ ٻڌو ويندو آهي. هيءَ راند هر قسم جا ماڻهو پسند ڪن ٿا. هن راند جي شروعات انگلينڊ مان ٿي. هيءَ راند خاص ميدان ۾ کيڏي ويندي آهي. انهي ميدان جي وچ ۾ هڪ سيمينٽ جو فرش ٺهيل هوندو آهي. جنهن کي "پچ" چوندا آهن. هن راند ۾ ٻارهن ٻارهن رانديگرن جون ٻه ٽوليون (ٽيمون) ٺهيل هونديون آهن ۽ هر هڪ ٽيم پنهنجو اڳواڻ چونڊيندي آهي. جنهن کي ڪئپٽن يا ڪپتان چئبو آهي.

راند شروع ڪرڻ کان اڳ ٻنهي ٽيمن جا ڪپتان فيصلو ڪندا آهن ته ڪهڙي ٽيم بيٽنگ ڪري ۽ ڪهڙي ٽيم فيلڊنگ ڪري. انهي لاءِ راند شروع ڪرڻ کان اڳ ٻنهي ٽيمن جا ڪپتان هڪ سڪو اڇلائي پڪڙ وجهندا آهن. پوءِ پڪي ۾ جنهن ٽيم کٽيو انهي کي اهو حق حاصل [illegible] آهي ته هو پهريان کيڏي يا پوءِ. ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ آمهون سامهون ٻن طرفن کان مقرر فاصلي تي [illegible] وڪيٽون کوڙيون وينديون آهن. پوءِ وارو وٺندڙ ٽيم جا ٻه رانديگر آمهون سامهون وڪيٽن وٽ بيٽون کڻي بيهندا آهن. هيڏانهن ٻئي وارو ڏيندڙ ٽوليءَ جو بالر هڪ طرف کان بيٽ ڪندڙ رانديگر ڏانهن بال اڇلائيندو آهي. ان تي آئوٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ بال وڪيٽن کي وڃي لڳندو ته اهو رانديگر آئوٽ ٿيو پر

اهو بال ٽِٽ جي ڏڪ لڳڻ کان وارو ڏيندڙ ٽولي، مان جيڪي اڳيئي اهڙي مقرر جاين تي خبرداريءَ سان بيهندا آهن ۽ بال جهٽڻ يا ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته هو جيئن گهٽي کان گهٽيون رنسون ناهي، بال کي ڏڪ لڳڻ کان پوءِ اڳ وٺندڙ ٽيم جا ٻئي رانديگر آمهون سامهون ڊوڙي، هڪ ٻئي جي جاءِ مٽائيندا آهن. اهڙي ڊوڙ کي "رنس" چئبو آهي. جڏهن بيٽنگ ڪندڙ رانديگر بال کي اهڙي زور سان ڏڪ هڻندو آهي. جو بال ميدان ۾ مقرر ڪيل حد تائين پهچندو آهي ته اهڙي حالت ۾ ٻئي ايمپائر يعني راند ۾ غير جانبداريءَ سان فيصلو ڪرڻ وارو آئين خاص اشارو ڏيندو آهي. جنهن جو مطلب آهي ته هيترين يا هيترين رنسون ٿي چڪيون آهن. جڏهن وارو وٺندڙ ٽيم جا ڏهه رانديگر آئوٽ ٿي ويندا آهن. تڏهن ٽيم کي آئوٽ قرار ڏنو ويندو آهي. اهڙي طرح ورو ٻي ٽيم پنهنجو وارو وٺندي آهي، پوءِ جنهن ٽوليءَ جون وڌيڪ رنسون ٿيون. انهن جي ڪاميابي سمجهي ويندي آهي.

هيءَ راند رانديگرن ۾ ٻڌي، پائپي. اڳواڻي جي لياقت ۽ قاعدي جي پابنديءَ جا گڻ پيدا ڪري ٿي ۽ هن راند ڪري بدن چست ۽ سگهارو ٿئي ٿو.

20. برسات جي شام

هڪ ڏينهن جون مهيني جي شام هئي. سڄو ڏينهن سخت گرمي، ڪان پوءِ شام جو ٿڌي ۽ هوا سان گڏ برسات جا آثار ظاهر ٿيا. هر مخلوق ماڻهو، مرون، پکي پکڻ سڀ جو ساهه ڪنيو. وڏيڪ خوشي اتهي ڪري ٿي. جو اتر پاسي ڪارن ڪڪرن ڳڙ ڪيا. جن سج جي تيز ڪرڻن کي پنهنجي اندر ۾ لڪائي زمين وارن لاءِ ٿڌي ڇانوَ جو سامان ميسر ڪيو. سڄي ڏينهن جي گرمي کان پوءِ هي نظارو به عجيب هو. هر طرف کان ٿڌي هير لڳي رهي هئي. سڀني مخلوق جي چهرن تي خوشيءَ جي جهلڪ نظر اچي رهي هئي. خاص ڪري ڳوٺاڻا خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا. ڏڪار جي مارين جي دلين ۾ اها آس اڀري ته هاڻي ڏکيا ڏينهن ڪافور ٿي ويا. سُکن جو سڪائو واهه لڳو آهي. هارين هر سنڀاليا. پاڳين کي اها خوشي محسوس ٿي ته هاڻي گاهه پنو جام ٿيندو، پٽاريون ٻيٽ پري ايندين. کير مکڻ جام ٿيندو. ڪاٿي خوشي جا گيت ڳائيندا سين.

هڪدم گوڙ جي گجگار ۽ وڄ جي چمڪات سان طوفان شروع ٿيو. گوڙ جي ٺڪاءُ سان ڪنن جا پردا ٿي ڦاٽا. طوفان سان اوندهه ڇانئجي ويئي حال اهڙو ٿيو جو اک نه ڏسي ڳڙڪي کي. ٿوري دير کان پوءِ اها حالت ختم ٿي. طوفان جو زور ٽٽي ويو. زور سان وڏا ڦڙا مينهن وسڻ شروع ٿيو. هر طرف کان مينهن جو وڻندڙ آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. سڀئي ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ گهڙي ويا. مال پنهنجي واڙن وٿاڻن پيڙو ٿيو. ڪافي دير کان پوءِ مينهن اوڪالپو پر هلڪي بوند پئجي رهي هئي. ٻٽ پاڻيءَ سان اڇا ٿي ويا. ڍورا، ٽيهون پاڻي سان ڀر ٿي ڪڙڪات ڪري وهڻ لڳيون. کيت پنيون پاڻي ۾ جرڪار ٿي ويون. ٿنڌڙا ٻار خوشيءَ ۾ مينهن جي پاڻي ۾ ترڳڻ لڳا. اها برسات جي شام عجيب ۽ غريب روح کي راحت ڏيندڙ هئي.

باب پهريون

خط لکڻ

خط جي وسيلي اڳلي سان ڳالهائجي ٿو. تنهن ڪري خط ۾ ڪِهڙا ءِ اڻ وڻندڙ لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. خط لکڻ ۾ اهڙو طريقو اختيار ڪجي، جيئن ڪنهن سان روبرو ڳالهائبو آهي. عام طرح ڳالهائڻ ۽ خط لکڻ ۾ وڏو فرق آهي. عام گفتگو ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون اڙيون ٽڙيون ڳالهيون به ڪبيون آهن، پر خط ۾ صرف ضروري پنهنجي مطلب وارا خيال سلسليوار هڪ ٻئي جي پٺيان ظاهر ڪجن. جيئن ڪنهن ڳالهائڻ سان اڳلو بيزار ٿي پوندو آهي. تيئن خط ۾ اجائي بناوٽ نامناسب لفظ استعمال ڪرڻ سان به پڙهندڙ بيزار ٿي پوندو. خط ۾ رسمي ڳالهه وري وري دهرائڻ کان به پاسو ڪجي. خيال صاف، سڌا جملا ٺيٺ ۽ وڻندڙ استعمال ڪجن. خط ۾ مس ۽ پنو صاف ستو هجي، خوشخطي خوبصورت هجي، آءُ ڇڏ اکرن جو پڙهندڙ تي ستو اثر نه پوندو.

خط جا ڀاڱا

خط جا ڪل ڇهه ڀاڱا آهن:

1. سِرو، جنهن ۾ لکندڙ جي ائڊريس ۽ تاريخ هجي.
2. لقب ۽ خوش خير عافيت
3. خط جو مضمون
4. دعا سلام
5. صحيح ءِ
6. سرنامو

خط لکڻ جو طريقو

خط لکڻ کان اڳ ۾ خط جي ساڄي پاسي پنهنجي ائڊريس لکڻ گهرجي، ان کان هيٺ تاريخ لکجي. جيئن پڙهندڙ کي خبر پوي ته خط ڪڏهن آيو آهي. ۽ ڪٿان لکيو ويو آهي. ان کان هيٺ ٿورو هٽي، ڇڏي لقب لکجي.

لقب مختصر بيان ڪجن. وڏن، ننڍن ۽ پاڻ جيڏن جي لکڻ ۾ وڏو فرق آهي.

مثال:

1. وڏن لاءِ

1. مڪرمي جناب ——
2. جناب بزرگوار بابا سائين ……
3. محترم والده صاحبه ——……

1. قدم بوسيءَ جي بعد عرض ته ——……
2. پيرن چمڻ بعد گذارش آهي ته ——……
3. نيازن ۽ ادبن بعد ……——

2. پاڻ جيڏن ۽ دوستن لاءِ

1. پيارا دوست يا پيارا ڀاءُ،
2. منهنجا شفيق ——…… سدا خوش هجين!
3. منهنجي پياري ڀيڻ ……——
1. السلام عليڪم،
2. ملاقات جي شوق بعد معلوم هجي ته
3. سلامن بعد لکجي ٿو ته ——

3. ننڍن لاءِ

1. نورچشم الياس شل! عمر تنهنجي وڏي،
2. برخوردار رشيد احمد بلند اقبال
3. برادرم عزيز! سدا سلامت هجو.

جنهن خط جو مضمون ختم ٿئي ته دعا سلام ضرور لکجي. تنهن کان پوءِ خط لکندڙ پنهنجو نالو لکي. ٽالي جي اڳيان. جنهن ڏانهن خط لکجي ان جي مان مرتبي ۽ عهدي مطابق هيٺيان لفظ لکڻ گهرجن.

وڏن لاءِ:

اوهان جو نيازمند ....

پاڻ جيڏن دوستن لاءِ:

1. اوهان جو دوست ....
2. اوهان جو خير انديش ....
3. اوهان جوڀلو چاهيندڙ ....
4. مخلص ....

پٽ ڏانهن:	تنهنجو پيءُ
ماءُ جو پٽ ڏانهن:	تنهنجي ماءُ
وڏي ڀاءُ ڏانهن:	تنهنجو ننڍو ڀاءُ ....
ننڍي ڀاءُ ڏانهن:	اوهان جو وڏو ڀاءُ ....
پٽ جو پيءُ ڏانهن:	اوهان جو فرمانبردار پٽ ....
ڀاڻي جو چاچي ڏانهن:	اوهان جو فرمانبردار الف - ب

هاڻي خط کي لفافي ۾ بند ڪري لفافي تي سرنامو هن ريت لکجي:

باب پيون

پيءُ ڏانهن خط

(هزار روپين لاءِ عرض ڪرڻ)

سعيد آباد ڪراچي.
25 جون 2002ع

جناب بابا سائين!

السلام عليڪم

عرض ته اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي، ته آءٌ مشترڪ امتحان ۾ اي ون گريڊ ۾ پاس ٿيو آهيان هاڻي مون کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻي آهي ۽ ٻارهين ڪلاس لاءِ ڪتاب به وٺڻا آهن.

جنهن ڪري نوازش فرمائي، مون کي هڪ هزار رپيا مني آرڊر ڪري موڪليندا، ته وڏي مهرباني. اميد ته اوهان سڀ چڱا ڀلا هوندا. سلام ۽ نياز قبول ڪندا.

اوهان جو فرمانبردار پٽ
محمد حسن

پٽ ڏانهن پيءُ جو خط

هيرآباد حيدرآباد،
28 جون 2002ع

پيارا پٽ! محمد حسن،

السلام عليڪم!

اوهان جو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي امتحان ۾ بهترين گريڊ ۾ پاس ٿيڻ جي اوهان کي مبارڪ هجي، پٽ! شاباس آئنده به اهڙي محنت ۽ شوق سان پڙهندو رهج، جيئن ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجو ۽ اسان جو مان مٿاهون ڪندو رهين. پئسن جي ڪاٿ ڳڻتي نه ڪر، پنسا هزار رپيا توکي مني آرڊر جي ذريعي موڪلي رهيو آهيان. گهر جي سڀني ڀاتين جا سلام قبول ڪندا.

اوهان جو پيءُ
حسين

ٽڪلي

جناب عبدالغفار ميمڻ صاحب
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور
اردو بازار ايم - اي جناح روڊ
ڪراچي

دوست ڏانهن خط

ڪراچي گهمائڻ لاءِ ڪيس دعوت ڏيو.

گلشن اقبال ڪراچي.
27 جون 2002ع

پيارا دوست سليم خان،

السلام عليڪم!

اوهان جو خط مليو. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. اميد ته آئنده به اهڙي نوازش ڪان نه وساريندا. جيئن ته اوهان جي وڪيشن شروع ٿي چڪي آهي. اوهان وٽ سکر ۾ بلاجي گرمي هوندي. هتي ڪراچيءَ ۾ موسم وڻندڙ آهي. جي اوهان ڪراچي ايندا ته مون کي خوشي ٿيندي. سمجهان ٿو ته ڪراچي کي ڏٺي اوهان کي ڪافي عرصو ٿي چڪو آهي. هاڻي ڪراچي ۾ تمام گهڻي تبديلي ٿي چڪي آهي. ڪراچي ۾ بيشمار گهمڻ ڦرڻ جايون ٺهيون ويون آهن. جيڪي ڏسي اوهان کي حيرت وٺي ويندي ۽ گهڻو مزو ايندو. [illegible] ٿي ويا آهن. جنهن ڪري موڪل ۾ هتي اچي اسان سان گڏ گذاريندا. اميد ته اوهان منهنجي دعوت قبول ڪندا. سڀني دوستن کي سلام چوندا.

اوهان جو پيارو دوست

بلاول.

دوست جي خط جو جواب

پراڻو سکر،
8 جولاءِ 2002ع

پيارا دوست بلاول،

السلام عليڪم،

احوال ته هتي سڀ خير آهي، اوهان ڏانهن به ڏڻي تعاليٰ خير ڪيو هوندو. اوهان جو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي جو اوهان مون کي ڪراچي اچڻ جي دعوت ڏني آهي مهرباني. منهنجي پاڻ مرضي آهي ته گرمي جي موڪل ڪراچي ۾ گذاريان. اميد ته ايندي هفتي ۾ اوهان وٽ پهچي ويندس. سلام سڀني دوستن کي چوندا.

اوهان جو پيارو دوست،
سليم خان.

دوست ڏي خط

(ڀاءُ جي ولادت لاءِ مبارڪباد)

اختر بلڊنگ لاڙڪاڻو.
4 اپريل 2002ع

پيارا دوست هارون.

السلام عليڪم!

عرض ته اوهان جو خط مليو، پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. اوهان جي ڀاءُ جي ولادت لاءِ منهنجي طرفان مبارڪباد قبول ڪندا. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ اوهان کي هميشه اهڙيون خوشيون نصيب فرمائي. ۽ اوهان جي ننڍڙي ڀاءُ کي الله تعاليٰ وڏي ڄمار عطا فرمائي. ۽ نيڪ صالح بڻائي. آمين.

مون اسڪول کان موڪل ڪئي سڀ ڪري چڱيو آهي، اميد ته اوهان به ڪري چڱيو هوندو.

موڪل ختم ٿيڻ بعد وري انشاء الله اسڪول ۾ هميشه وانگر گڏ هونداسين. چڱو خدا حافظ

اوهان جو دوست احمد خان.

دوست ڏي مبارڪ بادي جو خط

هيرآباد حيدرآباد
16 مئي 2002ع

شال خوش هجو.

برادرم دريا خان،

السلام عليڪم:

بعد سلامن جي عرض ته اوهان جو خط پهتو. اهو پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي، جو اوهان مشترڪ امتحان ۾ اي-ون گريڊ ۾ پاس ٿيا آهيو. تنهن لاءِ اوهان کي مبارڪ باد ڏيان ٿو. پڻ [illegible] سڄي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو آهي. اوهان ڪان ڪي ٿورڙيون مارڪون وڌيڪ کنيون اٿس اميد ته اوهان وڌيڪ محنت ڪري ڪاليج ۾ پهريون نمبر حاصل ڪندا.

اوهان جو پيارو دوست.

ڪمال.

شاديءَ جو دعوت نامو

مواچ گوٺ ڪراچي
8 جولاءِ 2002ع

منهنجا پيارا دوست گل محمد،

[illegible]

سلام بعد لکجي ٿو ته اوهان کي اها پڪ خوشي ٿيندي ته منهنجي ننڍي ڀاءُ بچل جي شادي خانه آبادي تاريخ 15 جولاءِ 2002ع تي شام جو مواچ گوٺ جي ننڍي روڊ ڪراچي ۾ ٿي رهي آهي. اوهان کي ڪوٺ ڏجي ٿي. اميد ته ضرور ها پيو پري. اسان جي اڱڻ تي ايندا. اسان جي خوشيءَ ۾ [illegible] مدئي جو موقعو عنايت ڪندا.

اوهان جو جهونو دوست
شير محمد

دوست ڏانهن عذر خواهي جو خط

پلنگ پاڙو ٺٽو

محترم دوست عبدالله،

السلام عليڪم،

اوهان جي موڪليل خط ۾ جڏهن اهي لفظ پڙهيم ته اوهان جو چاچو گذاري ويو آهي، تڏهن زمين پيرن هيٺان نڪري وئي. سخت افسوس ٿيو. مرحوم جي هن اوچتي موت برابر گهڻين اکين کي رئاريو هوندو. مگر دوستا! ڇا ڪجي؟ سڀ رب جي رضا تي ٿئي ٿو. هونئن به جيڪو لڪر گهريو آهي، سو ضرور پڄندو. اها ئي راهه رباني آهي جو هر ڪنهن کي هلڻو آهي. ڪو اڳ ڪو پوءِ. منهنجي اوهان سان دلي همدردي آهي. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي بخشي ۽ اوهان کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين.

اوهان جو عزيز دوست،

خالد

پيڻ ڏانهن خط

(علم حاصل ڪرڻ لاءِ)

لطيف آباد حيدرآباد.

24 جولاءِ 2002ع

سدا خوش هجين.

منهنجي پياري ڀيڻ مريم.

السلام عليڪم

احوال ته هتي سڀ خير آهي اوهان ڏانهن به ڌڻي تعاليٰ خير ڪيو هوندو ادي! ڪاش! تون پڙهيل هجين ها. جو منهنجو خط پاڻ پڙهي سگهين ها. ☆ ادي! علم هڪ وڏو خزانو آهي. اهو جهڙو مردن لاءِ ضروري آهي، تهڙو عورتن لاءِ پڻ. پنهنجي نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته "علم هر مرد ۽ عورت تي فرض آهي. علم کان سواءِ انسان خدا کي به نه ٿو سڃاڻي سگهي. انهي کان سواءِ ٻار جي تعليم ۽ تربيت جو ڪم به ماءُ تي آهي. اڻ پڙهيل ماءُ پر ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي؟

اڃا به وقت نه ويو آهي. علم سکڻ جو ڪوشش ڪريو. مون کي پڪ آهي ته تون منهنجي خيالن سان شرڪ ٿينديئن. پنهنجي مائٽن کي منهنجا پيار ڏجان.

☆ هاڻي خط پڙهائڻ لاءِ به تو کي ٻين جي محتاجي ڪرڻي پوندي.

تنهنجي پياري ڀيڻ

زينب.

دوست ڏانهن خط

بيمار جي عيادت لاءِ

ناظم آباد ڪراچي.
22 جنوري 2002ع

پيارا دوست يوسف،

السلام عليڪم:

الله تعاليٰ اوهان کي جلدي صحت عطا فرمائي. اوهان جي ديدار جي سڪ آهي. ادا سائين! ٻا لڳان، جيئن اوهان جي ناچاقيءَ جو ٻڌم. ڏاڍي پريشاني ٿي. اکين ۾ پاڻي اچي ويو. پر پوءِ پاڻ سنڀالي الله تعاليٰ جي دربار ۾ اوهان جي صحت لاءِ دعا گهريم.

پيارا! پريشان نه ٿجو. انساني زندگيءَ ۾ اهڙا لاهه چاڙهه، بيماريون سيماريون اينديون رهنديون آهن. اميد ته اوهان کي جلدي الله تعاليٰ شفا عطا ڪندو. اوهان جي غير موجودگيءَ جي ڪري ڪلاس ۾ جيڪا اداسي ڇانيل آهي، ان ۾ وري رونق اچي ويندي ڪلاس جا سڀ ساٿي اوهان کي ڏسڻ لاءِ بي تاب آهن.

مايوس هرگز نه ٿجو. انشاءَ الله جلدي صحت ماڻيندؤ، وري سڀ ڪلاسي گڏجي زندگي گذاريندا سين.

ٿورڙو عرض آهي. اميد ته مايوس نه ڪندا. صحت حاصل ٿيڻ بعد فورًا اچي هتي غريب خاني تي گذاريندا. سٺو ماحول آهي. اوهان جي ڪمزوري دور ٿي ويندي. اميد ته عرض قبول پوندو.

اوهان جو دوست،

عمر.

دوست جي خط جو جواب

فقير جو پڙ حيدرآباد
1 فيبروري 2002ع

سدا خوش هجو،

دوست مهربان عمر خان.

السلام عليڪم!

اوهان جو پرپٽ نامو شفا جو پيغام بڻجي آيو. ۽ اُهي ڪي پڙهي اهڙي ته خوشي ٿي جيڪا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اوهان جي دلداري ۽ همت افزائي جي ڪري منهنجي اڌ بيماري ته على وڃي ۽ مون دل ۽ دماغ ۾ حيرت انگيز سگهه ۽ سرهائي محسوس ڪئي. اوهان جي سچي دوستي ۽ دلي تعلق جيڪا منهنجي دل تي مُهر هڻي آهي. اُهي احسان ڪي سچي زندگي ۾ ڪڏهن به نه وساري سگهندس اوا سائين! اخلاص ۽ محبت زندگي، جو روح آهن. جن جي وسيلي دوستي، جو رشتو مضبوط رهي ٿو.

الله تعاليٰ جي فضل سان ۽ اوهان ياڻن جي دعا سان هاڻي ڪافي صحت ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. البت اڃا ڪمزوري باقي آهي. اوهان جي دعوت اڳين ٿي. جيئن هي، ڪمزوري ختم ٿئي ته خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندس.

اوهان جو پيارو دوست،

يوسف.

باب ٽيون

ڪاروباري خط

ڪتابن واري دڪاندار کي خط

گهارو هاءِ اسڪول

27 جون 2002ع

اردو بازار ڪراچي.

جناب مئنيجر گابا ايجوڪيشنل بوڪس.

السلام عليڪم:

گذارش آهي ته اوهان جي اداري جي هيٺين ڪتابن جي هڪ هڪ ڪاپي هيٺين ائڊريس تي وي-پي جي ذريعي موڪليندا. جيڪڏهن پسند آيا ته سڄي اسڪول ۾ رائج ڪنداسين.

مصنف

1. رهبر سنڌي گرامر علي محمد بلوچ

2. سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن بشير احمد جوڻيجو.

3. سنڌي ورڪ بوڪ ڪلاس ڇهون، ستون، اٺون ۽ نائون.

نيازمند: احسان علي جوڻيجو.

هيڊ ماستر هاءِ اسڪول گهارو.

رسالي لاءِ ايڊيٽر ڏانهن خط

اردو بازار ڪراچي

جامشورو.

جناب ايڊيٽر ٽه ماهي رسالو مهراڻ.

السلام عليڪم:

گذارش آهي ته رسالي مهراڻ جو ساٺيوڻو چندو پ سو روپيا مني آرڊر ذريعي موڪلي رهيو آهيان. مهرباني ڪري رسالو منهنجي ڏاليءَ تي هيٺين ائڊريس تي موڪليندا.

اوهان جو مخلص

جاويد

مڪتبہ برهان اردو بازار ڪراچي.

جاءِ جي مالڪ کي مرمت لاءِ خط

سجل گوٺ ڪراچي.
28 جون 2002ع

محترم ايوب

السلام عليڪم:

اهوان تہ هن سال لڳاتار بارش جي ڪري، اوهان جي جاءِ جي حالت خراب ٿي رهي آهي. گذريل ٽن سالن کان وٺي جاءِ جي مرمت نہ ٿي آهي. ڇت مان پاڻي ٽمندو رهي ٿو. جنهن ڪري ڀتين ۾ سيرون پئجي رهيون آهن. هن سال جي زوردار بارش جي ڪري ڀتين ۾ ٻيل ڏار وڏيڪ ويڪرا ٿيندا پيا وڃن. جنهن ڪري ڇت ڪرڻ جو انديشو آهي گهر جي ٻوسل ۽ سر جي ڪري فرنيچر کي نقصان ٿي رهيو آهي. مون کي سخت تڪليف آهي. مهرباني ڪري جيترو جلد ٿي سگهي، جاءِ جي مرمت ڪرائيندا. ٻئي حالت ۾ آءٌ خود مرمت ڪرائي اوهان جي مسواڙ مان پئسا ڪاٽيندس.

اطلاع لاءِ عرض ڪندڙ مسواڙي

ساڻون خان.

باب چوٿون

درخواستن جا نمونا

پرنسپال کي هڪ ڏينهن موڪل لاءِ درخواست

گلستان جوهر ڪراچي

خدمت ۾ جناب پرنسپال سنڌ ماڊل ڪاليج،

جناب اعليٰ!

بعد ادب جي عرض ته مون کي رات کان وٺي سخت بخار آهي. جنهن ڪري ڪاليج اچڻ کان لاچار آهيان. مهرباني ڪري مون کي هڪ ڏينهن (17 آگسٽ 2002ع) موڪل ڏيڻ فرمائيندا ته سائين جن جو شڪر گذار رهندس.

اوهان جو شاگرد فيروز لانگاهه

گلستان جوهر ڪراچي.

16 آگسٽ 2002ع

فيءِ معاف ڪرائڻ لاءِ درخواست

خدمت ۾ جناب پرنسپال

اين- جي- وي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪراچي.

جناب اعليٰ!

بعد ادب جي عرض ٿو ڪريان ته منهنجو پيءُ هڪ غريب پٽيوالو آهي. ڪٿائي عيال وارو آهي. منهنجي اسڪول جي في ڀري نه ٿو سگهي. مهرباني ڪري منهنجي اسڪول جي في معاف ڪري فرمائيندا ته سائين جن جو شڪرگذار رهندس.

اوهان جو فرمانبردار شاگرد

ڪمال بن علي ڪلاس نائين الف

تاريخ 16 جولاءِ، 2002ع

نوڪري لاءِ درخواست

خدمت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر،

ضلع ملير.

جناب اعليٰ:

عرض ته آءٌ هڪ غريب بي روزگار نوجوان آهيان. مون اخبار ۾ اوهان جو اشتهار پڙهيو آهي. ته اوهان وٽ ڪي خاليون پرائمري ماستريءَ جون خالي آهن. انهن مان هڪ لاءِ هيءَ درخواست پيش ڪري رهيو آهيان. اميد ته ڪريان ته مون کي انهيءَ جاءِ تي مقرر فرمائي، روزگار عطا ڪري فرمائيندا ته سائين جن جو نهايت شڪرگذار رهندس.

منهنجو مڪمل تعارف هن ريت آهي.

نالو:	محمد ايوب
پيءُ جو نالو:	عثمان
علمي لياقت:	انٽرسائنس اي گريڊ ۾ پاس
جنم جي تاريخ:	22 جولاءِ 1980ع.
ڊوميسائيل:	ضلعو ملير ڪراچي.
ائڊريس:	برانچ پوسٽ آفيس ڪانوڙ وايا مراد ميمڻ ڪوٺ ملير. ڪراچي
عرضدار:	محمد ايوب
تاريخ:	3. آگسٽ 2002ع

انگريزي اسڪول کولڻ لاءِ درخواست

ڪراچي.

خدمت ۾ جناب ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن

جناب اعليٰ:

عرض ته اسين هيٺ صحيح ڪندڙ ڳوٺ ٻنجهو جوکيو ضلع ملير جا سائين جن کي باادب عرض ٿا پيش ڪريون ته اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. انهي ۾ اسان جي ڳوٺ ۽ ٻين آس پاس وارن ڳوٺن جا ٻار پڙهن ٿا. ۾ انگريزي اسڪول ڪونهي. جنهن ڪري اسان جا ٻار سيڪنڊري تعليم کان محروم آهن. سرڪار نامدار سيڪنڊري اسڪول لاءِ هڪ عاليشان عمارت ۽ ٺهرائي ڏني آهي. جنهن ڪري سائين جن نوازش فرمائي اسان جي مرڪزي ڳوٺ واري پرائمري اسڪول کي اپ گريڊ ڪري ڏوڙ سيڪنڊري اسڪول ڪيو وڃي ته سائين جن جا نهايت شڪر گذار رهنداسين.

ڳوٺاڻن جون صحيحون

تاريخ: 3 مارچ 2002ع.

بندوق جي ليسن لاءِ درخواست

ضلع ملير.

خدمت ۾ جناب ڊپٽي ڪمشنر.

جناب اعليٰ:

آءٌ هيٺ صحيح ڪندڙ رضا محمد پٽ علي جوکيو، وينل ڳوٺ پهلوان جوکيو سائين جن کي با ادب عرض ٿو پيش ڪريان ته آءٌ مالدار زميندار ماڻهو آهيان. مون کي پنهنجي مال ۽ جان جي بچاءُ لاءِ بندوق جي سخت ضرورت آهي. جنهن ڪري مون کي بندوق جو ليسن ڏيارڻ فرمائيندا ته سائين جن جو شڪر گذار رهندس.

عرضدار: رضا محمد پٽ علي جوکيو

ڳوٺ پهلوان جوکيو ڪاٺوڙ ضلع ملير

تاريخ: 19 آگسٽ 2002ع

پوسٽ آفيس برانچ ڪولڻ لاءِ درخواست

صوبو سنڌ ڪراچي.

خدمت ۾ جناب پوسٽ ماسٽر جنرل

جناب اعليٰ:

اسين هيٺ صحيح ڪندڙ ڳوٺ الهداد جوکيو ضلع ملير جا سائين جن کي باادب عرض ٿا پيش ڪريون ته اسان جي ڳوٺ کي پوسٽ جي ڏادي تڪليف آهي. ملير ڇاڪاڻ ته جون پوسٽ آفيسون اسان کان 10 - 12 ميل پري آهن. اسان جو مرڪزي ڳوٺ آهي. اسان جا ڪافي ماڻهو ٻاهر نوڪريون ڪن ٿا ۽ انهي کان سواءِ اسان جا ڪيترا شاگرد ٻاهر ٻين شهرن ۾ پڙهن ٿا. انهن کي به حال احوال ڏيڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. تنهن ڪري سائين جن کي عرض آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ برانچ پوسٽ کولڻ لاءِ حڪم ڏيڻ فرمائيندا ته سائين جن جا شڪر گذار رهنداسين.

تاريخ: 22 آگسٽ 2002ع

صحيحون ڳوٺاڻن جون.

اسپتال کولائڻ لاءِ درخواست

صوبو سنڌ،

خدمت جناب سيڪريٽري هيلٿ ڊپارٽمينٽ

جناب اعليٰ:

عرض ته اسين هيٺ صحيح ڪندڙ ڳوٺ الهداد جوکيو تعلقو ۽ ضلع ملير ڪراچي، جا سائين جن کي با ادب عرض ٿا پيش ڪريون ته اسان جي ڳوٺ ۽ پروارن ڳوٺن ۾ ڪاب اسپتال ڪانهي. بيماريءَ جي حالت ۾ اسان کي ڪراچي ۽ ملير جهڙن دور دراز شهرن جي اسپتالن ۾ مريضن کي کڻي وڃڻو پوي ٿو. جنهن ڪري مريضن کي گهڻي تڪليف ٿئي ٿي ۽ بيماريءَ ۾ اجا اضافو ٿئي ٿو جنهن ڪري سائين جن جي خدمت ۾ عرض آهي ته جيترو جلد ٿي سگهي اسان جي ڳوٺ ۾ اسپتال کولڻ جي منظوري ڏيڻ فرمائيندا ته سائين جن جا شڪر گذار رهنداسين.

تاريخ: 8 جولاءِ 2002ع

صحيحون ڳوٺائن جون.

ريلوي اسٽيشن ماسٽر جي نالي ريل گاڏيءَ ۾ خاص گاڏي لاءِ گهُر

ڪراچي سٽي ريلوي اسٽيشن،

خدمت ۾ جناب اسٽيشن ماسٽر صاحب

جناب اعليٰ:

عرض ته اسان جي خاص ٽيهن شاگردن جي ٽيم، موهن جو دڙو گهمڻ لاءِ لاڙڪاڻي وڃڻ جو پروگرام رٿيو آهي. اسان هتان 20 جون تي نڪرنداسين. مهرباني ڪري 20 جون تي بولان ميل ۾ سيڪنڊ ڪلاس جي هڪ بوگي اسان لاءِ مخصوص ڪرائي وڃي. جنهن ۾ 30 ڄڻن جي سيٽن جي گنجائش هجي. انهي سان گڏ ريلوي کاتي طرفان شاگردن لاءِ جيڪا ڀاڙي جي رعايت مليل آهي، انهي رعايت جي به اسان سان مهرباني ڪئي وڃي. ان جي لاءِ ريلوي طرفان مقرر ڪيل فارم ڀري جناب هيڊ ماسٽر صاحب جي تصديق سان، هن درخواست سان گڏ خدمت ۾ عرض رکجي ٿو.

اوهان جو مخلص،

نور محمد

شاگرد اين. جي. وي هاءِ اسڪول

ڪراچي.

تاريخ: 3 جون 2002ع

بس سروس چالو ڪرڻ لاءِ ايڊيٽر ڏانهن درخواست

گوٺ رئيس وليداد جوکيو،
ء پروارا گوٺ،

ڪراچي.

خدمت ۾ جناب ايڊيٽر روزاني عوامي آواز

جناب اعليٰ:

مهرباني ڪري هيٺيون چند سٽون، پنهنجي نامور اخبار جي ڪالمن ۾ شايع ڪري غريب عوام کي شڪر گذاريءَ جو موقعو عنايت ڪندا.

ڪراچي کان نوري آباد تائين بس سروس شروع ڪئي وڃي.

ڪراچي کان نوري آباد تائين سپر هاءِ وي تي ٻهراڙيءَ جا گهڻا ڳوٺ آهن. پر انهن جي آمدرفت لاءِ ڪو به معقول بندوبست ڪونهي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ هلندڙ بسون، پهريان ته وچ رستي جو ڪو به پئسينجر نه کڻنديون آهن. جيڪڏهن کڻن ٿيون ته حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جون ٿل ڀاڙو وٺن ٿيون جو غريب عوام جي سگهه کان ٻاهر آهي. ٻيو ته چڙهڻ ۽ لهڻ مهل اهڙو ته جلد بازي ڪندا آهن، جو ڪنهن به وقت حادثو پيش اچي سگهي ٿو. تنهن ڪري گورنمينٽ ٽرانسپورٽ اٿارٽيءَ کي عرض ٿو ڪجي ته انهي ايراضيءَ جي غريب پٺتي پيل عوام جي سهولت لاءِ، ڪراچي کان نوري آباد تائين بس سروس هلائي وڃي.

ڳوٺاڻن جون صحيحون،

نسبت بالاخير

وکر ڏيرون ڏير ....

صحت مند ٻولي اها چئبي، جنهن جا ڳڻ ۽ صرف و نحو جي ماڻهن تي پوريءَ ريت ڪم ٿيل هجي. سنڌي ٻولي جنهن ۾ اهي، ڪي آهن، جنهن جي ساخت، سٽاءُ، جڙاءُ، سرنهن ۽ موزونيت ڪري ٻين ٻولين کي متاثر ڪري، اهي، لاءِ ٻولي، جي ٻارڪن ۽ ماهرن ڪي اصول واضح ڪيا آهن. جيئن لفظن جي جڙاءُ، جملن جي بيهڪ صحيح ۽ غلط بيانن ۾ فرق معلوم ڪري سگهجي. ان لاءِ لسانيات جي ماهرن ڳالهائڻ، صرف و نحو ۽ گرامر وغيره جهڙا مانا ۽ ماڻا مقرر ڪيا آهن.

سنڌي ٻولي هڪ شاهوڪار ٻولي آهي، هن 52 اکرن جي زرخيز زمين جي مالڪ آهي. حرفن، لفظن، جملن، اصطلاحن، اشتقاقن ۽ پهاڪن جو ته ڪاٿو ئي نه آهي. ان لاءِ ٻولي جي ماهرن مختلف زاوين تي گرامر جا ڪتاب لکي سنڌي ادب ۾ وڏو ڪارج حاصل ڪيو آهي.

اسان جي هر دلعزيز دوست محترم سائين بشير احمد صاحب ته گرامر جهڙي اهم ۽ ڏکئي ڪم ۾ ڪمرڪشي وڏي محنت ڪئي آهي. سندن لکيل "نور گرامر" ئي هن حقيقت ۾ نور نچوڙيو آهي. وڏي عرق ريزي ڪري پرائمري ليول کان سيڪنڊري سطح تائين مشڪل ۽ خشڪ ڪم کي سهل ۽ آسان بنائي پيش ڪيو آهي.

نور گرامر ۾ علم و ادب ۽ زبان و بيان جي هر صنف تي مختصر ۽ جامع روشني وڌل آهي. ساڻن مثالن روزمره استعمال ٿيندڙ پهاڪن ۽ چوڻين کي پيش ڪيو آهي. نثر ۽ نظم کي نه سهل ۽ آسان ساڃاهه لاءِ، صرف و نحو ۽ علم و عروض جي پڙهڻ ۽ ارڪانن ۾ وڌو ويو آهي. جيئن قارئين خصوصا طالب علم هر صنف مان چڱو چوکو لاڀ حاصل ڪري سگهن.

سائين بشير احمد گرامر کي پنجن اهم ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيو آهي. جيئن ڳالهائڻ - نحوي صرفي جملن کي سمجهائڻ ۽ وڏي جانفشاني ڪئي آهي. شعر ۽ شاعري علم و ادب ۽ علم عروض تي جدا ڀاڱن ۾ روشني وڌل آهي. آخر ۾ مختلف موضوعن جي مضمون نويسي ۽ خط وڪتابت ۽ درخواستن جا ۽ مثال ڏنل آهن. ته جيئن متعلم ۽ معلم (شاگرد ۽ استاد) کي دقت ۽ مشڪلات پيش نه اچن.

محترم سائين بشير احمد صاحب سچ پچ کيرون لهڻيون جنهن گرامر جهڙي مشڪل ۽ ڏکئي ڪم کي آسان ۽ سهل نموني نڀائي، شاگردن استادن ۽ علم و ادب جي ٻارڪن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

منهنجي خيال ۾ سائين بشير احمد صاحب جي ڪاميابي، جو سهرو سندن استادي پيشي سان عقيدت ۽ خلوص جو نتيجو آهي. پاڻ سڄي زندگي هڪ بهترين ۽ مثالي استاد ٿي رهيا آهن. ايتري قدر جو اڄ تائين به ان مقدس پيشي سان وابسته رهندا اچن ٿا.

اميد ته سندن هيءَ مقدس موڙي - شاگردن استادن ۽ علم و ادب دوستن لاءِ بهترين ڪارآمد ثابت ٿيندي.

وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي.

احسن جوکيو
گهارو
25 آگسٽ 2004

نيو ڪانيا واڙ اسٽور
اردو بازار ڪراچي